ABC
CERTIFIED

# مهراڻ

نمبر: ٣ ۽ ٤/٢٠٠١



سنڌي ادبي بورڊ

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي ادبي ۽ تحقيقي رسالو]

جلد ۵۱) جولاءِ- ڊسمبر ۲۰۰۱ع (نمبر ۳ ۽ ۴

ايڊيٽر

نفيس احمد شيخ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ.

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ

چامشورو، سنڌ.

**(Regd No. NS-20)**

Quarterly "MEHRAN" (Sindhi).

Vol: 51, No: 2-3/2001

Published by The SINDHI ADABI BOARD

Sindh University New Campus,

@ Jamshoro/Hyderabad. Sindh. Pakistan

Editor: Nafees Ahmad Shaikh

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

سرورق: مارئيءَ جي ملڪ "ٿر" جي روزمره جي زندگيءَ جي هڪ جھلڪ. ٿر بابت تازه ڪتاب "ٿر، لئنڊ، هسٽري، پيپل" تي تبصرو، صفحو ٢٣٣

خريداريءَ لاءِ لکپڙھ:

مئنيجر، سنڌي ادبي بورڊ، بوڪ اسٽال، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ

(فون نمبر: 33679)

ساليانو چندو: ٻه سؤ رپيا

في پرچو: پنجاهه رپيا

(ٻاهرين ملڪن ڏانهن ٽپال رستي موڪلڻ لاءِ ساليانو چندو پاڪستاني پنج سؤ رپيا)

Printed and Published by Ghulam Rabbani A. Agro, Member - Secretary (Hon.) Sindhi Adabi Board, at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, Sindh University New Campus. Jamshoro, Sindh, Pakistan.

پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.



هز ايڪسيلينسي محمد ميان سومري، گورنر هائوس ۾ سنڌ جي ممتاز اديب غلام رباني آگري سان ملاقات ۾: علمي، ادبي ۽ تعليمي مسئلن تي گفتگو ڪئي.



هز ايڪسيلينسي محمد ميان سومرو، گورنر سنڌ، تاريخ ۷ جنوري ۲۰۰۲ع تي، ڪينجهر ڍنڍ جي ڪناري تي نمائش ۾، سنڌي ادبي بورڊ جي بڪ اسٽال تي اورنگزيب عالمگير جي دور ۾ لکيل قرآن ڪريم جو هڪ ناياب قلمي نسخو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. پاڻ ان باري ۾ غلام رباني آگري سان گفتگو ڪري رهيو آهي. پاسي ۾ سيڪريٽري ثقافت ۽ سياحت، مسٽر عاشق حسين ميمڻ آهي.



# گذارش

## دنيا جو هر اديبُ امن جو علمبردار آهي

پاڪستان جي صدر، جنرل پرويز مشرف، ١٢-جنوريءَ تي پنهنجي قوم کي خطاب ۾ چيو تہ پاڪستان هڪ امن پسند مُلڪ آهي، پر ڀارت کنهن بہ غلط فهميءَ ۾ نہ رهي ۽ ڪٿان بہ اگر سرحد پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي تہ پاڪ فوج اُن جو ڀرپور قوت سان جواب ڏيندي. هٿياربند فوجن جي چيف جي حيثيت ۾ هُن واضح ڪيو تہ سرحدن تي مقرر ڪيل پاڪ فوج هر چئلينج جو مقابلو ڪرڻ ۽ ملڪ جي بچاءُ لاءِ رت جو آخري ڦُڙو وهائڻ لاءِ تيار آهي.

صدر صاحب هڪوار وري بہ چِتائي ڪئي تہ پاڪستان، ڪشميرين جي جدوجهد جي اخلاقي، سياسي ۽ سُفارتي مدد جاري رکندو ۽ ڪشمير مسئلي جي آڙ ۾ ڪنهن بہ دهشتگرديءَ جي اجازت ڪونہ ڏيندو.

اُن موقعي تي صدر مملڪت عالمي برادري، خاص طور تي آمريڪا کي چيو تہ ڪشمير مسئلي جي حل لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ اڳتي اچو، جيئن ڏکڻ ايشيا جو خطو، جنگ جي شعلن کان محفوظ رهي سگهي.

صدر مملڪت فرقيوار دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ ڪيترين ئي نيم فوجي تنظيمن تي پابندي جي اعلان سان واضح ڪيو تہ اسلام سلامتيءَ ۽ سهپ ۽ يڪجهتيءَ ۽ ڀائيچاري جو درس ڏئي ٿو، ان ڪري ڪنهن کي بہ دهشتگردي ۽ انتهاپسنديءَ جي اجازت نٿي ڏيئي سگهجي.

صدر مملڪت جي تقرير کي ملڪ اندر توڙي ملڪ کان ٻاهر، عالمي قوتن ۽ مختلف قومن وڏي قدر جي نگاهہ سان ڏٺو آهي، خاص ڪري آمريڪا، يورپي يونين جي ملڪن ۽ سمورن ترقي يافتہ قومن انهيءَ کي ساراهيو آهي ۽ عالمي امن جي ڏس ۾ هڪ اهم پيش رفت قرار ڏنو آهي. ساڳيءَ طرح، ملڪ جي اندر سمورن سنجيده سياسي ۽ صاحب بصيرت حلقن اُن جي آجيان ڪئي آهي، ۽ حڪومت کي يقين ڏياريو آهي تہ قومي مفاد جي سمورين ڪوششن ۾ هو سرڪار سان همرڪاب رهندا.

ڏکڻ ايشيا ۾ پائدار ۽ مستقل امن جي قيام لاءِ پاڪستان جيڪي بہ مخلصانہ ڪوششون ورتيون آهن، سي سج وانگر روشن آهن. صدر هندستان وجي "آگرا ڳالهين" جو بنياد رکيو، ۽ هاڻي پنهنجي ملڪ ۾ مذهبي اوٽ ۾ دهشتگردي ختم ڪرڻ لاءِ اهم اعلان ڪيا اٿس.

۱۱- سيپٽمبر تي، آمريڪا ۾ دهشتگرديءَ جي واقعن کي ننديو اٿس. آمريڪا ۱۱-سيپٽمبر جي واقعن لاءِ افغانستان جي طالبان حڪومت کي جوابدار قرار ڏنو ۽ ان تي حملو ڪيو. هندستان انهيءَ موقعي تي اعلان ڪيو تہ هن سنگين صورتحال ۾ اُهو پاڪستان لاءِ ڪوبہ مسئلو پيدا ڪونہ ڪندو، پر ان ڳالهہ کي جمعو جمعو اٺ ڏينهن بہ ڪونہ گذريا، تہ اعلان ڪيائين تہ ڇهہ يا ست دهشتگرد، سڄو هندستان لتاڙي، وڏي اطمينان سان، سڌو سنئون، ملڪ جي گاديءَ، دهليءَ ۾، پارليامينٽ هائوس تي پهچي ويا ۽ مٿس حملو ڪري، پارليامينٽ جي سوين ميمبرن کي يرغمال بنائڻ جي ڪوشش ڪيائيون. پر، اسان جي حفاظتي دستي کين ختم ڪري ڇڏيو!

اِهو جواز بنائي، امن ۽ اهنسا جي پرچار ڪندڙ، هندستان، هڪدم هزارين فوجي سپاهي، ٽئنڪون ۽ بڪتربند گاڏيون آڻي، پاڪستاني سرحد تي گڏ ڪيون، تہ مهاڀارت جي لڙائيءَ جي روايت تازي ڪجي، جو اُن کي هاڻي گهڻو زمانو گذري ويو آهي.

پر، صدر پاڪستان جي تازيءَ تقرير هندستان جي انهيءَ ڌوهہَ کي بہ ڍاهي وڌو. سو، لاچار اعلان ڪيائين تہ صدر پاڪستان ڳالهہ تہ صحيح ڪئي آهي. پر، اسان جو لشڪر اجا بہ اُتي ئي سرحدن تي رهندو، جيسين حڪومت پاڪستان پنهنجن اعلانن تي عمل ڪري.

سنڌ جي گورنر جناب محمد ميان سومري، سنڌ جي رهواسين طرفان، هن پس منظر ۾، صدر مملڪت جي تاريخي خطاب جي آجيان ڪئي آهي ۽ چيو آهي تہ سنڌ جو عوام، صدر جي خطاب جي مڪمل حمايت ڪري ٿو.

اسان سنڌ جي ادبي حلقن طرفان پنهنجي گورنر محترم سومري صاحب کي پنهنجي ڀرپور تعاون جو يقين ڏياريون ٿا. اديب ۽ شاعر دنيا جي ڪهڙي بہ ملڪ جو هجي، اُهو هميشہ امن جو پرچاري رهيو آهي ۽ هن ڪڏهن بہ جنگ کي پسند ڪونہ ڪيو آهي. سنڌي اديب ۽ شاعر جي بہ اها خواهش آهي تہ ڏکڻ ايشيا جي آسمان تان جنگ و جدل جا بادل هٽي وڃن ۽ هيءُ خطو ساوڪ ۽ سرهائيءَ جو مسڪن بنجي. سنڌي اديب ۽ شاعر، هر قسم جي دهشتگرديءَ، تشدد ۽ اڳرائيءَ کي ننديو ٿو ۽ هميشہ نندينندو رهندو.

- ن.ا.ش

## ★تبصرا/متفرق


| | | |
|---|---|---|
| ١. نور توحيد | – محمد انس راڄپر | ٢٢٨ |
| ٢. بوستان | – ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهرو | ٢٣١ |
| ٣. لڙ (لنڊ، هسٽري، پيپل) | – ن.ا.ش | ٢٣٣ |
| ۴. جيءُ منهنجو جن سين | – ن.ا.ش | ٢٣٦ |
| ٥. جامع سنڌي لغات | – ادارو | ٢۴٠ |
| ٦. سنڌي ڏوڻي وگيان (اپياس) | – ڊاڪٽر غلام علي الانا | ٢۴٥ |
| ٧. مقالات قاسمي | – الطاف آگرو | ٢٦٢ |
| ٨. پَٽ جون ڳنڍيون، ريشم ويڙها | – مخمور بخاري | ٢٦٣ |
| ٩. عشق ڪيم اظهار | – نقش ناياب منگي | ٢٦٥ |
| • ڪونج ۽ سنڌ (مضمون) | – پير علي محمد راشدي | ٢٦٦ |
| • ڳنو سامتاڻي (تاثر) | – شوڪت حسين شورو | ٢٧١ |
| **ادبي سرگرميون** | | |
| ١. ڪو سورج ٻاري ايندا سين (سنڌ ۾ نئين سال ٢٠٠٢ع جي آجيان) | – امام علي ڏيٿو | ٢٧۴ |
| ٢. گيت تنوير جو ڳائي ڇڏجي (تنوير عباسيءَ جي سالگره تقريب جي رپورٽ) | – آزاد انور ڪانڌڙو | ٢٧٧ |
| ٣. شيخ اياز جي تربت جي تعمير ۽ سندس چوٿينءَ ورسيءَ جو ڏهاڙو | – ادارو/ اسد سولنگي | ٢٨٠ |

مان جڏهن پورهيو ڪندو آهيان تہ رڳو ايتري جهت اڪ لائي وٺندو آهيان، جيتري نيپولين گهوڙي تي ننڊ ڪندو هو. بيماريءَ جي باوجود مون ۾ قوت ارادي ايتري آهي، جيتري هني بال کي هئي، جڏهن ڪارٿيج مان روم تي ڪاهيو هيائين. اها ڪا لاف زني نہ آهي. منهنجو قلم منهنجي تلوار آهي، منهنجي فتوحات منهنجا ڪتاب آهن. اهي منهنجي سچ جي زنده ثابتي آهن. آرٽ جي تاريخ ثابت ڪيو آهي تہ هر تخليقڪار هڪ شمشير زن آهي، جنهن جي هٿ مان شمشير فقط موت کسي سگهندو آهي، پر اجا تائين منهنجيءَ غلام گردش ۾ موت منهنجو پهريدار آهي.

- شيخ اياز

# شاعري

# قديم سنڌي شاعري

-

پلا هُئا جو ماريو، پين مارو ڪَنت،
لجينج تو وينڻ سپين، جو پڳا گهر اَنت.

-

ڍولو سانولو، ڏَڻ چَمپا وَرڻي،
چاڻ سونا-ريه ڪَسوتيا ڏڻي.

-

ڍولا مون تو واريو، مرَ ڪر ڍگهو ماڻ،
ننڊ گَنوائي راتڙي، جهتّ پٽ هوءِ وهاڻ.

-

جيوُ ڪَس نه پلو هوءِ، ڏَن پڻ ڪَس نه اِٺ،
ڏُوني ئي آوسري نِهوڙيائين، سونَ ڳٽي وِٺ.

جي نه سو آوَئي تو گهر، ڪو آهي مُه تُجهه،
واڻ جو ڪَنڊئي سائين، سو پِيو نه هوءِ مُجهه.

-

آمهي تورا، رِياڪار بَهُنا، ڪانئر ايئَن پَٽَنت،
مُنڊِي نهاري گهات آلو، ڪَئي ڇٽا مَڪر ڪرنت.

پُٽ جائي کهڙو گُڻ، اَوگُڻ کهڙو مرڻ،
جي باپ ڪي پُومَڙي، جَمپِيجائي آورَنِ.

– تحقيق: ڊاڪٽر غلام علي الانا

(ٻي صدي عيسويءَ کان ستين صدي عيسويءَ واري زماني ۾، قديم سنڌ ۾ رائج سنڌي شاعريءَ جا هٿ آيل چند نمونا. بحوالہ: ڊاڪٽر محمد حسن، ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٽرجي ۽ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي).

# شيخ "اياز"

●

جي پنهنجو نُور نچوئي ويا ۽ ٿُنهنجي جوت جلائي ويا،
سي لڙڪ مٿيءَ ۾ لوئي ويا، پر ڇا ڇا موتي پائي ويا!

سي وٺ وٺ لوڏي واءُ ٿيا، سي پن پن ۾ پڙلاءُ ٿيا،
جي بن بن بين وڄائي ويا، جن تن من واري ڳائي ويا.

مون ڏرتي! تنهنجا ڏگَ ڏٺا، مون تن جا لويل لڱ ڏٺا،
جن وڙهندي وڙهندي جان ڏني، سي وارا وير وڃائي ويا!

اڄ ڪوبہ ڳچيءَ ۾ ڳٽ نہ آ، ڪو مڙس انهن جو مٽ نہ آ،
جي سارا ڪوٽ اُڏائي ويا، سي گهوٽ اسان کي گهائي ويا!

مون ويندي تن جا پير ڏٺا، مون ڇا ڇا مڙس مٿير ڏٺا،
جي ڪيئي سج اُڀاري ويا، جي ڪيئي سج سمائي ويا!

تو اڻ- ٿيٺا انسان ڏٺا، تو سُوريءَ تي سُومان ڏٺا،
اي ڌرتي! ڇا ڇا ڪونڌر ها، جي پنهنجو ڪنڌ ڪپائي ويا.

مون ڪاتيءَ هيٺان ڪنڌ ڏٺا، مون ساٿا سَنڌَ ڏٺا،
مون ڇا ڇا مائيءَ لال ڏٺا، جي لوئيءَ لڄ بچائي ويا!

سي جيءَ جيارا ماٺهو ها، سي سڀ ڪان پيارا ماٺهو ها،
جن ساهہ ڏئي ويساهہ ڏنو، جي دل ۾ درد دکائي ويا.

ڪلهہ رات مسافر آيا ها، جن پنهنجا جيءَ جلايا ها،
ٿي ڇا ڇا جرڪا جاڻ ڪري هو ڪيڏو مچ مچائي ويا.

ڇا ڇا نہ وسيهر-ونگ هيا، پر نانگا يار نِسنگ هيا،
جي تنهنجا وار سنواري ويا، جي تنهنجي سينڌ سجائي ويا.

ڇا نعرا ها ڇا نينهن هيا، هُو مڙس هيا يا شينهن هيا،
جي ڏونگر ڏيل ڏڪائي ويا، گجگوڙ ڪري گرمائي ويا.

# شيخ ”اياز“

●

جي پنهنجو نُور نچوئي ويا ۽ ٻُنهنجي جوت جلائي ويا،
سي لڙڪ مٽيءَ ۾ لوئي ويا، پر ڇا ڇا موتي پائي ويا!

سي وڻ وڻ لوڏي واءُ ٿيا، سي پن پن ۾ پڙلاءُ ٿيا،
جي ٻن ٻن ٻيڻ وڄائي ويا، جن تن من واري ڳائي ويا.

مون ڌرتي! تنهنجا ڏڳ ڏٺا، مون تن جا لويل لڳ ڏٺا،
جن وڙهندي وڙهندي جان ڏني، سي وارا ويرَ وڄائي ويا!

اڄ ڪوبه ڳچيءَ ۾ ڳٽ نه آ، ڪو مڙس اُنهن جو مٽ نه آ،
جي سارا ڪوٽ اُڏائي ويا، سي گهوٽ اسان کي گهائي ويا!

مون ويندي تن جا پير ڏٺا، مون ڇا ڇا مڙس مٿير ڏٺا،
جي ڪيئي سج اُڀاري ويا، جي ڪيئي سج سمائي ويا!

تو اڻ- ٿيڻا انسان ڏٺا، تو سُوريءَ تي سُومان ڏٺا،
اي ڌرتي! ڇا ڇا ڪونڌر ها، جي پنهنجو ڪنڌ ڪپائي ويا.

مون ڪاتيءَ هيٺان ڪنڌ ڏٺا، مون ساٿا ساٿا سَنڌَ ڏٺا،
مون ڇا ڇا مائيءَ لال ڏٺا، جي لوئيءَ لڄ بچائي ويا!

سي جيءَ جيارا ماڻهو ها، سي سپ ڪان پيارا ماڻهو ها،
جن ساهه ڏئي ويساهه ڏنو، جي دل ۾ درد دکائي ويا.

ڪلهه رات مسافر آيا ها، جن پنهنجا جيءَ جلايا ها،
ٿي ڇا ڇا ڄرڪا ڄاڻ ڪري هو ڪيڏو مچ مچائي ويا.

ڇا ڇا نه وسيهر-ونگ هيا، پر نانگا يار نِسنگ هيا،
جي تنهنجا وار سنواري ويا، جي تنهنجي سينڌ سجائي ويا.

ڇا نعرا ها ڇا نينهن هيا، هُو مڙس هيا يا شينهن هيا،
جي ڏونگر ڏيل ڏڪائي ويا، گجگوڙ ڪري گرمائي ويا.

آ ڪنهن ڪنهن ماٺوءَ منجهه مٺيا، پر مون ڪي اهڙا مڙس وٺيا،
جي سارو جڳ جرڪائي ويا، پر پنهنجو پاڻ ڀُلائي ويا.

جن پاسو ورتو ڪوڙ ڪنان، سي مڙس نه ويندا مور مَنان،
جن واڪي واڪي وس ڪيا، جي سارو سچ پڌائي ويا.

هو بادل بادل آيا ها، جن جل ٿل ڀال ڀلايا ها،
اي ڪيت ڪڙو، او شال ٽڙو، هو پنهنجو مينهن وسائي ويا.

ويا پريت ڏيئي هو پاڻ پيارا، اڄ ڪينجهر تن جا ڪاڻيارا،
ڇا راڳا تن سان رُڄ ڪيا، جي تنهنجي اُڄ اُجهائي ويا.

هو پيار-پتنگا ڪامي ويا ۽ ڪيڏو دور اُڏامي ويا،
پر تنهنجي منهنجي ڏيئي ۾، هو پنهنجي جوت سمائي ويا.

اڄ ڇوهه اُنهن جا ڇوليءَ ۾، اڄ ٻول اُنهن جا ٻوليءَ ۾،
اي ڌرتي! تنهنجي جهوليءَ ۾، جي سورهيه سيسُ ڇپائي ويا.

هيءَ ڇوٽيءَ ڇوٽيءَ تي مشعل، هي جهوليءَ جهوليءَ ۾ گل ڦل،
ويا سانول ڇا ڇا سڳ ڇڏي، ڇا جنڊڙيءَ کي جرڪائي ويا.

ڇا سمجهي تن کي جيءَ جڏي، آ تن جي ڳاڙهي ڳالهه وڏي،
ها ڇا ڇا ارڏا ڪنڌ، آڏي! جي توکي ميندي لائي ويا.

هي ٻرهه ٻه ڪوئي ٻَڙُ آهي، ڇا ڄاڻي اُن جي جَڙ آهي،
مون اُن ۾ ڪيڏا ڏار ڏٺا، جي ڇانوَ ڪري، من ڀائي ويا.

اي آري! تنهنجي اَڏَ هئي، پر ڏونگر ڏايا ڏاڍ ڪيا،
هي تنهنجا پيارا پيرا ها، جي پنهنجو پنڌ پڄائي ويا.

ڪئن توکي ڪاري ٻاٽ مڃان، ٿي ڇٽنگ ڪري چمڪات اڃان،
آ تم تم، تم تم لاٽ اڃان، جا جوڳي ڪالهه جلائي ويا.

هيءَ جان ته اڃڻي وڃڻي آ، پر مات 'اياز' نه مڃڻي آ،
مون اهڙا سَوَ ساونت ڏٺا، جي پنهنجو هَٿُ هلائي ويا.

سرويچ سجاولي

# وساربو نہ سنڌ کي

(١)

هجان ڪٽي ٻہ مان، نہ سنڌ کي وساربو،
ٻري هجان يا ويجهڙو، پيو سنڌ کي پڪاربو،
پيو سنڌ کي سنياربو، پيو سنڌ کي سنياربو.
سُرن پيا سَنڌ سَنڌ ۾ سدائين منهنجا سانگيا؛
هُرن پيا هڏ هڏ ۾، والله! منهنجي وانگيا،
چُرن پيا نس نس ۾، هي ساٿيا هي سانبيا،
اِهي تہ پيا سدا وسن، اِنهن کي خوش ڏسان ڏسان،
جو دم تہ ٿو جتي جيان، سو دم تہ پيو اڙي ميان!
سلام سنڌ لئہ لکان،
ڪلام قوم لئہ لکان.

(٢)

اوهين تہ سنڌ ديس ۾، وڏو وڏو وڻو وڻو،
اوهين تہ سنڌ ديس کي، اکين مٿي کڻو کڻو،
وطن جي حُب جون جَڙون، هيئين اندر هڻو هڻو،
وڙهو نہ پاڻ ۾ مٺا، ڪلو ۽ ڪير ڪنڌ ٿيو،
سُخن ۾ صاف سون ٿيو، چمن ۾ چار چنڊ ٿيو،
اوهين اوهان جي عزم ۾، جبل ٿيو ۽ جنڊ ٿيو،
ڏکايو دشمنن سنديون، دليون دليون هيئنان هيئنان،
جو دم تہ ٿو جتي جيان، سو دم تہ پيو اڙي ميان!
سلام سنڌ لئہ لکان،
ڪلام قوم لئہ لکان.

(٣)

اوهين نہ وسرٿا ڪڏهن، اوهان سان جيءُ جڙيل اٿم،
اوهان سان دل اڙيل اٿم، اوهان سان من مڙهيل اٿم،
اوهان جي پيار جون پٽيون، پڙهيل اٿم پڙهيل اٿم؛
اوهين تہ اي عجيبڙا، اکين ڪنان بہ اوڏڙا؛
اوهين تہ ساهہ جا سَڳا، سڀا جهڙا سڀاجهڙا؛
اوهين تہ مور من جا، ملوڪڙا ملوڪڙا،
اوهان تان گهورجي وڃان، اوهان تان سر ڏيان ڏيان،
جو دم تہ ٿو جتي جيان، سو دم تہ پيو اڙي ميان!
سلام سنڌ لئہ لکان،
ڪلام قوم لئہ لکان.

(٤)

اوهان جي سور ڏک کي، ڏسيو ڏسيو ڏريو وڃان،
اوهان تي مچ ٻاٻرا، ٻُڌيو ٻُڌيو ٻَريو وڃان،
ڪڏهن تہ ان عذاب ۾، صفا ٿيو چريو وڃان،
اوهين تہ سڀ وڏو وڏو، اوهان جا ڪيٽ شل ڪڙن،
اوهان جي چيٽ ۽ ڪتيون، ٽڙيو ٽڙيو وريو ٽڙن،
اوهان جا گهر اڳيان تہ مال جا ولر مِڙيو مڙن،
اوهان سان ڪير جون وٽيون، ڪِليو ڪِليو پيان پيان،
جو دم تہ ٿو جتي جيان، سو دم تہ پيو اڙي ميان!
سلام سنڌ لئہ لکان،
ڪلام قوم لئہ لکان.

(٥)

اوهان جا ڳوٺ ڳوٺ ۽ ڳليون وسن الله ڪري،
اوهان جي وانڊ واڙ ۽ وسيون وسن الله ڪري،
اوهان جا گهيڙ گهاٽُ ۽ گهٽيون وسن الله ڪري،
اگڻ مٿي جيئن جيڏڙيون، ڪِلن ڪِلن، ڪُڏن ڪُڏن،
هو سائي ويس سان تہ پينگهہ ۾ لُڏيو لُڏن،
صبح ۽ سانجهہ ساهيڙيون، جيئي سچو جهان جهان،
جو دم تہ ٿو جتي جيان، سو دم تہ پيو اڙي ميان!
سلام سنڌ لئہ لکان،
ڪلام قوم لئہ لکان.

●

ستار سندر

## غزل

جھوپڙي ۾ ٻري جو ٻتي رات جو،
اُن ۾ ٿي وئي ڦِڪي روشني رات جو.
ڏينھن جا درد سيني سھيڙي وئي،
روڄ تي جا لٿي خاموشي رات جو.
پنھنجو چھرو سُجائي سگھان ٿي نٿو،
مان ڏسان پو ڪيئن آرسي رات جو.
آسمان تان ٽڙيو مون کي ائين لڳو،
ھڪ ستاري ڪئي خودڪشي رات جو.
ڪير آ جيڪو ھيڪل ڪري ويو اٿس،
جنھن جون راھون تڪي ٿي گھٽي رات جو.
ياد توکي پو ڏاڍو ڪيم او پرين!
ھير ٿڌڙي جيئن ڪُھلي رات جو.
اڄ اڪيلو ٿو تن پيچرن تي رُلان،
توسان جن تي ڪئي آوارگي رات جو.
آسمان جي ڏکن جي ڪھاڻي ٻري،
چنڊ سان ٿي ستارن سلي رات جو.

اسحاق سميجو

ھُرڪُر من ۾، رڻ جي رات،
خوب اکين ۾، رڻ جي رات.
ڪاري خاموشيءَ جو رقص،
دور پکن ۾، رڻ جي رات.
ھڪڙي نيڻ سمان ھي چنڊ،
نيل گگن ۾، رڻ جي رات.
"ھن تاري، ھن ھيٺ پرين"،
اوسيئڙن ۾، رڻ جي رات.
دور ڪٿي ٿو سنک وڄي،
گونجي ٻن ۾، رڻ جي رات.
ڏاڍو ياد اچي ٿو ديس!
پرديسن ۾، رڻ جي رات.

بخشل باغي

## غزل

ڇُلي پيو سمنڊ انتظار جو نھارن ۾،
ورھانجي وياسين پاڻ ٻني ڪنارن ۾.
اسان جي روح جون اکيون ڏسن پيون توکي،
اڃا وسين پيو دل جي سين نظارن ۾.
ھي آڪاس تنھنجي سِر تي سجي آ نيل جيان،
شال تون رقص ڪرين چنڊ سان ستارن ۾.
تو زندگي ۾ ھڪ دفعو ڏٺو ھيو مون کي،
اُھائي ديد امر آ اڃان نھارن ۾.
جنھن پنھنجي زندگي جا پاڻ ٻڌايا رستا،
اُھوئي شخص ويو گم ٿي اُنھن چارن ۾.
تنھنجي دل جي نہ چنڊ تائين ڪڏھن پھچي سگھيو،
روح پنھنجو چڪور جيئن رھيو اُڏارن ۾.
تنھنجي آڏو اچي ڏک لڙڪ ٿي وھي ٿا پون،
تون ٿي ھڪ آشنا آھين زماني وارن ۾.
تنھنجي آغوش ۾ مان اڄ بہ سُتل آھيان جڻ،
اڃان بہ تنھنجون آڱريون ڦِرن پيون وارن ۾.
اسان سمجھي نہ سگھياسين اِھو ڪڏھن باغي،
ھيو جو راز لڪل عشق جي اشارن ۾.

ماھين ھيسباڻي

## وائي

ساانوڻ رُت ۾ آءُ اڪيلي،
ڪوئي نہ آھي ساڻ،
الا مان جيئان ڪنھن جي ڪاڻ؟
موتني جي مھڪار سان ٿي چؤطرف سرھاڻ،
الا مان جيئان ڪنھن جي ڪاڻ.
عشق اسان وٽ جھول ڀري آ، آيو پنھنجو پاڻ،
الا مان جيئان ڪنھن جي ڪاڻ.
بادل ٻڌجي برکا برسي، ڪٿي خوشين ڪاڻ،
الا مان جيئان ڪنھن جي ڪاڻ.
چاندوڪيءَ سان چاھہ رکي، ڪاڏي وئي چانڊاڻ،
الا مان جيئان ڪنھن جي ڪاڻ.
پريت چني اڄ ڏور ھليا ويا، مون ڪان پرين پاڻ،
الا مان جيئان ڪنھن جي ڪاڻ.

## نواز خان زئور

### هائيڪو

- سمنڊ، آڙين اڏامر،
فطرت! تنهنجي برش تي-
شال نہ لهي شام.

- ڪنوڻ اک پُسي،
بدن ميگهہ ملهار جيئن؛
لاتي هٽ وسي.

- واءُ هندوري ۾،
توکي لڏندي مون ڏٺو؛
ڪلهہ ڄامشوري ۾.

- بيٺي گالهي تي،
ڏور شفق ڏانهن سانوري،
تڪي سج لٿي.

- سرخ ريڪائون،
آيا نيڻ خمار ۾،
توکي ڏٺائون!

- ٽمڪن ستارا،
ڪيڏي ڳهري راتڙي!
منجهہ ڪنارا.

سانت، شاخ، ڪنارو،
ٻهرن ڇانءُ ۾ ٻڪريون،
ٻپهري، اونهارو.

- مايون، وڻندڙ هُل،
پنوئرن جيئن جوانڙا،
ٽمڪ بہ جڻ ڪي ڳل.

- خوشبو لڙ مٿي،
دلا ڪٿي پاڻياريون،
آيون جر مٿي.

## گل بهار باغائي

### غزل

هي قبر مان ڪير ٿو مون کي سڏي،
يا اندر مان ڪير ٿو مون کي سڏي.
هن لکيو تنها هتي مان ٿي رهان،
ڏس سفر مان ڪير ٿو مون کي سڏي!
مان ڏسان ٿو خواب ۾ موهن دڙو،
۽ کنبر مان ڪير ٿو مون کي سڏي.
مان ڪٿي مسجد ڪليسان هان ويو،
هو مندر مان ڪير ٿو مون کي سڏي.
جنهن کي پنهنجي مان ڇڏي آيو هنس،
شهر تنهن مان ڪير ٿو مون کي سڏي.

•

## غلام حيدر "گهائل" لغاري

### غزل

شور ڏاڍو هُيو هوائن ۾،
پيار سستو ٿيو دنيائن ۾.
نيٺ پنهنجو ضمير جاڳيو آ،
پئي مُناسين اڳي انائن ۾.
مان بہ ڪيڏو نہ ڏس ڇريو آهيان،
گل جي خواهش اٿم خزائن ۾.
موت جي پهچ کان اڳي ساٿي،
ٿي وڃان گم تنهنجي ادائن ۾.
هي بہ اعزاز آ اسان لاءِ،
زندگي پيا ڪٽيون سزائن ۾.
زندگي کي وڏي ضرورت آ،
پيار شامل ڪجي غذائن ۾.
توکي هر وقت يار هي "گهائل"
ياد آهي ڪندو دعائن ۾.

## وفا ڪوڙل چنه

### غزل

توسان هر حال ناهه ڪرڻو آ،
چو ته مون کي نباهه ڪرڻو آ.
تون ته هڪڙو دفعو هتان ٿي وڃ،
توتان صدقي مي ساهه ڪرڻو آ.
تنهنجو ديدار ٿئي، پيجان روزو،
مون کي هڪڙو گناهه ڪرڻو آ.
تنهنجي مرڪڻ مٿي بڌايو آ،
توکي ظاهر ٿي چاهه ڪرڻو آ.
تنهنجا پازيب جي پون ڇمڪي،
رقص جهومي پو واهه ڪرڻو آ.
غير هاٿي به جي بچي ويو هتان،
پاڻ ڪوڙل تباهه ڪرڻو آ.

•

## گل ٽڪڙائي

### غزل

ڪير روڪي ٿو سگهي هن وقت جي رفتار کي،
چنڊ جي چانڊاڻ کي يا رات جي انڌڪار کي.
پاپ ۽ پڇتاءَ جو، ٿو سلسلو جاري رهي،
ڇا ڪندين اي وا عظا تون جرم دعويدار کي.
آس ۽ جذبات خاطر ڪيترا قربان ٿيا،
سونهن سندرتا ڏٺي عاشق ويا هن دار کي.
پيار آهي زندگي ۽ پيار آهي بندگي،
ظلمتون روڪي سگهن ٿيون ڇا ڀلا اظهار کي،
هي بهاري خوبصورت وحشتن ڪان ڪر پري،
ڪير سمجهائي سگهي ٿو سونهن جي سردار کي.
رند تڙپي ٿا اُتي هت بوتلون خالي ڏسي،
ڪو پڇائي ڪين سگهندو مئڪدي جي وار کي.
سوچ جو ڪيئن دم گهٽي هت حالتن آهي وڌو،
ڪونه ياني ٿو ڪڇيءَ پر درد واري هار کي.
رات تنهنجي مئڪدي پر گل پٽي گذري رڳو،
داغ لڳندا پيا وڃن تنهنجي سدا ڪردار کي.

## گل حسن ساگر ڪوري

### غزل

مينهڙا ٿر تي وسن پوءِ مونجان،
مورڙا ٿر تي نچن پوءِ مونجان.
ٿر مٿي هُبڪار ٿي پٽي مينهن جي،
چنگ چوڏاري ڇُرن پوءِ مونجان.
پَٽَ پسيل مان جڏهن خوشبوءِ اچني،
درد دل ۾ جي اُٿن پوءِ مونجان.
گهاريون مون سڀ رُتون توکان سوا،
ماڳ تي مارو اچن پوءِ مونجان.
هيڪلي ڪيسين گذاريندينءَ ڀلا؟
جي هوائون گهلن پوءِ مونجان.

•

## خليل عارف سومرو

### غزل

هن کي ڏس هي پي آ ماٺهو،
"جوهي" شهر جو تنها ماٺهو.
پاڻ ٻين لئه اريو آ جنهن،
ڪن ٿا تنهن سان ليڪا ماٺهو.
سڪ لڳندي آ، دل لڇندي آ،
ڪن دفنائي جذبا ماٺهو.
ڪيئن لتاڙي ٽوٽا ٽُڪرا،
پيرن هيٺان شيشا ماٺهو.
گيت لکي ٿو، عڪس چٽي ٿو،
ونڊي ويٺو تحفا ماٺهو.
من جو اُجرو، دل جو نازڪ،
پوڳي ٿو ڏس ڇا ڇا ماٺهو.
شاعر آهي، پاڳل آهي،
ڪن ٿا هن سان چرچا ماٺهو.
هن جي پويان پنجي ويا هن،
هن جا جيڏا سرتا ماٺهو.
عارف ٿي هڪ قاتل آهي،
باقي سڀ هن آجا ماٺهو.

"ٻارهين صديءَ جي پهرئين اڌ تائين مغل صوبيدار سنڌ تي ايندا رهيا، ليڪن جڏهن آخري طرح سموري سنڌ ڪلهوڙن جي قبضي ۾ آئي، ان وقت صوبيدارن جو اچڻ بند ٿيو. ڪلهوڙن جي اگرچ مادري زبان سنڌي هئي ۽ سندن امير امراءَ ۽ انهن جا متعلقين سڀ سنڌي هئا، تاهم سرڪاري لکپڙه جي زبان اڃا به فارسي هلندي ٿي آئي. هن صديءَ ۾ ٽن ملڪن مان فارسيدان اچي سنڌ ۾ پهتا هئا. صديءَ جي پهرين چوٿائيءَ ۾ مغل صوبيدارن جي توسط سان هندستان مان، وچ صديءَ ۾ نادرشاه جي ڪري ايران مان ۽ صديءَ جي پوئين اڌ اندر احمد شاه ابدالي وغيره پٺاڻ حڪمرانن جي توسل سبب قنڌار کان. خود سنڌين ۾ به فارسي زبان مقبول هئي. مدرسن جي سموري تعليم فارسي ۽ عربيءَ ۾ ٿيندي هئي. عطا، محسن، قانع، رجا، مداح، تسليم، سرخوش، شوقي، عزلت، عطارد، مشتاقي، مير جان الله رضوي جهڙا فارسي گو شاعر خود سنڌ جي سرزمين مان پيدا ٿيا. عبدالرؤف منشي ۽ نورالحق سيوستاني جهڙا فارسي نثر جا مشاق انشاءِ پرداز، سنڌي نژاد هئا. ڪلهوڙن حڪمرانن جو پنهنجو ذوق به فارسيءَ سان هو. نور محمد جي وصيت فارسيءَ ۾ آهي. طب دائودي ۽ صيدنامو به شاهي خاندان جي فردن جا لکيل آهن. محمدعلي عالي ۽ سرفراز خان وغيره پڻ فارسيءَ جا صاحبِ ديوان شاعر هئا، ليڪن اهي سڀُ سهوليتون اگرچ فارسيءَ لاءِ مهيا هيون، ان هوندي به سنڌي زبان هن صديءَ اندر خوب ڦلي ۽ ڦلي...."

-سيد حسام الدين راشدي

# مقالا

"....تعليمي سلسلي ۾ جا هڪ تشويشناڪ ڳالهه آهي سا هيءَ تہ پوين ٽيهن سالن کان وٺي سنڌي ۾ تعليم ڏيڻ جا نہ فقط معيار گهٽجي ويا آهن بلڪ بنياد لُڏي ويا آهن: يعني تہ ملڪ ۾ عام تعليمي انحطاط سان گڏ خاص طرح سنڌي پرائمري اسڪولن جو نظام ۽ انتظام هن عرصي ۾ زوال پذير پئي رهيو آهي، جنهن کي روڪڻ لاءِ ضروري آهي تہ ان طرف فوري طور توجهہ ڏنو وڃي. سنڌ ۾ تعليمي نظام جي سڌاري جي شروعات پرائمري تعليم جي سڌارن سان وڌيڪ مؤثر نموني ۾ ٿي سگهي ٿي، ۽ وقت آيو آهي جو سرڪاري طور ان سلسلي ۾ هڪ تحقيقي ڪاميٽي قائم ڪئي وڃي جيڪا بين مسئلن سان گڏ خاص طرح بهراڙيءَ ۾ پرائمري تعليم جي زوال کي روڪڻ لاءِ ضروري سفارشون ڪري. پر هرڪا ڳالهه فقط سرڪاري طور تي سنڀالي نٿي سگهجي: ان سان گڏ اهو بہ ضروري آهي تہ غير سرڪاري سطح تي پڻ سماجي ۽ ادبي تنظيمن طرفان سنڌيءَ ۾ پڙهائي جي ڪرندڙ معيار تي غور ڪيو وڃي، نتيجي خيز مڪالما ۽ مباحثا منعقد ڪرايا وڃن، ضروري سفارشون مرتب ڪيون وڃن، ۽ پڻ سڌاري ۽ واڌاري لاءِ مناسب اُپاءَ ورتا وڃن. ان ڪان سواءِ تعليمي نظام جي هر سطح تي سنڌي پڙهائيندڙ استادن تي سندن پيشہ ورانہ جوابداري جي ناتي سان پڻ خاص ذميواري عائد ٿئي ٿي تہ هو سنڌيءَ ۾ تعليم جي ڪرندڙ معيارن کي روڪڻ جي پنهنجي وس آهر ڪوشش ڪن. پرائمري سطح تي سنڌي پڙهائيندڙ اُستاد ۽ اُستادياڻي جڻ سنڌي ٻوليءَ جا 'ابو امان' آهن، ۽ مٿين سطحن تي تعليم ڏيندڙ استاد سنڌي ٻوليءَ جا 'معمار' آهن. ملڪ جي تعليمي نظام ۾ پنهنجي مقام پيدا ڪرڻ ۽ سنڌي ٻولي جي صحيح معنيٰ ۾ خدمت ڪرڻ ڪان سواءِ، سندن عزت ۽ عظمت بہ انهيءَ ۾ آهي تہ هو پنهنجي لياقت کي وڌائين ۽ هلندڙ وقت کي غنيمت ڄاڻي وڏيءَ محنت سان پڙهائين، تہ جيئن وڏي لياقت وارا شاگرد پيدا ٿين جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي صحيح معنيٰ ۾ ڄاڻ رکن ۽ پڻ خدمت ڪن. گذريل سادِن چئن سون سالن تائين، سنڌيءَ ۾ تعليم ڏيڻ توڙي سنڌيءَ ذريعي استعمال ٿيڻ واري شاندار تاريخ جي باوجود، موجوده وقت ۾ سنڌيءَ ۾ تعليمي مسئلو هڪ نهايت نازڪ موڙ تي بيٺل آهي، جنهن ڏانهن فوري طور ڀرپور توجهہ نہ ڏنو ويو تہ سنڌي زبان جي آئنده اوسر ۽ اهميت تي وڏو اثر پوندو..."

--ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ڊاڪٽر غلام علي الانا

# سنڌ ۾ ”ماهي ثقافت“ (Fish Culture) ۽ مهاڻن جي رهڻي ڪهڻيءَ جو اڀياس

١- سنڌ شناسي هڪ گهرو ۽ گوناگون موضوع آهي، جنهن جي مطالعي لاءِ محقق کي ’گهڻ-علمو هجڻ‘ يعني ’گهڻن علمن جو ڄاڻو هجڻ‘ ضروري آهي. ثقافت يا تهذيب ۽ تمدن جي مطالعي کي، اُنهن موضوعن مان هڪ ضمني يا ذيلي موضوع سمجهيو ويندو آهي.

هن مقالي ۾ سنڌ ۾ ”ماهي ثقافت“ (Fish Culture) جو تعارف ڪرائڻو آهي ۽ اُن لاءِ اختصار کان ئي ڪم ورتو آهي، ڇاڪاڻ تہ هيءُ هڪ ايڏو تہ وڏو موضوع آهي جو هن موضوع تي ڪيئي ڪتاب لکي سگهجن ٿا. ”ماهي ثقافت“ تي، هن کان اڳ، پاڪستان ۾ ڪجهہ لکيو ئي نہ ويو آهي. هن موضوع تي ’ٿائي لئنڊ‘ (Thai Land) ۾ گهڻوني ڪم ٿيو آهي. ٿائي ٻوليءَ مان انگريزيءَ ۾ "Fish Culture" جي عنوان هيٺ هڪ مضمون ترجمو ڪيو ويو هو، جيڪو چار پنج سال اڳ منهنجي نظر مان گذريو هو.

سنڌ ۾ لاڙ، دو-آبي وارو حصو، ڪاري وارو علائقو، دادو ضلعي ۾ منڇر ڍنڍ، لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ڊانڊي علائقو، گهوٽڪي ضلعي جو ساريال وارو علائقو، سانگهڙ ضلعي ۾ مَکي ڍنڍ ۽ ساگره ڍنڍ وارا حصا، ٿر ضلعي ۾ ويراواهہ واري ڍنڍ ۽ اَڇڙي ٿر واريون ڍنڍون، اُيرندي ناري ۽ اُلهندي ناري وارن حصن، درياءَ جي ڪنڌين ۽ ڪنارن، ڍورن، ڇنڊڻين توڙي ڇڇن، ۽ اُنهن ماڳن تي رهندڙ ماڻهن جو گذران گهڻو ڪري مڇيءَ تي هوندو آهي، تنهنڪري سنڌن عادتون ۽ طور طريقا، سنڌ جي ٻين علائقن جي ماڻهن جي عادتن ۽ طور طريقن کان مختلف هوندا آهن. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ مڇيءَ سان واهپو رکندڙ ماڻهن جي تهذيب ۽ تمدن، سنڌ جي ٻين رهواسين جي تهذيب ۽ تمدن کان جداگانہ آهي. انهيءَ ڪري اهڙن خطن ۽ مڇيءَ سان واهپو رکندڙ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، سندن نشست وبرخواست، سندن ڪاڌي خوراڪ ۽ سندن ثقافت کي مون ”ماهي ثقافت“ (Fish Culture) سڏيو آهي.

## ٢- ثقافت ڇا کي ٿو چئجي؟

انهن تمهيدي ڪلمات کان پوءِ ڏسجي تہ ثقافت ڇا آهي؟ ان کان پوءِ اهو ڏسڻو پوندو تہ ماهي يعني ”مين ثقافت“ مان منهنجي مراد ڪهڙي آهي؟ ”ماهي ثقافت“ جا اُهي ڪهڙا ڪهڙا پهلو آهن، جيڪي هن ثقافت کي هڪ ’جدا ثقافت‘ جي حيثيت ڏين ٿا.

(الف) ثقافت جهڙي موضوع جي وصف جدا جدا ماهرن، جدا جدا بيان ڪئي آهي. مون Ph.D

يا ميه آهن، يعني مهاڻا آهن؛ تاڪيا غالباً ٦-٧ صدي عيسويءَ کان اڳ، سنڌ ڇڏي، پنجاب هليا ويا، جتي اڳ ۾ سندن گهڻائي هئي. پانيا(٥) بابت پوري پڪ نہ آهي تہ اِهو نالو ڪمڙي قوم جو آهي. نتيجي طور چوندا سون تہ صحيح معنيٰ ۾ سنڌ جا قديم باشندا 'مهاڻا' آهن، جن کي اسلامي دور ۾ 'ميربحر' واري مانائتي نالي سان سڏيو ويو." (٦)

**٥- مهاڻا اصل ۾ قديم باشندا 'ميه' آهن:**

(الف) ڊاڪٽر سورلي ۽ ايٽڪن بہ سنڌ جي مهاڻن کي سنڌو-ماٿر جا قديم رهاڪو 'ميد' سمجهن ٿا. ايٽڪن لکي ٿو تہ:

"مهاڻا (مڇي مارينڙ) هڪ مسلمان قوم آهي، جيڪا سامونڊي ساحل، سنڌو-درياءَ جي ڪنارن ۽ ڍنڍن جي ڪنڌين تي آباد هوندي آهي. مڪران جي ماڻهن کي 'ميد' چوندا هئا. هينئر اها خبر نٿي پوي تہ 'سٿين ميد' قوم سان، سنڌ جي مهاڻن جو ڪو سلسلو مليل آهي، ڇو تہ 'سٿين ميد' بہ هزارين سال اڳ، سنڌو-درياءَ جي ڪناري تي آباد هوندا هئا." (٧)

شاهہ لطيف بہ سُر ڪاموڏ ۾، ڪينجهر ڍنڍ تي رهندڙ مهاڻن کي 'مي' سڏيو آهي. هو نوريءَ جي واتان چوارائي ٿو:

تون تماچي تـڙ ڌڻي، آءُ مهاڻي مي

يا ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

تون سمو آءُ گندري، مون ۾ عيبن ويهہ
پسي مَـڪِي ڌيءَ، متان ماڳ مٽيين.

'ميه' ذات وارا مهاڻا اڄ بہ لاڙ جي ماڃر کان سواءِ ٻين ماڳن ۽ مڪانن تي رهن ٿا.

(ب) مهاڻن يا مڇيءَ جي شڪار ڪندڙن يا مڇيءَ جي شڪارين کي عام زبان ۾ 'گهاتو' بہ سڏيندا آهن. مهاڻن هاڻ پنهنجون انجمنون بہ ٺاهيون آهن، جن کي هو ميربحرن جي انجمن يا ميربحر انسوسيئشن سڏين ٿا. 'جامع لغات سنڌيءَ' ۾ گهاتو لفظ جي معنيٰ هيءَ ڏنل آهي: شڪار ڪندڙ، مڇي مارينڙ، ميربحر، ٽوٻو ۽ سمنڊ جو واقف(٨). شاهہ لطيف، سر گهاتو ۾ مهاڻن کي 'گهاتو' بہ سڏيو آهي. (٩)

اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ "ماهي ثقافت" مان مراد اُها ثقافت آهي جنهن جو واسطو مڇيءَ سان هجي. اُن ثقافت ۾ مهاڻن جو سماجي ڪردار بہ شامل هوندو آهي، پر مهاڻن کان سواءِ اُنهن سڀني ماڻهن، قبيلن ۽ قومن جو بہ واسطو هوندو آهي، جيڪي مڇيءَ جي پيداوار ۽ اُن جي واپار سان واسطو رکندا آهن.

(ت) مهاڻا قوم جي قديم هجڻ جو ذڪر سرجان مارشل کان سواءِ مارٽمر وهيلر، ڊاڪٽر

ڪالڊويل، ڊاڪٽر پرپولا ، ڊاڪٽرهيريمات، ڊاڪٽر لئمبرڪ، ڊاڪٽر سورلي، مسٽر ايٽڪن، ادريس صديقيءَ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، تاج محمد صحرائيءَ ۽ شيخ خورشيد حسن کان سواءِ ڪيترن ئي بين عالمن ۽ محققن پڻ ڪيو آهي. اُن کان سواءِ لطيف سائين ۽ سچل سرمست پڻ "ماهي ثقافت" ۽ اُن جي مختلف نقطن جو ذڪر پنهنجي ڪلام ۾ ڪيو آهي، جيئن اڳتي هلي معلوم ٿيندو.

(ٿ) مٿي چيو ويو آهي تہ مهاڻا سنڌو ماٿر جي قديم قوم آهي. اُهي هن واديءَ جا اصلوڪا رهاڪو آهن(١٠). موهن جي دڙي، هڙپا، منڇر ڍنڍ، ڪينجهر ڍنڍ، سنڌو درياءَ جي پراڻين شاخن ۽ ڍورن جي ڪنڌين تان مهاڻن جي اصلوڪي رهڻي ڪهڻيءَ جا ڪي نشان ۽ اُهڃاڻ پڻ هٿ آيا آهن، جن جو ذڪر ماهرن پنهنجن ڪتابن ۽ تحقيقي مقالن ۾ ڪيو آهي.(١١)

(i) مهاڻن جي باري ۾ ڊاڪٽر ڪالڊويل لکي ٿو تہ:

"موهن جي دڙي جي رهاڪن مان ڪي هارپ ۽ ڪيتيءَ جو ڌنڌو ڪندا هئا، تہ ڪي وري ناکوئا ۽ مهاڻا هوندا هئا." (١٢)

(ii) دراوڙي ثقافت ۽ دراوڙي ٻولين جو هڪ مها ودوان، ڊاڪٽر هيريمات پنهنجي ڪتاب The Genesis & growth of Dravidian ۾ لکي ٿو تہ:

"سنڌو درياءَ جي ڪن ماڳن ۽ مڪانن ۽ سامونڊي ساحلي هنڌن تان مڇيءَ جا ڪنڊا لڌا ويا آهن. اِن مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌو-تهذيب جا رهاڪو مڇي مارينڌڙ بہ هئا ۽ اُنهن مان ڪي سامونڊي ناکوئن جي ڪِرت بہ ڪندا هئا." (١٣).

(iii) ڊاڪٽر هيريمات، مهاڻن کي سنڌو-تهذيب جا اصلوڪا ۽ قديم رهاڪو ڄاڻائيندي اڳتي لکي ٿو تہ:

" 'ديوس' يا 'آريا' ، 'داسن' ۽ 'داسيو' سان وڙهيا. 'داس' جي معنيٰ آهي آرين جا مخالف. 'داس' لفظ مان غلام وارو مفهوم پوءِ ڪم اچڻ لڳو. دراصل 'داس' مان مراد اُهي ماٿهو هئا يا اُها قوم هئي، جيڪا آرين سان وڙهي هئي ۽ 'شودر' مان مراد هئي 'مهاڻا.' ٻين لفظن ۾ هيئن وضاحت ڪبي تہ سنڌو-تهذيب جا رهواسي ٻن اهم طبقن ۾ ورهايل هئا: هڪڙا زراعت جو پيشو ڪندڙ يعني هاري ناري هئا، جيڪي ڪيٽن ۽ ٻنين ۾ هارپو يا زراعت جو ڪم ڪري اَن اُپائيندا هئا، ۽ پنهنجي سماج جي جيوت ۽ جياپي جو وسيلو هئا؛ ٻيو طبقو مهاڻن جو هوندو هو، جن جو گذران يا جياپو دريائي بندرن، ڍنڍن ڍورن ۽ سمنڊ تي هوندو هو. هي ماٿهو درياءَ، ڍنڍن ۽ سمنڊ مان هٿ آيل خوراڪ يعني مڇيءَ تي گذارو ڪندا هئا.' (١٤)

گڏيل هجڻ يا گڏجي وڃڻ، بلڪل ناممڪن نظر اچي ٿو." (١٩)

شيخ خورشيد حسن صاحب جي مذڪوره راءِ تہ: "مهاڻا، سنڌو-تهذيب جا اصلوڪا رهاڪو آهن" ، ڪا نئين راءِ ڪانهي. درحقيقت، شيخ خورشيد حسن جي هن راءِ کان گهڻو اڳ سرجان مارشل، ڊاڪٽر لئمبرڪ، مارٽمر وهيلر، منڪي، ڊاڪٽر ڊيلس، ويندي ڊاڪٽر هيريمات تائين، هر ماهر اهائي دعوا ڪئي آهي. ڊاڪٽر هيريمات جي حوالي سان، هن ڪان اڳ اهو ڄاڻايو ويو آهي تہ:

" 'داس' بہ مهاڻن جي هڪ طاقتور قوم هوندي هني، جنهن کي ڪيترائي قلعا ۽ بستون هونديون هيون، ۽ ممڪن آهي تہ آرين سان هنن بہ گهڻيون چوٽون کاڌيون. بهرحال 'داس' ۽ 'داسيو' ، سنڌو-تهذيب جي 'مهاڻا' ڄاتيءَ جا ڌار ڌار پاڙا هئا." (٢٠)

(vi) مهاڻن جي باري ۾ ڊاڪٽر لئمبرڪ لکي ٿو تہ:

"جڏهن اسين اُن قوم يا نسل جي باري ۾ پڙهون ٿا تہ اُها قوم سنڌو-ماٿر ۾ رهي ٿي، جنهن هو پنهنجون پيڙيون هلائيندا آهن؛ اُها قوم تيراندازي جي هنر ۾ مهارت رکي ٿي؛ جيڪا شڪرن سان شڪار ڪرڻ ۾ ماهر ليکجي ٿي، اهڙيءَ قوم لاءِ انين چو نہ قبول ڪجي تہ هن قوم جا ماڻهو سنڌن ابن ڏاڏن جي اُن نسل جي روايتن، ريتين رسمن ۽ هنرن کي قائم رکيو اچن، جن کي سنڌ جي منڇر ڍنڍ تي رهندڙ 'مهاڻا' سڏيو ويندو آهي". (٢١)

(vii) ڊاڪٽر لئمبرڪ اڳتي لکي ٿو تہ:

"درحقيقت موهن جي دڙي مان جيڪي هڏاون پڃرا هٿ آيا آهن، تن مان پتو پوي ٿو تہ خود اُن شهر جا ماڻهو ڪيترن ئي نسلن مان هئا، تڏهن بہ اُن ڳالهہ جو ٿورو گهڻو امڪان آهي تہ منڇر ڍنڍ جي مهاڻن ۾ اصلوڪن رهاڪن جي هجڻ جو انگ اينرو هجي جو پيو ڪوبہ سنڌي قبيلو اُنهن جيتري دعوا ڪرڻ چاهي تہ هوند نہ ڪري سگهي؛ يعني اُهي مهاڻا سنڌيءَ طرح سنڌو-تهذيب واري زماني جي 'ڍنڍ- رهواسين' جا پونير آهن ۽ سنڌن رت ۾ ٻئي ڪنهن رت جي، نسبتي گهٽ ملاوت آهي. اُنهن سان 'ماڇي' بہ شامل ڪري سگهجن ٿا. ۽ شايد 'ڄُتا' ۽ اُهندن ٽڪرن جا ڪي غير- معروف قبيلا جهڙوڪ 'ٻڪڪ' ۽ 'ڳانچا' پڻ، جن جون ڪي خاصيتون ۽ ريتيون رسمون بنهہ پنهنجون آهن، ۽ جن بابت سنڌن پاڙيسري چوندا آهن تہ اُهي اصل ۾ 'ميربحر' آهن، پر اهڙين باريڪ شاهدين مان ڪي بہ انومان ڪڍڻ نسوري ڏڪيبازي ٿيندي." (٢٢).

(viii) ڊاڪٽر سورلي 'ويسٽ پاڪستان گزيٽيئر' ۾ لکي ٿو تہ:

"مهاڻن لاءِ چون ٿا تہ اهي ملاح آهن، جن جو واسطو پنجاب سان آهي، پر پنجاب جي ڏکڻ اڀرندہ ۾ رهندڙ مهاڻن ٻڌايو تہ سنڌن (پنجاب جي مهاڻن جو) هڪ پاڙو 'ملاح' آهي. پنجاب جي

ملاحن ۽ سنڌ جي مهاڻن جو 'ماجري پاڙو' ساڳئي نسل مان آهي.

"ملاح نالو ڪرت ۽ ڌنڌي جي ڪري پيو آهي، يعني ته ملاح هڪ ڪرت آهي. ملاح ۽ 'ملوئي' (Malloi) ساڳي جاتي يا ساڳيو نسل آهي، جنهن جو ذڪر 'پلوٽارچ' (Plutarch) به ڪيو آهي. 'ملوئي' اُها قوم آهي جنهن، سڪندر اعظم جي واديءِ سنڌ تي حملي وقت مدد ڪئي هئي. ان لحاظ کان چئبو ته هيءَ قوم ٣٠٠ ق.م ۾ به هڪ طاقتور قوم جي حيثيت ۾ موجود هئي.

"هن نسل جا ماڻهو، ظاهري طور ڏسڻ ۾ Autochthonous ماڻهن جهڙا هوندا هئا ۽ سندن جسم جي چمڙيءَ جو رنگ، سنڌ جي عام ماڻهن جي رنگ کان وڌيڪ سانورو ۽ ڪارو آهي." (٢٣)

(ix) ڊاڪٽر سورلي اڳتي لکي ٿو ته:

"مسٽر ڪاويرنٽن (Covernton) جو خيال هو ته مهاڻن کي ڪانياواڙ جي 'ميناٿو' (Miano) نسل مان سمجهڻ صحيح نه آهي. اها غلط فهمي، سنڌي ٻوليءَ ۾ مهاڻن جي عارضي ڳوٺ 'مياڻيءَ' (Miani) جي ڪري ٿيل معلوم ٿي ٿئي." (٢٤)

(x) ڊاڪٽر سورلي اڳتي لکي ٿو ته:

"ڪانياواڙ جي 'نيل' (Nale) ڍنڍ تي رهندڙ مهاڻا ۽ ناکوئا، بلڪل سنڌي مهاڻن جهڙا آهن، بلڪ هُو هر لحاظ کان سنڌ جي مهاڻن سان نسبت رکن ٿا. اُنهن جي چهرن جا آرڪاڻ، مهاندا، نقش، سندن عادتون، سنڌ جي مهاڻن سان ملن جلن ٿيون. هو به تراڪڙن ترن وارين ٻيڙين ۾ رهندا آهن. اهي ٻيڙيون درحقيقت سندن 'ترندڙ گهر' (Floating Houses) آهن، جيئن سنڌ جي مهاڻن لاءِ چيو ويندو آهي." (٢٥)

٦- سنڌ ۾ رهندڙ مهاڻن جون ذاتيون ۽ پاڙا:

"ماهي ثقافت" جي مطالعي لاءِ اهو به ضروري آهي ته مهاڻن جي ذاتين ۽ پاڙن جو به مطالعو ڪجي، جو ته ٿورو ٿورو ثقافتي فرق هر ذات ۾ هوندو آهي. هن کان اڳ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ٻين ماهرن جي حوالي سان چيو ويو آهي ته سنڌ جا مهاڻا ۽ ميربحر ساڳئي نسل جا آهن. مهاڻن کي ميربحر، سنڌ ۾ عربن جي حڪومت جي زماني کان پوءِ سڏڻ شروع ڪيو ويو. مهاڻن جي ڪرت مڇي مارڻ ۽ ناکوئا هوندي هئي. اُهي مهاڻا جيڪي ناکوئا هوندا هئا ۽ ٻيڙيون هاڪاريندا هئا، تن کي 'ميربحر' ۽ 'ملاح' سڏيو ويو. بهرحال مهاڻن ۽ ميربحرن جون مشهور ذاتيون هي آهن: اِهي ذاتيون ڊاڪٽر لئمبرڪ جي حوالي (٢٦) کان سواءِ، منهنجي ذاتي معلومات موجب بيان ڪجن ٿيون:

**(الف) مڇي مارڻ ۽ ملاحن جي ڪرت ڪندڙ ذاتيون- اهي ذاتيون هي آهن:**

آبداڻي (عابداڻي)، آدماڻي، بداڻي، ٻهليم، ٻِڪَڪَ، باگهلا، ٻُرٽياڻي، ٻَلواڻي، پاڙهيري، پيراڻي،

جنداڻي، چاچڙ، ڏيلا، ڊورياڻي، ڏچر، ڏيرا، عاقباڻي، عمراڻي، ڪنيرياڻي، ڪُڏاڻي، گندرا، منگهواڻي، ماگر، ميراڻي، نندیرواڻ، ونگرا ۽ هيلايا.

**(ب) ڍانڍي ڀڪي، واڳو ۽ ڪچون مارينڌڙ مهاڻن جا پاڙا- اهي ذاتيون هي آهن:**

پاڙهيري، ڊاگهوري ۽ جهبير.

شاهه لطيف جي رسالي ۾ 'سُر ڪاموڏ' ۾ 'ميه'، 'ماگر' ۽ 'گندرا' ۽ سُرَ ڪارايل ۾ پاڙهيري پاڙن جا نالا ملن ٿا: مثال طور (٢٧):

تون سمو آءُ گندري، مون ۾ عيبن جوءِ،
پسي راڻِن روءِ، متان ماگر متيين.

-

تون سمو آءُ گندري، مون ۾ عيبن ويهه،
پسي منڪي ڏيءِ، متان ماگر متيين.

-

مي مڇيءَ مارا سمي سي سيڻ ڪيا.

-

تون تماچي تڙ ڏٺي، آءُ مهاڻي مي.

-

متان مارينئي، پاڙهيري پهه ڪري.

-

ڪوهه ڪندا تن ڪي، پاڙهيري پهه ڪري.

-

سر ۾ پڪي هيڪڙو، پاڙهيري پنجاهه.

**٧- مڇي مارڻ جا هنڌ ۽ ماڳ:**

موجوده وقت به سنڌ جي آباديءَ جي اڪثر حصي جي ماڻهن جو گذران مڇي مارڻ ۽ اُن جي واپار تي آهي. اُن ۾ سنڌ جي ٻين حصن وانگر، لاڙ واري علائقي جي اقتصاديات جو دارومدار زراعت کان سواءِ مڇيءَ جي ڪاروبار تي آهي. هونئن ته درياءَ جون ڪنڌيون ڍنڍون ۽ ڍورا، مڇي مارڻ ۽ مياڻن جي ڪري مشهور آهن، جتي مهاڻا مڇي ماري اچي گڏ ڪندا آهن.

لاڙ ۾ پاڻيءَ جي اٿاٿ ٿئي ٿي ڪانه. هتي جون ڍنڍون ۽ ڍورا، ڪُهريون، ڪاٺيون ۽ ڇنڊٿيون، درياءَ ۾ پاڻيءَ جي اٿاٿ ۽ سوڪ جي وقت به پاڻيءَ سان ڀريل هونديون آهن. درياءَ کان سواءِ، لاڙ ۾

ڪيٽيريون ني ساموندي ڪاريون ۽ ساموندي ساحل جي ويجهو مڇيءَ جا تلاءِ (هٽرادو ناهيل) ۽ ڇڇ آهن، جن مان اربين روپين جي مڇي ماري ويندي آهي، جيڪا پنهنجي گهرج ۽ کپت کان پوءِ، لوڻي، سُڪائي، يا دٻن ۾ بند ڪري، پرڏيهي ملڪن ڏانهن موڪلي ويندي آهي، جنهن مان پرڏيهي ناڻو ڪمائبو آهي.

**سنڌ ۾ مڇي مارڻ جا هنڌ ۽ ماڳ هي آهن:**

**(i) سنڌو درياءَ:** سنڌو درياءَ مان سڄيءَ سنڌ ۾ مڇي ماري ويندي آهي، جا مياڻين تي نيڪال ۽ وڪري لاءِ گڏ ٿيندي آهي.

**(ii) ڍورا:** سنڌو درياءَ جا قديم وهڪرا سڄيءَ سنڌ ۾ آهن. لاڙ ۾ بدين، ٺٽي ۽ حيدرآباد ضلعن کان سواءِ، ملير ضلعي ۾ به درياءَ جا قديم چوڙ ۽ ڍورا آهن. بدين ضلعي ۾ 'ٽندي شهر' کان اوڀر طرف، جتي ميلن جي مفاصلي تي، بلڪ اُن جي اُتر ۾ ڏگهڙيءَ جي ويجهو 'پُراڻ درياءَ' جي قديم وهڪري جا نشان موجود آهن. 'پُراڻ' نالي سان هن وقت درياءَ جا قديم به ڍورا قائم آهن. هڪڙو 'اُپرنديون پراڻ ڍورو' ۽ ٻيو 'اُلهنديون پراڻ ڍورو' . انهن ٻنهي ڍورن مان مڇي جام ماري ويندي آهي. پراڻ جا اِهي ٻئي ڍورا، 'ونگي پٽڻ' نالي قديم شهر کان هيٺ، ڏکڻ ۾ 'چندڻ' وٽ گڏجي هڪ شاخ 'پراڻ' جي نالي سان هيٺ وهي، 'ڪوري ڪاريءَ' ۾ ڪرندي هئي. هن هڪ ئي شاخ جا هيٺ ٻن هنڌن تي به ڌار ڌار نالا هوندا هئا. ٽندي باگي کان ميل ڪن پري، ڏکڻ طرف هن کي 'ٽنڊو نيرو' يا 'سُمٽيءَ وارو درياءَ' سڏيندا آهن ۽ ٽندي شهر وٽ هن کي 'بدرو' سڏيندا آهن.

لاڙ جي جاتي، سجاول، شاهه بندر، ٺٽي ۽ ميرپورساڪري تعلقن ۾ به درياءَ جا ڍورا موجود آهن. اُنهن ۾ 'ڍورو گونگڙو' ، 'ڍورو ڪُنڪو' ، جاتي تعلقي ۾ مڇي مارڻ جا مشهور ماڳ آهن. اُنهن مان مڇي جام ماري ويندي آهي.

سجاول ۽ جاتي تعلقن ۾ 'نانگن ڍورو' چنڊن جي صورت ۾ وهندو آهي. هن ڍوري مان به تمام گهڻي مڇي ماري ويندي آهي. 'ڪارو گونگڙو' هن وقت چنڊڻ جي صورت ۾، ميرپور بٺوري، گولاڙچي ۽ جاتي تعلقن مان وهندو آهي. هن چنڊڻ مان جام مڇي ماري ويندي آهي. شاهبندر تعلقي جا ڇڇ، خاص ڪري 'ڇڇ جهان خان' به مڇي مارڻ لاءِ مشهور آهن.

اهڙيءَ طرح ٺٽي سب ڊويزن ۽ گهاري سب ڊويزن جي ميرپور ساڪري تعلقي ۾ 'بگهاڙ ڍورو' گهڻو مشهور آهي. هن ڍوري مان به گهڻي مڇي ماري ويندي آهي.

**(iii) ڍنڍيون:** ڍورن، چنڊڻن، واهن ۽ ڇڇن کان سواءِ، سنڌ جون ڍنڍيون به مڇيءَ جي پيداوار جو وڏو ذريعو آهن. لاڙ جا بدين ۽ ٺٽو ضلعا، حيدرآباد ضلعي جي ٽنڊو سب- ڊويزن، سانگهڙ ضلعي، دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جون ڍنڍيون مڇيءَ جي پيداوار کان مشهور آهن، جتان نه فقط مڇي ماري

آهن، جن مان مهاڻا جام مڇي مارينديا آهن. ڪارين جي وسيلي، گهاتو سمنڊ اندر پري پري تائين مڇي مارڻ لاءِ ويندا آهن ۽ ڏينهن جا ڏينهن سمنڊ تي رهندا آهن.

انهن ڪارين مان، بدين ضلعي جي ڪوري ڪاري، هڪ مشهور ۽ تاريخي ڪاري آهي، جنهن تي ڪلهوڙن جي زماني (١٧٠٠ع کان ١٧٨٣ع) تائين، 'سنڌڙي بندرُ' پنهنجي جاه و جلال ۽ واپاري مال جي آمدني ۽ روانگيءَ جي ڪري مشهور هوندو هو. سنڌو درياءَ جي پراڻ شاخ، ڪوري ڪاريءَ ۾ ڇوڙ ڪندي هئي.

اهڙيءَ طرح ٺٽو ضلعو بہ ڪيترين ئي تاريخي ڪارين جي ڪري تاريخدانن جو ڌيان ڇڪائيندو رهيو آهي. ٺٽي ضلعي جون مشهور ڪاريون هي آهن:

**سير ڪاري:** هيءَ ڪاري شاهبندر سب ڊويزن جي جاتي تعلقي ۾ آهي. گونگڙو واهہ هن ڪاريءَ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. هن ڪاريءَ تي جاتيءَ جي ڏکڻ ۾ 'سنڌو بندر' نالي شهر آباد هوندو هو، جتان پرڏيهي واپار هلندو هو. هن بندر جي ويجهو ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ پنهنجي ڪوٺي قائم ڪئي هئي. انهيءَ ڪوٺيءَ جا آثار ورهاڱي کان اڳ بہ موجود هوندا هئا. جاتي تعلقي جو 'ٽپو ڪوٺي' اڄ بہ انهيءَ ڪوٺيءَ جي ياد تازي رکيو اچي.

ڇچنامي ۾ 'سنڌي بندر' لاءِ 'سنڌون' لفظ لکيل آهي، جنهن کي درست ڪري 'سنڌو' لکڻ گهرجي تہ جيئن اها غلطي دور ٿي وڃي(٢٨).

جهوڙي ڪاري، ڪُڏي ڪاري، ڪانٽو ڪاري، ڪارو ڪاري، پٽياٽي ڪاري، جُوٽا ڪاري، ڪُڪَئي ڪاري، رچل ڪاري، مَل ڪاري، مُنٽي ڪاري، سيٺن ڪاري، قلندري ڪاري، ڦٽو ڪاري، اوچتو ڪاري، حجامڙو ڪاري، پکار ڪاري، ڪاجهر ڪاري، ڪارڪ ڪاري، ونگو ڪاري، ٽنيي واري ڪاري، چارو ڪاري، جهوراند ڪاري، چنگلو ڪاري، ڪاٺي ڪاري، ڪنيراٽو ڪاري، ڦٽلاٽو ڪاري ۽ شيشا ڪاري.

انهن ڪارين مان بہ جام مڇي ماري ويندي آهي.

**(٧) درياءَ جا ڇوڙ:** سنڌو درياءَ هن وقت هڪ ئي وهڪري ۾ وهندو، ٺٽي کان گهٽو هيٺ ڏکڻ ۾ جدا جدا شاخن ۾ ورهائجي ويندو آهي. درياءَ جو هي دو-آبي وارو حصو آهي. هن حصي ۾ هر شاخ کي درياءَ جو ڇوڙ چوندا آهن. اهي ڇوڙ 'ڪاري چاڙ' ، 'سوکي' ۽ ٻين هنڌن وٽ سمنڊ ۾ ڪرندا/ڇٽندا آهن؛ انهيءَ کي 'چاڙ' يعني 'ڪرڻ' سڏيندا آهن. هن وقت درياءَ جا ڇوڙ هي آهن:

اوچتو، ڦٽو، مُنٽي، مَل ۽ حجامڙو. (٢٩)

لاڙ ۾ شاهہ بندر سب ڊويزن ۾ لاڏيون، جاتي، سجاول ۽ ميرپور بٺوري طرف، ماجر واري علائقي ۾، ۽ بدين طرف ترائي، سيراٽيون ۽ گولاڙچيءَ کان هيٺ ڏکڻ طرف رڙيءَ واري پاسي، هيناهيون زمينون سُکي، ڪنهن بہ آباديءَ جي لائق نہ هونديون آهن، تنهن ڪري زميندار آب ڪلاٽيءَ

جي موسم ۾ اُنهن زمينن ۾ پاڻي پراڻي، ڇينار وارن ڏينهن ۾، اُن ۾ مڇيون وجهراڻي ڇڏيندا آهن. اها مڇي پهرين ته ٻچ جو ڪم ڏيندي آهي، ۽ پوءِ وڏي ٿي ويندي آهي.

**۸ - مڇيءَ جا قسم:** ماهرن مڇيءَ جا ٻه قسم بيان ڪيا آهن، اُهي آهن:

(الف) مٺي جي مڇي ۽ (ب) ڪاري جي مڇي. انهن ٻنهي قسمن کي وري اڳتي (i) ڇيلري يعني ڇلرن واري مڇي ۽ (ii) ليئي يعني بنا ڇلرن واري، قسمن ۾ ورهايو ويو آهي. لاڙ ۾ مڇيءَ جا اِهي ٻئي قسم (مٺي واري مڇي ۽ ڪاري جي مڇي) ماريا ويندا آهن. هرهڪ قسم واريءَ مڇيءَ جون ڪيتريون ئي ذاتيون آهن، جن مان ڪي هي آهن:

(الف) **(i) مٺي جي ڇيلري مڇي:** پلو (۳۰)، ڏنيرو، ڪُرڙو، موراڪي، ٿيري، سِرڻو، پوپري، گندڻ، مُنڍي ۽ گهانگهٽ.

**(ii) مٺي پاڻيءَ جي ليئي (بنا ڇلرن واري مڇي) (۳۱):** هن قسم واريءَ مڇيءَ جون ذاتيون هي آهن:

ٻرڪو، ڪڳو، رڙو، ڦاٻٽو، ڏنگٽو، لوهڙ، بوهڻ، سينگاري، گوج ۽ ڇڄا.

**(ب) ڪاري (سمنڊ) جي مڇي:** ڪاري جي مڇيءَ جون به ڪيتريون ئي ذاتيون آهن، جن کي ڇيلري ۽ ليئي قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. ڪاري جي مڇيءَ جون ذاتيون هي آهن:

پٽون، ڦاٽو، گور، سُرماڻي، ڪَڪاڻ، ڪارگان، سيراڻي، موري، ڦاڙهه، ڪسي، ڏنڊئو، موئي، ڦٽي، ڇاهِلَ، حجام، گولي، پٽڻ، منگر، مينگهر، ڏانگهري، ڏاهي، دوٿر، لوجري، دانر، ڏڏرڙو ۽ جهينگا.

**۹ - مڇي مارڻ جا سنڌ:** مهاڻا مڇي مارڻ لاءِ ڪيترائي سنڌ ڪم آڻيندا آهن. اُنهن سنڌن جا به ڪيترائي قسم آهن. اُنهن مان مٺي پاڻيءَ يعني درياءَ، ڍنڍن، ڍورن، واهن، ڪڙهين ۽ ڇنڍٽين مان مڇي مارڻ جا سنڌ الڳ آهن ته وري ڪاري يعني ڪارين ۽ سمنڊ مان مڇي مارڻ جا سنڌ جدا آهن. اُنهن مان عام سنڌ هي آهن:

**(الف) درياءَ، ڍنڍن، ڍورن، واهن ۽ ڇنڍٽين (مٺي پاڻيءَ) مان مڇي مارڻ جا سنڌ:** مٺي پاڻيءَ مان مڇي مارڻ جا سنڌ هي آهن:

پڪي، ڍڪ، دربند، لوڻڻ، راڇوڙ، گاڻو، ماٿي (مَٽُ) ماءُ، جهالرو، آر، ڇاري، ڇار، ٻن، ڇارو، ڪُنڍي، نڙو، ڇيپري ۽ پٽرو.

**(ب) ڪاري (سمنڊ) مان مڇي مارڻ جا سنڌ:** ڪاري (سمنڊ) مان مڇي مارڻ لاءِ مُهاڻا ڇارَ ۽ ڇاريون ڪم آڻيندا آهن، جن کي سمنڊ ۾ (خاص انداز سان) اُڇلائي هو (مهاڻا) مڇي ماريندا آهن.

موتي جي مهراڻ جا، تن جا طاماعو،
ساموندي سانو، لنڪا لوڀي آنيا.

**١١ - ماهي ثقافت جون اهم ڳالهيون:** ماهي ثقافت جي اهم ڳالهين ۽ نقطن کي هيٺين ذيلي موضوعن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

(i) مڇيءَ کي اهميت ڇو آهي؟ (ii) اقتصادي ۽ ناڻي واري حالت ۾ سکي جيوت جو سهارو هجڻ، (iii) مڇي، سلامتي ۽ برڪت جي علامت آهي، (iv) ماڻهن جي نفسيات، رهڻي ڪهڻي، لباس، شڪل شبيه ۽ اخلاق، (v) ڪرياڪرم ۽ سکائون پاکائون، (vi) مڇي، عام خوراڪ هجڻ جي ڪري اُن جو ماڻهن جي صحت تي ۽ عادتن تي اثر، (vii) مڇي مارڻ کان سواءِ ٻيا ڌنڌا، (viii) مڇيءَ مان تيار ٿيندر طعام، (ix) ماهي ثقافت ۾ رائج ٻولي. انهن مان هر موضوع تي هيٺ بحث ڪجي ٿو:

**(i) مڇيءَ کي اهميت ڇو آهي؟** مڇي دنيا جي هر ملڪ ۽ هر قوم جي ماڻهن لاءِ نه فقط سندن روزانه زندگي، سندن روزگار ۽ گذران لاءِ اهم وسيلو رهي آهي، پر سنڌ جي ماڻهن لاءِ عموماً ۽ لاڙ جي ماڻهن لاءِ خصوصاً، مڇي سندن جيوت ۾ خوش رهڻ ۽ سُکي رهڻ لاءِ ضروري سمجهي وئي آهي.

مڇيءَ کي طاقتور غذا طور به ڪاڏو ويندو آهي. مڇي، سماجي زندگيءَ جي معيار ماپڻ جو ماپو يا ايڪو به آهي. "مڇيءَ مانيءَ وارو هجڻ" ، سنڌ ۾ ڪنهن ماڻهوءَ يا ڪٽنب جي هوند واري هجڻ، يعني سکئي هجڻ جي ماپي يا معيار جي نشانيءَ لاءِ هڪ عام پهاڪو آهي. اِن پهاڪي جو مطلب اِهو آهي ته فلاڻو سکيو ستابو آهي؛ هو مالي طرح پنهنجيءَ پهچ وارو آهي؛ جيڪڏهن دولت جي فراواني وٽس ڪانهي، تڏهن به هو مالي طرح خوشحال آهي، ۽ مالي طرح ڪنهن جو محتاج ڪونهي.

مڇي نه فقط ڪنهن ماڻهوءَ جي مالي حالت جي معيار کي پرکڻ لاءِ هڪ وسيلو يا ماپو سمجهي ويندي آهي پر اِها (مڇي) ماڻهن جي روزانه زندگيءَ، اُٿڻي ويهڻيءَ، سندن نفسياتي ڪيفيتن، مذهبي سوچ ۽ فڪر کان سواءِ، ماڻهن جي ڪردار، سماجي قدرن، ڪريا ڪرمن، سنسن ۽ پرمن کان سواءِ علامت طور، "ماهي ثقافت" جي مطالعي ۾ گهڻي مددگار ثابت ٿي آهي.

**(ii) اقتصادي ۽ ناڻي واري حالت ۾ سکي جيوت گذارڻ جو سهارو:** مهاڻا رات ڏينهن پورهيو ڪن، پر ڪين جيڪي ڪجهه هڻ حاصل ٿئي ٿو، سو سندن رهائش ۽ روزانه زندگيءَ مان ظاهر آهي. هو هميشه درياءَ جي نيڪيدارن، ڍنڍن جي مالڪن ۽ تلائن جي ڌڻين توڙي ميائين تي موجود واپارين جا محتاج ۽ ڪاڻائتا رهندا آهن. محنت ڪن مهاڻا، پر ڪٽيو ڪائين نيڪيدار ۽ مقاطعيدار! لطيف سائينءَ، سندن (مهاڻن) انهيءَ حالت کي جن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي، اُهي هي آهن:

مـــون اُڌارئــا مـــڇـــڙا، الله گـــهـــاتـــو آڻ،
مـيان مـدارن سين، منکي قـادر وِجهـ مَ ڪاڻ،
هَـٿَ مـنـهـنـجـي هـاڻ، قـــدر لـڌو جـن ري.

حڪومت طرفان، مڇي مارڻ ۽ وڪڻڻ جا، هر سال اربين روپين جا ٺيڪا ۽ مقاطعا نيلام ڪيا ويندا آهن. مڇيءَ جي پيداوار نـ صرف موجوده وقت توجهـ جو مرڪز بڻي آهي، پر گذريل زماني ۾ هت آيل سياحن ۽ اقتصاديات ۽ تجارت جي ماهرن جي بيانن مان خبر پوي ٿي تـ لاڙ جون ڍنڍيون ۽ ڍورا، درياءَ جون ڪنڌيون ۽ ڪـھريون، ٻيٽ ۽ سامونڊي ساحل، سنڌ ۾ مڇيءَ جي پيداوار لاءِ وڏا مرڪز هوندا هئا." (٣٦)

لاڙ مان ماريل مڇي، ٻيڙين ۽ واهڻن ذريعي، ويجهن شهرن ۽ وستين ڏانهن اُماڻي ويندي آهي. (٣٧) اُن کان سواءِ سامونڊي مڇيءَ کي لوڻي، سُڪائي، ديبل ۾ بند ڪري ڏيساور بـ موڪليو ويندو هو(٣٨). انهيءَ واپار ۾ ايرانين، عربن ۽ زنجبار جي واپارين، ميمڻن ۽ خواجهـ قوم وارن جو وڏو هٿ هوندو هو.(٣٩). مڇيءَ جو واپار سمن، ارغونن، مغلن، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي ڏينهن ۾ بـ زور هوندو هو(٤٠). انگريزن جي زماني ۾ سڪل مڇي ڪڇ، گجرات ۽ مسقط موڪلي ويندي هئي(٤١). ايتڪن جو چوڻ آهي تـ جرڪن جا ڪنهڙ سڪائي، ٻين ملڪن ڏانهن موڪليا ويندا هئا(٤٢). اهڙيءَ طرح ورهاڱي کان اڳ جهينگن جون کلون، ڳوٺين ۾ بند ڪري، ڪوچين ۽ ملبار ڏانهن موڪليون ويندون هيون(٤٣).

اڄ بـ مڇيءَ جو اربين روپين جو واپار هلي ٿو. نار وارن ملڪن کان سواءِ، هتان جپان تائين مڇي ديبن ۾ بند ڪري موڪلي ويندي آهي ۽ چڱو غيرملڪي ناڻو ڪمايو ويندو آهي. مڇيءَ جو تيل سُڪل سنڌن جي مالش لاءِ بـ ڪم ايندو آهي. مڇيءَ مان تيل پڻ ڪڍيو ويندو آهي، جيڪو ٻيڙين ۽ واهڻن جي ترن کي مکڻ ۽ ٻارڻ طور پڻ ڪم آندو ويندو آهي.

مطلب تـ مڇي مهاڻن، مڇيءَ جي واپارين، ٺيڪيدارن کان سواءِ مياڻين تي ڪم ڪندڙ مزدورن ۽ ملڪ جي مالي ترقيءَ ۾ مددگار رهي آهي ۽ اقتصادي طرح هن جي پيداوار مان ملڪ کي بـ وڏو فائدو حاصل ٿيندو آهي.

**(iii) مڇي سک سلامتي ۽ برڪت جي علامت آهي:** (الف) سنڌ جا ماڻهو مڇيءَ کي روزيءَ ۽ رزق ۾ برڪت ۽ واڌاري آڻڻ جي علامت سمجهندا آهن(٤٤). سنڌ ۾ مڇيءَ کي لڇمي يعني دولت جو اُهڃاڻ ۽ علامت بـ سمجهيو ويندو آهي. آثار قديمـ جي ماهرن جي راءِ ۾، موهن جي دڙي مان لڌل مُهرن ۾، مڇيءَ جو چِٽ (شڪل) بـ اُڪريل آهي. هنن جي راءِ موجب موهن جي دڙي جا رهاڪو مڇيءَ لاءِ 'مينِ' لفظ استعمال ڪندا هئا. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر پربولا پنهنجي تحقيقي مقالي ۾

لکي ٿو تہ: "مينَ جي معنيٰ روشني پڻ آهي. روشني سک، روزيءَ، رزق ۾ برڪت، ترقيءَ، مالي واڌاري توڙي مالي طور سکئي ۽ خوشحال هجڻ جي علامت آهي(۴۵). لاڙ ۾ هڪ چوتي آهي تہ: "مِين تي وسي"، يعني دولت يا ڌن جي روشني پيئي چمڪي. لاڙ وارن جي ڏند ڪٿا موجب هيءُ اُها روشني آهي جيڪا ڌن دولت ۽ مايا جو ڏس ڏيندي آهي، يا مايا لاءِ بشارت آڻيندي آهي(۴٦).

(ب) مڇيءَ کي سنڌو-ماٿر جي قديم زبان ۾ 'مينَ' (Min) بہ سڏيو ويندو هو. اهڙو ثبوت سنڌ جي لوڪ ادب مان بہ ملي ٿو. سنڌي لوڪ ادب ۾ اڄ بہ (تشبيه طور) 'مِين' لفظ، مڇيءَ جي تشبيه لاءِ ڪم آڻيندا آهن. سنڌي لوڪ ادب جي مشهور فاضل، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي صاحب هن سلسلي ۾ مون کي بہ بيت لکايا هئا. انهن ٻنهي بيتن ۾ مڇيءَ کي 'مِين' سڏيو ويو آهي، ۽ مينَ لفظ کي تشبيه طور محبوب جي 'وات' ۽ 'چپن' سان ڀيٽيو ويو آهي. مثال طور:

دِهَن مينَ مُلا چئي، هَس چپتي جهڙي چينَ (چيلهہ)

هن بيت ۾ دِهن جي معنيٰ آهي وات؛ يعني محبوب جو وات، مڇيءَ جي وات جهڙو ننڍڙو آهي.

ٻيو مثال ڏسو:

ڏند موتي چَپَ مينَ، آهو عين عجيب جا.

يعني محبوب جا ڏند موتين جهڙا سهڻا، چپ مڇيءَ جي چپن جهڙا باريڪ ۽ سنها ۽ هرڻ جي اکين جهڙيون سهڻيون اکيون(۴۷).

(ت) 'مِين' لفظ جي پنيان شهرن ۽ وستين جا نالا بہ ملن ٿا. انهن شهرن مان 'ننگر ٺٽو' هڪ مشهور شهر آهي. مسٽر هيگ جي خيال موجب ٺٽي جو اصلوڪو نالو 'ميناننگرا' هوندو هو(۴۸). ڊاڪٽر سورلي هن سلسلي ۾ لکي ٿو تہ:

"پيريپلس (Periplus)، واديءِ سنڌ جي ڏاکڻين حصي جو جيڪو نقشو ڏنو آهي، اُن ۾ سنڌو-درياءَ جي دو-آبي واري حصي ۾ 'ميناننگر' (Mina- Nagar) نالي هڪ بستيءَ جي نشاندهي ڪئي اٿس. مينَ، دراصل سيرائي قبيلي جو هڪ پاڙو آهي." (۴۹).

ڪاڪو ڀيرومل لکي ٿو تہ:

"هتي (ٺٽي ۾) ڪنهن زماني ۾ مهاڻا رهندا هئا، جي مڇي مارڻ کان سواءِ پتڻ بہ اُڪاريندا هئا. اُها ٺٽ (ٺٽ معنيٰ آهي ڪنهن واهہ يا درياءَ وٽ ٻڌل گهوٽ، جنان پتڻ اُڪري پار پهچجي)، ننگر نالي مهاڻي جي سڏبي هئي." (۵۰).

(ث) ڊاڪٽر ٺڪر، مڇيءَ ۽ ڪنول جي گل کي روزيءَ ۽ رزق ۾ برڪت ۽ مالي طور سکئي هجڻ واري علامت سان نسبت ڏني آهي. هو لکي ٿو تہ:

"سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ کي جَل يعني 'اَمرت' ۽ ڏيئي جي جوت کي 'نور' جي علامت

سمجهي، سنڌ ۾ انهن جي پوڄا ڪئي ويندي آهي. گهڻو زمانو اڳ، جل ديوتا جو انسان جي روپ ۾ ظهور ٿيو. اُن جو اهو ظهور، خواجہ خضر/ زندھ پير/ درياءَ پير يعني شري اُڏيري لال جي جامي، شڪل ۽ صورت ۾ نظر آيو. مسلمانن اُن کي خواجہ خضر، يعني 'زنده پير' ۽ هندن اُن کي 'درياءَ پير' يعني 'اُڏيرو لال' نالو ڏنو." (٥١)

سنڌ جي ماڻهن جو اهو عقيدو آهي تہ درياءَ پير، مڇيءَ تي سوار ٿي (يعني مڇيءَ تي چڙهي)، ڪنول جي گلن سان سٽيل پاڻيءَ تي ترندو آهي. شايد درياءَ پير جو مڇيءَ تي سواري ڪرڻ ۽ ڪنول جي گلن سان سٽيل پاڻيءَ مٿان ترڻ واري علامت جي ڪري ئي، سنڌي تهذيب ۾ ڪنول جي گلن ۽ مڇيءَ کي روزيءَ ۽ رزق ۾ برڪت ۽ واڌاري ۽ ترقي لاءِ سنو سڳڻ يا علامت سمجهيو ويندو آهي.

(د) مڇيءَ کي سنڌي تهذيب ۾ 'وڏي حياتي' (Longetivity) جي لاءِ اُهڃاڻ ۽ سڳڻ (علامت) سمجهيو ويندو آهي. مڇيءَ جو واسطو 'درياءَ پنٿي' ماڻهن جي ڪرياڪرمن سان پڻ آهي، پر چاڪاڻ تہ مڇي 'لال' يعني 'درياءَ پير' جي واهڻ يعني Vehicle جي علامت آهي، اُن ڪري اُڏيري لال جي ميلي ۽ هندن جي جاڻ واري موقعي تي ۽ اُنهن ڏينهن ۾، درگاهہ جي آسپاس 'رتوچاڻ'، يعني جانورن کي ڪُهڻ، ۽ مڇيءَ، پکيءَ ۽ جانورن جي گوشت جي واهپي جي اجازت ڪانہ هوندي آهي. اهو پڻ ڏٺو ويو آهي تہ درياءَ پير جي ميلي وارن ڏينهن ۾، ٽن ڏينهن تائين مُهاڻا مڇي مارڻ لاءِ بہ ڪونہ پهرن (وڃن).

(ر) لاڙ ۾ مڇيءَ جو هڪ طعام، يعني پيلي رنگ جو (هندو) پلاءُ آهي، يعني مڇيءَ جا پيلا چانور، جنهن کي عام طور 'مڇيءَ جو پت' چوندا آهن. مڇيءَ جو اِهو پت لاڙ وارا، خاص ڪري خواجہ جماعت وارا، سڀاڳ (سني ڀاڳ) ۽ برڪت جو اُهڃاڻ سمجهندا آهن. لاڙ ۾ جڏهن ڪنهن گهر ۾ ڪو مهمان ايندو آهي تہ اُن مهمان جي آءُ ڀڳت، مڇيءَ جي پت، يعني پيلي رنگ جي پلاءُ سان ڪئي ويندي آهي. نياڻين سياڻين جي آڌر ڀاءُ ۾ پيلي رنگ جو اِهو پُلاءُ ضرور پچايو ويندو آهي. اها سني سڳڻ جي علامت آهي. ڪنهن نئين ڪاروبار جي شروع ڪرڻ واري ڏينهن بہ نياڻين سياڻين ۽ عزيزن قريبن، مسڪينن ۽ فقيرن ۾، مڇيءَ جو پيلو پلاءُ تبرڪ طور ورهايو ويندو آهي. اهو پيلو پلاءُ نيڪ بختيءَ، نئين زندگيءَ، ڏنڌي ۽ واپار ۾ ڪاميابيءَ جي سڳڻ لاءِ نذر ۽ نياز طور پڻ ورهائبو آهي.

خواجہ جماعت ۾، گهڻو ڪري سڄيءَ دنيا ۾، شادي ۽ وهانءَ جي موقعي تي، گهوٽ توڙي ڪنوار جي ونواهہ واريءَ رات، گهر ۾ مڇيءَ جو پيلو پلاءُ پچايو ويندو آهي. گهوٽ ۽ ڪنوار جي گهران، مڇيءَ جو پيلو پلاءُ، هڪ ٻئي کي سڪ، سڀاڳ، جوڙي جي نيڪ بختي ۽ نيڪ تمنائن ۽

ڪامياب زندگيءَ لاءِ سؤڻ سمجهي موڪليندا آهن. اهو رواج لاڙ ۾ اڄ بہ رائج آهي.

**(س) پلو تہ برڪت جي اهم علامت آهي:** سنڌي ماڻهن جي نظر ۾ پلي کي تہ روزيءَ ۽ رزق ۾ برڪت آڻڻ لاءِ اهم علامت سمجهيو ويندو آهي. سنڌ ۾ درياءَ پير جو احترام، زيارت ۽ جاتڙ، هندن توڙي مسلمانن ۾، خاص ڪري مهاڻن، ميربحرن، ناڪوئن ۽ درياءَ تي رهندڙن يا دريائي جيوت سان وهنوار رکندڙ قومن ۽ جاتين ۾ عام آهي.

سنڌ جا هندو، پوءِ چاهي اُهي دنيا جي ڪهڙيءَ بہ ڪُنڊ ۾ وڃي آباد ٿيا هجن، سنڌي مهيني يعني چيٽي چنڊ جي موقعي تي، اُڏيري لال جي آستان تي حاضر ٿي، اچي ميلو لڳائيندا آهن. هو اُتي موجود کوهہ جي پاڻيءَ کي 'جل' يعني 'اَمرت' جهڙو احترام ڏيندا آهن، ۽ اُن جي پوڄا ڪندا آهن. 'اَمرت' کان سواءِ هو 'لال جي ڀُهراڻي' واريءَ 'جوت' جي بہ پوڄا ڪندا آهن. هن پوڄا کي هو 'جاتڙ' يعني 'ياترا' جو درجو ڏيندا آهن. سنڌي هندن ۾ اها 'جاتڙ' وڏي عظمت واري سمجهي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح هو سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ جي بہ پوڄا ڪندا آهن. سنڌ جا هندو، سنڌونديءَ کي پوتر ندي سمجهندا آهن. اڄ بہ ڀارت ۾ ٻين هنڌ رهندڙ سنڌين مان ڪن اها وصيت ڪئي هئي/آهي تہ سندن مرتئي کان پوءِ، سندن رک، سنڌو درياءَ ۾ سرن ڪئي وڃي.

پلي مارڻ جي موسم ايندي ئي مهاڻا جڏهن پلي مارڻ لاءِ درياءَ ۾ پهريون ڄار وجهندا آهن، تڏهن اُن پيري ۾ جيڪي بہ پلا مرندا آهن، مهاڻن جو چڱو مڙس يا مياڻ جو وڏو، اُنهن پلن مان پنج پلا يا پلن جون ٻہ ٻہ هاريون(٥٢) پنهنجي ڳوٺ جي وڏيري توڙي پاسي وارن ڳوٺن جي وڏيرن يا چڱن مڙسن وٽ، سندن حويلين تي، 'سال جي نئين مُنڊ' يا 'سال جي نئين وَٽ' يا سال جي نئين سوکڙيءَ طور کڻي ويندا آهن. سال جي انهيءَ نئين مُنڊ، نئين وَٽَ يا نئين سوکڙيءَ کي ڳوٺ جو وڏيرو پنهنجي رزق ۽ روزيءَ ۾ برڪت، پنهنجي مال ۽ اولاد جي سک، آرام، ترقيءَ ۽ واڌاري، ۽ سڄي سال لاءِ سٺي سؤڻ، سڀاڳ، دعائن ۽ مهاڻي طرفان نيڪ تمنائن جي علامت سمجهي قبول ڪندو آهي. اهو وڏيرو پوءِ، انهيءَ سوکڙيءَ آڻيندڙ مهاڻي کي اُن جي عيوض، انعامن اڪرامن سان نوازيندو آهي. ڪيس سندس خوراڪ لاءِ اناج (ساريون، چانور، ڪڻڪ ۽ ٻاجهري) کان سواءِ روڪڙي رقم بہ ڏيئي، خوش ڪندو آهي. مطلب تہ وڏيرو پنهنجي حيثيت ۽ شان مطابق، نئين وَٽَ آڻيندڙ مهاڻي کي ڏئي ڇڏيندو آهي. انهيءَ موضوع تي محترم علي بابا جي لکيل ۽ PTV تي نشر ٿيل ڊرامي 'دنگي منجهہ درياءَ' ۾، سال جي نئين پلي کي، نئين سال جي سوکڙي ۽ برڪت واريءَ علامت طور پيش ڪرڻ وارو منظر، منهنجي هن دعوا کي سچو ثابت ڪري ٿو.

**(ش) پلو درياءَ پير/خواجہ خضر جو سلام پرپندو آهي:** درياءَ پير (اڏيري لال) جو آستان، اڏيري لال وٽ آهي تہ خواجہ خضر جي درگاهہ روهڙيءَ وٽ درياءَ جي وچ ۾ آهي. سنڌ ۾ اها سوچ عام آهي تہ پلو ڪوٽڙي بئراج جي نهڻ کان اڳ، درياءَ پير/خواجہ خضر جي زيارت يا خواجہ خضر جي درگاه جي سلام پرڻ لاءِ، درياءَ جي تک کي چيري، پنهنجي طاقت سان اوپارو تري، روهڙيءَ وٽ، پير جي درگاهہ جي ديوار سان پنهنجو مُنهن رگڙي، نک گسائي، سلام پري، پوءِ واپس موٽندو هو. جيڪو پلو سلام پرڻ ۾ ڪامياب ٿيندو هو، اُن جو منهن ڳاڙهاڻ تي مائل هوندو هو.

ڪوٽڙي بئراج جي نهڻ کان پوءِ، آب ڪلاٽيءَ جي موسم ۾، جڏهن بئراج جا در مٿي ڪنيل هوندا آهن، تڏهن پلا، درياءَ پير جي زيارت لاءِ، بئراج جي درن مان نڪري، اوپارا ويندا آهن ۽ اُنهن مان ڪي مهاڻن جي ور نہ چڙهندا آهن ۽ وڃي پير جي زيارت ڪندا آهن، پر اڪثر ڪري، مهاڻن جا وڇايل پَنَ ۽ ڄار، اُنهن کي اڳتي وڃڻ کان روڪيندا آهن، جو تہ اُهي درياءَ جي ٻنهي ڪنارن تائين پکڙيل هوندا آهن.

**(ص) ٻهہ، لوڙهہ ۽ پابوڙا بہ سوکڙيءَ طور ڏنا ويندا آهن:** پلي کان سواءِ ڪُرڙو مڇي، ٻهہ، لوڙهيون، پابوڙا، ڪُم ۽ پوراني بہ ماهي ثقافت ۾، سوکڙيءَ طور موڪلي ويندي آهي. سمن جي دور ۾ ماموئي فقيرن جي چيل بيتن مان هڪ بيت ۾ اهڙي شاهدي ملي ٿي؛ مثلاً:

هـــاڪَ وهـــنـــدو هـــاڪـــڙو، پـــڄـــنـــدي ٻـــنـــڌ اروڙ،
ٻـــهـــہ، مـــڇـــي ۽ لـــوڙهـــہ، ســـمـــي ويـــنـــدي ســـوکـــڙي.

يعني تہ اُن وقت جي سمن حاڪمن کي بہ، ٻهہ، مڇي ۽ لوڙهہ سوکڙيءَ طور موڪلڻ جو رواج عام هوندو هو. اڄ بہ "ماهي ثقافت" جي انهن خوبين کي جاري رکيو ويو آهي. ڍنڍن جا رهاڪو ۽ درياءَ تي آباد مهاڻا ۽ زميندار، پنهنجن عزيزن، دوستن ۽ راڄن جي چڱن مڙسن کي ٻِهہ، مڇي، لوڙهہ، ڪُم، پابوڙا ۽ پوراني سوکڙيءَ طور موڪليندا آهن.

شاهہ لطيف بہ سُرڪاموڏ ۾، نئين منڊ جي سوکڙيءَ طور سمي حاڪم ڄام تماچيءَ کي، نوري نمائيءَ طرفان 'پابوڙو' پيش ڪرڻ واري منظر جو نقشو هيٺئن چٽيو آهي:

پـــابـــوڙو پـــيـــش ڪـــيـــو، نـــئـــون نـــوريءَ نـــيـــئـــي،
حـــاضـــر هـــيـــون هـــڪـــيـــون، ســـمـــيـــون ســـيـــئـــي.

**(١٧) ماڇين جي نفسيات، سندن رهڻي ڪهڻي، لباس، شڪل شبيهہ ۽ اخلاق:**

(الف) ماڇين جي نفسيات گيرب ۽ گاءِ: لاڙ جا ماڇو ڏاڍا سادا، سٻاجهڙا ۽ صبر وارا ٿيندا آهن. گيرب ۽ گاءِ انهن جي نفسيات ۾ شامل هوندو آهي. وير وروڌ رکڻ، هنن جي فطرت ۾ ئي نہ آهي. انهن ماڇين ۾ مهاڻا تہ ٻنهہ سادا، نهنا، نِوڙت پريا ۽ نماڻا ٿيندا آهن. هي ماڇو هٺ ۽ وڏائيءَ کان پري، صبر ڪندڙ، رب جي رضا تي راضي رهندڙ ۽ شڪر ڪندڙ هوندا آهن. جيڪي نصيب ۾

لڪيل هوندو، اُهو ني ملندو، اهوئي سندن نيم ۽ اصول آهي. نوري نمائيءَ جو نياز، نوڙت ۽ نماتائي، سنڌ وارن جي عموماً ۽ سنڌي عورت جي نفسيات جي خصوصاً علامت سمجهي ويندي آهي. اها خصوصيت مثالي خصوصيت طور پيش ڪئي ويندي آهي. شاهه لطيف مهاڻن جي انهيءَ نفسياتي خصوصيت لاءِ فرمائي ٿو:

مهاڻيءَ جي من ۾، نه گيرب نه گاءِ.

**(ب) بهادري ۽ همت:** مهاڻا ڏاڍا همت وارا ۽ بهادر ٿيندا آهن. درياءَ جي دهشت يا سمنڊ جي خطرناڪ طوفاني لهرن سان سدائين سندن مقابلو رهندو آهي. شاهه لطيف سر گهاتوءَ ۾ مهاڻن جي همت ۽ بهادريءَ جو ذڪر هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

گهورندي گهور پنا، اگهور گهوريائون،
ميڪر مارياڻون، ملاحن مُه سنرا.

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

جان گهڙندا گهاتوئا، تان رڇن ڏيو رڱ،
سڳائيون ۽ سڱ، ڪلاچيءَ ڪيرُ ڪري؟

سچل سرمست، مهاڻن کي 'گنيرا' يعني گڻن وارا ٿو سڏي.

ساوڻ جي موسم ۾، درياءَ تان لنگهندي، درياءَ جي دهشت ڏسندي، لنگهندڙن جون دليون ڌهلجي وينديون آهن، پر هي همت وارا ماڻهو، وچ درياءَ ۾، درياءَ جي سيرَ تي، ٻيڙين کي ونجهه سان انين بيهاريو بيٺا هوندا آهن جو انين پيو لڳندو آهي ته جڻ ٻيڙين کي بريڪ (Brake) لڳائي ڇڏي اٿن.

سنڌ جي ساموندين جي ونين ۽ وَهن وانگر، مهاڻيون به پنهنجن وَرَن جو اوسيئڙو ۽ انتظار ڪنديون آهن، جيڪي ٻيڙيون هاڪاري، اونهي اوڙاهه سمنڊ ۾، مڇي مارڻ لاءِ ويل هوندا آهن. اُنهن جي موٽي اچڻ ۾ وير ٿي وڃڻ ڪري ۽ گهڻا ڏينهن گذري وڃڻ ڪري، اُنهن جون وَهون هيئن ٿيون ورلاپ ڪن:

مون اُڏارئا مڇڙا، الله گهاتو آڻ،
ميان مُدارن سين، مُنکي قادر وجهه مَ ڪاڻ،
هَنئَ مُهجي هاڻ، قدر لڌو جن ري.

لطيف سائينءَ، 'سرگهاتوءَ' ۾، مهاڻين کي اوسيئڙو ۽ انتظار ڪندي، هيئن پيش ڪيو آهي:

اُپي اوسڙان اُس ۾، جهليو ڪُن ڪنار،
گهاتو گهر نه آئيا، وڏي لڳين وارَ،
هُيس جني هارَ، سي موڙي چڙهيا مڪڙا.

**(ت) تارن ۽ گرهن جي چڪرن ۽ ڦيرن جا ڄاڻو:** "ماهي ثقافت" وارا ماڻهو يعني مهاڻا، ميربحر ۽ جت، لاڙ جي هارين نارين وانگر، تارن ۽ گرهن جي مطالعي جي مدد سان، سامونڊي سفر تي اُسهندا آهن. هو آسمان ۾ رونما ٿيندڙ تارن ۽ گرهن جي ڦيرن جا نشان، اُهڃاڻ ۽ چَڪَر، آسانيءَ سان سهي طرح سڃاڻي وٺندا آهن، ۽ اُنهن جي باري ۾ اڳڪٿي ڪري سگهندا آهن. هو سيارن ۽ نکٽن جي اڀياس جي مدد سان هوائن، طوفانن، برساتن ۽ آسماني آفتن جو اندازو، اڳواٽ لڳائي وٺندا آهن. انهيءَ ڪري هو جڏهن اونهي مهاساگر ڏانهن، مڇيءَ جي شڪار جي سلسلي ۾ اُسهندا آهن، تڏهن موسم جي باري ۾ ڪين پوري ڄاڻ هوندي آهي. "ماهي ثقافت" ۾ هن علم ۽ اڀياس کي وڏي اهميت حاصل آهي.

**(ث) ماهي ثقافت جي رهڻي ڪهڻي:** مهاڻا اڪثر درياءَ، ڍنڍن ڍورن ۽ واهن جي ڪنڌين تي رهن. موجوده وقت بہ مهاڻن جون اڪثر ذاتيون ۽ پاڙا، سنڌو درياءَ ۽ منڇر ڍنڍ تي پنهنجون ٻيڙيون رهائشي گهرن طور ڪم آڻين. انهن ٻيڙين ۾ هو گهرو استعمال جو سڀ سامان جهڙوڪ: ٿِن جا برتن، هنڌ بسترا، ڪنڙن ۽ ٻيو سامان ساڻ ڪُڻن. ماهرن جي رپورٽن مان موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي تهذيب ۽ تمدن مان اهڙا بہ ثبوت مليا آهن، جن مان ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌو تهذيب جا رهاڪو، اُن زماني ۾ بہ ٻيڙين تي رهندا هئا. گويا ٻيڙيون سندن (مهاڻن جون) 'ترندڙ-گهر' (Floating Houses) هونديون هيون. (۵۳)

اڄ بہ سنڌو درياءَ تي رهندڙ مهاڻا، ميانواليءَ کان وٺي هيٺ سنڌو درياءَ جي ٻه-آبي تائين، اهڙين گهرن نما ٻيڙين تي رهندا آهن. اِهي ٻيڙيون جيئن مٿي چيو ويو آهي تہ سندن 'ترندڙ گهر' (Floating Houses) آهن. انهن گهرن ۾ سندن سارو مال متاع هو پاڻ سان گڏ ڪٽي درياءَ تي گذاريندا آهن. اُن مال متاع ۾ سندن ٿانو ٿپا، هنڌ بسترا، ڪتون، ڪپڙا لٽا، ٿڏا ٿنونريون، پنسو پنجڙ، زيور زٽ، پکي ۽ پسون وغيره شامل هوندا آهن. اِهائي سندن ملڪيت آهي، ۽ اِهوئي سندن زندگيءَ جو سرمايو آهي. هو رهن ٻيڙين تي؛ سندن شاديون مراديون بہ ٻيڙين تي ٿين؛ ٻار ٻچا بہ ٻيڙين تي ڄڻين؛ اُنهن کي ٻيڙين تي ئي نپائين، ۽ اهڙيءَ طرح اهي ٻار وڏا بہ ٻيڙين تي ئي ٿين.

اِن سلسلي ۾ ڊاڪٽر هبريمان لکي ٿو تہ:

"اسان کي 'ناؤنگر' (Boat dwellings) جا بہ حوالا ملن ٿا. اِهي ڳوٺ يا بستيون، يا اِهي 'ناؤنگر'، ٻيڙين تي ٺهيل گهرن تي مشتمل هوندا هئا. هن مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ ٻيڙين تي مشتمل گهرن يعني ٻيڙين- نما گهرن تي مشتمل ڳوٺن يا ناؤنگرن ۾ رهندڙ ماڻهو، هوشيار مهاڻا، ناکونا ۽ ملاح هوندا هئا، جيڪي انهن ٻيڙين کي پنهنجي روزگار لاءِ بہ ڪم آڻيندا هئا. ناؤنگرن يا ٻيڙين وارين بستين ۾ مهاڻن جي وڏي آبادي رهندي هئي. سندن چڱي مڙس يا

سردار جو لقب 'شمپوَ' (Shambhave) هوندو هو. هن (شمپو) جا ڪيترائي قلعا، ڪوٽ ۽ ٻيڙين تي وڏيون بستيون ۽ وڏا وڏا ڳوٺ هوندا هئا." (٥٤)

ناؤنگرن کان سواءِ مهاڻن جا درياءَ، ڍنڍن ۽ ڍورن جي ڪنڌين ۽ ڪپرن تي بہ ڪکاوان جهوپڙا، گهر ۽ ڳوٺ هوندا آهن. هو سڄو ڏينهن ٻيڙين تي پاڻيءَ ۾ ترڳن، پر شام جو اُنهن جهوپڙين ۾ موٽي اچن. ساموندي گهاتو تہ هفتن جا هفتا سمنڊ تي پنهنجن ٻيڙين تي گهارين ۽ مڇيءَ جو شڪار ڪن.

مهاڻن جا ڳوٺ سندن ئي ڪٽنب قبيلي جي ماڻهن تي مشتمل هوندا آهن. ڪنهن بہ ڌاريءَ کي هو پنهنجي ڳوٺ ۾ گهر اڏڻ ڪونہ ڏين. سندن ڪکاوان جهوپڙا يا گهر مٽانهن هنڌن، پٽن ۽ واهن جي ڪنڌين تي هوندا آهن. ڪن جا گهر ٻانڌ جا بہ ٺهيل هوندا آهن. ٻن ٿوڻين تي جهوپڙو اڏي، اُن جون پٽيون ۽ ڇت بہ ڪکن جي ٺاهين، البت ٻانڌ جا گهر مضبوط ۽ ديرپا هوندا آهن.' (٥٥).

مهاڻن جي جهوپڙين وٽان لنگهبو تہ مڇيءَ جي ڪِڪَ جي ڪکي ڇٽ پيئي ايندي. مڇي بازار وٽ تہ مڇيءَ جي ڪِڪَ جي ڇِٽ کان ماڻهو بيهي بہ نہ سگهندو آهي. اها بوءِ يا ڇَٽ مهاڻن کي ئي سيبندي آهي. لطيف سائينءَ فرمايو آهي:

ڪکيءَ هاڻيون ڪاريون، ڇيڇيءَ هاٿا ڇَڄَ،
سمي سيئي سيڻ ڪيا، هيٺا جني جا هڏ.

پر جڏهن مهاڻا پنهنجا اُهي ماڳ ۽ مڪان، مياڻيون ۽ مڏيون ڇڏي، ڪنهن ٻئي هنڌ هليا ويندا آهن، تڏهن اُهي ناڻا ۽ نڪاڻا ويران ٿي ويندا آهن. پوءِ اُتي نڪا ڇِلرن جي ڇِٽ هوندي آهي، نڪا ڪکيءَ جي بوءِ! اهڙي منظر کي لطيف سرڪار هيٺئن ٿو بيان ڪري:

نڪا بوءِ بازار ۾، نڪا ڇلرن ڇَٽَ،
سي پڙ پسڻو پٽ، ماڙهو وڃن موٽيا.

سچل سرمست بہ مهاڻن جي رهڻي ڪهڻيءَ جي باري ۾ منظر ڪشي ڪئي آهي. سچل بہ پنهنجي ڪلام ۾ ماهي ثقافت ۽ مهاڻن واري معاشري جو منظر چٽيو آهي. سچل بہ هنن لاءِ اگلاسگلا، مڇيءَ هاٿا، ڇيڇيءَ ڇَٽَ جهڙا لفظ ۽ فقرا ڪم آڻي، مهاڻن جي سماجي زندگي ۽ "ماهي ثقافت" جو ذڪر ڪيو آهي. سچل فرمائي ٿو:

ڇيڇيءَ جي هُني ڇَٽَ، ٿي آئي عام خلق کي.

مهاڻا رات ڏينهن مڇي مارڻ واري ڪرت ڪن ۽ پنهنجي روزگار لاءِ سڄو ڏينهن اُگهاڙين پنين سان ٻيڙين تي گذارين. البت سياري ۾ قميص يا صدري پائين. ڏُن کان هيٺ سياري توڙي اونهاري گوڏن تائين گوڏ ٻڌن يا لانگ ڍڪين، جنهن جو پلاند هڪ طرف وڏائي ڇڏين. ڪڏهن ڪڏهن پلاند جو اهو ڇيڙو، لانگ هينان لنگهائي، پنيان چيلهہ تي ٻڌل وَرَ ۾ هٽي ڇڏين، بلڪل ائين جيئن ملبار جي

ڪناري وارا ماٺهو ڪندا آهن. اهي ماٺهو (لاڙ جا مهاڻا) ڪرناٽڪا ۽ تامل ناڊ جي ڏاکڻين حصي ۾ رهندڙ ماڻهن جهڙا لڳندا آهن. مون تامل ناڊو جي اُنملائي نگر واري علائقي ۾ ڳوٺن ۾ رهندڙ ماڻهن کي ڏسي ائين محسوس ڪيو ته هنن جو لباس، بلڪل لاڙ ۾ رهندڙ مهاڻن جي لباس جهڙو آهي.

جيئن ته هنن (مهاڻن) جو گذر ۽ واهپو آهي پاڻيءَ سان، تنهنڪري مُهاڻا جُتي به ورلي پائين. اها به تڏهن پائين جڏهن ڪنهن ميلي ملاکڙي تي ويندا آهن، يا درياء پير جي جاتَ لاءِ يا پير جي سکا پاکا لاهڻ لاءِ وڃن.

مهاڻن جون زائفائون عام طور چولو پائين ۽ سُٿڻيون ڍڪين. مٿي تي پوتي پائين، جيڪا مٿي کان، پٺيءَ تي ڍاري ڇڏين. جسم جي اڳين حصي ۽ سيني کي پوتيءَ سان ڪونه ڍڪين؛ البت ماجر واري خطي جون گندريون ۽ ونگريون ڪپڙي لٽي پائڻ جون شوقين آهن.

**(ج) سندن مال ملڪيت:** اقتصادي حالتن جو ذڪر ڪندي اهو چيو ويو آهي ته مهاڻن کي هن دنيا مان ڪجهه به هٿ حاصل نٿو ٿئي. هو سدائين مسڪينيءَ واري حالت ۾ رهندا آهن. وٽن ڪاٻه ملڪيت، ڪوبه مال متاع ۽ ڪابه رقم بچت ۾ ڪانه هوندي آهي. رهڻي ڪهڻيءَ واري حصي ۾ سندن مڏيءَ جو تفصيل به ڏنو ويو آهي. سندن ملڪيت، سندن ٻيڙيون، ڄارا ۽ ڪارا هوندا آهن. سندن اها حالت هزارن سالن کان آهي. شاهه لطيف جي زماني ۾ به سندن ملڪيت ۽ سندن حالت اهڙي ئي هوندي هئي. لطيف سائين سندن حالت جن لفظن ۾ بيان ڪئي آهي، اُهي ملاحظ ڪريو:

ڄارا ۽ ڪارا، مال جن جو مڪڙيون،

يا

ڪاڄ جني جو ڪکيون، مال جني جا مڏ.

يا

ڪکيءَ هاٿيون ڪاريون، ڇڇيءَ هاٿا ڇَڄَ.

**(ح) شڪل شبيهه، مهانڊا ۽ آرڪاٺا:** مهاڻا عام طور شڪل شبيه جا ڪارا ۽ ڪوجها ٿيندا آهن. سڄو ڏينهن سج جي تپش ۽ ڪاڙهي ۾ رهڻ جي ڪري ۽ پاڻيءَ ۾ تڙڳڻ جي ڪري سندن چمڙيءَ جو رنگ ڪارو ٿي ويندو آهي. شاهه لطيف، سندن زائفائن جي شڪل شبيه جو بيان هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

ڪاريون، ڪوجهيون ڪُوَڙيون، مُنهن نه موچاريون.

سچل سرمست به مهاڻن کي منهن ميرا، مُنهن بڇڙا، اگلا سگلا ۽ مهاڻين کي ڪوجهيون، رنگ ڪاريون ۽ مُنهن نه موچاريون سڏيو آهي. هو فرمائي ٿو:

ڪوجهيون رنگ ڪاريون، مُنهن نه موچاريون،

سي ڪڍيو ڪالورَن جيون، سر ڪٽن ڪاريون.

ان هوندي بہ لاڙ واري حصي ۾ ساموندي ساحل تي رهندڙ مهاڻن ۾ گندرا، ونگرا ۽ ڪن ٻين ذاتين وارا مهاڻا، جوانيءَ ۾ شڪل شبيهہ جا ناهوڪا ٿيندا آهن. پر ٻيا مهاڻا عام طور رنگ جا ڪارا ٿيندا آهن. سندن چهرا ۽ مهاندا سنڌ جي ٻين قبيلن جي ڀيٽ ۾ مختلف هوندا آهن. انهن ۾ جهپير ۽ ڏاگهوري تہ بلڪل ڪوجها ٿيندا آهن.

مهاڻن جون زالفانون بہ عام طور رنگ جون ڪاريون هونديون آهن، پر گندرن ۽ ونگرن جون زالفانون تہ ڏاڍيون دلڪش ۽ مهاندن يا آرڪاڻن ۾ ڏاڍيون وڻندڙ هونديون آهن. هنن جي چهرن جو رنگ سانورو يا ڪجهہ ڪڻڪ رنگو بہ هوندو آهي. هو ڏاڍيون زيبائتيون ۽ دلڪش هونديون آهن. جيئن تہ هنن جو وهنوار بہ اُس ۾ پاڻيءَ سان هوندو آهي. ۽ سڄو ڏينهن ڪاڙهي ۽ اُس ۾ گذارين ۽ پورهيو ڪن، تنهن ڪري سندن سونهن ۽ دلڪشي، سندن جوانيءَ سان گڏ ختم ٿي ويندي آهي ۽ رنگ بہ ڪارو ٿي ويندو اٿن، پر تنهن هوندي بہ سندن آرڪاڻا دل کي وڻندڙ هوندا آهن.

لاڙ جي ماڃر واري خطي ۾ رهندڙ مهاڻيون، ڏاڍيون من موهيندڙ ۽ دلڪش ٿينديون آهن. اُنهن ۾ گندريون، ونگريون ۽ ماڇياڻيون ڏاڍيون ملوڪ هونديون آهن. سندن دلڪش مهاندا، پورا پنا قد، ننڍڙا پير، ڊولائتا ۽ سڊول جسم، اُپريل اُرهہ، ويڪرن چولن ۽ پهراڻن ۽ جهولدار گربيءَ جي شلوارن ۾ ڏاڍا زيبائتا لڳندا آهن. شل نہ ڪو وڏيرو يا زميندار سندن ور چڙهي. هو سندن پيار جي پيچ ۾ ڦاسي پوندو آهي. پوءِ تہ سر جا سودا ٿي ويندا آهن. شاهہ لطيف نوري نماڻيءَ جي سونهن جو ذڪر ڪندي، سندن سونهن جي ساراهہ هيئن ڪئي آهي:

هٿين پيرين آرڪٽين، مور نہ مُهاڻي.

اهڙيءَ طرح درياءَ جي ڪنڌين، ڍنڍن ڍورن ۽ ڪاري طرف رهندڙ گندرن ۽ ونگرن جي زالفانن جا مهاندا، آرڪاڻا ۽ شڪل شبيهہ زيبائتي، ڊولائتي ۽ دلڪش هوندي آهي.

**(خ) ڪاڌي خوراڪ طور مڇي:** مڇي سڄي دنيا جي عام انسانن جي خوراڪ آهي. مڇي طاقتور غذا آهي. مڇيءَ جو ماس انسانن، پکين ۽ جانورن لاءِ بہ قوت واري خوراڪ آهي. اُن مان ڪيترائي طعام تيار ڪيا آهن.

مهاڻن جي خوراڪ تہ آهي ئي مڇي ۽ پکي. لطيف سائينءَ فرمايو آهي:

ڪاڄ جني جو ڪکيون، مال جني جا مَڏ.

**(د) سندن اخلاق ۽ عادتون:** مٿي چيو ويو آهي تہ مهاڻا گيرب ۽ گاءَ وارا، صبر وارا، گٽوان، مانيٺا، نياز ۽ نوڙت وارا ٿيندا آهن، پر تنهن هوندي بہ خبر نہ آهي تہ هنن (مهاڻن) لاءِ سنڌ ۾ هي پهاڪو ڪيئن نهيو ۽ ڇو نهيو؟

مي نہ ماڻهو، مرون نہ مال.

آهن. عورتن جو مردن سان گڏجي هلڻ يا ڪلهو ڪلهي سان ملائي هلڻ، هنن جي تهذيب يا "ماهي ثقافت" ۾ عيب سمجهيو ويندو آهي.

**(٧) ڪريا ڪرم:**

سنڌ ۾ ۽ خاص ڪري لاڙ ۾ مڇي، ڪن درگاهن تي ڪرياڪرم جي پوِنواريءَ لاءِ سڪا پاڪا طور بہ ڪٽي وڃبي آهي. شايد درياءَ پير جو مڇيءَ تي چڙهي پاڻيءَ ۾ سواري ڪرڻ، يعني پاڻيءَ تي حڪمراني ڪرڻ، اُن تي ترڻ واري علامت جي ڪري، مڇيءَ جو ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان، سنڌ جي ڪن درگاهن سان واهپو رهندو اچي. مثال طور:

(الف) مڪليءَ تي مخدوم آدم نقشبندي جهڙي برگزيده عالم ۽ بزرگ جي 'ڏهاڙي' (عرس) جي موقعي تي، سيني حاضرين ۾ مڇي ۽ ڳاڙهن چانورن جي اٽي جي ٻڪل ماني تبرڪ طور ورهائي ويندي آهي.

(ب) جاتيءَ ۾ مغل ٻين (مگر ٻين) درويش جي درگاهہ تي، بيشمار ٻليون هميشہ موجود رهنديون آهن. درگاهہ تي فقيرن، خدمتگارن ۽ حاضر مريدن ۽ ماڻهن توڙي جاتي شهر جي رهاڪن طرفان، روزانہ ندر ۽ نياز طور، انهن ٻلين کي تازي مڇي يا مڇيءَ جو ڪونہ ڪو طعام کائڻ لاءِ ڏيندا آهن. جاتي شهر جا رهاڪو، درگاهہ تي نياز طور مڇي نہ موڪلڻ کي بدسوڻ سمجهندا آهن.

(ت) حيدرآباد ۾ مدفون سنڌ جي حاڪم، ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي مزار تي، مجيل سڪا پاڪا جي پوري ڪرڻ لاءِ، مزار جي آسپاس رهندڙ ماڻهو يا پري پري کان ايندڙ درگاهہ جا مريد ۽ عقيدتمند، هن مزار تي تبرڪ طور مڇي ۽ ماني ورهائيندا آهن.

(ث) ڪاڪي پيرومل پنهنجي ڪتاب "قديم سنڌ" ۾ لکيو آهي تہ موجوده ضلعي ٺٽي جي شاهہ بندر تعلقي ۾، سنڌونديءَ جي هڪ ڇاڙ کي 'پوپٽ' نالي سان سڏيندا هئا. هن ڇاڙ تي 'پوپٽ' نالو ان ڪري پيو جو اُن طرف جا ميربحر، پاڻيءَ ۾ گهمڻ مهل، پنهنجي پير جي لاءِ پوپٽ يعني طوطي جي قرباني ڏيندا هئا.(٥٦)

(ٿ) حيدرآباد جي ويجهو، ڪوٽڙي شهر وٽ، يا منڇر ڍنڍ تي يا درياءَ تي ٻين هنڌ رهندڙ مهاڻا، جڏهن ڪا نئين ٻيڙي نمرائي درياءَ ۾ لاهيندا آهن، تڏهن ٻيڙي ڇوڙڻ مهل، خاص آلاپ سان هونگارون ڏيندا آهن. اهڙي موقعي تي مهاڻا مٺن چانورن جون ديگيون لهرائيندا آهن ۽ خيرخيرات ڪندا آهن.

(ج) منڇر ڍنڍ جا مهاڻا، ڍنڍ ۾ جڏهن پنهنجي نئين ٻيڙي لاهيندا آهن، تڏهن درياءَ پير جي نالي گهورون گهوريندا آهن، ۽ سڪيل باسون لاهيندا آهن؛ درياءَ پير جي ڪُني ڪندا آهن. راڳ رنگ جون محفلون مچائيندا آهن. اهڙين محفلن ۾ گهور ۾ مليل رقم، ٻيڙيءَ جي ناهيندڙ واڍي ۽ ڪاريگر کي انعام طور ڏيندا آ ٿن.

(ح) **مانگر مڇ جي پوڄا:** سنڌ ۾ ڪنهن زماني ۾ مانگر مڇ جي پوڄا به ڪئي ويندي هئي. سنڌ ۾ به مقام، انهيءَ پوڄا جي ڪري مشهور هوندا هئا. اُنهن ۾ منگهي پير جي درگاهه ۽ مغل پير (مگر پين) جي درگاهه وٽ مانگر مڇ جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. منگهي پير جي تاريخ لکندڙ لکن ٿا ته ڪنهن زماني ۾، ڪراچي ۽ آسپاس جا قديم رهاڪو، لس ٻيلي ۽ مڪران جا ماڻهو، خاص ڪري مڪراني ۽ شيدي، منگهي پير وٽ موجود مانگر مڇن (واڳونن) جي سڪائن پاڪائن لاهڻ يا ڪرياڪرم طور، ننڍيون ننڍيون مڇيون، ڪاڏو ۽ ٻيو سامان واڳونن کي پيش ڪندا هئا. انهن ماڻهن جي سمجهه موجب منگهي پير درويش جو، ڪنهن نه ڪنهن وسيلي سان، درگاهه جي پر ۾ موجود واڳونن سان واسطو رهيو آهي. اڄ به هن درگاهه تي حاضري ڏيندڙ زيارتي، درگاهه وٽ موجود واڳونن جو گهڻو احترام ڪندا آهن، ۽ جهوني ۽ پوڙهي واڳوءَ کي عزت وچان 'مور' جي لقب سان سڏيندا آهن.

منگهي پير تي، هر سال، هتي جا قديم رهاڪو شيدي ۽ مڪراني وڏو ميلو لڳائيندا آهن. هن ميلي کي 'شيدين جو ميلو' به سڏيندا آهن. هن ميلي تي ايندڙ زيارتي به واڳونن جو احترام ڪندا آهن ۽ اُنهن کي مڇيون ۽ ٻيون شيون خوراڪ طور ڏيندا آهن.

(ت) اهڙيءَ طرح مانگر مڇ جي پوڄا جو ٻيو هنڌ، مغل پين (مگر پين) درويش جي درگاهه ڪان هيٺ، گونگڙي درياءَ تي ڪپ تي هوندو هو. ورهاڱي کان اڳ، هن ماڳ تي هندو ياتري گڏ ٿيندا هئا، ۽ مانگر مڇ جي پوڄا طور، درياءَ ۾ اڪا وجهندا هئا. هن طرف جي غير مسلم پراڻن رهاڪن جو اِهو عقيدو هوندو هو ته مغل پين درويش جي مزار، دراصل مانگر مڇ جي پوڄا لاءِ هڪ آستان هوندي هئي. هنن جو چوڻ هو ته مغل پين نالو دراصل 'مگرپين' هوندو هو، جو پوءِ بدلجي 'مغل پين' ٿيو.

(vii) **ڪرت ۽ ڌنڌا ۽ هنر:**

(الف) مڇي مارڻ کان سواءِ مهاڻن جو عام ڌنڌو پکي، واڳو، ڍينڍ ۽ ڪڇون مارڻ به آهي. انهن پورهين ۾ هنن جا مختلف پاڙا، رات ڏينهن رڌل رهندا آهن. ڪاڪو ڀيرومل لکي ٿو ته:

"منڇر ڍنڍ جي مهاڻن جو پاٻوڙا ٻڌي، جيئرا پکي جهلڻ، ڪن مهاڻن جو مُڏن تيرن سان آڙين ۽ ٻين پکين کي چٽي ساٽو ڪرڻ عام ڌنڌو آهي." (٥٧)

مطلب ته درياءَ ۽ ڍنڍن تي مڇي مارڻ ۽ پکين جي شڪار ڪرڻ جي طريقي ۾ به وڏو فرق آهي. منڇر ڍنڍ جا مهاڻا پکي مارڻ لاءِ ڪيترائي روايتي ۽ پراڻا طريقا ڪم آڻيندا ٿا اچن. اُنهن طريقن مان هڪ طريقي کي هو 'دُلبو' سڏيندا آهن، جنهن کي ڪاڪي ڀيرومل 'پاٻوڙا ٻڌڻ' وارو طريقو سڏيو آهي. دُلبي ذريعي پکي ڦاسائڻ واري طريقي کي شاهه لطيف سر ڪاموڏ ۽ سر ڪارايل ۾ بيان ڪيو آهي (٥٨)؛ مثال طور:

پکي پسي آنيا، ڏلبو منجهہ درياءَ،
ويچارا ويساهہ، آٿي اُت اڙانيا (کامرڏ)

يا

ڏلبو منجهہ درياءَ، پکي پسي آنيا،
ويچارا ويساهہ، آٿي اُت اڙانيا. (کارايل)

واندڪاتيءَ جي وقت هو (مهاڻا)، رڇ، جار، چاريون، ڪُڙهيون ۽ پَنَ بہ پاڻ ناهين. انهيءَ ڪرت ۾ سندن زالفانون بہ سندن هٿ ونڊائين.

مهاڻا پنهنجون ٻيڙيون بہ پاڻ ناهين. هنن جو خاص هنر ٻيڙيون ناهڻ ۽ اُنهن تي نقش ڪڍڻ بہ آهي. شيخ خورشيد حسن لکي ٿو تہ:

"مهاڻن جي ثقافت، تهذيب ۽ تمدن جي تفصيلي اڀياس لاءِ، ٻيڙين تي ڪيل سندن روايتي نقش نگاري (Traditional Designs) گهرن- نما سندن ٻيڙين کي سينگارڻ لاءِ، ٻيڙين جي اندرئين ۽ ٻاهرئين حصي ۾ ڪاٺ تي ڪيل اُڪر جو ڪم، ۽ ڪڍيل چٽ ۽ گُل، سنڌو- تهذيب جي قديم دور واري مصوري، نقش نگاريءَ واري هنر ۽ فن سان هڪجهڙائي ثابت ڪن ٿا." (۵۹)

هن وقت بہ سنڌو درياءَ، منڇر ڍنڍ ۽ سمنڊ تي هلندڙ اهڙيون ٻيڙيون ۽ واهڻ بہ موجود آهن، جن جي اندرئين ۽ ٻاهرئين حصي ۽ پاسن تي اُڪر جو سهڻو ڪم ٿيل هوندو آهي. اُنهن تي چٽ، گل ۽ شڪليون اُڪريل هونديون آهن. اهڙي ئي قسم جي هڪ ٻيڙي هڙپا جي کوٽائيءَ مان بہ هٿ آئي هئي. ٻيڙيون ٺاهيندڙ مهاڻا، مڇي مارڻ لاءِ ڪونہ پهرن. هو گهاٽوءَ جي ڪرت ڪونہ ڪن.

(ب) هنر: مهاڻا چاريون ناهڻ کان سواءِ ٽوڪرا، ڪاريون ۽ تڏا وغيره بہ ناهين.

(ت) مهاڻن جون زالفانون جڏهن درياءَ ۾، ٻيڙين تي، مردن سان گڏ هونديون آهن، تڏهن اُهي ڪاڏي پڇاڻڻ کان سواءِ ونجهہ بہ هڻنديون آهن. وڏيءَ عمر واريون عورتون، مڇيءَ جون ڪاريون مٿي تي کڻي، شهرن پڙ رستين ۾ مڇي بازار ۾ مڇي وڪڻڻ وڃن. سندن اها ڪرت، شاهہ لطيف جي زماني ۾ بہ هوندي هئي، اڄ بہ اُهي اهو ڌنڌو جاري رکيو اچن. انهن کي ساٿياٽيون بہ چوندا آهن. عورتن جي مڇي وڪڻڻ واريءَ ڪرت کي شاهہ لطيف هن طرح بيان ڪيو آهي:

ڪاريون ڪوجهيون ڪُوڙيون، مُور نہ موچاريون،
وني وينيون واٽ تي، ڪکيءَ جون ڪاريون.

(viii) **مڇيءَ جا طعام:** اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ مڇي صحت لاءِ طاقتور خوراڪ آهي، اُن مان ڪيترن ئي قسمن جا طعام تيار ڪيا ويندا آهن. درياءَ جي ڪنڌين ۽ ڪاري واري خطي ۾ رهندڙ ونگرن، گندرن، ماگرن، جتن ۽ ٻين قومن جون زالفانون مڇيءَ جا ڏاڍا سوادي طعام پچائينديون آهن.

اُنهن جي تيار ڪيل طعامن مان پري کان خوشبوءِ پيئي ايندي آهي.

(الف) ڊنڊن جي مڇي هوندئن به ته ڏاڍي سرهي ٿيندي آهي.جو ته ڊنڊن ۾ پيدا ٿيندڙ گاهه، ڪک ۽ پن، مڇيءَ جي دلپسند خوراڪ هوندي آهي. ڊنڊن جا مالڪ، ڊنڊن ۾ پبڻ جو ٻج به ڇٽيندا آهن. پبڻ جا پن مڇي چاهه سان کائيندي آهي، ان ڪري مڇيءَ جي ماس ۾ سُرهاڻ ۽ سواد وڌيڪ ٿيندو آهي.

(ب) لاڙ جا ماڻهو، خاص ڪري مٽياريين کان وٺي هيٺ ٺٽي ضلعي وارا، پلي جي مختلف طعامن ٺاهڻ ۾ ماهر ٿيندا آهن. پلو "ماهي ثقافت" ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو، جيئن مٿي چيو ويو آهي. پلي جي ساراهه ته پرڏيهي ماهرن ۽ سياحن به ڪئي آهي. پلي جو پيٽارو خاص طور اينتري قدر ته لذيذ ۽ سوادي ٿيندو آهي، جو جنهن هڪ دفعو اُهو ڪاڏو سو گويا پيار جي پيوند ۾ ڦاسجي پيو. انهيءَ ڪري هيءَ چوٽي مشهور آهي ته:

جني ڪاڌا پلن جا پيٽارا، تني جا ٿيا هينئڙا وبچارا.

(ج) چون ٿا ته دهليءَ جو حاڪم، محمد شاهه تغلق، پلي جي سواد تي موهجي، اينترو ته پلو ڪاڌو جو پيٽ خراب ٿي پيس ۽ سنڌ ۾ ئي وفات ڪيائين.

(د) سنڌ ۾ لڏي آيل پنجابي آبادگارن لاءِ آزاديءَ کان اڳ چوندا هئا ته جيڪو پنجابي آبادگار سنڌ ۾ لڏي آيو، اهو خوشحال ٿي ويو، ۽ واپس پنجاب وڃڻ جو اصل ارادو ئي ڪونه ڪندو هو. اُنهن لاءِ هيءَ چوٽي عام ٿي وئي ته: "پلا مڇي ڪاوٽا، سند چوڙ ڪي نه جاوٽا."

(ت) مڇيءَ مان تيار ٿيندڙ هيٺيان طعام خاص طور مشهور آهن:

سيهيل مڇي، تريل مڇي، پڪل مڇي، مڇيءَ جو ڪٽيهر، مڇيءَ جو ٻوڙ، نڪر جي ڪُنيءَ ۾ تازن مصالحن واري لاس، سنيڪيل مڇي ۽ مڇيءَ جو پيلو پت (پلاءُ).

(ث) لاڙ ۾ ڳاڙها چانور جام ٿيندا آهن، بلڪ ڳاڙها چانور ٿين ئي لاڙ ۾ ٿا. (لاڙ جا ماڻهو، ڳاڙهن چانورن جي مانيءَ ۾ سيهيل مڇيءَ وارو مصالحو ملائي، اُن کي مڇيءَ جي مٿان رکي، ڍڪڻ سان ڦابو بند ڪري، مڇيءَ سان گڏ سيهيندا آهن. اهڙي سيهيل مانيءَ کي هو 'ڊوڪري' سڏين. اها (ڊوڪري) کائڻ ۾ ڏاڍي سوادي لڳندي آهي. اُن سان گڏ ننڍا ننڍا 'مُنيا' به سيهيندا آهن، جيڪي به کائڻ ۾ ڏاڍا مزيدار لڳندا آهن. هيءُ طعام ڏاڍو سوادي هوندو آهي، ۽ جيڪڏهن اُن سان گڏ انبن جو آچار هجي ته واهه واهه!

(ح) اِن کان سواءِ لاڙ جا ماڻهو، سياري جي موسم ۾، نڪر جي ڪُنيءَ ۾ مڇيءَ جو ٻوڙ رڌيندا آهن. اُن ۾ سانو مصالحو يعني تازا ڏاٽا، تازي ٿوم، ساوا مرچ، سوٺا يا ميٿي به وجهن. هن ٻوڙ جو شوروو تازن مصالحن جي ڪري ڏاڍو سوادي ٿيندو آهي. لاڙ جا ماڻهو ٿڌ ۽ زڪام جي ٽوڻڪار لاءِ، پيالن ۾ گرم لاس جون سُرڪون پريندا آهن. زڪام ۽ ٿڌ لاءِ هي ٻوڙ دوا جهڙو ڪم ڏيندو آهي.

(خ) ڪاري طرف رهندڙ ماڻهو دوٿر ۽ لوجهريون شوق سان کائين. لوجهري پچائي به کائين، ته

وري اُن جو ٻوڙ بہ رڌين. دوئر مان مختلف طعام ٺاهيندا آهن.

(ت) اِن کان سواءِ جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ مڇي هڪ طاقتور غذا آهي. لاڙ ۾ دائيون ۽ گهرن جون وڏڙيون، ڪنهن تازي وياڻل عورت کي پڪل مڇي کائڻ جي هدايت ڪنديون آهن، ڇاڪاڻ تہ اها خوراڪ اُن عورت جي ٿڃ ۾ واڌارو ڪندي آهي، ۽ ساڳئي وقت ٿڃ ۾ سگهہ بہ وڌائيندي آهي. اهڙيءَ طرح جسماني قوت لاءِ بہ مڇي طاقتور غذا طور کائبي آهي. اُن ۾ پلو، پلي جي آني، چرڪو، مُنڊي ۽ ڦاپٽو بهترين مڇيون آهن.

**(ix) ماهي ثقافت ۾ رائج ٻولي:**

(الف) ماهرن مان هن وقت تائين فقط شيخ خورشيد حسن صاحب هن نقطي تي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي. هن جي راءِ موجب منڇر ڍنڍ ۽ سنڌو درياءَ تي، گهرن-نما ترندڙ ٻيڙين ۾ رهندڙ مهاڻن جي ٻوليءَ جو اڀياس، موهن جي دڙي جي ٻوليءَ جي مطالعي ۾ مدد ڪري ٿو. شيخ صاحب جي خيال ۾ موهن جي دڙي وارين مُهرن جي پڙهڻ لاءِ، اُنهن مهرن ۾ اُڪريل تصويرن ۽ شڪلين لاءِ جيڪي 'مُلهہ' (Values) مقرر ڪجن، تن جي سلسلي ۾، مهاڻن جي ٻوليءَ جي مدد سان، مهرن تي ڪڍيل چِٽن، گلن ۽ نشانين جي مُلهن سَلڻ ۾ وڏيڪ مدد ملي سگهندي، ڇاڪاڻ تہ دراوڙي ٻولين مان لفظ ڪٿي، موهن جي دڙي وارين مهرن تي نڪتل نشانن جا مُلهہ مقرر ڪرڻ کان بهتر ٿيندو تہ سنڌو-تهذيب جي موجوده وقت قديم رهاڪن جهڙوڪ: مهاڻن، اوڏن، باگڙين، شڪارين، ڪارين، ماڇين، ميانڻ ۽ ٻين قديم قومن جي ٻولين جي مطالعي جي مدد سان مذڪوره مهرن ۾ ڪڍيل شڪلين جا مُلهہ مقرر ڪري، انهن تصويرن ۽ نشانين لاءِ لفظ مقرر ڪجن. هن سلسلي ۾ اميريڪي ماهر، 'ڊاڪٽر فيئر سروس' (Dr. Fair Servis)، پنهنجيءَ تازي تحقيق ۾، دراوڙي ٻولين جا لفظ، موهن جي دڙي وارين مهرن ۾ ڏنل شڪلين ۽ نشانين لاءِ مُلهن طور ڏنا آهن. اُنهن چِٽن ۽ شڪلين لاءِ مُلهہ دراصل سنڌي ٻوليءَ جي لغوي خزاني مان ڳولهڻ گهرجن، ڇاڪاڻ تہ اڄ بہ اُنهن مان ڪيترائي لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ هوبهو رائج آهن. جيئن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي هڪ تازي مقالي ۾ اهڙي ڪوشش ڪئي آهي. ڊاڪٽر صاحب جو اهو مقالو "سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري" جي جرنل، "سنڌي ٻوليءَ" جي اپريل، مئي، جون ١٩٩۴ع واري شماري ۾ "سنڌو تهذيب جي سنڌو لکت جي پاڄ" عنوان هيٺ ڇپيل آهي.

(ب) شيخ خورشيد حسن مهاڻن جي ٻوليءَ جي باري ۾ لکي ٿو تہ:

"مهاڻا، سنڌي ٻوليءَ جو اُهو لهجو ڳالهائيندا آهن جيڪو سنڌن خطي ۾، سنڌن ئي قوم ۾ رائج آهي، يعني تہ اُهو لهجو، هن قوم ۾ ئي قديم زماني کان ڪم ايندو رهيو آهي. چون ٿا تہ اُنهن (مهاڻن) جي لهجي ۾ اهڙا اهڙا انوکا لفظ، محاورا، اصطلاح ۽ ڪجهہ ثقافتي لفظ موجود آهن، جيڪي هنن (مهاڻن) کي، ٻين ڏيهي ۽ ڳوناٺي آباديءَ ۽ تهذيب کان الڳ آبادي يا جاتي/نسل طور شمار ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا."

شيخ خورشيد حسن صاحب اڳتي لکي ٿو تہ:

"مهاڻن جي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ ۽ رائج پراڻن لفظن، اصطلاحن ۽ محاورن جي گهري تاريخي ۽ لسانياتي (فلالاجيءَ) اڀياس جي مدد سان، واديءَ سنڌ ۾ رائج قديم ٻوليءَ جو مطالعو، اُن قديم ٻوليءَ جي اُهڃاڻن، نشانن، پارن ۽ ڏس پتي جي سلسلي ۾ ڪافي مدد ملي سگهي ٿي." (٦١)

حاصل مطلب تہ مهاڻن جو پنهنجو پنهنجو مقامي لهجو آهي، جنهن جي مطالعي جي گهڻي ضرورت آهي. منڇر ڍنڍ جا مهاڻا، سنڌن لهجي کي 'منڇري ٻولي' يعني 'منڇري لهجو' سڏيندا آهن. ميانواليءَ وارا ناکوئا 'سنڌي ۽ ميانواليءَ' وارو گڏيل لهجو ڳالهائيندا آهن. ماڇر وارا مهاڻا 'ماڇري لهجو' ڪم آڻين تہ ڪاري طرف رهندڙ مهاڻا 'ڪاراڻي لهجو' استعمال ڪن. اهڙيءَ طرح بدين طرف 'ولهاري لهجو'، 'مانڌري لهجو' وغيره لهجا، تحقيق طلب آهن.

(ت) "ماهي تهذيب" ۾ ڪم ايندڙ خاص خاص لفظ، فقرا ۽ محاورا، هن تهذيب ۾ ڪم ايندڙ ٻوليءَ جي مطالعي ۾ مدد ڪن ٿا. هن سلسلي ۾ سنڌي لوڪ ادب ۾ بہ وڏو سرمايو موجود آهي.

هن کان اڳ "ماهي تهذيب" ۾ مستعمل ڪيترائي لفظ ۽ فقرا ڏنا ويا آهن، جن مان ٻوليءَ جي وياڪرڻي ۽ لسانياتي ساخت ۽ ڪارج جي خبر پوي ٿي. اهڙن لفظن ۽ فقرن مان ڪي هي آهن: مُنهن ميرا، منهن ٻڄڙا، گنيرا، گاندر، ڪرهيون، مياڻيون، مي، ميڪي، ميئي، اگلا سگلا، سمو، ملاح، مهاڻا، ڇڇي، ڪکي، ڇَتَ، ڇڇيءَ هاڻا، ڇڇيءَ هاڻي، ڇڇيءَ ڇَتَ، ڪِکيءَ هاڻي، ڪِکي هاڻا، ڪوجهيون، ڪاريون، ڪُوڙيون، مَڏَ، مڏيون، ڪاريون، چاريون، پَن، گهائو، مَچوئا، مَڪڙا، ٻيڙيون، گهاتو، ٻتيلو ۽ ليڪ وغيره. هن سلسلي ۾ شاهہ لطيف جي رسالي جا سُرَ ڪاموڏ، گهاتو، ڪارايل، سامونڊي ۽ سري راڳ، ماهي تهذيب ۾ استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ جي لغوي خزاني سان ڀريل نظر اچن ٿا. مثال طور ڪجهہ بيت اڳ ۾ ڏنل آهن.

اهڙيءَ طرح سچل سرمست جي ڪلام ۾ هن موضوع تي تمام گهڻو مواد ملي ٿو. مثلاً:

ڇڇيءَ جي هُئي ڇَتَ، ٿي آئي عام خلق کي،
وَهہ وڃاڻي وَهَہ ۾، ميئي مڃاڻي نہ مَٽَ.

ٻيو بيت ڏسو:

ڪوجهيون رنگ ڪاريون، مُنهن نہ موچاريون،
سي ڪڍيو ڪالورن جيئون، سر ڪٽن ڪاريون.

اهڙيءَ طرح همعصر ادب ۾ هن تهذيب سان واسطو رکندڙ لفظ، فقرا، اصطلاح ۽ پهاڪا مطالعو ڪري سگهجن ٿا.

(ث) هن کان اڳ "ماهي ثقافت" ۾ درياءَ جي اهميت جو ذڪر ڪيو ويو آهي. مهاڻا درياءَ جي ڪنڌين، ڪپرن ۽ وچ واري حصي ۾، درياءَ جي وهڪرن لاءِ ڌار ڌار لفظ ڪم آڻيندا آهن. لفظن جي اها ڪلاسبندي بہ ٻوليءَ جي مطالعي ۾ مدد ڪري ٿي: مثال طور:

**(الف) درياءَ جي ڪنڌيءَ وارن ماڳن جا نالا:** ميان، مَڏي، ڇاڻ يا ڪونهري، وَڪڙي، پنڌ/بند، ڪيٽ/ڪيٽي ۽ ڪَس.

**(ب) درياءَ جي وهڪرن لاءِ ڪم ايندڙ لفظ:** پَلٽَ، نارو، ڇينار، ڊورو، ڇنڊڻ، واھ، ڦاٽ، شاخ، نالي، اوپان ۽ ڪڙيو.

**(ج) درياءَ جي ڪناري وارا وهڪرا:** تکو، مانو، اوپارو، ڪنڌيءَ جي ڳنڍ.

**(د) درياءَ جي وچ وارا وهڪرا:** ميڙ/ٻيڇَل، ڇيل/سنهي ٻيڇَل، ننگَ، سيرَ.

**(ح) لوڪ ادب ۾ ماهي تهذيب جا اُهڃاڻ ۽ نشان:** سنڌ جي لوڪ ادب ۾ بہ ماهي تهذيب ۾ ڪم ايندڙ بيشمار لفظ استعمال ٿين ٿا، مثال طور:

**پهاڪا:** لوڙهيءَ ڏورو، سارين ڪرو

**لوڪ گيت:** "لاڙ جي مڇي جهينگو...!"

هن لوڪ گيت ۾ "ماهي ثقافت" جي سماجي زندگيءَ جو عڪس پيش ٿيل آهي. ٻيو هڪ لوڪ گيت ملاحظہ فرمايو:

گندڻ گندئيءَ مان رات ڪُتو ڪٽي ويو،
ڏير ڙي ڏير، تنهنجو اصل ڪان آهي وير،
تون تہ آندن جو ڍير، گندڻ..........
سس ڙي سس، تون تہ ديگڙيءَ جي ڪس،
تون تہ ڪرين نٿي بس، گندڻ.........
سهرا ڙي سهرا، تنهنجيءَ ڏاڙهيءَ ۾ ڏونرا،
تنهنجي مٽي ۾ ماڪوڙا، گندڻ.........

اهڙيءَ طرح "ماهي تهذيب" ۾ ماڻهن ۽ مڇين جي بيمارين لاءِ ڪم ايندڙ لغوي خزانو هٿ ڪرڻ گهرجي.

مطلب تہ ماهي "ثقافت" جو مطالعو ايترو تہ وسيع آهي ۽ ايترو تہ گهڻ-پهلو آهي، جنهن تي تحقيق ڪرڻ لاءِ سڄيءَ سنڌ جا مختلف خطا، ڍنڍون ڍورا، ميانون ۽ مَڏيون، ماڳ ۽ مڪان، ساموندي ساحل، درياءَ جا ڇوڙ، سمنڊ جون ڪاريون، ٻہ-آبي واري خطي ڪان سواءِ، منڇر ڍنڍ، اُيرندي ناري، اُلهندي ناري، اڇڙي ٿر، سانگهڙ جي ڍاندي علائقي، هيلايا، ڪينجهر ڍنڍ، هاليجي ڍنڍ ۽ ٻين ماڳن تي وڃي مواد گڏ ڪرڻو پوندو. هيءُ هڪ وڏو ڪم آهي جنهن لاءِ اڪيلو ماڻهو نہ، پر مختلف مضمونن جي ماهرن جي هڪ جٽي کي همٿ ٻڌي ڪم ڪرڻو پوندو.

لهاذا شيخ خورشيد حسن صاحب بلڪل درست فرمايو آهي تہ "مهاڻن جي تهذيب، تمدن ۽ ٻوليءَ جي اڀياس لاءِ سنڌو تهذيب جي Ethnological يا Ethnoarchaeological تاريخ جو مطالعو ڪرڻ گهرجي." هي موضوع انهيءَ علم جي ئي هڪ شاخ آهي.

## حوالا ۽ سمجهاڻيون


(1) Carter, V. Good, Dictionary of Education, McGraw Hill, INC, MacMillan Company, New York, 1930, p. 350.

(2) Harold Rugg & William Withers, Social Foundations of Education, Second Edition, Prentice-Hall INC, U.S.A.

(3) Baloch, N. A., Dr., An article: Traditional Cultures in West Pakistan, Sindh University Journal of Education, Vol: VIII. January, 1963, p. 3

(۴) ممکن آهي تہ کي صاحب ائين چون تہ دريائي ثقافت، دو-آبي ثقافت، ڍانيڍي ثقافت، ماهي ثقافت، ڪارائي/ساموندي ساحل واري ثقافت ۽ منڇري ثقافت ساڳي ڳالھہ آهي، پر اُنھن دوستن جي خدمت ۾ آءٌ اهو عرض ڪندس تہ انھن ثقافتن مان مون فقط "ماهي ثقافت" (Fish Culture) يعني مڇي ۽ اُن سان واسطو رکندڙ نقطن کي ڪنيو آهي، جڏهن تہ ٻين ثقافتن پهلوئن ۾ ڪيترائي ڏار ڏار نڪتا نظر اچن ٿا، جن تي بہ گهڻو ئي لکي سگهجي ٿو.

(۵) پانيا يعني 'پڻي' (Pani). 'پڻين' کي 'فني' (Fani) يا 'فنيقي' (Phoenicians) بہ سڏيو ويو آهي. 'پڻين' کي ڊاڪٽر هيريمٺ واديءِ سنڌ جا قديم رهاڪو 'فني' ٿو ڪوٺي.

ڏسو: Hiremath. R.C, Dr. Ref: 13, P.53.

هن جي خيال موجب هيءَ وڻج واپار ڪندڙ قوم هئي، جيڪا "فنيقي" جي نالي سان مشهور ٿي. پر هن قوم (پڻيءَ/پڻين) جي باري ۾ محترم تاج محمد صحرائيءَ جو ڇپيل مقالو وڌي معلومات سان پيريل آهي. هن مقالي ۾ صحرائي صاحب اِها دعوا ڪئي آهي تہ 'فنيقي' قوم، دراصل سنڌو-تهذيب جا قديم رهاڪو 'پڻي' آهن، جن کي پوءِ 'واڻيا' ۽ 'ٻنيا' سڏيو ويو. هيءَ (پڻي)، سنڌو-ماٿر جي قديم واپاري قوم آهي. هيءَ قوم اُن زماني ۾، واپار سانگي، اولھہ طرف (موجوده لبنان ۾) بہ رهندي هئي، جتي "فنيقي" جي نالي سان مشهور ٿي.

ڏسو: تاج محمد صحرائي: "پڻي لوڪ- رگ ويد جي دور جا سنڌي وڻجارا- ناڪتا"، حيدرآباد سنڌ، سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ، ١٩٩٦ع، ص ص ٣-٣٠.

(٦) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: سنڌ جا قبيلا ۽ سنڌ جا نسب ناما، مقالو: سماهي "مهراڻ"، نمبر١-١٩٩٢/٢ع، ص ١٧۴.

(7) Aitken, E. H., Gazetteer of the Province of Sindh; Vol: 'A', American Mission Press, Karachi, 1907, p. 177

Also see: Sorley, H. T., Dr., Gazetteer of West Pakistan, Sindh Region, Lahore, Government of West Pakistan, 1968, p. 252.

(٨) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: جامع لغات سنڌي، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص ٢۴١٦.

(۹) شاھہ جو رسالو، مرتب: غلام محمد شھواڻي.
(10) Allana, Ghulam Ali, Dr., Sindhi Culture, Indus Publications, Karachi, 1986, p. 6.
(11) Shaikh Khurshid Hassan: Ethnoarchaeology as an aid to interprete Indus Civilization, an article published in Pakistan Archaeology, Karachi, Department of Archaeology and Museums, Ministry of Culture & Tourism, Government of Pakistan, 1991, pp. 110 & 111.
(12) Caldwell, R., Dr., A Comparative Grammar of the Dravidian or South-Indian Families of Languages, Vol: I, London, Trubner & Com: Ludgates Hill, 1875, Introduction, pp. 58-59
(13) Hiremath R. C., Dr., Genesis & Growth of Dravidian, Dravidian Linguistics Association, Trivandrum, 1984, pp. 82 & 83.
(14) Ibid., p. 82.
(۱۵) ادريس صديقي: سنڌو ماٿر جي سڀيتا، مترجم مسز شمس سرڪي، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۷۹ع، ص ۱۱٦.
(16) Shaikh Khurshid Hassan, ref: 11, p. 110
(17) Ibid. p. 111
(18) Ibid. p. 111
(19) Ibid, p. 112
(20) Ibid, p. 84.
(۲۱) لئمبرڪ، ايچ. ٽي: سنڌ، سلسلو تاريخ سنڌ، مترجم سليم احمد، جلد پهريون، حيدرآباد سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۲ع، ص ۳۲۹.
(۲۲) ايضاً "
(23) See ref: 7, Sorley, H.T., p. 252.
(۲۴) حيدرآباد (سنڌ) کان ۷ ميلن جي مفاصلي تي، مياڻيءَ جي ڪُوٽ وٽ، ميرن ۽ انگريزن جي وچ ۾، ۱۷ فبروري ۱۸۴۳ع تي جنگ لڳي هئي، جيڪا مياڻيءَ جي جنگ جي نالي سان مشهور آهي.
هن حوالي لاءِ ڏسو: Sorley, H.T, Ref: No: 7, P. 252.
(۲۵) ايضاً. ص ۲۵۲.
(۲٦) حوالو نمبر ۲۱، ص ۳٦۹.
(۲۷) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: حوالو نمبر ۹، ۽ پڻ ڏسو:
الف-ب وار شاھہ جو رسالو ۽ رسالي جي ڏسڻي، مرتب: عبدالغفار 'گوهر' دائودپوٽو، ڪراچي، سنڌيڪا، ۱۹۹۴ع.

(43) Ibid., p. 252

(٤٤) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: اتچپيل مقالو، "جل پوڄا"، ۽ پڻ ڏسو مقالو: "سنڌ جي ڪن درگاهن جون رسمون ۽ اُنهن جو مثالاجيءَ (Mythology) جي روشنيءَ ۾ مطالعو"، ٽماهي "مهراڻ"، نمبر ٤، ١٩٨٩ع، ص ٥٦.

(45) Asko Parpola, Seppo Koskenniemi, Simo Parpola and Pentti Aalto, Decipherment of the Proto-Dravidian Inscriptions of the Indus Civilization, Copenhagen, The Scandinavian Institute of Asian Studies, 1970, p. 35

(٤٦) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: "سنڌي ٻوليءَ جو بُڻ بنياد"، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، ١٩٧٤ع، ص ١٢٠.

(٤٧) ايضاً

(48) Haig, M. R., Indus Delta Country, London, 1894, p. 31

(49) See ref: 7, p. 252

(٥٠) ڀيرومل مهرچند آڏواڻي: "سنڌ جو سيلاني"، نئين سنڌ لائبريري، پارتواسي پريس، ١٩٢٣ع، ص ٦٣.

(51) Thakur, U. T., Dr., Sindhi Culture, Bombay, Bombay University Publications, Sociology Series No: 9, 1959, pp. 19 & 20.

(٥٢) هڪ هاريءَ ۾ ٻه ڀلا ٿيندا آهن، يعني پلن جو جوڙو ٿيندو آهي، جنهن ۾ هڪ آنيارو پلو ۽ هڪ ڪيرو پلو (يعني نر ۽ مادي جن ۾ ڪيرو نر ۽ آنيارو مادي) ٿيندو آهي.

(53) See ref: 13, p. 84.

(54) Ibid., p. 83.

(55) See ref: 10, p. 25

(٥٦) ڀيرومل آڏواڻي: "قديم سنڌ"، حيدرآباد سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٧ع، ص ٥١ ۽ ٥٨-٦٢.

(٥٧) ايضاً

(٥٨) ڏسو حوالو ١٤، ۽ "گوهر" دائود پوٽي جي مرتب ڪيل رسالي جا صفحا ٦٢ ۽ ٩٦.

(59) See ref: 11, p. 112.

(60) Ibid., p. 111

(61) Ibid., pp. 111 & 112.

------- • -------

ڊاڪٽر غلام محمد لاکو

# نصرت نامہءِ ترخان - هڪ عام جائزو

"چچ نامہ" سنڌ جي تاريخ جو اولين تحريري ماخذ آهي. اصل ۾ هيءُ ڪتاب عربي زبان ۾ "فتح نامہ سنڌ" جي نالي سان تيار ڪيو ويو. هن ڪتاب ۾ سنڌ تي راءِ خاندان ۽ برهمڻ گهراڻي جي حڪومتن جي احوال سان گڏ عرب فتوحات جو مفصل ذڪر ڪيو ويو آهي. اصل ڪتاب ڪنهن ۽ ڪڏهن لکيو، اُن بابت ڪجهہ بہ يقين سان نٿو چئي سگهجي، البتہ اڳتي هلي هن ڪتاب جو فارسي ترجمو ٿيو، جنهن متعلق بنيادي ڄاڻ موجود آهي. ناصرالدين قباچہ جي دربار سان وابستہ علي بن حامد ڪوفي، سنڌ جي قديم تختگاهہ اروڙ ۾ آيو، جتي کيس "فتح نامہ سنڌ" ڏسڻ جو موقعو مليو. ڪتاب جي اهميت کي محسوس ڪندي علي ڪوفي، هن ڪتاب جو عربي زبان مان فارسي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو. هي ترجمو ٦١٣هہ ۾ مڪمل ٿيو. ان بعد هيءُ ڪتاب "فتح نامہ سنڌ" جي نالي سان مشهور ٿيو. نہ رڳو سنڌ بلڪ هند جي تاريخ ۾ پڻ هن ڪتاب جي قدامت ۽ اهميت تسليم ٿيل آهي. اصل عربي ڪتاب، فارسي ترجمي کان پوءِ دنيا مان اڄ سوڌو گم آهي. علمي دنيا ۾ علي ڪوفيءَ جو ترجمو استعمال هيٺ ايندو رهيو. ويهين صديءَ ۾ هن ڪتاب جا انگريزي، اردو ۽ سنڌي ترجما ڇپجي پڌرا ٿيا. جڏهن تہ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سعيي سان، بہ فارسي ايڊيشن بہ نروار ٿيا.




"چچ نامہ" جي فارسي ترجمي کان پوءِ سنڌ جي تاريخ نويسيءَ ۾ هڪ ڊگهي اٿوند ڏسجي ٿي. لڳ ڀڳ چئن صدين کان پوءِ، سنڌ جي اتهاس بابت مير محمد معصوم بکريءَ هڪ ڪتاب لکيو. هيءُ ڪتاب "تاريخ معصوميءَ" جي نالي سان مشهور ٿيو. ان جي لکجڻ جو سال ١٠٠٩هہ آهي. هن ڪتاب ذريعي مير معصوم، سنڌ جي تاريخ کي اڪبر هٿان سنڌ جي فتح تائين واري عرصي کي لکي محفوظ ڪيو. ان ريت ڏسجي ٿو تہ عربن کان ڪري سومرن، سمن، ارغونن ۽ ترخانن وارا دور، ٻهريون پيرو تحريري شڪل ۾ اچي، تاريخي دستاويز جي صورت ۾ ايندڙ نسلن جي لاءِ محفوظ

جي حوالي ٿيا. قنڌار کان کهي آيل ارغون حاڪم، مقامي ماڻهن تي پروسو نہ ڪري سگهيا. ان پس منظر ۾ ڌارين حاڪمن، پنهنجي ملڪ مان مختلف قبيلن کي لڏائي سنڌ ۾ آباد ڪيو. ڪابل، قنڌار ۽ هرات مان ڪيترن ئي قبيلن لڏپلاڻ ڪري، سنڌ ۾ پهچي آباد ٿيڻ شروع ڪيو. ڌارين قبيلن جي اهڙن مختلف ماڻهن کي سنڌ ۾ پهچڻ سان هر صورت ۾ نوازيو ويو. مذهبي منصب، اعليٰ حڪومتي عهدا، جاگيرون ۽ اهميت جوڳيون عملداريون کين ملڻ شروع ٿي ويون. نتيجي طور ڪابل ۽ قنڌار کان ايندڙن جو هڪ وڏو سيلاب سنڌ تي اچي ڪڙڪيو. بکر، سبي، نصرپور، سيوهڻ، لاهري بندر ۽ ٺٽي سميت ٻين ننڍن وڏن شهرن تي ڌارين قبيلن ۽ عملدارن جو قبضو ٿي ويو. مقامي سنڌي قبيلا، عهدا، ملازمتون ۽ زمينون وڃائي بي يارومددگار ٿي ويا. نتيجي ۾ سنڌي عوام ارغونن سان مهاڏو اٽڪايو. ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دور ۾، سنڌ اندر پرڏيهي قبيلن جي آبادڪاري جاري رهي. هن صورتحال ۾ سنڌي قبيلن بہ برابر ويڙهہ جاري رکي. هي سلسلو تڏهن وڃي ختم ٿيو، جڏهن ڪلهوڙن جي روپ ۾ وري سنڌ جو مقامي اختيار بحال ٿيو.

ارغونن جي مارڌاڙ وار دور ۾ جيڪي قبيلا وچ ايشيا مان لڏي اچي سنڌ ۾ پهتا، انهن ۾ "پوراني سادات" جو قبيلو گهڻي اهميت رکي ٿو. هن گهراڻي جا شروع کان ڪري ارغونن، ترخانن ۽ مغلن سان گهرا تعلقات رهندا آيا. جڏهن ارغونن سنڌ تي قبضو ڪيو ۽ مغلن هند کي والاريو، تڏهن "پوراني خاندان" بہ سنڌ طرف لڏپلاڻ ڪئي. هن خاندان جي مختلف فردن کي حاڪمن جو سهڪار حاصل هو، انڪري کين وڏا وڏا عهدا، جاگيرون ۽ انعام اڪرام حاصل ٿيا. شيخ جلال الدين ابوسعيد، سيد عنايت جي نياڻي خانزاده بيگم سان شادي ڪئي، جنهن مان ڪيس چار پٽ ۽ ٽي



ٺٽي جو هڪ عام منظر

ڏيئرون ٿيون. ابوسعيد جو تعلق هرات جي اتر ۾ موجود ديهه "پوران" (بوران) سان هو، ان نسبت سان هن جو ڪٽنب "پوراني" سڏجڻ ۾ آيو. شيخ ابوسعيد جا چار پٽ هن طرح ٿيا: سيد محمود عرف شيخ ميرڪ ٺٽوي، سيد احمد، مير نورالدين ۽ ميرڪ بايزيد. شيخ ميرڪ ان وقت ٺٽي پهتو، جڏهن مرزا شاهه حسن ارغون، ڄام فيروز کي شڪست ڏئي، سڄي سنڌ تي قبضي جو اعلان ڪيو. شيخ ميرڪ عالم فاضل انسان هو. ڪيس ٺٽي جو شيخ الاسلام مقرر ڪيو ويو. هن کي ارغون حاڪم جي گهڻي قربت حاصل رهي. هن ٩٦٢هه ۾ وفات ڪئي. سندس مزار مڪلي ٽڪريءَ تي پورانين جي مقام ۾ موجود آهي. ميرڪ مرحوم جو اولاد اڄ تائين موجود آهي ۽ کين پوراني سادات جي "ٺٽوي شاخ" سڏيو وڃي ٿو. شيخ ابوسعيد جو پٽ سيد احمد پڻ قابل انسان هو. شاهه بيگ هن کي بابر جي دربار ۾ روانو ڪيو ته جيئن ڪاوڙجي ويل شاهه حسن کي واپس وٺي اچي. هڪ راءِ موجب هن جي وفات نيشاپور ۾، ۽ ٻي روايت موجب قنڌار ۾ ٿي. ابوسعيد جو ٽيون پٽ مير نورالدين سنڌ ۾ آيو. ملتان جي فتح وقت شاهه حسن سان گڏ هو. بادشاهه جڏهن مشهور شاعر شاهه جهانگير هاشميءَ تي ڏمريو ته مير نورالدين وچ ۾ پيو ۽ غريب شاعر کي معافي ملي. پاڻ ڪٿي ۽ ڪڏهن فوت ٿيو، ان بابت ڪابه خبر ڪانهي. البته "ميلاد رسول" نالي هن جو ڪتاب اهميت رکندڙ هو.



مڪليءَ جو هڪ عام منظر

سيد احمد ۽ مير نورالدين جي برعڪس شيخ ابوسعيد جو ڇوٽون پٽ ميرڪ بايزيد پڻ پنهنجي پيءُ شيخ ميرڪ نتويءَ وانگر گهڻي اهميت رکي ٿو. بايزيد چڱو شاعر ۽ سنو خوشنويس ٿي گذريو. جنهن دور ۾ شيخ ميرڪ ٺٽي پهتو، ان وقت ۾ ميرڪ بايزيد بکر پهتو. بکر ۾ هن جي ڪردار لاءِ متضاد رايا ملن ٿا. هڪ راءِ موجب ڪيس بکر جو شيخ الاسلام، مقرر ڪيو ويو. ٻيءَ راءِ موجب هن کي بکر جو حاڪم بنايو ويو، پر ٻنهي راين ۾ صداقت ڪانهي. ميرڪ بايزيد کي ڪن سان حاڪمن جي قربت حاصل رهي، ليڪن هو بکر ۾ مستقل سڪونت اختيار



ميرڪ عبدالباقي جو مقبرو (سکر)



ميرڪ محمد پوراني، جي مزار (مڪلي)

نه ڪري سگهيو. پاڻ قنڌار ۽ بکر جي وچ ۾ ايندو ويندو ٿي رهيو. هن جي وفات سن ٩٥٠هه ۾ قنڌار ۾ ٿي. ميرڪ بايزيد ٻه شاديون ڪيون: هڪ شادي مرزا خواند جي نياڻي خانزاده بيگم سان ڪيائين، جنهن مان ٽي نياڻيون ۽ هڪ پٽ ميرڪ عبدالباقي نالي سان ٿيو. هي بزرگ ٩٤٢هه ۾ ڄائو ۽ سن ١٠١٩هه ۾ فوت ٿيو. هن جو مقبرو پراڻي سکر ۾ موجود آهي. سکر جا "ميرڪي سادات" مير عبدالباقي مرحوم جو اولاد آهن. شروعاتي دور ۾ هي خاندان سنت جماعت سان تعلق رکندڙ هو، بعد ۾ شيعه مسلڪ سان لاڳاپجي ويو ۽ موسوي سڏجڻ ۾ آيو.

ميرڪ بايزيد بي شادي سبزواري سيدن مان ڪئي. هن گهر مان ڪيس ٻه ڏيٽرون ۽ ٽي پٽ ٿيا. هڪ پٽ مير عبدالله هو جو هرات ۾ ئي اولادي جهان ڇڏي ويو. ٻيو پٽ شيخ عبدالوهاب نالي سان ٿيو. هن جو ڪتاب "فتاويٰ پوراني" گهڻو مشهور ٿيو (هن وقت اڻ لڀ آهي). هن کي عبدالغفور، عبدالغفار ۽ محمد هاشم نالي پٽ ٿيا. سندس اولاد جو سلسلو هتي ختم ٿيو. شيخ عبدالوهاب ٺٽي ۾ رهيو، جتي ٩٧٣هه ۾ فوت ٿيو. ارغون ۽ ترخان حاڪمن کي نهايت قريب رهيو. ميرڪ بايزيد جو ٽيون پٽ مير محمد ٿيو. جانڙي هيٺ آيل ڪتاب "نصرت نامهء ترخان" هن جي تصنيف آهي.

**سيد ميرمحمد بن بايزيد پوراني:**

سيد ميرمحمد، سبزواري ساداتن مان پرٿيل گهر مان، بايزيد جو وڏو پٽ هو. مصنف بابت مقامي تذڪرن ۽ تاريخن ۾ يا ته گهٽ معلومات ملي ٿي، يا وري مورڳو مُنجهيل چاڻ حاصل ٿئي ٿي. اڻ ڏس ۾ تاريخ معصومي، تحفة الڪرام ۽ مقالات الشعراء- جا نالا ڪئي سگهجن ٿا. ليڪن سيد ميرمحمد جي باري ۾ خود سندس لکيل ڪتاب "نصرت نامهء ترخان" ۽ مير مرتضيٰ جي ترتيب ڏنل "شجره سادات پوراني" مان درست مواد حاصل ڪرڻ ۾ ڪاميابي ٿي آهي. سيد ميرمحمد ان وقت سنڌ ۾ داخل ٿيو جنهن وقت مرزا شاهه حسن، والد جي موت ڪان پوءِ چام فيروز تي حاوي ٿي چڪو هو. شاهه حسن نصرپور ۾ هو جو سيد ميرمحمد اچي هن سان ملاقي ٿيو. بادشاهه هن کي گهڻي عزت ۽ اهميت ڏني. سن ٩٣١هه ۾ سيد ميرمحمد ٺٽي وڃڻ جي خواهش ڏيکاري. مرزا شاهه حسن هڪ ته سيد جي احترام جي لحاظ سان، ۽ ٻيو ته سندس جوڳي حفاظت جي خيال سان، هن کي مناسب حفاظتي دستو مهيا ڪيو. اهو ته نه ٻڌايو ويو آهي ته سيد ميرمحمد جو چاچو شيخ ميرڪ به هن سان گڏ سنڌ ۾ آيو هو، پر اسان کي خاطري آهي ته سيد ميرمحمد ۽ شيخ ميرڪ، گڏجي سنڌ ۾ آيا ۽ نصرپور ۾ اچي بادشاهه سان مليا. بعد ۾ ٻنهي جڻن کي وڏي احترام ۽ حفاظت سان ٺٽي ڏانهن موڪليو ويو. سيد ميرمحمد زندگيءَ جي آخر تائين پنهنجي ڀاءُ شيخ عبدالوهاب ۽ چاچي ميرڪ محمود وانگر ٺٽي ۾ رهيو. هن جي وفات بابت متضاد رايا ملن ٿا ڪ راءِ موجب هو ١٠٠٠هه ۾ فوت ٿيو. مير معصوم بکري سندس وفات ٩٩٠هه لکي آهي. مير قانع موجب هو ٩٧٠هه ۾ وفات ڪري ويو. پر "شجره سادات پورانيءَ" موجب، سيد ميرمحمد ستر سالن جي عمر ۾ ٩٧٢هه ۾ ٺٽي ۾ وفات ڪئي. هن کي مڪلي ٽڪريءَ تي "پوراني ساداتن" جي مقام ۾ دفن ڪيو ويو، پر ڪتبي نه هجڻ سبب هن جي قبر ڳولڻ ممڪن ڪانهي. ميرمحمد جي نالي ۾ "فتاويٰ پوراني" به منسوب ڪئي وئي، ليڪن هي تاليف سندس ڀاءُ شيخ عبدالوهاب جي آهي. سيد ميرمحمد سٺو شاعر به هو. هن جي شعر ۾ "شاهنامي" وارو بحر وزن ۽ رواني ڏسجي ٿي. سيد ميرمحمد جي واحد ۽ يگاني تصنيف "نصرت نامهء ترخان" آهي، جا صدين بعد هاڻي ظاهر ٿي آهي. هن ڪتاب

جو تعلق "سنڌ جي تاريخ" سان آهي. اندروني شاهدين موجب هيءُ ڪتاب سن ٩٦٨هـ/ ١٥٦٠ع ۾ لکيو ويو. ان وقت ٺٽي تي مرزا عيسيٰ ترخان جي حڪومت هئي.

**نصرت نامہء ترخان:**

ارغونن ۽ ترخانن سنڌ تي چورانوي سال (٩٢٧- ١٠٢١هـ) حڪومت ڪئي. هيءُ دور سنڌ اندر علمي ۽ ادبي واڌاري جي لحاظ کان گهڻي اهميت رکي ٿو. حڪمرانن جي سرپرستيءَ ۾ پرڏيهي اديبن، عالمن ۽ شاعرن سنڌ ۾ علم ادب جي آبياري ڪئي، انهن جو تعلق هرات، ڪابل ۽ قنڌار سان هو. خود حڪمرانن ۾ بہ شعر ۽ سخن جو شعور هو. اڳتي هلي مقامي ماڻهن بہ فارسي علم جي خدمت ڪئي. ذڪر هيٺ زماني ۾ نہ رڳو شاعري وجود ۾ آئي، بلڪ سنڌ جي تاريخ بابت ڪتاب بہ لکيا ويا. ان کان علاوه فارسي شاعرن جا تذڪرا بہ تيار ٿيا. ڏسندي ئي ڏسندي عنوانن ۾ وسعت ايندي وئي. ان طرح ترخانن جي خاتمي تائين، سنڌ اندر انيڪ موضوعن تي فارسي زبان ۾ ڪيئي ڪتاب لکيا ويا. ڪجهہ مثال ڏجن ٿا: شاه جهانگير هاشميءَ سن ٩٤٠هـ ۾ مثنوي "مظهر الآثار" تيار ڪئي. فخري هرويءَ، شاعرن جا بہ تذڪرا لکيا. هن جو اولين تذڪرو "روضة السلاطين" شاهہ حسن جي دور ۾ ٩٥٨هـ ۾ مرتب ٿيو. جڏهن تہ ٻيو تذڪرو "جواهر العجائب" عيسيٰ ترخان جي وقت ۾ ٩٦٢هـ ۾ لکيو ويو. مرزا عيسيٰ جي زماني ۾ ٩٦٨هـ ۾ "نصرت نامہء ترخان" لکجڻ ۾ آيو. مخدوم جعفر بوبڪائيءَ، تعليم جي موضوع تي ٩٧٦هـ ۾ "حاصل النمج" نالي ڪتاب تيار ڪيو. مخدوم نوح هالائيءَ (وفات: ٩٩٨هـ)، قرآن مجيد جو فارسي ترجمو ڪيو. مير محمد معصوم بکريءَ ١٠٠٩هـ ۾ "تاريخ معصومي" تيار ڪئي. سن ١٠١٠هـ ۾ ادراڪي بيگلاريءَ مثنوي "چنيسر نامہ" لکي. سيد عبدالقادر سال ١٠١٦هـ ۾ "حديقة الاولياء" نالي صوفين جو تذڪرو لکيو. هڪ سال پوءِ ادراڪي بيگلاريءَ "بيگلارنامہ" ترتيب ڏنو، جو سنڌ جي تاريخ سان تعلق رکي ٿو. ذڪر ڪيل اهي سڀ ڪتاب ڇپجي چڪا آهن.(١)

سنڌ جي تاريخ بابت وچئين دور ۾ لکيل ڪتابن جي جدول موجب "چچ نامہ" اولين فارسي ڪتاب آهي، جو سن ٦١٣هـ ۾ تيار ٿيو. جڏهن تہ سيد ميرمحمد پورانيءَ جو ڪتاب "نصرت نامہء ترخان" اسان جي اتماس بابت ٻيو ڪتاب آهي. هيءُ ڪتاب سن ٩٦٨هـ ۾ لکيو ويو. ان کان چاليهہ سال پوءِ ١٠٠٩هـ ۾ "تاريخ معصومي" لکجڻ ۾ آئي. "معصوميءَ" کي هيل تائين سنڌ جي تاريخ جو "ٻيو" قديم ماخذ ليکيو ٿي ويو، ليڪن سيد ميرمحمد جي هن ڪتاب ليجڻ ۽ ان جي اشاعت سان "تاريخ معصوميءَ" جي قدامت "ٽئين نمبر" تي اچي بيٺي آهي. سيد ميرمحمد جي خاندان جو

---

(١) سن ٩٨٠هـ ۾ قاضي محمود سنڌ جي صوفين جو اولين ڪتاب "تذڪره اولياء" تيار ڪيو. هي تذڪرو مرزا باقي ترخان جي دور ۾ لکيو ويو ۽ هن وقت ناياب آهي.

ارغونن ۽ ترخانن سان گهرو گهاٽو لاڳاپو رهندو ٿي آيو. ان پس منظر ۾ جڏهن سيد صاحب سنڌ ۾ پهتو، تڏهن سندس خاندان جي ٻين فردن وانگر، هن کي به مرزا شاهه حسن ارغون وڏي عزت بخشي. بعد ۾ سيد ميرمحمد ۽ هن جو پاءُ شيخ عبدالوهاب، ارغوني حڪومت جا اهم ستون بنجي ويا. ٻنهي ڀائرن کي حڪومتي معاملن جي چيڙي نبيري ۽ صلاح مصلحت ۾ سڌو سنئون عمل دخل حاصل هو. ڪجهه واقعن ۾ سيد ميرمحمد خود به عملدارن سان گڏ مقامي ماڻهن جي خلاف عمل ۾ رهيو. حاڪمن جي گهرو جنگ وجدل ۽ صلح صفائيءَ ۾ به پورانين کي دخل ڏيڻ جو حق هو. ارغونن جي ڦنڌار ۾ ڪارگذاري، سنڌ جي فتح ۽ پوءِ سنڌ تي حڪومت ڪرڻ جو انداز، اسان جي مصنف جي سامهون جا واقعا هئا. بعد ۾ ارغونن ۽ ترخانن جي ويڙهه، شاهه حسن جو موت ۽ عيسيٰ ترخان جو حڪمران ٿيڻ اهڙا حادثا آهن، جن ۾ "نصرت نامي" جو ليکڪ سيد ميرمحمد پوراني، خود هڪ اهم ڪردار طور سامهون اچي ٿو. عيسيٰ ترخان جي دور ۾ سيد ميرمحمد کي اجا به وڌيڪ اهميت حاصل ٿي. خاص طرح سان وليعهد صالح ترخان کي پاڻ نهايت ويجهو ڏسجي ٿو. مجموعي طرح سان مصنف ارغونن ۽ ترخانن کي پنجاهه سالن کان قريب رهندو ٿي آيو. ان پس منظر ۾ هن ترخانن جي تاريخ لکڻ جو ارادو ڪيو. هن پنهنجي ارادي کان صالح ترخان کي واقف ڪيو، ليڪن جڏهن مرزا عيسيٰ کي سيد ميرمحمد جي رٿا جي خبر پئي، تڏهن کيس تاڪيد ڪيائين ته سندس ڪتاب ۾ ارغونن جو احوال ضرور شامل ٿئي:

"حضرت نواب عالي خلد ملک نيز ترغيب فرموده بزبان دربار گوهر نثار ايشان گذشت ڪہ اخلاقاً [کذا] حالات سلاطين سابق ارغون را نيز در سلک تحرير در آورده شود" (ص ٢٥).

"نصرت نامہء ترخان" جا ابتدائي ويهه صفحا (چپيل ڪتاب جا)، ضروري قيل مقال ۽ تمهيد تي مبني آهن. ان بعد هن صحيفي جي لکجڻ جو سبب پيش ڪيو ويو آهي: "ذکر سبب تصنيف اين نامئہ نامي و تاليف اين صحيفہ گرامي" (ص ٢١). هن مذڪور ۾ مصنف پنهنجي ڪتاب جي رٿا پيش ڪئي آهي، جا ڪجهه هن طرح ڏسجي ٿي.

**مقدمہ:** در اموري چند ڪہ دانستن آن ضروري ست.

اهڙن نڪتن جو ذڪر، جي ڄاڻڻ ضروري آهن. هن ذڪر ۾ مصنف ارغونن ۽ ترخانن جي حسب نسب کي پيش ڪيو آهي.

**مقصد اول:** در ذکر اموري چند ڪہ، در زمان حضرت مملکت پناهي معدلت دستگاهي زبده حکام بين الانام و خلاصہ الحکام الکرام امير ذوالنون بيگ ارغون سمت ظهور يافتہ تا شهادت آنحضرت.

هن مقصد ۾ شاهه بيگ جي والد امير ذوالنون بيگ جي سرگذشت ڏني وئي آهي.

مقصد دوم: در بيان جلوس حضرت نواب شاهہ شجاع بيگ ارغون انارالله برهانہ و مرزا محمد مقيم
بجاي پدر بزرگوار خود تا زمان فوت ايشان.

هن مقصد ۾ امير ذوالنون جي قتل ٿيڻ بعد سندس پٽن شاهہ بيگ ۽ محمد مقيم جو احوال ڏنو ويو آهي.

مقصد سوم: از جلوس حضرت نواب سلطنت شعاري، گردون اقتداري نواب مرزا شاهہ حسن غازي تاآوان فوت.

هن مقصد ۾ سنڌ جي حاڪم شاهہ حسن ارغون جي احوال ۽ حڪومت ڪي ذڪر هيٺ آندو ويو آهي.

مقصد چهارم: از ابتدائي جلوس حضرت نواب ڪامياب مرزا محمد عيسيٰ ترخان خلد الله ملڪہ
زمان بوجود شريف آنحضرتِ مزين و محلي است و اين مقصد مشتمل است بر دو مقالہ-

مقالۂ اول: در ذڪر آنچہ الي غايت ڪہ اتمام اين جلد سمت ظهور يافتہ مذڪور خواهد شد.

مقالۂ ثاني: در ذڪر اموري ڪہ بعد ازين سمت ظهور يابد و اين ڪتاب را بہ "نصرت نامہء ترخان" مسمي گردانيد و من الله الاعانتہ والتوفيق.

چوٿين مقصد ۾ شروع ڪان ڪري مرزا عيسيٰ جي احوال لکڻ جي ڪوشش ڪيل آهي. هن حصي جا بہ مقالا تجويز ڪيا ويا آهن. پهرئين مقالي ۾ مرزا عيسيٰ جو احوال هن جلد جي لکجڻ تائين ڏنو ويو آهي. جڏهن تہ مرزا عيسيٰ جو وڌيڪ احوال ۽ پوء جي تاريخ، چوٿين مقصد جي ٻئي مقالي ۾ ڏيڻ جو ارادو ظاهر ڪيو ويو آهي، جو ڪتاب جو ٻيو جلد ٿي نروار ٿيڻو هو. هن مذڪور ۾ خود ڪتاب جو نالو "نصرت نامہء ترخان" ٻڌايو ويو آهي. (ص ٢٦).

جيئن رتا مان ظاهر ٿيو، اصل ۾ هي مواد "نصرت نامہء ترخان" جو جلد اول آهي، جنهن ۾ آخري واقعو سن ٩٦٨هہ جو ڏنو ويو آهي. باقي احوال ٻئي جلد ۾ اچڻو هو، پر جيئن تہ مصنف جو سرپرست مرزا صالح ٩٧٠هہ ۾ قتل ٿي ويو، ان پس منظر ۾ نہ رڳو سيد ميرمحمد ڪي گهرو صدمو پهتو، پر سنڌ جي سياسي صورتحال بہ تبديل ٿي وئي. سن ٩٧٢هہ ۾ مصنف پاڻ بہ هي جهان ڇڏيو. ورندي سال يعني تہ ٩٧٣هہ ۾ مرزا عيسيٰ بہ فوت ٿي ويو. ان ڪري ڪتاب جو رٿيل ٻيو جلد بہ لکجي نہ سگهيو. لهذا علمي دنيا ڪي "نصرت نامہء ترخان" موجوده صورت ۾ (يڪ جلدي) قبول ڪرڻو پوندو.

مصنف جي رٿا مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ڪتاب جا چار مکيہ حصا يا فصل آهن، جن ڪي هن "مقصد" سڏيو آهي. ابتدا ۾ مقدمو ڏنو ويو آهي جو الگ آهي. چئن مکيہ حصن يا فصلن (مقصد)

ڪي وڏيڪ ذيلي عنوانن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي، جن ڪي اسين پنهنجي دور جا "باب" سڏي سگهون ٿا. جيتوڻيڪ مصنف پنهنجي سوچ سان ڪتاب جا چار حصا مقرر ڪيا آهن، ليڪن اسان جي حساب سان هن تاريخ جا ٽي مکيه عنوان ٿين ٿا: سمن بادشاهن جو احوال ۽ سنڌي ماڻهن جي ڌارين حاڪمن خلاف ڀرپور جدوجهد، ارغون- ترخان دور جو احوال، ۽ مصنف توڙي سندس خاندان جي سرگذشت.

سمن ڄامن جو احوال علحده نه ڏنو ويو آهي، جيئن "تاريخ معصومي" يا "تحفة الڪرام" ۾ ڏنل آهي. البته ذوالنون ارغون کان ڪري شاهه حسن تائين مفصل ذڪر ڪندي، وچ وچ ۾ سمن جو احوال به آندو ويو آهي. سيد ميرمحمد آخري سمي حڪمران ڄام فيروز جو همعصر هو ۽ پڻ ڄام نندي جي دور جي آخر ڌاري ٿيل واقعن جي هن کي سڌي ڄاڻ هئي، انڪري ڄام نندي ۽ سلطان حسين بايقرا جي وچ ۾ "سبي" ۾ ٿيل لڙائين جو نهايت مفصل احوال لکي ٿو. هن مذڪور لکندي ڪي نوان واقعا، حادثا ۽ معرڪا منڪشف ٿين ٿا، جن بابت اڳ ۾ ڪنهن به مؤرخ قلم نه کنيو آهي. مير معصوم ۽ مير علي شير قانع، ڄام نندي جي دور ۾ سبيءَ تي ارغونن جي حملي جو ذڪر ڪيو آهي، ليڪن سندن لکت مبهم هئي. سنڌ جي سُڄاڻ محقق سيد حسام الدين راشديءَ اُن مبهم لکت کي "مڪلي نامه" جي حاشين ۾، حسين بايقرا جي منشي عبدالله مرواريد جي "فتح نامه سند" جي حوالي سان، صاف ۽ واضح ڪرڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي. سيد ميرمحمد ارغونن تي لکندي، سنڌ بابت پهريون احوال "سبي" تي ٿيل چڪتاڻ جي پس منظر ۾ قلمبند ڪيو آهي. هن جو بيان آهي ته سلطان حسين بايقرا جي وقت ۾ واپارين جي شڪايت تي، سبيءَ تي توجهه ڏنو ويو. هي واقعو ۸۹۴هه ۾ پيش آيو ۽ علائقو فتح ڪيو ويو (ص ٦٠). هڪ سال پوءِ سن ۸۹۵هه ۾ دُولهه دريا خان، سبيءَ تي جوابي ڪاهه ڪئي، جنهن ۾ شاهه بيگ جو ناءِ قتل ٿي ويو (ص ٦١-٦٢). سيد ميرمحمد، منشي عبدالله جي لکت ۽ درياخان جي مدفن گاهه واري ڪتبي ڏي ڌيان ڇڪائيندي، واقعن ۽ سالن جي تصديق ڪري ٿو. ان بعد ڄام نظام الدين، سلطان حسين جي دربار ۾، امن جي قيام لاءِ ايلچي موڪليو. هي احوال صرف "نصرت نامه" ذريعي ملي ٿو (ص ٦٥-٦٦). هنن واقعن کان پوءِ به ارغون سبي، ڳاها ۽ سيوستان تي حملا ڪري، خوف ۽ دهشت پکيڙيندا رهيا، جن بابت ڪافي نئون ۽ تفصيلي مواد هن ڪتاب ۾ مهيا ڪيو ويو آهي. ٺٽي جي فتح بعد درياخان کي شاهه بيگ جي سامهون آندو ويو. درياخان جي سڃاڻپ ڪرڻ بعد، شاهه بيگ پنهنجي سر تلوار سان سنڌ جي هن سورهيه کي قتل ڪيو: "و چون نظر ڪيميا اثرش رسيد دوست ڳاهاني ارغون ڪه در ايام دولت سلاطين آنجا بوده گفت است ڪه اين شخص مبارڪ خان است وچون پرسنده اند ڪه تو مبارڪ خاني درجواب "جيو" گفتهِ ڪه بزبان سند عبارت از بلي و آري است- حضرت سلطنت شعاري از

مقتول شدن برادرش ياد آمده بہ نفس نفيس خود يک شمشير بوي زدند" (ص ٢٢٢). سمن جي تاريخ جي حوالي سان هي معلومات بنھ نئين آهي. سنڌ جي فتح کان پوءِ ڄام صلاح الدين ۽ ڄام فيروز جي جدوجهد جا تفصيل ڏنا ويا آهن. ارغونن ۽ ترخانن جي خلاف مقامي سنڌي قبيلن طويل جدوجهد ڪئي. هن ڏس ۾ سيد ميرمحمد معاصر مؤرخ جي حيثيت ۾ معتبر معلومات مهيا ڪئي آهي. لاڙ ۽ خاص ڪري ساموئيءَ پٽيءَ ۾ سمات قبيلن جي مختلف فردن: جهڙوڪر راهو نگامرا، ڄام مهڙ (موهڙ) ۽ ويسر بن ڄام مهڙ سان ارغونن ۽ ترخانن جا معرڪا توڙي جنگ وجدل مصنف جي دور جا واقعا آهن، جن کي هن قلمبند ڪري، اينڌڙ وقت جي تاريخدانن لاءِ محفوظ ڪيو آهي. خود ڪتاب جو خاتمو بہ ويسر پٽ ڄام مهڙ جي معرڪن تي ڪيو ويو آهي(١).

مواد جي لحاظ کان "نصرت نامہٴ ترخان" جو وڏو حصو ارغونن ۽ ترخانن جي باري ۾ لکيو ويو آهي. مصنف جو خاص مقصد ترخانن جون جنگي ڪاميابيون (سوڀون) لکي تاريخ جي صفحن ۾ محفوظ ڪرڻو هو، پر پوءِ مرزا عيسيٰ جي هدايت تي ان ۾ ارغونن جي ڪارنامن کي بہ جاءِ ڏني وئي. جيئن تہ سيد ميرمحمد ۽ سندس خاندان جو هنن ٻنهي حڪمران خاندانن سان گهرو تعلق رهندو ٿي آيو، ان نسبت سان هن ڪتاب ۾ ارغونن ۽ ترخانن جا مفصل حالات دستياب ٿين ٿا. جيتوڻيڪ ارغونن کي "نسرت نامہ" ۾ جاءِ ملي، ان هوندي بہ ڪتاب جي ورق گرداني ظاهر ڪري ٿي تہ مرزا عيسيٰ ترخان هن سموري بيان تي ڇانيو پيو آهي. مرزا شاھ حسن جي دور ۾ همايون اقتدار وڃائي سنڌ ۾ پهتو ۽ لڳ ڀڳ ٽي سال هتي رلندو ڀٽڪندو رهيو. ميرمحمد معصوم بکريءَ "تاريخ معصومي" ۾ هن واقعي کي مفصل طرح سان بيان ڪيو آهي، جڏهن تہ سيد ميرمحمد انهن اهم تاريخي تفصيلن کي، سياسي مصلحت جي بناءَ تي نظرانداز ڪيو آهي. ارغون- ترخان دورن تي لکندي، سيد ميرمحمد حڪمران خاندانن جي ويڙهہ بابت اکين ڏٺي شاهد طور احوال مهيا ڪيو آهي. ڪڪرالي جي نگامرن جي جدوجهد بابت ڀرپور احوال لکندي، سيد ميرمحمد ٻڌائي ٿو تہ انهن پورچوگيزن، ڪڇ جي جاڙيجن ۽ گجرات جي ٻيڙي کان پڻ، ڏارين حاڪمن جي خلاف مدد ورتي هئي.

اسان جي حساب سان ڪتاب جو ٽيون حصو (مواد جي لحاظ کان)، خود پورانين تي لکڻ لاءِ هڪ اهم ماخذ جي حيثيت رکي ٿو. مصنف جي ذاتي جلال الدين ابوسعيد پوراني، والد بايزيد، چاچي شيخ ميرڪ محمود ۽ ڀاءُ شيخ عبدالوهاب ۽ پڻ ليکڪ سيد ميرمحمد جي باري ۾، هي ڪتاب نهايت قيمتي معلومات مهيا ڪري ٿو. ان طرح هن خاندان جي تذڪري تيار ڪرڻ ۾ وڏيڪ آساني پيدا ٿي آهي.

---

(١) سمن ڄامن بابت هن ڪتاب ۾ ڀرپور دفعو جن واقعن کي لکي محفوظ ڪيو ويو آهي، ان جي باري ۾ اسان هڪ الڳ مطالعو تيار ڪيو آهي، جو اميد تہ "مهراڻ" جي ڪنهن ويجهي شماري ۾ شايع ٿيندو.

# پُوراني خاندان جو شجرو




نوٽ: مناسب سٽاري بعد هي شجرو، ڊاڪٽر انصار زاهد خان جي تيار ڪيل شجري تان ورتل

(۱) مرزا باقيءَ جي حڪم تي ۹۸۷هه ۾ قتل ٿيو. (۲) وفات ۹۷۲هه. نصرت نامه ترخان جو مصنف. (۳) فتاويٰ پوراني جو جامع. وفات ۹۷۳هه. تحفة الڪرام ۾ تاريخ ظاهري غلط لکيو آهي؛ باقيءَ جي حڪم تي قتل ٿيو. (۴) سکر جي پورانين جو جد امجد. (۵) وفات ۱۱۶۲هه. شجره سادات پوراني جو مؤلف.

"نصرت نامہ ترخان" قديم دور ۾ سنڌ اندر لکيل فارسي تحرير جو هڪ يگانو نمونو آهي. مصنف جتي مقصد بيان ڪرڻ خاطر نثر لکيو آهي، اتي نظم ڏيندي واقعات کي وڌيڪ رنگين بنائڻ جي بہ ڪوشش ڪئي آهي. سندس نثر پر تڪلف آهي. نثر ۽ نظم جو اهڙو امتزاج پوءِ "حديقة الاولياء" (١٠١٦هہ) ۽ "تاريخ بلوچي" (١٢١٨هہ) ۾ بہ ڏسجي ٿو. بيشڪ اهڙي تحرير جو سنڌ اندر موجد سيد ميرمحمد ڏسجي ٿو. فاتحن سان شريڪ ۽ اقتدار ۾ ڀاڱي ڀائيوار سيد ميرمحمد، پنهنجي ڪتاب ۾ فاتح ۽ مفتوح وارو فرق پوري شدت سان روان دوان رکيو آهي. سنڌي، جن کي ارغونن فتح ڪيو هو، انهن لاءِ سيد ميرمحمد نهايت ئي ناشائستہ زبان استعمال ڪئي آهي. مثال طور: "درسند بسيار مرتکب کذب و دروغ مي شوند" (ص ٢٥٧)، "سندي نادان" (ص ٢٢٤)، "مردم بي دين" (ص ٦٠)، "بهزار غلام وسندي نہ پسندي" (ص ٣٧٣)، ۽ صفحي ٢٩١ تي سنڌي عورتن لاءِ استعمال ڪيل ٻولي، سنڌين لاءِ مصنف جي ذڪار جي پوري عڪاسي ڪري ٿي. ترخانن جي بغاوت ڪچلڻ لاءِ شاهہ حسن ارغون، سنڌي قبيلن جي مدد حاصل ڪئي. ان واقعي کي بيان ڪندي سيد ميرمحمد، اهل سنڌ سان پنهنجي ڀرپور نفرت جو اظهار ڪيو آهي: "و علاوہ اين تشويشات پيدا شدن عربي گاهي نامر بدبختي از قوم علف کشان بجماعت غلامان ارباب تنہ شده بود و اختيار کل امور بذات کثافت صفات ازو وابسته" (ص ٣٧٤). جائزي هيٺ ڪتاب کان پوءِ مغل دور ۾ جيڪي بہ ڪتاب سنڌ جي تاريخ بابت لکيا ويا، اُهي سڀ "نصرت نامہ ترخان" جي پيروي ڪندي، اهل سنڌ تي دشنام طرازيءَ جو سلسلو جاري رکندا آيا. هن ڏس ۾ وڏو مثال "تاريخ مظهر شاهجهاني" جو ڏني سگهجي ٿو.

جيتوڻيڪ قدامت جي لحاظ کان "نصرت نامہ ترخان" سنڌ جي تاريخ جو "چچ نامه" کان پوءِ لکيل ٻيو ماخذ آهي، ليڪن سيد ميرمحمد جي هن ڪتاب کان چاليهہ سال پوءِ تيار ٿيل "تاريخ معصومي" جي اهميت پنهنجيءَ جاءِ تي قائم دائم آهي. قديم دور ۾ اسان جي اتهاس بابت لکيل ڪتابن کي ٻن درجن ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو. چچ نامه، تاريخ معصومي، تحفة الڪرام، لب تاريخ سنڌ- هي چار ڪتاب سنڌ جي قومي تاريخ جا مسلسل ۽ تسلسل سان لکيل ڪتاب آهن. جڏهن تہ بيگلارنامہ ۽ تاريخ بلوچي جهڙا ڪتاب مقامي ۽ خانداني (Dynastic) اتهاسڪ نوعيت جا ڪتاب آهن. سيد ميرمحمد جو "نصرت نامہ ترخان" ٻئي درجي جو ماخذ آهي، جنهن ۾ ارغونن ۽ ترخانن جو بيان ملي ٿو.

**"نصرت نامہ ترخان" جي اشاعت:**

هيءُ ڪتاب لکجڻ واري دور کان وٺي علمي دنيا کان مسلسل اوجهل رهندو آيو. شايد هيءُ اُهو ڪتاب آهي جنهن جي ڳولا مرزا عيسيٰ جي ڀڙپوٽي مرزا صالح ترخان ١٠٦٥هہ ڌاري ڪرائي هئي.

ليڪن ڪتاب نہ ملڻ جي صورت ۾ ٺٽي جي سيد ميرمحمد شيرازي (نصرت نامي جي مصنف جي هم نام)، هٿ پير هٿي هڪ ٻيو ڪتاب "ترخان نامه" جي نالي سان تيار ڪري ورتو. ٢٥ فيبروري ١٩٥٠ع تي مطالعي هيٺ"نصرت نامہء ترخان" جو واحد نسخو، علي ڳڙهہ يونيورسٽيءَ جي ڪتبخاني جي لٽن ذخيري ۾ داخل ٿيو(١). ويهہ- پنجويهہ سال اڳ ڊاڪٽر شمل جي نظر هن نسخي تي پئي. ڊاڪٽر شمل ڪتاب جو فوٽو حاصل ڪري، جڳ مشهور اسڪالر پير حسام الدين راشدي صاحب ڪي موڪلي ڏنو. راشدي صاحب نسخي تي ڪوجنا ڪرڻ ۽ ان جي اشاعت واسطي "نصرت نامہء ترخان" جو مواد پنهنجي دوست ڊاڪٽر رياض الاسلام کي ڏنو. جنهن بعد ۾ نسخي جي فوٽو ڪاپي تحقيق ۽ اشاعت واسطي ڊاڪٽر انصار زاهد خان صاحب جي حوالي ڪري ڇڏي. انصار زاهد صاحب سنڌ جي مغل دور تي وڏي مهارت رکي ٿو. ان ڏس ۾ هن جو ڪتاب "هسٽري اينڊ ڪلچر آف سنڌ" جي نالي سان، سال ١٩٨٠ع ۾ ڇپجي علمي دنيا ۾ وڏي مڃتا ماڻي چڪو آهي، ڊاڪٽر صاحب هن نسخي تي آهستي آهستي، مگر نهايت احتياط سان ڪم ڪندو رهيو. ان وچ ۾ هن کي ڪلهوڙن جي دور ۾ مير مرتضيٰ جي تيار ڪيل "شجره سادات پوراني" تائين پڻ رسائي حاصل ٿي. ان کان علاوه مغل- ڪلهوڙا دور ۾ لکيل فارسي ڪتابن جي اپياس جي آڌار تي، ڊاڪٽر انصار زاهد خان صاحب، سنڌ اندر پورانين جي پس منظر، سماجي ڪارڪردگي ۽ علمي خدمتن بابت مناسب ڄاڻ حاصل ڪري ورتي. ان حوالي سان ڊاڪٽر صاحب جو هڪ مقالو بہ ڇپجي چڪو آهي[٢].

"نصرت نامہء ترخان"، ڊاڪٽر انصار زاهد خان جي ايڊيٽنگ، تشريحي حاشين ۽ مقدمي سان، سن ٢٠٠٠ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سينٽرل اينڊ ويسٽ ايشين اسٽڊيز، ڪراچي يونيورسٽيءَ ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي. ڪتاب ڊبل ڪرائون سائيز تي ڇپيو آهي، جنهن ۾ اصل فارسي متن ٤٣٧ صفحن تي مشتمل آهي. ان کان پوءِ فاضل مرتب انگريزي زبان ۾ ٣٢٣ وضاحتي حاشيا شامل ڪري، ڪتاب ۾ آيل ڪن واقعن، ماڻهن ۽ ماڳن بابت تشريحي مواد ڏنو آهي. ان کان علاوه ٦٤ صفحن جو ڀرپور مقدمو پڻ ڏنو ويو آهي. مقدمي ۾ ڪتاب جي لکجڻ وقت مغربي ايشيا توڙي سنڌ جي حالتن، پورانين جي پس منظر کان علاوه "نصرت نامہء ترخان" جو جائزو بہ پيش ڪيو ويو آهي. ڪتاب ۾ ڪجهہ لاڳاپيل ڪردارن جي مزارن جا فوٽو، نصرت نامي جي قلمي نسخي جو عڪس ۽ پورانين جو شجرو بہ شامل ڪيو ويو آهي. مطلب تہ ڊاڪٽر انصار زاهد خان هر لحاظ سان "نصرت نامہء ترخان" جي هن ايڊيشن کي معياري، جامع ۽ ڪامل بنائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي، جنهن لاءِ اسين

(١) لٽن ذخيري ۾ مير ابوالقاسم نمڪين جي ڪتاب "منشآت نمڪين" جو هڪ نسخو پڻ موجود آهي (ڏسجي ابوالقاسم نمڪين تي منهنجو مقالو).

[2] Journal of Pakistan Histarical Society, Karachi, October 2000.

سنڌ واسي سندن ٿورائتا آهيون. هن ڪتاب جي اشاعت جو محرڪ سيد حسام الدين راشدي صاحب هو، ان پس منظر ۾ ان جو انتساب پڻ راشدي صاحب کي ڪيو ويو آهي.

"نصرت نامهء ترخان" جي ڇاپي ايڊيشن ۾ ڪجهه ناروا غلطين ۽ ڪوتاهين جو اعادو پڻ ٿيو آهي، جن کان بچڻ ڪپندو هو. هڪ به مثال ڏجن ٿا: صفحي ٣٧٤ تي ارغونن- ترخانن جي بغاوت ۽ مرزا شاهه حسن پاران ڪنيل قدمن جو ذڪر ٿيو آهي، جنهن ۾ عربي گاهي هڪ ڪردار طور سامهون اچي ٿو. اهو اصل ۾ عربي ڳاهو آهي. ڳاهو (ڳاها) سنڌ جي هڪ قديم ذات آهي، ۽ هن قبيلي وارا اڄ به دادو ضلعي ۾ موجود آهن. ڊاڪٽر انصار زاهد هن حوالي سان، حاشيي ٢٩١ ۽ ٢٩٢ ۾ جيڪا وضاحت ڪئي آهي، اها تاريخي توڙي سماجي عدم واقفيت تي مبني آهي. مصنف صفحي ٢٩١ تي سنڌي عورتن جي باري ۾ نهايت ڪريل گفتگو ڪئي آهي. فاضل ايڊيٽر حاشيي ٢٣٣ ۾ ان جي تائيد ڪئي آهي. ان کان بچڻ لاء مناسب مواد موجود آهي[١]. ارغونن جي خلاف شروع ٿيل جدوجهد ۾ مخدوم بلال جو ڪردار وڏي اهميت رکي ٿو، جنهن کي سيد ميرمحمد سان گڏ ڊاڪٽر انصار زاهد خان به نظرانداز ڪري ويو آهي. ڊاڪٽر صاحب ٿي سال اڳ پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جي جرنل ۾ "نصرت نامهء ترخان" جو تعارف شايع ڪيو هو[٢]. ان ۾ پاڻ لکيو هئائين ته هن ڪتاب ۾ "سنڌي تحرير" (رسم الخط) جا ڪي نمونا به ڏسڻ ۾ اچن ٿا. افسوس ته سنڌي زبان نه ڄاڻڻ سبب، اهي نمونا متن ۾ يا مقدمي ۾ محفوظ نه ٿي سگهيا آهن. سنڌ جي تاريخ بابت هن قديم ۽ اهم ماخذ جي وڌيڪ درست ايڊيشن لاءِ لازماً ڪنهن سنڌي اسڪالر سان مشورو ڪرڻ ڪپندو هو. ائين ڪرڻ سان اڄ "نصرت نامهء ترخان" جو صحيح معنيٰ ۾ ڪامل ايڊيشن اسان جي سامهون هجي ها. ائين ٿو لڳي ته ڄڻ ڪم جو اُڪلاءُ نهايت عجلت ۾ ڪيو ويو آهي، ان ڪري نه ته فاضل ايڊيٽر ڪتاب جو متوازن تجزيو (Evaluation) ڏئي سگهيو، ۽ نه وري ڪتاب جي فهرست ۽ انڊيڪس اچي سگهي آهي. ان هوندي به ڪتاب جي اشاعت عمل ۾ آئي ۽ ڇئن صدين کان وٺي لڪل هڪ قيمتي ڪتاب منظر عام تي اچي ويو. هيءَ ڳالهه پنهنجي جاء تي وڏي اهميت رکي ٿي.



[١] "سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو"، ص ١٥٩.

[2] Journal of Pakistan Histarical Society, Karachi, April 1997.

ڊاڪٽر محمد ادريس السندي

# ڪريما فارسيءَ جو مطالعو سنڌ ۾

## (ترجما - شرح - تتبع - تضمينون ۽ تخميسون)

شيخ سعدي شيرازي (وفات ٦٩١هه) پاران، ٻارن لاءِ اخلاقيات جي موضوع تي لکيل جڳ مشهور فارسي مثنوي "ڪريما" کان ڪير واقف نه هوندو! اها مثنوي جڏهن کان وجود ۾ آئي، ڪروڙين شاگردن اُن کي پڙهيو ۽ پُرجهيو؛ لکين استادن، مڪتبن ۾ ويهي ڪتابن کي پاڙهيو ۽ هزارين شائقن انهيءَ مثنويءَ کي ياد ڪيو، ۽ ڪيترن ئي ماڻهن اُن مان هدايت جا موتي ميڙي، پنهنجي زندگي سنواري ڇڏي.

سنڌ وارن جو "ڪريما" سان لاڳاپو تمام پراڻو آهي. ڪيترن ڪُراڙن ۽ ڪُراڙين کي اڄان تائين "ڪريما" جي مثنوي جهونگاريندي ٻُڌو ويندو آهي ته:

ڪريما ببخشاي برحال ما
که هستم اسير ڪمندِ هوا

هن وقت به "ڪريما" سنڌ جي ديني مدرسن جي فارسي نصاب ۾ شامل آهي. مدرسي ۾ پڙهڻ دوران اسان کي ياد آهي ته ڪريما جي پهرئين بيت جي تتبع ۾ ناهيل ڪجهه سنڌي بيت جهونگاري هڪ پاسي پڙهائيءَ جي ٿڪاوٽ کي دُور ڪندا هئاسون ته ٻئي طرف بيت بازيءَ جو حظ به حاصل ٿي ويندو هو. اهڙا ڪجهه سنڌي بيت هيٺ ڏجن ٿا:

ڪريما رحيما وڙهيون پاڻ ۾ وڙهندي وڙهندي ڪِريون پاڻ ۾.
ڪريما جي ٻُجڪي ڪٽي ويا چهه چور به انڌا به منڊا، به لوفر لغور.
ڪريما ببخشاي بدحال کي نه ڪَائي نه پيئي، ڪٽي زال کي.
ڪريما ڪرم ڪر، هنداٿو ملي سڄو راڄ ڪائي سياٿي ڪلي.

ڪيترن ئي سنڌي عالمن "ڪريما" سنڌي ترجما ڪيا، ڪن فاضلن ان جا شرح لکيا، ڪجهه اديبن ان جا عربي ترجما جوڙيا. ڪجهه بزرگن ان جي تتبع ۾ مثنويون ناهيون ته ٻين وري ان جي تضمين يا تخميس ڪئي. اهڙين ڪاوشن مان ڪجهه ته ڇپيل آهن ۽ ڪافي اڻ ڇپيل. ڪافي وقت کان ارادو هو ته سنڌ وارن جي اهڙين مثالي محنتن کي هڪ مقالي جي ذريعي پڌرو ڪجي. ان جو هڪ مختصر خاڪو تيار به ڪري ڇڏيو هوم، پر چوندا آهن هر ڪم پنهنجي وقت تي ٿيندو آهي. الحمدلله اڄ ان ارادي کي عملي جامو پهرائيندي، هيءُ مقالو قارئين جي نذر ڪجي ٿو.

اسان شيخ سعدي جي فارسي "ڪريما" بابت، سنڌي عالمن ۽ فاضلن جي محنتن ۽ خدمتن کي ڇهن قسمن ۾ ورهايون ٿا:

(١) ڪريما جا سنڌي ترجما- اُن جا وري ٽي حصا آهن:

الف: سنڌي نثري ترجما

ب: سنڌي منظوم ترجما

ج: اهڙا سنڌي ترجما، جن جي باري ۾ معلوم نہ ٿي سگهيو آهي تہ نظم ۾ آهن يا نثر ۾.

(٢) ڪريما جا عربي ترجما

(٣) ڪريما جا شرح

(٤) ڪريما جو تضمينون، جنهن جا وري بہ حصا آهن:

الف: سنڌيءَ ۾ تضمينون

ب: فارسي ۾ تضمينون

(٥) ڪريما جون تخميسون (مخمسات ڪريما)، تنهن جا بہ بہ قسم آهن:

الف: فارسي مخمسات

ب: سنڌي مخمسات

(٦) ڪريما جا تتبعات- ان جا بہ قسم آهن:

الف: فارسي تتبعات

ب: سنڌي تتبعات

**ڪريما جا سنڌي ترجما:** منهنجي ڄاڻ مطابق ڪريما جا هن وقت تائين ١٨ ترجما ٿيل آهن، جن مان ٩ ترجما نثر ۾ ۽ ٦ ترجما نظم ۾ آهن. باقي ٽن ترجمن بابت ڄاڻ نہ ملي سگهي تہ نثر ۾ آهن يا نظم ۾، ڇو تہ انهن جو ڪوبہ نسخو منهنجي سامهون نہ آهي.

**ڪريما جا نثري ترجما:** جيئن ٻڌائي آيس تہ اهڙن نثري سنڌي ترجمن جو تعداد ٩ آهي، جن جو تفصيلي احوال هيٺ ڏجي ٿو:

**(١) ڪريما مترجم سنڌي از حيدر شاهہ هالائي:** ڪريما جو هيءُ نثري ترجمو رائل سائيز جي ٣٢ صفحن تي ٣٠٠٠ تعداد ۾ ربيع الآخر ١٣٠١هہ ۾ مطبع فتح الڪريم بمبئي ۾ ڇپيو ۽ شايع ٿيو. هن حامل متن (فارسي متن سان گڏ سنڌي ترجمو) ڇاپي جي فارسي شعرن جي ڪتابت محمد ڪليم الله دهلويءَ ڪئي، جڏهن تہ سنڌي ترجمي جي ڪتابت قاضي ميان نور محمد قريشي تاجر ڪتب لاڙڪاڻہ، خلفِ آخوند محمد حسن صاحب عقيلي سانوٽي، ساڪن هالا پراڻا، تعلقو هالا نوان ضلعو حيدرآباد سنڌ، ڪئي. آخري صفحي تي مترجم، طباعت جي سال، مطبع ۽ ڪاتبن جي

وضاحت ۾ چٽائي سان گڏ ميان نور محمد جي هڪ بيضوي مهر بہ ثبت آهي. "زنُورِ محمد جهان روشن است" (حضرت محمد ﷺ جي نور کان جهان روشن آهي).

• ترجمي جو نمونو: جيئن تہ هن ڪريما مترجم جي ڇاپي نسخي جا مون کي صرف آخري ١٦ صفحا (١٧ کان ٣٢) دستياب ٿيا آهن، انڪري منڍ وارن بيتن جي معنيٰ جو نمونو تہ نٿو پيش ڪري سگهجي، البتہ آخري بيت جو ترجمو پيش ڪجي ٿو:

منه دل بريں دير ناپائدار
ز سعديٰ همين يک سخن ياد دار
(مرک هيون هن مڙي اڻ جتا واري تي
شيخ سعدي عليه الرحمة کان هيءَ ڳالهہ ياد رک.)

• مترجم جا حالات زندگي معلوم نہ ٿي سگهيا.

• ڪاتب ميان نور محمد سانوٽي، هالائي، شايد انهيءَ آخوند محمد حسن عقيلي بن آخوند نور محمد سانوٽي بن حافظ الله بخش جي اولاد (پٽ) آهي، جنهن جي والد نور محمد سانوٽي (وفات ١٢٨٧هہ) جي جوڙيل "مخمس ڪريما نوري" جو تذڪرو اڳتي هلي "مخمسات ڪريما" ۾ ايندو.

**(٢) ڪريما مترجم سنڌي فقير محمد ولد غلام:**

"ڪريما" جو هيءُ نثري ترجمو ١٣١٢هہ ۾ جڙيو ۽ انهيءَ ئي سال عبدالواحد تاجر ڪتب حيدرآباد سنڌ، گماشته جناب فرزندانِ مرحوم مغفورِ جنت مکانِ، خلدآشيانِ، فردوس آرامگاهہ حاجي حافظ حيدر شاهہ، جي اهتمام هيٺ، رائل سائيز جي ٣٠ صفحن تي مطبع فيض سبحاني مان ڇپيو (١٥٠٠ جي تعداد ۾). مترجم هن ترجمي جي پڇاڙي ۾ لکي ٿو تہ: "الراقم حقيرالانام فقير محمد ولد غلام ماه ذوالقعده ١٣١٢هہ."

هيءُ ترجمہ ڪريما فارسي متن سان گڏ آهي. ترجمي جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

• ڪريما ببخشاي برحال ما | ڪہ هستم اسير ڪمند هوا
(اي مهربان بخش ڪر مٿي حال اسان جي | چو تہ آهيان مان ونئل ڦاهي سڌ جيجو
• دلا گر تواضع ڪني اختيار | شود خلق دنيا ترا دوستدار
(اي دل جيڪڏهہ نياز ڪرينتون قبول | ٿئي خلق دنيا جي توکي دوست رکندڙ)
• منه دل برين دير ناپائدار | زسعدي همين يک سخن ياد دار
(م رک دل مٿي هن جاءِ نہ بيهڪ واري | ڪنا شيخ مصلح الدين هيءُ هڪڙي نصيحت ياد)

• مترجم جا حالات زندگي معلوم نہ ٿي سگهيا.

(٣) ڪريما مترجم سنڌي سيٺ جشن مل:

سيٺ جشن مل گماشته جناب سيٺ وشنداس نهالچند جو جوڙي هيءُ ترجمو سيٺ وشن داس نهالچند جي اهتمام هيٺ مطبع نامي "وشن" واقع ڪراچي ۾ رائل سائيز جي ٣٢ صفحن تي ١٣١٣هه ۾ ڇپيو.

- هيءُ ترجمو حامل المتن ۽ نيٺ سنڌي تحت اللفظي آهي. مثال طور ترجمو پيش ڪجي ٿو:

اي ٻاجها ٻاجهه ڪر حال اسان جي تي    چو تہ آهيان ڦاٿل ڦاهي سڌ جي جو
اي هيانءُ! جي نوڙت ڪرين ڏٿڻ    ٿين ماٺون دنيا جا تهجا سچڻ
مرڪه هيون هن مڙي ان جتا واري تي    شيخ سعدي عليه الرحمة کان هي هڪ ڳالهہ ياد رک

- سيٺ جشن مل جا حالات زندگي معلوم نہ ٿي سگهيا.

(٤) ڪريما مترجم سنڌي - دين محمد سانوٽي هالائي

"ڪريما" جو هيءُ نثري ترجمو ١٣١٣هه ۾ عبدالواحد ڪتب فروش حيدرآباد، گماشتہ سيد مرحوم حيدر شاهہ هالائي جي فرمائش تي حافظ رڪن الدين جي اهتمام هيٺ ٣٢ صفحن تي مطبع فيض سبحاني ڪوٽڙي ۾ ڇپيو. هن حامل المتن ترجمي جي پڇاڙيءَ تي مترجم لکي ٿو تہ:

" پورو ٿيو ڪتاب پندنامہ عرف ڪريما تصنيف حضرت شيخ مصلح الدين شيرازي جو، ساڻ معني سنڌيم نهايل سڪين خاڪپا اهل الله دين محمد سانوٽي وينل هالا پراڻا تعلقو هالا نوا.... تمام ٿي. مؤلف سنڌي معنيٰ ۽ مترجم سنڌي زبان جو فقط خطا ۽ سهو جي هر حضرات خاص و عام کان معافي طلب ٿئي ٿو.

قاريا بر من مکن قهرو عتاب
گر خطائی رفتہ باشد در کتاب
بنده دين محمد سکنه هالہ کهنہ- تمام شد"

- هن ڪريما مترجم جو سنڌي ترجمو، فقير محمد واري ترجمي کان ٿورڙو مختلف آهي.
- ترجمي جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

اي سخي بخش ڪر مٿي حال اسان جي    چو تہ آهيان آءٌ وٺل ڦاهي حرص جيجو
اي دل ڪر جيڪڏهہ نياز ڪي تون قبول    ٿئي خلق دنيا جي توکي دوست رکنڙ
مرک دل مٿي هن جاء نہ بيهڪ واري    ڪنا شيخ مصلح الدين هي هڪڙي نصيحت ياد رک

- هيءُ ڇاپو غلطين سان ڀرپور آهي. ڪاتب شايد نہ سنڌي خوان آهي نہ سنڌي دان.
- آخوند دين محمد سانوٽي جو اصل نالو محمد علي هو، سندس والد صاحب جو نالو خير محمد هو. فارسي جو قابل هجڻ سان گڏ خوشنويس پڻ هو، ٧ ذوالحج آچر ڏينهن ١٣٤٦هه تي فوت ٿيو(١).

**(۵) ڪريما مترجم سنڌي - مولوي عبدالله سومرو ڪاتب:**

"ڪريما" جو هيءُ نثري ترجمو رائل سائيز جي ۲۴ صفحن تي، شري ڪرشنالال پريس سکر ۾ ڇپجي، هيمنداس ڪتبخانہ ڳڙ بازار سکر مان شايع ٿيو. البتہ ان جو رنگين ٽائيٽل جارج پرنٽنگ پريس ڳڙ بازار سکر ۾ ڇپيو. فارسي متن بہ شامل اٿس. ترجمہ تحت اللفظي آهي. نمونو پيش ڪجي ٿو:

اي سخي بخش ڪر مٿي حال اسان جي　　جو آهيان مان قيدي ڦاهي سڌ جي جو
اي دل جيڪڏهن نوڙت ڪرين تون قبول　　تنهي خلق دنيا جي توکي دوست رکندڙ
نہ رک دل مٿي انهيءَ دنيا بي بقا جي　　ڏهُن مولانا سعديءَ جي ايهو هڪ سخن ياد رک

- ياد رهي تہ هن ترجمي جو مترجم مولوي عبدالله سومرو آهي تہ ڪاتب بہ اِهوئي آهي.
- مولوي عبدالله سومري جا حالات زندگي معلوم نہ ٿي سگهيا.

**(٦) سنڌيءَ ۾ معنيٰ ڪريما جي - مولانا غلام حسين وليدائي:**

هن "ڪريما" جو خطي نسخو، سنڌالاجي جي شعبہ مخطوطات ۾ موجود آهي. هيءُ ترجمو نيث تحت اللفظي آهي. فارسي متن بہ شامل اٿس. ۱۲ ذوالحج ۱۳۸۲هہ تي پورو ٿيو. ٽوٽل ٦٨ صفحن تي مشتمل آهي. ابتدائي هڪ بيت جو ترجمو هن ريت آهي:

اي سخي بخش مٿي حال اسان جي　　جو آهيان قيدي ڦاهي حرص جي جو

- مولانا غلام حسين وليدائي "ڪريما" فارسي جو هڪ سنڌي شرح بہ لکيو هو، جنهن جو تذڪرو "ڪريما جي شرحن" ۾ ايندو، انشاء الله تعاليٰ.
- مولانا غلام حسين وليدائي ولد محمد يوسف ڪلهوڙو- ابتدائي تعليم پنهنجي والد صاحب کان حاصل ڪئي. ۱۳۳۲هہ (مطابق ۱۹۱۳ع) ۾ فارغ التحصيل ٿيو ۽ پنهنجي ئي ڳوٺ "وليد" (لاڙڪانہ) ۾ پڙهائڻ لڳو. درس نظامي جا تقريباً سمورا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيائين. ۱۹٦٨ع ۾ فوت ٿيو. (۲)

پاڻ مؤلف/مترجم ڪريما جي هن خطي نسخي ۾ لکي ٿو تہ: "اولاد کي نصيحت آهي تہ ڪتاب کنهن کي نہ ڏيڪاريو، نہ کنهن کي ڏيو." هوڏانهن مولانا موصوف جا تيار ڪيل درس نظامي جي ڪتابن جا ڏيڍ سو کن سنڌي ترجما، هن وقت سنڌالاجي ۾ آهن.

**(۷) ڪريما مترجم سنڌي - عبدالواحد شيخ ٽريجاٽوي**

تحت اللفظي سنڌي ترجمي تي مشتمل هيءُ نثري ترجمو اجان ڇپيو نہ آهي. راقم وٽ مصنف جي هٿ اکري نسخي جو فوٽو موجود آهي. وڏي سائيز جي ۲۴ صفحن تي مشتمل هيءُ ترجمو ۱۴۱۴هہ ۾ مڪمل ٿيو. مترجم اڃا حال حيات آهي. ترجمي جو نموني عرض رکجي ٿو:

اي سخي بخش متي حال اسان جي | جو آهيان مان قيدي ڦاهي سڌن جو
اي دل جيڪڏهن نوڙت ڪرين تون قبول | ٿئي خلق دنيا جي توکي دوست رکندڙ
نہ رک دل متي انهيءَ مڙهيءَ بي بقاتي | ڏهُن سعديءَ جي ٻي اها هڪ ڳالهہ ياد رک

• مولانا عبدالواحد شيخ ٽريچاٽوي ولد حافظ عبدالحميد ١٩٢٣ع ۾ ڳوٺ ٽريچاٽي (لڳ پنو عاقل) ۾ ڄائو. قرآن شريف ۽ فارسي جي تعليم پنهنجي والد صاحب وٽ پڙهيو. ١٣٥١هہ ۾ داراالهدئ ٺيڙهي ۾ داخلا ورتائين. ان کان پوءِ چار سال چڪ ۾ مولانا محمد عثمان وٽ، وري ١٣٥٧هہ ۾ پنهنجي ڳوٺ مولانا قطب الدين انيڙ وٽ، پوءِ ١٣٥٨هہ ۾ قاسم العلوم گهوٽڪي ۾ مولانا قطب الدين انيڙ ۽ مولانا مظهرالدين انيڙ وٽ پڙهيو ۽ اتي ئي فارغ التحصيل ٿيو. حال حيات مترجم پاڻ سنو ڪاتب پڻ آهي. مولوي محمد عظيم اينڊ سنز شڪارپور طرفان ڇاپيل ڪيترائي ڪتاب، مولانا موصوف جا هٿ اکري آهن. مولانا عبدالواحد ننڍا وڏا ٥٠ کن ڪتاب لکيا آهن، جن مان ٢٠ کان متي ڪتاب فارسي ۽ عربي ڪتابن جي سنڌي ترجمن تي مشتمل آهن. ڪجهہ تصنيفن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

اعجازالبيان في ترجمة القرآن- رُموزالڪتابة- زينت النساء- ارشادات نبوي فارسي پهلي (سنڌي)- سنڌي ترجمه ڪريما- سنڌي ترجمه پندنامه- سنڌي ترجمه نام حق- سنڌي ترجمه گلستان- سنڌي ترجمه بوستان وغيره (۴)

**(٨) ڪريما مترجم سنڌي- مولانا الله بخش سومرو**

هنگورجا (خيرپور ميرس) جي هن رهواسي عالم جو هيءُ ترجمو تحت اللفظي آهي. اڃان ڇپيو نہ آهي، راقم وٽ ان جو فوٽو موجود آهي. نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

اي ڪريم بخش ڪر متي حال اسان جي | جو مان آهيان قيدي خواهش نفس جو
اي دل جيڪڏهن عاجزي تون ڪرين اختيار | ٿئي مخلوق دنيا جي توکي دوست رکندڙ
نہ رک دل متي هن دنيا فاني ناپائدار تي | طرفان سعديءَ جي هيءَ ئي هڪ نصيحت ياد رک

• مولانا الله بخش سومرو ١٩٢٥ ڏاري ڄائو. ابتدائي تعليم محمد موسيٰ سومرو (ٺيڙهي) ۽ مولانا حزب الله جتوئي (رسول آباد لڳ هنگورجا) وٽ ۽ ان کان پوءِ فارسي ۽ عربي جي تعليم مولانا عبداللطيف سومرو (ديهات- تحصيل ڪنڊيارو ضلع نوشهروفيروز) وٽ ورتائين. مترجم حال حيات آهي.

**(٩) فارسي ڪريما- سنڌي ترجمو مولانا عبداللطيف سڪندري**

مولانا ابوالشاڪر حضرت علامه محمد عبداللطيف سڪندريءَ جو جوڙيل ڪريما فارسيءَ جو هيءُ نثري ترجمو، تازو فارسي متن سان گڏ، پهريون دفعو هڪ هزار جي تعداد ۾، مترجم پاڻ ڇپرايو

آهي، جيڪو ڊيمي سائيز جي ۴۸ صفحن تي مشتمل آهي. ترجمي جي منڍ ۾ شيخ سعديءَ جي سوانح بہ ڏنل آهي. ترجمي جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

اي سخي! (الله) اسان جي حال تي بخش | چو تہ مان حرص جي ڦاهيءَ ۾ قيدي آهيان
اي دل جيڪڏهن نوڙت قبول ڪرين | دنيا جي خلق توکي دوست رکي
هن بي ٻتا جان (بدن) تي پاڙي خوش نہ تي | سعديءَ رح جي اها هڪ ڳالهہ بہ ياد رک.

**ڪريما جا منظوم سنڌي ترجما :** اهڙن منظوم سنڌي ترجمن جو تعداد ۷ آهي، جن جو وچور پيش ڪجي ٿو:

**(۱۰) ڪريما جو منظوم سنڌي ترجمو - مخدوم عبدالروؑف رحمة الله عليه**

هيءُ منظوم ترجمو، ڪريما فارسيءَ پهريون سنڌي ترجمو آهي، جيڪو ۱۱۷۸ھ ۾ (مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي وقت کان چار سال پوءِ) عبدالرؤف نالي هڪ سنڌي عالم جوڙيو هو. جيئن هو ڪريما جي هن منظوم ترجمي جي پڇاڙيءَ تي فرمائي ٿو تہ:

هوا سو ياره متي هٺ هتر | جڏهہ جڙي هي نظم آيو نظر
ڏهم ڏيهہ ربيع آخر سندو | هؤ وار تڪرار آچر سندو

صفا آخر ۾ فرمائي ٿو:

ڪريو ياد ڪي رب جاڪ جيو | چتا دوزخاً جني ڪلمو چيو

لااله الاالله محمد رسول الله ﷺ

• ترجمي جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو: (قديم سنڌي صورتخطي اختيار ڪيل آهي)

ڪريما ڪرم ڪر اتي حال اسان | آهياً بند جي نفس جي ڪيد سان
تواضح ڪري دل جي اختيار | ٿئي سڀ عالم سندء دوستدار
مرڪ دل اتي ملڪ جو بي بقا | بدي شيخ ڏهہ ڪال ڪرکن ڪا

• ڪريما جي انهيءَ آخري بيت جي ترجمي کان پوءِ فرمائي ٿو:

ڪريما منجا ڪيم سنڌي ڪتاب | تسبڪو پري مر خوشي سان خطاب
ڪهم لفظ ۾ تي ڏسي ڪا خطا | سواري صحي سو ڪري سان عطا
الهٰي چوي عرض عبدالرؤف | پسن پاهجي جو ڏيو تهہ وقوف
عفو ڪر عطا سان سيئي گناهہ | جو تهجي فضل ريءَ ڪانيم راه

• هن سنڌي منظوم ترجمي جو هڪ خطي نسخو راقم جي ذاتي ڪتبخاني "قاسميہ لائبرري" ۾ موجود آهي، جيڪو ۱۲۴۹ھ ۾ ڪنڊياري جي هڪ ڪاتب عبدالرحمان بن عبداللطيف ڪتابت

ڪيو. ڪاتب لکي ٿو: (آخر ۾)

"تمت تمام شد بيدالمسڪين عبدالرحمن ولد ضعيف نحيف عبداللطيف سڪونت پذير ڪنديارہ وقت الضحي روز شبنه- تاريخ هشتم ماہ جمادي الاول سـ ١٢٤٩هـ ."

هيءُ خطي نسخو ١٣x٢٠س.م جي سائيز ۾ ٥٧ صفحن تي مشتمل آهي.

• هن منظوم سنڌي ترجمي جا خطي نسخا سنڌ جي مختلف ڪتبخانن ۾ ملن ٿا. عام طور تي هيءُ ترجمو ٻئي هڪ سنڌي عالم شيرمحمد (ڪلواري- پرڳڻو جتوئي، سرڪار بکر) طرفان تيار ڪيل ڪريما جي عربي منظوم ترجمي (جنهن جو ذڪر اڳتي اچي رهيو آهي) سان گڏ ڪتابت ٿيل ملي ٿو. اهڙا ٤-٥ خطي نسخا سنڌ جي مختلف ڪتبخانن ۾ موجود آهن.

• مترجم بابت يقين سان نٿو چئي سگھجي تہ ڪير هو، ڪٿي جو وينل هو، ڪڏهن ڄائو، ڪڏهن وفات ڪيائين؟

• ڪريما جي هن پهرئين سنڌي ترجمي بابت هڪ تفصيلي مقالو بعنوان "ڪريما فارسي جو پهريون سنڌي ترجمو" هن احقر لکيو هو، جيڪو ماهوار "الرحيم" حيدرآباد ۾ ڇپيو هو(٥).

## (١١) ڪريما جو منظوم سنڌي ترجمو - محمد عارف "صنعت":

محمد عارف صنعت شڪارپوريءَ جي هن منظوم سنڌي ترجمي جو ذڪر مرحوم لطف الله بدويءَ "تذڪرہ لطفي" ۾ ڪيو آهي. حالانڪ بدوي صاحب "ديوان صنعت" بہ ترتيب ڏنو هو، جيڪو ١٩٦٨ ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو، پر ان جي مقدمه ۾ "صنعت" جي تصنيفات جي فهرست ۾ "ڪريما" منظوم جو ذڪر ڪونہ ڪيو اٿس. هيءُ منظوم سنڌي ترجمو اڃا ڇپيو نہ آهي. بدوي صاحب نموني طور ڪجھ منظوم بيت (انهيءَ "ڪريما" منظوم جا) لکيا آهن، جيڪي پيش ڪجن ٿا:

تواضع ڪرين دل جي تون اختيار    ٿني خلق جڳ جي سندءِ دوستدار
لهي علم کان شرف ٿو آدمي    نہ دولت ڪنان ۽ نہ ڪنهن خادمي
سدا منجھہ وفا هج ثابت قدم    جو سڪي بنا نا هلي ٿو درم (٦)

• محمد عارف"صنعت" شڪارپوريءَ جي والد صاحب جو نالو "محمد امين" هو(٧). اعوان قبيلي سان تعلق رکندو هو(٨). ڪلهوڙن جي آخري دور ۾ شڪارپور ۾ ڄائو. هن ميرن جو سڄو دور ۽ انگريزن جو ابتدائي دور بہ ڏٺو. سندس استادن ۾ ملا اويس صاحب (وفات ١٢٤٦هـ) ۽ ملا صاحبڏنو (وفات ١٢٥٥هـ) شامل آهن. تعليم کان فراغت بعد ڪجھ وقت درس ۽ تدريس ۾ مشغول رهيو، پر پوءِ خيمہ دوزي (خيما/تنبو سبڻ) جو ڌنڌو اختيار ڪيائين. ڌنڌي کي عربي ۾ "صنعت" چئبو آهي، انڪري سندس استاد ڪيس ڌنڌي جي نسبت سان "صنعت" تخلص مرحمت فرمايو.

عارف صنعت ١٢٦٦هہ ۾ فوت ٿيو(٩)

**(١٢) ڪريما جو منظوم سنڌي ترجمو - هدايت الله ولد محمد حسن هالائي:**

جناب هدايت الله الحاج محمد حسن هالائي (وفات ١٣٦٥هہ) جو ١٣٣٠هہ ۾ جوڙيل ڪريما جو هيءُ منظوم سنڌي ترجمو "ڪليات هداية الله" موسوم به "نزهة الاحباب" (١٠) ۾ درج ٿيل آهي، جنهن جو خطي نسخو جناب ڪريم بخش خالد وٽ ڪراچي ۾ موجود آهي(١١). جيئن تہ اهو هن وقت منهنجي سامهون نہ آهي، انڪري ان جو نمونو نٿو پيش ڪري سگهجي.

- هدايت الله صاحب جا حالات زندگي معلوم نہ ٿي سگهيا.

**(١٣) ڪريما جو منظوم سنڌي ترجمو - درمحمد جمالي**

ڪريما فارسي جو هيءُ منظوم سنڌي ترجمو، سال ١٩١٤ع ۾ لاله نندلعل پرنٽر لاهور آريه اسٽيم پريس ۾ ڇپجي، مسٽر شولداس ٿانورداس تاجر ڪتب شڪارپور طرفان شايع ٿيو. رائل سائيز جي ٢٠ صفحن تي مشتمل هيءُ ترجمو، فارسي متن ۽ ان هيٺان سنڌي منظوم ترجمي تي مشتمل آهي. نمونو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

ڪريما تون بخشين اسان کي خطا | جو آهيان هوس حرص ۾ مبتلا
اي دل جي تواضع ڪرين اختيار | ٿئي خلق جڳ جي سندءِ دوستدار
مٿي جڳہ نہ رک دل ڪر اعتماد | رکج عارفا قول سعديءَ جو ياد

- مترجم جا حالات زندگي معلوم نہ ٿي سگهيا، البتہ ايترو معلوم ٿيو تہ لقمان خيرپور جو رهواسي هو. ترجمي جي پڇاڙيءَ تي هيءُ عبارت لکيل آهي:

"از حقير درمحمد جمالي مسکون لقمان، رياست خيرپور مير".

**(١٤) ڪريما جو منظوم سنڌي ترجمو - گڏيل چار ڪتابي وارو:**

هيءُ منظوم سنڌي ترجمو، ٻين ٽن ڪتابن (ناگمان منظوم سنڌي ترجمي سان- شاڪر نامو منظوم سنڌي ترجمي سان ۽ خطي عبارتون) سان گڏ، "گڏيل چار ڪتابي" جي عنوان ۽ نالي سان، رائل سائيز جي ٣٦ صفحن تي، منشي پوڪرداس ٿانورداس تاجر ڪتب شڪارپور طرفان ڇپيو. منهنجي سامهون ان جو ٽيون ڇاپو موجود آهي، جيڪو لاهور جي اسلاميه پريس ۾ ڇپيو. مترجم جو نالو لکيل نہ آهي. البتہ ڪافي حد تائين درمحمد جماليءَ واري منظوم سنڌي سان پيٽ کائي ٿو. جيتوڻيڪ ڪٿي ڪٿي ٿورڙو فرق بہ آهي، جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هن جي مترجم، ترجمي وقت، درمحمد جمالي جي ترجمي کي يقيناً سامهون رکيو آهي.

- ترجمي جو نمونو پيش خدمت آهي:

کريما تو بخشي اسان کي خطا تہ آهيان هوا حرص ۾ مبتلا
اي دل تواضع کرين اختيار تني خلق جڳ جي سنڌ دوستدار
متي جڳه نہ رک دل نہ کر اعتماد رکج عارفا قول سعديءَ جو ياد

**(١٥) ڪريما جو منظوم سنڌي ترجمو - ڳڙهي ياسين وارو:**

هيءَ منظوم ترجمو خطي يا ڇاپي شڪل ۾ منهنجي آڏو موجود نہ آهي. ان جو ذڪر سنڌ جي مشهور عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب پنهنجي هڪ مقالي ۾ ڪيو آهي(١٢) ۽ لکيو آهي تہ اهو منظوم سنڌي ترجمو، مولانا محمد ابراهيم جي ڪتبخانہ (ڳڙهي ياسين) ۾ هڪ مجموعي اندر موجود آهي. پر اهو معلوم نہ ٿي سگهيو تہ ان جو مترجم ڪير آهي؟

**ڪريما جا اُهي سنڌي ترجما، جن جي منظوم يا منثور هجڻ جي خبر نہ پئجي سگهي:**

ڪريما جا ڪي سنڌي ترجما اهڙا بہ آهن، جن جا ڇاپي يا خطي نسخا مون کي دستياب نہ ٿي سگهيا، البتہ انهن جو تذڪرو ڪن ڪتابن ۾ مليو، جن ۾ انهن جي نظم يا نثر ۾ هجڻ جي ڇنڊ ڇاڻ ٿيل ڪانہ آهي، انڪري اهڙن ترجمن کي ڌار بيان ڪجي ٿو.

**(١٦) ڪريما مترجم سنڌي - خليفه ڪرم الله شڪارپوري:**

هن سنڌي ترجمي جو ذڪر پروفيسر امين الله علويءَ ڪيو آهي، جنهن ان جو خطي نسخو، خليفہ عبدالغفور سومرو (شڪارپور) جي ڪتبخاني ۾ ڏٺو هو(١٣).

• خليفہ ڪرم الله، شڪارپور جي اهل الله بزرگن مان ٿي گذريو آهي. سندس والد صاحب حافظ محمد رمضان نيڪ ٻانهو هو. خليفہ صاحب فارسي ۽ عربيءَ جو ماهر هو. سنڌيءَ ۾ هڪ ڊگهو نظم بعنوان "مينا ۽ ڪانءُ" لکيو هئائين. ڪيس هڪ پٽ نصرالله نالي هو، جيڪو لاولد فوت ٿيو. خليفہ صاحب ١٢٧١هہ ڌاري فوت ٿيو ۽ شڪارپور جي انصاري محلي ۾ دفن ٿيو(١٤).

**(١٧) ڪريما مترجم سنڌي - عارف سيوستاني**

انهيءَ ترجمي جو ذڪر مولانا دين محمد وفائي ڪيو آهي. لکي ٿو تہ: ڪريما جو سنڌي ترجمو سندس (محمد عارف سيوستاني) حياتيءَ ۾ ڇپجي ورهائجي ويو(١٥).

• محمد عارف سيوستاني بهترين شاعر هو. سرڪاري ملازمت ۾ بہ داخل ٿيو هو. سب انسپيڪٽر پوليس جي عهدي تان ١٩٠٧ع ۾ رٽائرڊ ٿيو. ڪريما فارسي جي هن سنڌي ترجمي کان علاوه بہ ديوان (هڪ سنڌي، ٻيو فارسي) ۽ زمينداري نامه نالي ڪتاب بہ سندس تصنيف آهن(١٦).

**(١٨) ڪريما سنڌي مترجم - پوڪرداس واري:**

ڪريما جي هن سنڌي ترجمي جو نالو منشي پوڪرداس تاجر ڪتب شڪارپور جي "فهرست ڪتبخانہ" ۾ نظر آيو. پوڪرداس طرفان ڇپرايل "ڪريما سنڌي" جو نالو ۽ شهرت علمي حلقن ۾

(هن ڪتاب جو نالو ۽ سال بنا ڪنهن شڪ ۽ پل چڪ جي تتبع ڪريما (جو لفظ) آهي، نحو جي تعريف سان).

"تتبع ڪريما" جو عدد، ابجد واري حساب مطابق ۱۱۴۳ھ نڪري ٿو:

| | | |
|---|---|---|
| ت | : | ۴۰۰ |
| ت | : | ۴۰۰ |
| ب | : | ۲ |
| ع | : | ۷۰ |
| ڪ | : | ۲۰ |
| ر | : | ۲۰۰ |
| ي | : | ۱۰ |
| م | : | ۴۰ |
| ا | : | ۱ |
| تتبع ڪريما | : | ۱۱۴۳ |

هوڏانهن قاضي نبي بخش صاحب، جيڪو هن عربي ڪريما بابت پهريون مضمون نگار آهي، تتبع ڪريما جو ابجدي حساب ۱۱۴۵ھ ڄاڻايو آهي(۱۹). اهو حساب منهنجيءَ نظر ۾ غلط آهي. پروفيسر امين الله علوي صاحب، انهيءَ عربي ترجمي جي تاليف جو سال، لطف الله بدوي مرحوم جي ڪتبخاني ۾ موجود هڪ خطي نسخي جي آذار تي ۱۰۹۳ھ ڄاڻايو آهي(۲۰)، سو به مون کي سمجهه ۾ نه آيو. بدوي صاحب واري نسخي جي زيارت ٿئي ها ته مسئلو حل ٿي سگهي ها، پر افسوس جو باوجود ڪافي پنڌن جي انهيءَ جي زيارت کان محروم رهيس.

• هن عربي منظوم ترجمي جو مؤلف مخدوم شير محمد صاحب آهي، جيڪو "ڪلواڙي" جو رهواسي هو، جيڪو سرڪار "بکر" جي "جتوئي پرڳڻي" جو هڪ ڳوٺ آهي. نبي بخش قاضي وٽ موجود خطي نسخي جي سرورق جي ڪنڊ ني هيءَ عبارت لکيل آهي:

"الجزوٗ الاول من کتاب "تتبع کريما" صنيف فقير شير محمد ساکن موضع "کلواري" عمله پرگنه جتوئي سرکار بکهر" (۲۱).

مؤلف جا وڌيڪ حالات معلوم نه ٿي سگهيا. ترجمي جي پڄاڻيءَ تي جيڪي عربي شعر هن چيا آهن، ان ۾ پنهنجو تعارف "شيرمحمد" بجاءِ "اُسد"جي لفظ سان ڪرايو آهي. اسد جي معنيٰ جيئن ته شينهن/شير آهي، ان ڪري "اسد" جي لفظ مان سندس نالي ڏانهن اشارو ٿئي ٿو. فرمائي ٿو:

وَاسم المؤلف أَسَد مُبتَهِل    مِنَ الفُرسِ حَتّي العَرَبِ مُرتَحِل

(مؤلف جو نالو اسد (شير محمد) عاجزي ڪنڌ آهي، جيڪو فارس کان عربستان تائين سفر ڪندر آهي.) ان مان معلوم ٿئي ٿو ته هو علم جي طلب ۾ پري پري جا سفر اختيار ڪندو هو. اڳتي فرمائي ٿو:

بِكَلواڙيَ اعلَم لَه مُستَقَر    فَهيَ قَريَة فِي سَوادالبكر

(ڪلواڙي ۾ ان جو گهر آهي جيڪو بکر سرڪار جو هڪ ڳوٺ آهي.)

ڪلواڙي مان شايد "جهلي ڪلواڙي" ضلع شڪارپور وارو ڳوٺ مراد آهي (٢٢).

• هن عربي منظوم ترجمي جا ڪيترائي خطي نسخا سنڌ جي مختلف ڪتبخانن ۾ ملن ٿا، جن مان ڪي هيءَ آهن:

١- قاسميه لائبرري، ڪنديارو (راقم الحروف جو ڪتبخانو)

٢- مرحوم لطف الله بدويءَ جو ڪتبخانو، شڪارپور

٣- ڊاڪٽر مولانا عبدالرسول قادري بلوچ جو ڪتبخانو- دڙي مڳسي- سڪرنڊ

٤- حڪيم رشيد احمد ڪورائي جو ڪتبخانو- شڪارپور.

## (٢٠) ڪريما جو عربي ترجمو - عبدالڪريم چورائي:

هن ترجمي جي زيارت نه ٿي سگهي. ڪنهن وقت هن جو خطي نسخو پير وهب الله شاه راشدي جي ڪتبخاني (پير جهنڊو) ۾ موجود هو.(٢٣)، جنهن سان گڏ مؤلف جو هڪ ٻيو ڪتاب "چهل حديث" مترجم سنڌي منظوم به گڏ هو. ڏيڍ سو ورقن تي مشتمل ١٢٦٤هه جو ڪتابت ٿيل، هيءُ خطي نسخو شايد هن وقت نيشنل ميوزم ڪراچي جي ذخيرهء مخطوطات ۾ هجي، ڇو ته پير جهنڊي وارن بزرگن پنهنجا سمورا مخطوطات ميوزم کي ڏنا هئا.

• مترجم جا حالات زندگي معلوم نه ٿي سگهيا.

## (٢١) ڪريما جو منظوم عربي ترجمي - محمد ادريس السندي

راقم الحروف طرفان ترتيب هيٺ هن عربي منظوم ترجمي جو نمونو هيٺ عرض رکجي ٿو:

اِلٰهي ترحَم عَلىٰ حَالِنَا    فَانا أُسَارىٰ بِسجنِ المُنىٰ

اِلٰهي وَمَالي مُغيث سِواک    وَمَا غَافِر الذَنب شَخص سِواک

اِلٰهي طَريقَ الخَطا يا قِني    خَطايَ اعفُ ثُم الصَوابَ اهدِني

• هيءُ ترجمو اڃان مڪمل نه ٿيو آهي.

• سر دست، عربي ترجمن مان صرف انهن تنهي ترجمن جي ڄاڻ هن احقر کي ملي سگهي

آهي.

**ڪريما فارسي جا شرح ۽ حاشيا:** ڪن سنڌي عالمن/ بزرگن ڪريما جي معنيٰ ۽ مفهوم کي سمجهائڻ لاءِ انهيءَ جا شرح ۽ حاشيا تحرير ڪيا آهن. اهڙا چار شرح منهنجي علم ۾ آيا آهن، جن جو وچور ڏجي ٿو:

**(٢٢) ڪريما جو حاشيو فارسي زبان ۾ - ميان نور محمد صاحب -**

هن شرح جو (منهنجي ڄاڻ مطابق) واحد خطي نسخو راقم الحروف جي ذاتي ڪتبخاني ۾ موجود آهي، جيڪو ١٢٥٩هه ۾ ڪنڊياري (ضلع نوشهروفيروز) جي هڪ ڪاتب "عبدالرحمٰن ولد ضعيف نحيف عبداللطيف" ڪتابت ڪيو. ڪريما جي متن سان گڏ "هامش" تي ۽ بين السطور (سٽن جي وچ ۾) تمام باريڪ ۽ سهڻن اکرن سان، ميان نور محمد نالي ڪنهن بزرگ جا حاشيا ۽ وضاحتون لکيل آهن. خطي نسخو قابل ديد ۽ لائق داد آهي. ڪنارن ڪان ڪرم خورده آهي. ڪاتب جَون ٻه مهرون لڳل اٿس. هڪ سرورق تي، جنهن تي لکيل آهي تہ يَا رَحمٰنُ اُلطُف بِعَبدِکَ ١٢٥٨" (اي رحمن! پنهنجي ٻانهي تي مهرباني ڪر) انهيءَ مهر ۾ ڪاتب محترم پنهنجي نالي ڏانهن "رحمٰن" جي لفظ سان ۽ پنهنجي پيءُ جي نالي (عبداللطيف) ڏانهن "اُلطُف" جي لفظ سان اشارو ڪيو آهي. ٻي مهر نسخي جي اختتام تي آهي، جنهن تي لکيل آهي تہ. "عبدالرحمٰن عفي عنه ١٢٥٩".

• ميان نور محمد ڪير هو، ان بابت يقين سان ڪجهہ نٿو چئي سگهجي ۽ نہ اهڙي وضاحت ۽ ڇنڊڇاڻ هن قلمي نسخي ۾ ڪيل آهي. شارح ۽ محشي پاڻ کي "نور محمد عفي عنه" جي عنوان سان تعبير ٿو ڪري، جڏهن تہ ڪاتب ڪٿي ڪٿي ڪڏهن "ميان صاحب" ۽ ڪٿي "حضرت ميانصاحب" ۽ ڪٿي وري "مخدوم عفي عنه" جي عنوان سان تعبير ٿو ڪري. حاشين جي ترتيب عبدالرحمٰن ڪاتب طرفان ڏنل آهي. ممڪن آهي تہ هيءُ نورمحمد "ڪنڊا ڪاهي" لڳ نوشهروفيروز وارو بزرگ "نورمحمد شاهہ ڪنڊائي" هجي(٢٤).

• نورمحمد شاهہ ڪنڊائي، ابتدائي تعليم ڪنڊا ڪاهي ۽ کهڙن ۾ حاصل ڪئي. وڌيڪ تعليم قاضي احمد صاحب رحمة الله عليه وٽ حاصل ڪيائين. باطني تعليم بہ ان کان ورتائين، پوءِ اچي پنهنجي ڳوٺ ڪنڊا ڪاهي ۾ فيض ورهائڻ لڳو. ١٢٠٧هه ۾ فوت ٿيو. سندس مزار "ڪنڊا ڪاهيءَ" ۾ آهي.(٢٥)

**(٢٣) توضيح ڪريما - مولانا محمد مراد دليلپوري**

هن شرح جو راقم وٽ ڪوبہ نسخو في الحال موجود نہ آهي، البتہ مولانا عبدالوهاب چاچڙ لکي ٿو تہ:

"مولانا جن ڪريما تي توضيحي تصنيف لکي آهي، ان جو نالو آهي "توضيح ڪريما" . اها ڇپيل آهي. ان جي آخر ۾ مولانا جا پيا اشعار بہ آيل آهن.(٢٦)

• مولانا محمد مراد دليلپوري بن خدا بخش بهلڪاڻي، ١٩٠٧ع ڌاري پنهنجي ڳوٺ (تعلقہ ڪنڊڪوٽ) ۾ ڄائو. قرآن شريف، ميان جي محمد يوسف وٽ، پارسي مولانا محمد علي ڪوسي وٽ ۽ عربي تعليم "دليلپور" ۾ مولانا عبدالعلي عودوي وٽ حاصل ڪيائين. فراغت کان پوء ١٢ سال استاد وٽ، ١٢ سال عبدالرحيم ڊومڪيءَ جي ڳوٺ، ١٢ سال دليلپور ۾ ۽ ان کان پوء مسلسل مدرسہ دارالفيوض ڪنڊڪوٽ ۾ پڙهايائين. پنهنجي دور جو وڏو مفتي هو، شاعر بہ اعليٰ درجي جو هو. پهريائين بيعت حضرت امروٽي سان، بعد ۾ حضرت هاليجويءَ سان ڪيائين. ١٣٩٤هـ ۾ فوت ٿيو(٢٧).

**(٢٤) نصيحتنامو - ڊاڪٽر عبدالهادي سرهيو:**

هيءُ ڪتاب ڪريما جي تشريحي ترجمي تي مشتمل آهي، جنهن ۾ بيتن جي با محاوره ترجمي کان پوء ان جي تشريح بہ ڪئي ويئي آهي. فارسي متن شامل نہ آهي. ڪتاب جو مقصد ڪريما جي لفظي معنيٰ سمجهائڻ نہ، بلڪ ڪريما جو مفهوم قارئين ۾ متعارف ڪرائڻ آهي. ڪرانون سائيز جي ١٣٦ صفحن تي مشتمل هيءُ نصيحتنامو، پهريون دفعو ١٩٧٠ ۾ ۽ ٻيو دفعو ١٩٧٢ ۾ خود مؤلف لاڙڪاڻي مان شايع ڪيو. ڪريما جي ترجمي کان اڳ ۾، شيخ سعديءَ جي سوانح تفصيل سان ۽ شيخ صاحب جون چوندڙ نصيحتون وضاحت سان بيان ڪيون ويون آهن. ترجمي جو نمونو هيٺ بيان ڪجي ٿو:

= اي ڪريم! اسان جي حال تي رحم فرماءِ، جو آءٌ حرص ۽ هوس جي ڦندي ۾ (چوڪنيو) ڦاٿل آهيان.

= اي دل: جيڪڏهن تون عاجزي ۽ خاڪساري اختيار ڪنديءَ تہ دنيا جي مخلوقات توکي دوست رکندي.

= تنهنڪري بي بقا مڙهيءَ سان دل نہ لڳاءِ. آخرت جي ڪا ڳڻ ڳوٺ ڪر ۽ سعدي رحہ کان اهوئي هڪ گفتو ياد رک تہ الله ۽ سندس رسول اڪرم ﷺ جي احڪامن جي پوري تابعداري ڪري، آخرت جي سعادت حاصل ڪر ۽ هن دنيا کي آخرت جي ڪاميابيءَ جو ذريعو ٺا

**(٢٥) شرح سنڌي ڪريما فارسي - مولانا غلام حسين وليدائي**

مولانا غلام حسين صاحب پهريائين تہ "سنڌيءَ ۾ معنيٰ ڪريما جي" نالي ڪتاب لکيو، ان کان پوء هيءُ شرح لکيو (پهرئين ڪتاب جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي.) هن شرح ۾ هرهڪ صفحي تي هڪ يا ٻہ بيت ڪريما جا معنيٰ سميت ڏيئي اِن جي هيٺان تشريح لکي اٿس، ۽ ڏکين لفظن جي معنيٰ ڏني اٿس. پر هيءُ شرح نامڪمل آهي.

• هن شرح جو خطي نسخو، سنڌالاجيءَ جي لائبرريءَ ۾، مولانا موصوف جي پين مخطوطن سان گڏ محفوظ آهي، جنهن جا ١٩٧ صفحا آهن.

**(٢٦) فرهنگ ڪريما - مولانا علي محمد حقاني**

"ڪريما فارسي" جي ڏکين لفظن جي معنيٰ تي مشتمل هيءَ "لغت نامو" "فرهنگ ڪريما" جي نالي سان، لاڙڪاڻي جي مشهور عالم مولانا علي محمد حقاني جوڙيو آهي، جيڪو سندس ڪتاب "معلم فارسي" (٢٨) جو حصو آهي، ۽ صفحي ٧٦ کان ٩٠ تائين ٽوٽل ١٥ صفحن تي مشتمل آهي. سنڌي معنيٰ سان گڏ اردو معنيٰ بہ ڏنل آهي. مولانا موصوف حال حيات آهي.

• مولانا علي محمد حقاني ولد امير بخش سومرو، ١٣٣٦هه (١٩١٨ع) ڌاري نئون ديرو ۾ ڄائو. چار درجا سنڌي عاقل ڳوٺ (لاڙڪاڻي) ۾ (جتي سندس والد صاحب لڏي آيو هو) پڙهيو. قرآن شريف بہ اُتي پڙهيو. پوءِ سنهڙي (لاڙڪاڻي) ۾ مولانا محمد ڪامل دايہ وٽ فارسي جي تعليم حاصل ڪري، چنگل (رتوديرو) ۾ مولانا حبيب الله نوناري وٽ ارشاد الصرف ۽ صرف جا ٻيا ڪتاب پڙهيو. ان کان پوءِ ميرو خان ۾ مولانا خوش محمد صاحب وٽ نحو جا ڪجهہ ڪتاب پڙهي، قمبر علي خان ۾ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي وٽ (جيڪي مولانا ڪورائي وٽ آخري سال جا ڪتاب پڙهي رهيا هئا) منطق پڙهڻ آيو. مولانا علي محمد حقاني سائين قاسمي صاحب جو پهريون شاگرد آهي. ان کان پوءِ رتي ديري ۾ مولانا عبدالله چانڊيو وٽ، ٺل حمزه (بهاولپور) ۾ مولانا حبيب الله گمانوي وٽ، ڪوٽ مٺڻ ۾ مولانا واحد بخش وٽ، درخواست ۾ مولانا عبدالله درخواستي وٽ؛ ڀُني شريف (سرگوڌا) ۾ مولانا ولي الله وٽ، (راولپنڊي ۾ مولانا غلام الله وٽ، لائلپور (فيصل آباد) ۾ قاضي شمس الدين وٽ پڙهيو. گوجرانوالا ۾ مولانا قاضي شمس الدين وٽ ١٩٤٧ع ڌاري دوره حديث پڙهي فارغ التحصيل ٿيو. فراغت کان پوءِ "عاقل" ۾ پڙهائڻ شروع ڪيائين. جتي ٥-٦ سال پڙهائي، ڪرڙاه هليو ويو. اُتي ٦-٧ سال، وري برهوڻ (شاهپور چاڪر لڳ) ۾ هڪ سال، ان کان پوءِ پڪاچانگ ۾ ٦-٧ سال رهي پنهنجي ڳوٺ عاقل هليو آيو. ١٩٧٧ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ پڙهائڻ شروع ڪيائين، جتي هن وقت تائين پنهنجي طرفان جامعہ اشاعت القرآن و الحديث نالي قائم ڪيل اداري ۾ رهي ٿو(٢٩). سندس وڏو فرزند ڊاڪٽر خالد محمود سومرو، جميعت العلماء اسلام سنڌ جو جنرل سيڪريٽري آهي. مولانا حقاني جي تصنيفن ۾ هينيان ڪتاب شامل آهن:

نبوي نماز بہ جلد ٢- معلم فارسي- ترجمه مسند الامام الاعظم- سيف حقاني- مطرقہ حقاني- آئينه اعتقاد- افهام الصرف- ترجمه تلبيس ابليس وغيره.

**تضمينون:** پنهنجي شعر سان، ٻئي ڪنهن جي شعر کي سلهاڙڻ کي "تضمين" چئبو آهي(٣٠). مثلاً:

ســنو ڪوٽ پتلون گـهـڙيال ڏار    شـود خلق دنيـا ترا دوسـتدار.

مٿي ٻڌائي چڪو آهيان تہ ڪريما جون تضمينون ٻن قسمن جون آهن: ١- ڪريما جي فارسي بيتن سان، سنڌي بيتن جي تضمين، ٢- فارسي بيتن سان فارسي بيتن جي تضمين-

**ڪريما فارسي سان سنڌي بيتن جي تضمين:** انهيءَ ميدان ۾ مون کي سردست هيٺيون تضمينون هٿ آيون آهن، جن کي تفصيلوار بيان ڪجي ٿو:

**(٢٧) ڪريما سنڌي تضمين سان ڪريما سعدي-آخوند فيض محمد ولد آخوند فتح محمد روهڙائي**

هن ڪريما جو خطي نسخو، خود مصنف جو هٿ اکري (سال ١٨٨٩) نظر مان گذاريو(٣١) ٢٠ x١٥ س.م سائيز جي ٣٤ صفحن تي مشتمل آهي. جنهن ۾ ڪريما جي تضمين سان گڏ ميان فيض محمد جا مختلف عريضه جات، فارسي ۽ سنڌي غزليات بہ شامل آهن. تضمين جو طريقو هيءُ اختيار ڪيو اٿائين: ڪريما فارسي جي هر بيت جي مطابق يا هم معنيٰ هڪ سنڌي بيت بہ سٽو فارسي بيت کان اڳ آندو اٿائين. نمونو هيٺ تحرير ڪجي ٿو:

سچا فيض محمد جي سڻ تون صدا    ڪيم ناروا ڪم ڪوجها ڪچا
ڪريما ببخشاي برحال ما    ڪه هستم اسير ڪمندِ هوا
نماڻائي نوڙت ڏريون ڏيان ڏار    تہ سيکو چٽو توتي آئي پيار
دلا گر تواضع ڪني اختيار    شود خلق دنيا ترا دوستدار
ايهو گهر نہ نيبهہ ڪنهيسان اي يار    تون سعديءَ جو هي هڪ وچن نا وسار
منه دل برين دير نا پائدار    ز سعدي هميں يک سخن ياد دار

• سرورق تي مولف موصوف تاليف جو سال ڄاڻائيندي لکي ٿو تہ:

جڏهن سال هجري هو تيره سا پنج    تڏهن هي ڪريما جوڙي لاءِ سهنج
تہ هرڪو پڙهي فيض وارو ٿئي    جو سعدي سعادت جو ڪوليو آهي گنج

• آخوند فيض محمد ١٢٤٤هہ ۾ روهڙي ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم روهڙيءَ ۾ ورتائين. پاڻ عربي، فارسي ۽ ديني علمن سان گڏ علم رياضي، رمل، جفر، نجوم، ابجد، صرف، نحو، تاريخ ۽ جاگرافي وغيره جو بہ ڄاڻو هو. خوشخط بہ هو. فراغت کان پوءِ مختلف جاين تي خانگي طور پڙهائڻ شروع ڪيائين. ان کان پوءِ روهڙيءَ جي پوسٽ آفيس ۾ "چالان نويس" مقرر ٿيو. بعد ۾ ان کي بہ ڇڏي روهڙي بندر تي "ناڪي منشي" مقرر ٿيو. ان کان پوءِ هڪ سنڌي پرائمري اسڪول جو هيڊ ماستر ٿيو ۽ اتان ئي رٽائر ٿيو. پنهنجي زندگي جو ڪافي احوال "نالہ راز" ۾ ڏنو اٿائين، ١٩٠٣ ڌاري

فوت ٿيو (٣٢).

**(٢٨) ڪريما نيچرل- مرحوم شمس الدين بلبل ١٩١٩ع :**

ڪريما نيچرل، ڪريما فارسيءَ جي مڪمل تضمين ته ڪانهي آهي، البت ڪريما جي ڪجهه خاص بيتن جي تضمين تي مشتمل آهي. تضمين جو طريقو هيءُ آهي ته پهريائين هڪ سٽ سنڌيءَ ۾، اُن کان پوءِ هڪ سٽ فارسي بيت جي آهي. بيني سٽون هم قافيه آهن. نمونو پيش ڪجي ٿو:

پيارج ڪوٽيرو وسڪي جو پا   ڪريما ببخشاي برحال ما
وڏا مان ڪيان ٿو ولايت لئه وس   نداريم غير از تو فرياد رس
ڪتي پسترڙي کي ڪجين ڪور ڪور   نه باشي ز گلزار فردوس دور

• ڪريما نيچرل جو پهريون ڇاپو ١٨٩٢ع ۾ ۽ ٽيون ڇاپو "ديوان بلبل" سان گڏ ١٩٠٦ع سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيو.

• مرحوم شمس الدين بلبل، ١٨٥٧ع ۾ ميهڙ ۾ ڄائو. اُتي ئي نپنو ۽ وڏو ٿيو، اُتي ئي پڙهيو ۽ ڪمال کي پهتو. سنڌ مٿان انگريزي حڪومت جو ابتدائي دور هو. مسلمانن کي پيڙيو پئي ويو، ان ڪري ڪن دردمندن جديد تعليم حاصل ڪرڻ تي زور ڏنو. پوءِ جن نئين تعليم حاصل ڪئي، انهن ۾ هڪ نئون ڦيرو آيو. انهن انگريزي تهذيب جي اکيون بوٽي نقالي شروع ڪئي. مرحوم بلبل پنهنجي ظرافت آميز ۽ مزاحيه شاعريءَ سان انهن "ديسي صاحبلوڪن" جا خوب ڇوڏا لاٿا(٣٣). "نيچرل ڪريما" ان جو واضح ثبوت آهي. سنڌ ۾ ظريفانه شاعريءَ جو موحد بلبل مرحوم هو(٣٤).

**(٢٩) پليگي ڪريما - شمس الدين بلبل**

مرحوم بلبل "نيچرل ڪريما" کان سواءِ "ڪريما" جي تضمين ۾ "پليگي ڪريما" به ناهي هئي، مگر افسوس جو ان جو ڪو سالم نسخو ملي نه سگهيو آهي. ان ج' ني بيت "ڪلام بلبل" ۾ آيل آهن، اهي هيٺ ڏجن ٿا. تضمين جو طريقو ساڳيو آهي- هڪ سٽ سنڌيءَ ۾ ۽ ٻي سٽ فارسيءَ ۾.

پليگيءَ جي لانڍين کان پرور بچاءِ   ڪريما ببخشاي برحال ما
پليگي بلا ۾ نه ڪر مبتلا   ڪه هستم اسير ڪمند هوا
رنن جي نه وٺ تون ڪڌهن ريت راءِ   ڪه ناگه رسد برتو قهرِ خدا(٣٥)

**(٣٠) ڪريما نيچرائي - مرتضائي ٺٽوي**

.سيد غلام مرتن يٰ شاه رضوي ٺٽويءَ (وفات ١٣٢٨هه) به مٿئين طرز تي ڪريما جي تضمين "ڪريما نيچرائي" جي عنوان سان ناهي هئي، پر افسوس جو ان جو ڪوبه نسخو (خطي يا ڇاپي) دستياب نه ٿي سگهيو. انڪري ان بابت وڌيڪ تبصرو نٿو ڪري سگهجي. هن "نيچرائي ڪريما" جو ذڪر ڊاڪٽر ديدار حسين شاه رضويءَ پنهنجي هڪ مقالي "مرتضائي ٺٽويءَ جون ادبي خدمتون" ۾

ڪيو آهي(٣٦).

• مرتضائي ٺٽوي، ١٢٥٩هه (١٨٤٤ع) ۾ ڄائو. پاڻ ٺٽي جي رضوي سيدن مان هو. قادرالڪلام شاعر هو. فارسي، سنڌي، عربي، ترڪي، هندي، سنسڪرت، ديوناگري ۽ اردو زبانن جي مهارت رکندو هو. سندس تصنيفن ۾ نجاة القلوب، مثنوي يوسف زليخا سنڌي ترجمو، طوطي نامو سنڌي ترجمو، سڪندرنامو سنڌي ترجمو، شاهه نامو سنڌي ترجمو (ڪجهه حصو)، ڪريما نيچرائي، نورالهديٰ فارسي ترجمو ۽ ديوان مرتضائي شامل آهن. (٣٧)

**(٣١) ڪريما قائمي - مخدوم محمد روشن صديقي**

هن تضمين جو خطي نسخو مولف موصوف جي پوٽي مخدوم محمد روشن صديقي پاٽائي حيدرآبادي وٽ موجود آهي. راقم الحروف ٻه ان تان فوٽو اسٽيٽ حاصل ڪيو آهي. ١٦x٢٠ س م سائيز جي ٢٠ صفحن تي مشتمل هيءُ خطي نسخو مؤلف جو هٿ اکري آهي ۽ مؤلف ان وقت لکيو هو، جڏهن پاڻ ڳوٺ سونو جتوئي ۾ مولانا غلام عمر صاحب وٽ پڙهندو هو. پنهنجي تخلص "قائم" جي آڌار تي، هن تضمين جو نالو "ڪريما قائمي" رکيو اٿس. تضمين جو طريقو ساڳيو "بلبل" وارو آهي. نمونو پيش ڪجي ٿو:

(نوٽ) ياد رهي ته هيءُ "ڪريما قائمي" سڄي "ڪريما" جي تضمين نه آهي، بلڪ ڪريما جي چوند شعرن جي تضمين آهي.

| | |
|---|---|
| ادا تون ته ڪر پيروي پيءُ ماءُ | ڪريما ببخشاي برحال ما |
| ادا تون سخاوت جي هٿ کي ڊيگهار | مکن تکيه بر عمر ناپئدار |
| پڙهيو جنهن نه قرآن عربي هينئر | بهشتي نه باشد بحکم خبر. |

• مخدوم محمد روشن صديقي ولد عبدالله صديقي پاٽائي، پاٽ شريف جو وڏو عالم ٿي گذريو آهي. مختصر ڄمار ماڻي، ١٩٤٢ع ۾ فوت ٿيو. ٿورڙي عمر هوندي ٻه هن ڪيترا ڪتاب لکيا، جن مان تي ڪتاب القانتات، ١٩٣٧ع- پاٽ پراڻيءَ جي اڳوٽي تاريخ ١٩٣٧ع ۽ تحفه رمضان ١٩٣٧ع، (جيڪو ١٩٩٥ ۾ ڇپيو) ڇپيل آهن. ٻيا ڪتاب قلمي صورت ۾ موجود آهن. مثلاً چهل حديث، طهورالمسلمين، رحمت رضوان، فرحة الصائمين، تعبير صادق، مسافر آخرت (٣٨).

**ڪريما فارسي سان فارسي بيتن جي تضمين:** انهيءَ سلسلي ۾ مون کي صرف هڪ تضمين هٿ آئي آهي. يقيناً سنڌ جي عالمن ان ڏس ۾ ٻيا ٻه ڪتاب جوڙيا هوندا پر مون کي هٿ نه آيا آهن.

**(٣٢) تفهيم ڪريما - مولانا محمد لغاري**

استاد الڪل (عرف ڏاڏا اُستاد) مولانا محمد صاحب لغاري (سابق استاد دارالهديٰ ٺيڙهي) جي ١٣٤٩هه ۾ جوڙيل هيءُ فارسي تضمين، "تفهيم ڪريما" جي نالي سان، ١٣٧١هه ۾ ١٧x٢٦

س.م جي سائيز تي، ٣٢ صفحن تي، عبدالحفيظ، پيش امام مسجد نور مياڻي روڊ سکر طرفان شايع ٿي، جنهن جي ترتيب هن ريت آهي تہ ڪريما فارسيءَ جي هر بيت جي پهرئين سٽ کان پوءِ، پنهنجي طرفان بہ ستون فارسي بيت جون، ڪريما جي بيت سان هم قافيہ ڏيئي ڪري، آخر ۾ ڪريما جي بيت جي پوئين سٽ آندي آهي. نمونو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

ڪريما ببخشاي برحال ما — ڪه غرقيم در بحر جرم و خطا
ز زنجير ظالم رها کن مرا — ڪه هستم اسير ڪمند هوا
دلا گر تواضع ڪني اختيار — بدست آوري دولت ناپائدار
تواضع ڪند سرت گرقدار — شود خلق دنيا ترا دوستدار
منه دل برين دير ناپائدار — ڪه پرورد مي خورد چون تو هزار
عزيز از دنيا دل آزاد دار — ز سعدي همين يک سخن يا دوار

• تضمين جي پڇاڙيءَ تي مؤلف لکي ٿو:

بلطف خداوند صاحب ڪرم — غلام غلام محمد شدم
اگر دورم از بارگاهش چه غم — ڪه در پايش افتاده بينم دلم
ز هجرش شکايت چرامي ڪنم — چو تصوير جانان بدل بنگرم
ز قطرات اولاد آن سرورم — صدف دارلؤلؤ بجان پرورم

• جيئن تہ مؤلف جي هڪ پٽ جو نالو "عزيز احمد" هو، ان ڪري "تفهيم ڪريما" ۾ ڪٿي ڪٿي ان کي "عزيز" جي لفظ سان خطاب ڪيو ويو آهي.

• استادالڪل مولانا محمد صاحب لغاري اصل ۾ جامپور (ڊيره غازي خان) جو وينل. حضرت امروٽي جي ارشاد سان، حضرت مولانا عبيدالله سنڌيءَ کين تدريس لاءِ پنجاب مان سنڌ ۾ گهرايو هو. پير جهنڊي ۾ مولانا سنڌيءَ سان (جلاوطني کان اڳ) گڏ تدريسي ڪم شروع ڪيائين. سندس شاگرد هزارن جي تعداد ۾ آهن. بزرگ مولانا حمادالله هاليجوي ۽ مولانا حبيب الله نيڙهيائي بہ سندس شاگرد آهن. پير جهنڊي کان پوءِ نوابشاهہ لڳ ڳوٺ "ٽنڊو ڪيريو" ۾، ان کان پوءِ راڻيپور ۾ پيرن وٽ درس و تدريس ۾ مشغول رهيو. مولانا محمد صادق راڻيپوريءَ جو خاص مربي هو. ١٣٥٨هہ کان ١٣٦٩هہ تائين دارالهدي نيڙهي ۾ مدرس رهيو. "ڏاڏا استاد" يا "استاد الڪل" جي لقب سان مشهور هو. سندس تصنيفات ۾ تفسير سورة يوسف، شرح حاشيه عبدالغفور، اقليدس جديد ۽ تفهيم ڪريما شامل آهن. پاڻ ١٣٧٢هہ جمادي الآخرة ۾ سکر ۾ فوت ٿيو(٣٩).

وفات وقت سندس عمر ١٣٥ سالن کان مٿي هئي. پاڻ شاهہ محمد اسحاق دهلويءَ جو سڌو سنئون شاگرد هو(٤٠). سندس هڪ تصنيف "نزهة الاذهان في ترجمة نزلة الاعيان" جو قلمي نسخو

درگاهہ شريف پير جهنڊو جي ڪتبخاني ۾ ڏٺو اٿم.

**مخمسات ڪريما** - مخمس جو لفظ "تخميس" مان ورتل آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي پنجن وارو. شعر جي اصطلاح ۾ پنجن سٽن واري نظم کي "مخمس" ۽ اهڙي نظم جي جڙاوت کي "تخميس" ڪوٺيو ويندو آهي. تخميس ٻن قسمن جي ٿيندي آهي.

١- اصلي تخميس- يعني ڪو شاعر اٿندي ئي هڪ قصيدي ۾ پنجن مصرعن وارا بند ٺاهي:

جيئن: هــل سگهو قرآن تي رب جي فرمـــان تــي
مات ڪر شيطان کي جي تون آهين پهلوان
اي سلڇٽا نوجوان.

٢- تضميني تخميس- يعني هڪ شاعر ٻئي ڪنهن شاعر جي ڪنهن قصيدي جي هرهڪ بيت (ٻن مصرعن) سان تضمين طور ٽي مصرعا، پنهنجي طرفان ملائي ڇڏي، جيئن ڪريما جي آخري سرخي جي هڪ بيت جي تضمين طور هيئن ڇنجي:

دراين منزل يار شيرين زبـــان بيايد ز دنـــــيـــا وتـدبير آن
گريزان شوي همچو تيز از کمان منه دل برين منزل جان ستان
ڪ دروي نہ بيني دل شادمان

هن قسم جي تخميس ۾ نئين شاعر طرفان وڌايل ٽن مصرعن جو، اصلي شاعر جي بيت سان هم قافيہ هجڻ ضروري هوندو آهي.

• ڪيترن سنڌي عالمن "ڪريما" جي تخميس ڪندي، "مخمسات ڪريما" جوڙيا آهن. اهڙين مخمسات کي ٽن قسمن ۾ ورهائجي ٿو: ١- فارسي مخمسات، ٢- سنڌي مخمسات، ٣- اهڙا مخسمات، جن جي باري ۾ معلومات نہ ملي سگهي آهي تہ سنڌيءَ ۾ آهن يا فارسي ۾.

**فارسي مخمسات:** يعني ڪريما جا اهڙا مخمسات، جن ۾ ڪريما جي هر فارسي بيت جي ٻن مصرعن کان اڳ ٽي مصرعا فارسي جا ملايا وڃن. اهڙا فارسي مخمسات هيٺ ڄاڻائجن ٿا:

**(٣٢) مخمس ڪريما - خواجه نظام الدين سرهندي**

خواجه نظام الدين سرهندي مجددي شڪارپوري (وفات ١٢٧٣هـ) جي هن "مخمس ڪريما" جو ذڪر مخدوم محمد ابراهيم خليل ٺٽويءَ، "تڪمله مقالات الشعراء" ۾ ڪيو آهي. البتہ ان جو قلمي يا ڇاپي نسخو اسان کي نہ ملي سگهيو آهي.

• خواجہ نظام الدين پشاور ۾ ڄائو. ١٢٢١هـ ڌاري پنهنجي پيءُ، ڀاءُ ۽ خاندان سميت شڪارپور اچي رهيو. سيد احمد شهيد (شهادت ١٢٤٦هـ) جڏهن سکن سان جهاد لاءِ ويندي، سنڌ مان لنگهيو تہ حضرت سيد صبغة الله شاهہ راشدي (وفات ١٢٤٦هـ) وانگر، حضرت نظام الدين

سرهندي ٻہ سندس شاندار استقبال ڪيو. ١٢٧٣هہ ۾ فوت ٿيو ۽ شڪارپور ۾ ئي دفن ٿيو. سندس تصنيفن ۾ چئن ڪتابن جا نالا مليا آهن. اسرار رموز نقشبنديہ، مخمس ڪريما، بياض متفرقات ۽ معدن الانوار (٤٣).

### (٣٤) مخمس ڪريما - آخوند نور محمد سانوٽي

آخوند نورمحمد بن حافظ الله بخش عقيلي، سانوٽي، هالائي، جو "ڪريما نوري" جي نالي سان ترتيب ڏنل هن "مخمس ڪريما جو" خطي نسخو، قاضي شوڪت علي قريشي وٽ هالا پراڻا ۾ موجود اهي، جنهن تان راقم الحروف عڪس ورتو آهي. اصل نسخو آخوند محمد حسن ولد آخوند نور محمد سانوٽيءَ، ترتيب ڏنو هو، جنهن تان محمود بن محمد حيات بن نور محمد بن محمد قاسم بن محمود سانوٽيءَ ١٧ ربيع الثاني ١٣٩٤هہ مطابق ١٠ مئي ١٩٧٤ع ۾ نقل ورتو. (۽ اِهوئي قاضي شوڪت علي صاحب وٽ موجود آهي)، جيڪو ١٥X٢٠ س.م جي ٣٩ صفحن تي مشتمل آهي. تخميس جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

بنام تو اي نور ارض و سما　　　که از عرش تا فرش کردي بپا
بدرگاهہ آورده ام الــــتجا　　　کريما ببخشــاي بــرحال مــا
که هستم اسير کمند هــوا

اگر چشم داري بعز و وقـــار　　　بوصــف تکبر مــکن زينهــار
که گفت است سعدي والاتبار　　　دلا گـــر تواضع کني اختيار
شود خلق دنيا ترا دوستدار

**سنڌي مخمسات:** سنڌي مخمسات منجهان اسان کي صرف هڪ "مخمس ڪريما" جي سُڌ آهي. جنهن جو ذڪر ڪجي ٿو.

### (٣٥) مخمس ڪريما سنڌي - "مرتضائي" ٺٽوي

سيد غلام مرتضيٰ شاهہ رضوي (وفات ١٣٢٨هہ) عرف "مرتضائي ٺٽوي" جي هن "مخمس ڪريما" جو تذڪرو مخدوم محمد ابراهيم خليل ٺٽويءَ، "تڪملہ مقالات الشعراء" (٤٤) ۾ ۽ پير حسام الدين راشدي صاحب، پنهنجي هڪ علمي مقالي "ننگر ٺٽي ۾ تصنيف ۽ تاليف جو جائزو" (٤٥) ۾ مرتضائيءَ ٺٽوي جي تصنيفن جي فهرست ۾ "مخمس ڪريما سنڌي" جي نالي سان ڪيو آهي. مون کي انهيءَ مخمس جي زيارت ڪٿي بہ نصيب نہ ٿي سگهي آهي.

**ٻيا مخمسات** "ڪريما" جا ڪي مخمسات اهڙا بہ آهن، جن جي زيارت نصيب نہ ٿي سگهي آهي، البتہ اُنهن جو ذڪر مختلف هنڌن/ڪتابن ۾ مليو آهي، پر اُنهن جي باري ۾ اِهو معلوم نہ ٿي

سگهيو آهي تہ اُهي تخميسون فارسي ۾ آهن يا سنڌي ۾؟ اهڙا بہ مخمس هيٺ ڄاڻائجن ٿا:

**(٣٦) مخمس ڪريما - قاضي غلام عمر آريجو**

هن مخمس جو ذڪر ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڪيو آهي(٤٦)، پر اهو نہ ڄاڻايو اٿس تہ فارسي ۾ آهي يا سنڌي ۾.

• قاضي غلام عمر آريجو، ڳوٺ "آريجا" (لاڙڪاڻي) ۾ سال ١٨٥٠ع ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو محمد عثمان هو. ابتدائي تعليم مولوي الله بخش ڪوهاري وٽ ۽ طب جي تعليم مولوي عبدالرزاق قاضي (تراڻي ڪماريو- ڳڙهي ياسين) وٽ حاصل ڪيائين. طب کان پوءِ ساڳئي استاد وٽ ڪجهہ قدر عربي تعليم بہ حاصل ڪيائين. جيتوڻيڪ پگ ڪانہ ٻَڌي هئائين، تڏهن بہ عربي ۾ چڱي مهارت حاصل هئس. ان کان پوءِ فاضل ڪلهوڙي ڳوٺ ۾ اچي درسگاهہ کولي، فارسيءَ جي تعليم ڏيڻ لڳو. ان سان گڏ شفاخانو بہ هلائڻ لڳو. شاعر بہ اعليٰ درجي جو هو. ٩ فيبروري ١٩٣١ع ۾ فوت ٿيو(٤٧).

**(٣٧) رحيما بطرز ڪريما، مخمس**

"رحيما بطرز ڪريما مخمس" جي نالي سان نهيل، اِنهيءَ مخمس ڪريما جي ڄاڻ مون کي منشي پوڪرداس تاجر ڪتب شڪارپور سنڌ طرفان ڪتاب "رسالو جنن ۽ شيطانن جو" (تصنيف مولوي حاجي محمد خلف مرحوم آخوند محمد اسماعيل بن مرحوم آخوند دين محمد بوبڪائي) جي سرورق جي اندرئين صفحي تي، پوڪرداس طرفان ڇپرايل ڪتابن جي فهرست مان ملي، جنهن جي قيمت ٥ آنا ڄاڻايل آهي. اهو لکيل نہ آهي تہ فارسي ۾ آهي يا سنڌي ۾.

**تتبعاتِ ڪريما:** هن عنوان هيٺ مان اهڙين مثنوين جو ذڪر ڪرڻ چاهيان ٿو، جيڪي شيخ سعديءَ جي "ڪريما فارسي" جي تتبع ۾، انهيءَ طرز تي جوڙيون ويون آهن. جيئن مٿي ذڪر اچي چڪو تہ اهڙا تتبع بہ ٻن قسمن جا آهن: هڪڙا فارسي، ٻيا سنڌي.

**فارسي تتبعات:** ڪريما جي طرز تي فارسي ٻوليءَ ۾ جوڙيل، اهڙين مثنوين جو ڳاڻيٽو (منهنجي ڄاڻ مطابق) چار آهي، جن جو تفصيل سان ذڪر ڪجي ٿو.

**(٣٨) ڪريمانو بطرز ڪريما سعدي - غلام محمد ولد خضر**

جناب غلام محمد ولد خضر (وفات ١٣٢٥هہ) طرفان ١٣١١هہ مطابق ١٨٩٣ع ۾ ڪريما جي تتبع ۾ تيار ڪيل، هن "ڪريمانو" جو هڪ خطي نسخو، سنڌي ادبي بورڊ جي مخطوطات ۾ ٣٤٩ نمبر تي موجود آهي. ١٣ ورقن تي مشتمل هن خطي نسخي جي ڪاتب جو نالو ۽ زندگيءَ جا حالات معلوم نہ ٿي سگهيا آهن. (٤٨).

• ياد رهي تہ سنڌي ادبي بورڊ جي مخطوطات ۾ ٣٥٠ نمبر تي "مامقيمان" منظوم جو خطي نسخو بہ موجود آهي، جيڪا "مامقيمان" از وصالي جي طرز تي غلام محمد ولد خضر جوڙي آهي.

انهيءَ خطي نسخي ۾ غلام محمد جا ٽي مڪتوب بہ شامل آهن، جن مان پهريون خط مير ميان علي مراد خان ڏانهن آهي. ان کان سواءِ هڪ يادداشت بہ آهي، جيڪا سنڌيءَ ۾ آهي ۽ غلام محمد بن خضر جي پڙپوٽي محمد علي بن محمد حسن بن واحد بخش بن غلام محمد بن خضر جي آهي. (٤٩)

**(٣٩) ڪريما بهائي - مولانا بهاء الدين بهائي**

سنڌ جي سعديءَ، مولانا بهاء الدين ولد جلال الدين پتافيءَ جي "ڪريما سعدي" جي تتبع ۾ فارسي زبان ۾ لکيل هيءَ مثنوي، "ڪريما بهائي" جي نالي سان، مولوي عطاءالله جي اهتمام هيٺ صادق الانوار پريس بهاولپور مان ١٣٢١هه ۾ شايع ٿي. افسوس جو منهنجي سامهون اُن جو ڪوبہ نسخو موجود نہ آهي.

• مولانا بهاء الدين، ڳوٺ نصير ڪوٽي، لڳ گهوٽڪي (بہ ميل ڏکڻ اولهہ) ۾ سال ١٢٣٩هه ۾ ڄائو. هو پتافي قوم جي "ياوناڻي" پاڙي مان هو. ڳوٺ ۾ ئي مولانا علي اڪبر شاهہ وٽ فارسي ۽ عربي جي تڪميل ڪيائين ۽ ڪيترو وقت اُتي ئي درس ڏيندو رهيو. اُن کان پوءِ ڳوٺ "هيبت شهيد" لڳ "غوثپور" ۾ پڙهايائين. بعد ۾ رئيس منا خان لغاري (لڳ داد لغاري) جي دعوت تي سندس ڳوٺ اچي پڙهائڻ لڳو. ان کان پوءِ داد لغاري کان ٥ ميل اولهہ طرف پنهنجي نالي سان ڳوٺ ٻڌي، آخر تائين اُتي ئي پڙهائيندو رهيو. مولانا موصوف ١١٤ سالن جي وڏي عمر ۾ ١٣٥٢هه ۾ فوت ٿيو ۽ ڳوٺ ۾ ئي دفن ٿيو. مولانا کي ڇهہ پٽ هئا ۽ ڇهني مولانا صاحب وٽ پڙهيا ۽ سيئي وڏيءَ لياقت جا صاحب هئا. مولانا بهاء الدين جو ١٨ تصنيفون فارسيءَ ۾ ۽ چار تصنيفون سنڌيءَ ۾ آهن. فارسي تصنيفن ۾ بدرالعروض، تذڪرة الصوافي، ياد خدا، ديوان بهائي، ڪريما بهائي، مجمع القواعد، مرآة الخيال شامل آهن ۽ سنڌي تصنيفون آهن: تنبيه الڪاهلين، بلال نامو، ڏاچي نامو ۽ خطبن جو مجموعو(٥٠).

**(٤٠) ڪريما خيالي - مولانا محمد بخش خيالي**

مولانا بهاءالدين بهائيءَ جي فرزند مولانا محمد بخش صاحب خيالي (وفات ١٣٧٦هه) ڪريما فارسي جي تتبع ۾ "ڪريما خيالي" نالي مثنوي ترتيب ڏني، جيڪا حاجي رحيم بخش وزير رياست بهاولپور جي حڪم سان صادق الانوار پريس صادق آباد ۾ ڇپي هئي(٥١). افسوس جو ان جو بہ نسخو منهنجي نظر هيٺ نہ اچي سگهيو آهي

• مولانا محمد بخش خيالي، مولانا بهائيءَ جو ٽيون نمبر پٽ هو. قرآن شريف ۽ فارسي پنهنجي والد محترم وٽ پڙهيو. فارسي جو وڏو عالم ۽ شاعر هو. سنڌيءَ ۾ شاعري بہ ڪندو هو. سندس تخلص "خيالي" هو. ٧ جمادي الاول ١٣٣٨هه ۾ ڄائو ۽ ١٨ ربيع الاول ١٣٧٦هه ۾ فوت ٿيو(٥٢).

**(٤١) رحيما - مولانا محمد يعقوب**

"ڪريما" جي تتبع ۾ لکيل "رحيما" نالي هيءَ فارسي مثنوي، سال ١٣٢٨هه ۾ لکي وئي،

جيڪا نوٽ بوڪ جي ٢۴ صفحن تي مشتمل آهي(٥٣).
نموني لاءِ ان جا ڪجھ بيت ڏجن ٿا:

سخاوت: کند نیک نامي سخاوت پذیر — که گردد سخي از سخاوت امیر
ز جود و کرم عالمي گیر باش — بملک لطافت سخا میر باش
سخاوت بود صیقلي عیب را — سخاوت بود رهنما غیب را

علم: همه عالم از علم گیرد جمال — نه از ملک و اقلیم شاهي و مال
بطلبیدن علم باش اي پسر — که تا علم حاصل کند سربسر
بود چشم علم زایندگي — بود رشته‌ء علم پایندگي (٥۴)

• مولانا محمد يعقوب جا وڏا ديري غازي خان مان لڏي اچي، داد لغاري (ميرپور ماٿيلو) ۾ وينا، جتي پاڻ ١٥ شوال ١٣٠٠هه (مطابق ١٨٨٢ع) ۾ ڄائو. سندس والد صاحب جو نالو مولانا محمد امين هو. چار درجا سنڌي پورا ڪري، ديني تعليم ڏانهن رجوع ڪيائين. مڪلوٽ گنج ۽ پير جهنڊي واري مدرسي مان عربي ۽ فارسي جي تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو، ۽ پنهنجي ڳوٺ جي مسجد ۾ درس و تدريس جو سلسلو شروع ڪيائين. هو هڪ پڪو موحد ۽ سماجي ڪارڪن هو. غريبن جو ساٿي هو. مولانا محمد يعقوب ٢٣ ربيع الاول ١٣٦٩هه (١٩۴٩ع) ۾ فوت ٿيو. سندس پٽ مولوي عبدالعزيز چڱو عالم ٿي گذريو آهي. مولانا محمد يعقوب صاحب، عالم هئڻ سان گڏ شاعر به هو. فارسي نظم ۾ سندس تصنيفون اڃان اشاعت هيٺ نه آيون آهن: رد المُلحدين، رحيما، توحيد الحق، سراج الحقائق، نصح الحق ۽ نام حق(٥٥).

**سنڌي تتبعات:** ڪريما فارسي جي طرز تي لکيل يعني ان جي تتبع ۾ لکيل سنڌي مثنوين مان منهنجي نظر ۾ صرف هڪ مثنوي "رحيما" مرحوم شمس الدين "بلبل" واري گذري آهي ۽ بس ان جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

**(۴٢) رحيما تتبع ڪريما - مرحوم شمس الدين "بلبل"**

"ڪريما" جي تتبع ۾ مرحوم شمس الدين "بلبل" (وفات ١٣٣٧هه) پاران لکيل "رحيما" نالي هيءُ سنڌي مثنوي، جيڪا ڪريما وارين نصيحتن ۽ اخلاقي نڪتن تي مشتمل آهي، سپ ڪان پهريائين ١٨٩٦ع ۾ وشن ليٿو پرنٽنگ پريس ڪراچي مان شايع ٿي(٥٦). وري ١٩٦٩ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ڪيل "ڪلام بلبل" (مرتب: غلام محمد گرامي) جي ضمن ۾ پڻ ڇپي ٿي، جيڪا "ڪلام بلبل" جي ص ٥٥ کان ص ٩٩ تائين ڦهليل آهي. رحيما جو نمونو پيش ڪجي ٿو.

رحيما حليما قديما قدير — ڪري عرض تو اڄ نماڻو حقير
جو آهيان گناهن ۾ ورتل غريق — رفاقت ۾ شيطان جي هم طريق
نڪا ڪا پڇي تي سندني زندگي — گناهن کان آهي تي شرمندگي (٥٧)
اي بلبل تي خوش آهين گوهر نگار — رحيما هي تنهنجي رهي يادگار (٥٨)

• بلبل مرحوم جي مختصر سوانح "تضمين كريما" جي عنوان هيٺ اڳ ۾ ئي بيان ڪري چڪا آهيون.

## حوالا ۽ سمجهاڻيون

(١) قاضي محمد اعظم قريشي- مقالو: "سنڌي علم و ادب ۾ هالا جو حصو"، آخوند سانوڻي قوم جو احوال"، ماهوار "الرحيم" سنڌي، جولاءِ/آگسٽ ١٩٨٧ع، ص ٢١.

(٢) ميمڻ عبدالغفور سنڌي- مقالو "ڪتبخانا"، ڪتاب "لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو"، ص ٢٨.

(٣) انٽرويو حصو اول- مولانا عبدالواحد شيخ- ماهوار شريعت، سکر جون ١٩٩٥ع، ص ٢٨ - ٣٣.

(٤) انٽرويو حصو ٻيو- مولانا عبدالواحد شيخ- ماهوار شريعت، سکر آگسٽ/سيپٽمبر ١٩٩٥ع، ص ٢٤ - ٢٦.

(٥) ڏسو ماهوار "الرحيم" حيدرآباد ماهه سيپٽمبر/آڪٽوبر ١٩٩٠ع.

(٦) بدوي، لطف الله- تذڪره لطفي، ج ٢، طبع دوم، ١٩٦٨، آر.ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، ص ٢٤٨.

(٧) بدوي، لطف الله- مقدمه "ديوان صنعت"، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٨.

(٨) علوي، پررنيسر امين الله- مقالو "شڪارپور جا ڪتبخانا"، ڪتاب "شڪارپور صدين ڪان"، طبع ١٩٨٨، ص ٣١٠.

(٩) بدوي، لطف الله- تذڪره لطفي، ج ٢، طبع دوم، آر.ايڇ.احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، سال ١٩٦٨ع، ص ٣٤٣.

(١٠) "نزهة الاحباب" جي نسخي جو ذڪر فهرست مشترک نسخه هاى خطى فارسى پاكستان، ج ٧، ص ٣٠٩ ۾ ٿيل آهي.

(١١) اختر راهي- مقالو بزبان فارسي "ترجمه هاى به زبان سنڌي" بحوالهء: غلام محمد لاکو "فارسي ڪتابن جا سنڌي ترجما"، ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد ١٩٩٥/٣ع، ص ٩١.

(١٢) بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش: "سنده كے اجڑے هوئے كتبخانے"، مجله "تحقيق"، شماره ١٢-١٣ سنده يونيورسٹى شعبه اردو، ٩٩-١٩٩٨ع، ص ٧٩.

(١٣) علوي، پروفيسر امين الله- مقالو "شڪارپور جا ڪتبخانا"، ڪتاب "شڪارپور صدين ڪان"، طبع ١٩٨٨ع، ص ٣٠٦.

(١٤) بدوي- لطف الله- تذڪره لطفي، ج ٢، طبع حيدرآباد، ص ٣١٤.

(١٥) وفائي، مولانا دين محمد- تذڪره مشاهير سنڌ، ج ٢، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٨٥ع، ص ١٣٩.

(١٦) حوالو ٩ ساڳيو.

(١٧) اهڙيون ٽي فهرستون راقم وٽ موجود آهن. ١- فهرست ڪتبخانه سال ١٩١٣ع، ٢- فهرست ڪتبخانه سال ١٩٢٨ع ۽ ٣- فهرست ڪتبخانه پوڪرداس سال ١٩٣٠ع.
(١٨) وفائي، مولانا دين محمد- تذڪره مشاهير سنڌ، ج ٢، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٨٥ع، ص ١٣٩.
(١٩) نبي بخش قاضي- "ڪريما عربي نظم"، رسالو ماهوار "آفتاب"، آگسٽ ١٩٤٧ع، ص ٣١.
(٢٠) علوي، پروفيسر امين الله- "شڪارپور جا ڪتبخانا"، ڪتاب "شڪارپور صدين ڪان"، طبع ١٩٨٨ع، ص ٣١٤.
(٢١) حوالو ساڳيو.
(٢٢) جملي ڪلواڙي، رُڪ اسٽيشن (ضلع شڪارپور) پرسان هڪ ڳوٺ آهي.
(٢٣) سنڌالاجي: "سنڌ جي ديني ادب جو ڪئٽلاگ" ١٩٧١ع، حصو پهريون، ص ١٢.
(٢٤) راقم الحروف وٽ انهيءَ بزرگ جا ٻه ڪتاب "قواعد المعرفة" ۽ "تڪميل المعرفة". منهنجي پڙڏاڏي جي چاچي ميان محمد عثمان جي ڪتابت سان موجود آهن.
(٢٥) خانزاده سميع الوري- ڪتاب "تزئين ساهتي" اردو- ناشر خود مرتب، ١٩٩٤ع، ص ٣٣ ۽ ص ٣٤.
(٢٦) چاچڙ، مولانا عبدالوهاب- ماهوار "شريعت" سکر (سوانح نمبر) آڪٽوبر/نومبر ١٩٨١ع، ص ٢٣٩.
(٢٧) حوالو ساڳيو.
(٢٨) "معلم فارسي يعني فارسيءَ جو استاد"، فارسي ٻولي سکڻ لاءِ آسان قاعدن، پهلي فارسي، ڪريما، نام حق ۽ پندنامه جي ڏکين لفظن جي معنائن تي مشتمل آهي، جيڪو ٻه دفعا لاڙڪاڻي مان "المحمود اڪيدمي جامعه اشاعت القرآن والحديث" طرفان ڇپجي چڪو آهي.
(٢٩) مولانا علي محمد حقاني جو انٽرويو- ماهوار "شريعت" سکر اپريل ١٩٩٦ع، ص ٢٢ - ٢٥.
(٣٠) سعد الدين تفتازاني- "مختصر المعاني" عربي مع التجريد للبناني طبع ملتان، ص ٤٥٨.
(٣١) اُن جو فوٽو اسٽيٽ راقم وٽ موجود آهي.
(٣٢) خانائي، ڊاڪٽر حامد علي قريشي- "آخوند فيض محمد" قسط-٢، ماهوار شريعت، سکر، آڪٽوبر ١٩٩٠ع، ص ٣١ - ٣٧.
(٣٣) گرامي، غلام محمد- مقدمو "ڪلام بلبل"، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٩ع، ص ١٦.
(٣٤) حافظ بسمل، تقريظ، "ڪلام بلبل"، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٩ع، ص ٣٧.
(٣٥) "ڪلام بلبل" طبع سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٩ع، ص ٤٦.
(٣٦) ڏسو ٽماهي "مهراڻ" ٣-١٩٩٨/٤ع، ص ١٣٥. اهڙيءَ طرح ماهوار "نئين زندگي" آڪٽوبر

۱۹۸٦ع ۾ ٻه انهيءَ جو ذڪر ملي ٿو.
(۳۷) رضوي، ڊاڪٽر سيد ديدار حسين شاهه- مقالو "مرتضائي ٺٽويءَ جون ادبي خدمتون" ، ٽماهي "مهراڻ" ، ۳-۱۹۹۸/۴ع، ص ۱۲٦- ۱۳۴.
(۳۸) ڏسو سندس ڪتاب "القانتات" جو آخري صفحو.
(۳۹) رونداد "دارالهديٰ ٺيڙهي" ۷۱-۱۳۷۲ه، ص ۵-٦.
(۴۰) ڏسو "تفهيم ڪريما" ، جامع ۱۳۷۱ه جو آخري صفحو.
(۴۱) ڊاڪٽر نذير احمد جروار- ڪتاب "ميزان" ، طبع لاڙڪاڻو، ص ۱۳٦
(۴۲) مخدوم محمد ابراهيم خليل- "تڪملہ مقالات الشعراء" ، طبع سنڌي ادبي بورڊ، ص ۵۹۹.
(۴۳) علوي، پروفيسر امين الله- مقالو "شڪارپور جا صوفياء ڪرام" ، ڪتاب "شڪارپور- ماضي حال" ترتيب ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، پبليڪيشن ڪاميٽي جشن شڪارپور، طبع سال ۱۹۸۴ع، ص ۱۲۴ - ۱۲٦.
(۴۴) مخدوم محمد ابراهيم خليل- "تڪمله مقالات الشعراء" ، طبع سنڌي ادبي بورڊ ص ۵۵۵.
(۴۵) راشدي، پير حسام الدين- "ڳالهيون ڳوٺ وٺن جون" ، ص ۸۰۷.
(۴٦) ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي- "سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس" ، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ڇاپو پهريون ۱۹۹٦ع، ص ۵۸۰.
(۴۷) حوالو ساڳيو.
(۴۸) ڊاڪٽر نجم الاسلام- مقالہ "سندهي ادبي بورڊ ڪے مخطوطات" ، اردو- مجلہ "تحقيق" ، شماره ۵- (شعبہ اردو سنڌ يونيورسٽي) سال ۱۹۹۱ع، ص ۱۲۱.
(۴۹) حوالو ساڳيو.
(۵۰) بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان- "مولوي بهاء الدين بهائي" "مهراڻ" (سوانح نمبر) ٻيو ڇاپو، ص ۱۲۸.
(۵۱) دادا سنڌي- ماهوار "شريعت" (سوانح نمبر) آڪٽوبر/نومبر ۱۹۸۱ع، ص ۹۱.
(۵۲) حوالو ساڳيو.
(۵۳) ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر- مقالو "مولوي محمد يعقوب" ، ماهوار "الرحيم" ، حيدرآباد، جنوري/فيبروري ۱۹۷۵ع، ص ٦.
(۵۴) حوالو ساڳيو.
(۵۵) حوالو ساڳيو.
(۵٦) شمس الدين بلبل- "ڪلام بلبل" ، طبع سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹٦۹، ص ۹۹.
(۵۷) حوالو ساڳيو، ص ۵۵.
(۵۸) حوالو ساڳيو، ص ۹۹.

----- • -----

محمد پنهل ڏهر

# شيخ حاجي محمد صالح ڏاهري رحہ

## - سوانح بابت ڪي ويچار -

ڪلهوڙن جي دور ۾ جيڪي بہ مشهور صوفي ٿي گذريا آهن، اُنهن ۾ درگاهہ لواري شريف جي باني سلطان الاولياء خواجہ محمد زمان رحہ (وفات ١١٨٨ھ) کي وڏي اهميت حاصل آهي. سندن بابرڪت فيض مان هزارن ماڻهن پرايو، ليڪن چئن بزرگن کي خاص اهميت حاصل ٿي ۽ اُنهن کي مکيہ خليفن ۾ شمار ڪيو ويو. اُنهن خاص خليفن جا نالا هن طرح آهن: شيخ عبدالرحيم گرهوڙي، حاجي ابوطالب اگهمي، حاجي محمد صالح ڳهرائي ۽ حافظ هدايت الله شامل آهن. (١)

درگاهہ لواري شريف جي تذڪرن کان وٺي جديد دور جي لکندڙن تائين حاجي محمد صالح بابت ڪي قدر مواد موجود آهي، اُن هوندي بہ هن بزرگ جي سوانح جي باري ۾ اڪثر غلط بياني ڪئي وئي آهي. نہ تہ سندس وطنيت بابت درست ڄاڻ ڏني ويئي آهي ۽ نہ وري هن جي ڪڙم قبيلي توڙي مدفن گاهہ جي باري ۾ ٺيڪ معلومات مهيا ڪئي ويئي. اُن پس منظر ۾ ٻارهين صدي هجريءَ جي هن صوفي ۽ عالم جي اِيپاس ڪندي ڪافي مونجهارن جنم ورتو آهي. هن مختصر مقالي ۾ حاجي صاحب بابت ڪن غلط فهمين جي ازالي جي ڪوشش سان گڏ، سندن سوانح جي ڪن مکيہ پهلوئن کي اجاگر ڪيو ويندو.

**سوانح بابت ڪي ويچار:**

شيخ حاجي محمد صالح جي سوانح بابت غور ڪندي اڄ بہ ڪي نقطا حل طلب نظر اچن ٿا. محمد صالح ڪهڙي سن ۾ ڄائو، ڪٿي تعليم ۽ تربيت حاصل ڪيائين، هن جا استاد ڪهڙا هئا ۽ سندس وفات ڪٿي ٿي، اُن بابت اسان کي ڪابہ خبر ڪانهي. دستياب مواد جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو تہ حاجي محمد صالح ١١٤٠ھ ڌاري ڄائو ۽ ١٢٠٠ھ جي لڳ ڀڳ وفات ڪيائين. سندس سوانح بابت موجود مواد جي مطالعي جي آڌار تي هي چوڻ غلط نہ ٿيندو تہ هن پنهنجي دور جي اعليٰ تعليم حاصل ڪئي. اِن طرح پاڻ هڪ "عالم باعمل" جي حيثيت ۾ اسان جي آڏو اچي ٿو. اِهو علم ئي هو، جنهن جي آڌار تي اڳتي هلي پاڻ طريقت جي راهہ تي ڪامياب وڪون ڪنيائين. سندس علمي حياتي بابت في الحال ڪجهہ چوڻ ممڪن ڪونهي، البتہ گمان آهي تہ تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ابتدائي ڪجهہ سالن ۾، پاڻ درس ۽ تدريس جي شعبي سان لاڳاپيل رهيو هجي.

**سير سفر ۽ خواجہ محمد زمان جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ:**

حضرت خواجہ محمد زمان رحہ (لُواري شريف) جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ ۽ سندن بيعت ڪرڻ

متعلق پاڻ حاجي محمد صالح فرمائيندو هو تہ "مان حضرت سلطان الاولياءَ جن وٽ اچڻ کان اڳ ۾ تمام زمين روم، شام، ترڪ ۽ عرب عجم تائين حق پاڪ جي طلب لاءِ گهمي هئي، مگر فيض، جو حضرت جن جي صحبت ۾ طالبن کي پهچي ٿو، اُن جي چاليهين پتي بہ ڪنهن ٻئي عارف يا ولي ۾ مون کي ڏسڻ ۾ ڪانہ آئي." وري چيائين تہ "حضرت جن جي مريد ٿيڻ کان اڳ مون کي ٻين اوليائن کان ايتريقدر فائدو پهتو هو، جو جڏهن مراقبي ۾ وهندو هوس تہ يڪدم منهنجو وجود ايتريقدر وڌندو ويندو هو، جو تمام دائره زمين جو، منهنجي آڏو هڪ گرانٽ جيترو وجي رهندو هو ۽ منهنجي دل ۾ ايتري وسعت پيدا ٿيندي هئي جو آسمان زمين تہ ڇا، بلڪ عرش عظيم بہ اُن جي سامهون جهرڪي جي ڇهنب جي مثال سمجهندو هوس ۽ مون کي يقين هو تہ هر ڪان وڌيڪ ڪا ولايت مٿي نہ آهي ۽ نڪا ٿيڻي آهي. پوءِ جڏهن حرمين شريفين ۾ زيارت لاءِ ويس ۽ اُتي حج ادا ڪري مديني شريف ۾ حضرت رسول ڪريم ﷺ جي روضي ۾ حاضر ٿيس ۽ عرفان جي وڌيڪ طلب لاءِ سندن حضور ۾ عرض ڪيم، تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ جي توکي سلوڪ طئي ڪرڻو آهي ۽ ڪماليت حاصل ڪرڻي آهي تہ لواري شريف واري بزرگ وٽ وڃي حاضر ٿي، جو اسان جو پيارو آهي. اُن کان پوءِ مان يڪدم حضرت رسول ڪريم ﷺ جن جي حڪم موجب هيڏانهن راهي ٿيس ۽ اچي خواجہ صاحب جي حضور ۾ حاضر ٿيس ۽ احوال عرض ڪري حق پاڪ جي طلب لاءِ عرض ڪيم تہ حضرت جن پهريائين جيڪا نسبت ٻين اوليائن کان مون کي حاصل هئي، سا سڀ ختم ڪري، نئين سر مون کي سيڪڙات وانگر تلقين ڏيئي توجہ ڪيائون. ان بعد منهنجي دل تي اهڙي واردات ٿي جو اڳئين نسبت، جيڪا مون ٻارنهن سالن ۾ گهڻي مشقت ۽ محنت سان ٻين مشائخن جي صحبت مان حاصل ڪئي هئي، سا زمين ۽ آسمان جي فرق وانگر نظر اچڻ لڳي. مطلب تہ زماني جي شروعات کان وٺي هن ملڪ ۾ اهڙو ڪامل شيخ پيدا نہ ٿيو آهي. سلطان الاولياءَ مون تي توجہ ڪرڻ کان پوءِ مون کان پڇيو تہ اهڙو توجہ ڪٿي ڏٺئي؟ مون عرض ڪيو تہ سڄيءَ زمين ۾ مون کي هن توجہ جهڙي بوءِ بہ ڏسڻ ۾ نہ آئي آهي. اُن بعد خواجہ صاحب پاڻ فرمايو تہ هي توجہ خاص حضرت رسول ڪريم ﷺ جن جي زماني ۾ هو ۽ وري اسان وٽ آيو آهي." (٢)

وري ٻئي هنڌ حاجي محمد صالح رحہ فرمائي ٿو تہ مان حق ۽ مرشد ڪامل جي تلاش ۾ پورا ٻارنهن سال، سارو هندستان، ترڪستان، خراسان، روم، عرب ۽ عجم ۽ جتي بہ ڪنهن مرد ڪامل لاءِ ٻڌم تہ اوڏانهن دوڙي پيم ۽ سندس خدمت ۾ حاضر ٿي فيض حاصل ڪيم. ليڪن، "اين فيض ڪہ در صحبت حضرت ايشان بطالبان ميرسد هيچ جانديدم." (يعني اهڙو فيض، جيڪو حضرت جي صحبت مان طالبن کي ملي ٿو، ڪٿي بہ نہ ڏٺم). (٣)

ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي لکي ٿو تہ "شيخ حاجي صالح ڳهرائي پنهنجي حياتيءَ جو

ڳچ حصو سير ۽ سياحت ۾ صرف ڪيو. ڏيساور ڏوري مشهور مشائخن جي صحبت ڪري معرفت حاصل ڪرڻ جي گهڻي ڪوشش ڪيائين، پر ڪٿان بہ سندس اُميد پوري نہ ٿي. آخر وڃي مديني نڪتو. روضي مبارڪ جي زيارت ڪندي پيغمبر ﷺ وٽان الهام ٿيس تہ 'لُواريءَ ۾ ئي تنهنجي من جي مراد پوري ٿيندي. اوڏانهن وڃڻ شرط لحظي ۾علم لدني جو اڻ ميو خزانو حاصل ٿيندءِ' . هن هدايت پٺاندر سٽيندو ساٽيہ ڏي آيو ۽ لواري ۾ پهچي حضرت جن کان ارشاد ورتائين. جهٽ ۾ رڇي ريٽو ٿيو، ۽ ڦڙيءَ مان ڦري درياءَ ٿي پيو." (۴)

## ڪشف ۽ ڪرامتون:

حضرت حاجي محمد صالح، حضرت خواجہ محمد زمان رحہ جي خدمت ۾ اچڻ کان اڳ بہ ولايت جو صاحب هو ۽ جڏهن وري حضرت خواجہ صاحب جي صحبت ۾ آيو تہ ڪمال جو صاحب ٿي ويو. هڪ بياض ۾ لکيل آهي تہ "بزرگ حاجي محمد صالح رحہ ساڪن مڪان ڪهر، مريد بزرگ محمد زمان است. صاحب ذکر و فيض مند بود، و مردم کہ از وي فيضياب شده بودند و صاحب صفا و ڪشف و جذب بود." (۵)

صاحبِ "فردوس العارفين" سندس شان ۽ مقام هن طرح لکيو آهي تہ "صاحب همت خالي از تهمت شجاع طريقت حاجي صالح سڪرندي الڪهرائي نيز از جملہ خلفاءِ اربع، حضرت ايشان است و اندر فنون ڪرامات شاني عظيم داشتہ، صاحب مجاهدات بوده، ويرا آيات و مناقبات بسيار بوده است." (٦)

"تحفہ لواري شريف" ۾لکيل آهي تہ "هڪڙي فقير ڳالهہ ڪئي تہ هڪڙي ڏينهن خواجہ حاجي محمد صالح رحہ ڪڙائي وٽ وينو هوس تہ اوچتو پاڻ کلڻ لڳا، تہ مون کلڻ جو سبب پڇيو. پاڻ مون ڏي نهاري فرمايائون تہ هن وقت حضرت شيخ ابوطالب اگهمي رحہ جو حال پٽي ڏٺم، جنهن ڪري کل آئي. سندن گهر ۾ کائڻ پيئڻ لاءِ ڪابہ شيءِ موجود ڪانهي. درياءَ تي مڇين جي شڪار تي بہ ويو هو، پر اجا تائين اُنان ڪوبہ شڪار هٿ نہ آيو اٿس. ملائڪ سڳورا دنيا کي سينگاري سندس آڏو پيش ڪن ٿا تہ خواجہ صاحب انڪار ۾ مٿو ڌوڻي ٿو. جي اُن دنيا کي ساڄي پاسي کان ٿا آڻين تہ هو کاٻي ٿو نهاري. وري جي کاٻي پاسي کان ٿا آڻين تہ هو وري ساڄي پاسي ڪنڌ ٿو ڦيرائي، جنهن کان پوءِ ملائڪ ۽ دنيا نااُميد ٿي واپس هليا ويا.

بنده پير حرا باتم کہ درويشان را،

گنج را از بي نيازي خاک برسر ميکند." (۷) •

ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو تہ "هي جرئت وارو، داناءُ ۽ وڙائتو مڙس هو. حضرت جن جي اصحابن منجهان جهڙس ڪرامت جو صاحب ڳوليو ليندو." (۸)

مولانا دين محمد وفائي لکي ٿو تہ "شيخ محمد صالح ڳھڙائي وڏي همت ۽ گھڻي قوت، صاحب فراست ۽ ڪرامت وارو درويش، خواجہ محمد زمان بزرگ لواري جي خليفن مان آهي. هن بزرگ ۾ فراست هن حد تائين وڌيڪ هئي جو هڪ دفعي لواري شريف ڏانهن پنهنجن دوستن سان گڏجي آيو ٿي. حيدرآباد کان اچي لنگهيا تہ اُتي ٻاهران ڪيترا ڇوڪرا راند ڪري رهيا هئا. درويش اُتي بيهي رهيو ۽ ڇوڪرن کي چتائي ڏسڻ لڳو. هنن ۾ مير غلام علي ٽالپور (مير فتح علي خان جو پاٽ) بہ بيٺل هو. اُن کي ڏسي چيائين تہ "هي ڇوڪرو سنڌ جو حاڪم ٿيندو، مگر افسوس جو سندس عملن مان ڪجھہ بہ قبوليت جي درجي تي ڪونہ رسندو."

شيخ محمد صالح هميشه قبلي ڏانهن مُنهن ڪَري گوڏا پيجي ويهندو هو. جڏهن موت جي سڪرات شروع ٿيس، تڏهن بہ دوزانو ويٺل هو. چيائين تہ جيڪڏهن مون کي دفن نہ ڪريو ۽ منهنجي بدن جي حفاظت ڪريو تہ آءٌ ائين قيامت تائين صحيح البدن رهي سگهان ٿو. سندس فرزند چيو تہ اسان ائين ڪرڻ کان لاچار آهيون، ڇو تہ دنيا ۾ اوچتو حادثا ٿيندا رهن ٿا، انسان لاش کي ڪيتري وقت تائين سانڍي سگھندو. سندس فرزند جو چوڻ آهي تہ ائين ئي گوڏا ڪيو ويٺو هو تہ سندس روح پرواز ڪري ويو. جڏهن سندس لاش قبر ۾ ليٽايو ويو تہ اُن وقت بہ سندن پير سڌا نہ هئا، بلڪ ائين محسوس ٿيو ڄڻ پاڻ زندگي ۾ مراقبي اندر آهن." (۹)

شمشاد علي وارثي ۽ ڈاڪٽر غلام محمد لاکو لکن ٿا تہ "حضرت خواجہ محمد زمان رحہ جي مريدن مان سڀ کان زياده صاحبِ ڪرامت شيخ حاجي محمد صالح کڙائي هو." (۱۰)

**رياضت:**

حضرت حاجي محمد صالح رحہ جي رياضت ۽ مجاهدي جو هيءُ عالم هو، جو پنهنجي مرشد جي حڪم سان پاڻ لڳاتار ٽي سال هڪ جاءِ تي ويهي نفي- اثبات جو ورد ڪيائين. پوءِ ڪيس مرشد حضرت محمد زمان رحہ پنهنجي توجهہ سان عروج ۽ ترقي جي اعليٰ مرتبن تي پهچائي ڇڏيو ۽ ڪيس ڪمالات جي ڪيترن قسمن ۾ مشغول رکڻ فرمايو.

مرشد جي ڏنل سبق يعني ذڪر نفي- اثبات جي مشق ڪندي ڪندي پاڻ انهيءَ مقام تي پهچي ويو، جو هڪ ئي ساهيءَ ۾ ڪيئي هزار دفعا نفي- اثبات جو ورد ڪندو رهندو هو. (۱۱)

مولانا دين محمد وفائي لکي ٿو تہ "ذڪر ڪندي حبس دم جي ايڏي مشق هوندي هيس جو لااله ڇئي برابر اٺ پهر دم نہ کڻندو هو. انهن پهرن کان پوءِ الاالله چوندو هو." (۱۲)

**مرشد جو احترام:**

ڈاڪٽر غلام محمد لاکو لکي ٿو "حاجي محمد صالح پنهنجي مرشد ۾ [illegible] اعتقاد رکندڙ شخص هو. خود مرشد بہ هن کي تمام گهڻو پائيندو هو." (۱۳)

صاحبِ "مرغوب الاحباب" لکي ٿو تہ "منهنجي هڪ عزيز مون کي ٻڌايو تہ مون خواجہ محمد زمان رحہ جي خدمت ۾ پنهنجي ڪنهن دنياوي ڪم لاءِ عرض ڪيو. حاجي محمد صالح بہ اُتي خدمت ۾ موجود هو. هن مون کي منع ڪيو تہ مرشد جي حضور ۾ دنياوي ڪم لاءِ عرض ڇو ڪيئي. اُن تي مرشد خواجہ ڪيس تنبيهہ ڪندي فرمايو تہ دنياوي ڪم ڪار لاءِ ڪو ٻيو پير مرشد نہ ونجي، بلڪ دنياوي ڪم ڪار لاءِ بہ اُنهيءَ ئي مرشد حقيقي ڏانهن رجوع ڪجي." (١۴)

تذڪره نگار لکن ٿا تہ "حاجي محمد صالح، پنهنجي مرشد جي رهائش يعني لواري شريف جو ايترو تہ احترام ڪندو هو، جو ڪڏهن بہ اوڏانهن پير ڊگها نہ ڪندو هو. سندس وڏو پٽ شيخ سيف الدين فرمائي ٿو تہ منهنجي والد صاحب جڏهن لواري شريف جي بزرگن جي بيعت ڪئي. ان بعد سڄي زندگي ڪڏهن بہ لواري شريف ڏانهن پير ڊگها نہ ڪيا. پاڻ سفر ۾ هوندو هو يا حضر ۾، گهر ۾ هوندو هو يا ٻاهر، ليڪن انهيءَ ادب جو هر وقت خيال رکندو هو. هڪ ڏينهن مون ڪيس عرض ڪيو تہ هن وقت تہ اوهان سڀ ڪجهہ ڪري رهيا آهيو، ليڪن مرڻ کان پوءِ ڪيئن ڪندا. اُنهيءَ مهل تہ اوهان جا پير لازماً لواري شريف طرف ٿيندا. تہ پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ "ٻيو جهان تڪليف يا ادب جو جهان نہ آهي. مگر اُتي بہ ادب سان رهندس. اوهان اُن جو تجربو ڪري ڏسجو. الله تعاليٰ مون کي انهيءَ بي ادبي کان بچائي، جو منهنجا پير لواري شريف جي طرف ٿين. جڏهن منهنجو موت ايندو، زماني وارا ڏسندا ۽ تعجب ڪندا." واقعي ائين ئي ٿيو. جڏهن سندس وصال ٿيو تہ ڪيس قبر ۾ سمهاريو ويو تہ سندس پير واقعي سڌا نہ هئا، بلڪ ائين محسوس ٿي رهيو هو، جيئن پاڻ زندگيءَ ۾ مراقبي ۾ مصروف هوندا هئا. (١۵)

ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو تہ "چون ٿا تہ لواريءَ طرف ڪڏهن بہ پير ڊگها نہ ڪيائين. اوڏانهن گوڏن ڀر رڙهي زيارت لاءِ ويندو هو." (١٦)

**اولاد:**

هن بزرگ کي اولاد ڪيترو هو، اُن متعلق تذڪرا زياده تر خاموش آهن، ليڪن چند تذڪره نگارن فقط سندس هڪ وڏي پٽ جو نالو شيخ سيف الدين لکيو آهي. (١٧) سائين بخش قبولائي اُن جو نالو خواجہ سيف الله ڄاڻايو آهي. وڌيڪ لکي ٿو تہ "خواجہ سيف الله، ٻارهين صدي جي آخر ۾ ٢٧ ربيع الاول تي وصال ڪري ويو." (١٨)

**همعصر بزرگن سان رهاڻيون ۽ خط و ڪتابت:**

شيخ حاجي محمد صالح رحہ پنهنجي وقت جو هڪ جليل القدر عالم ۽ ولي ڪامل هو. همعصر بزرگن سان سندس روحاني رهاڻيون ۽ خط و ڪتابت بہ ٿيندي رهندي هئي. بزرگن مان مخدوم شهيد فقير عبدالرحيم گرهوڙي رحہ بہ هڪ آهي، جيڪو سندس پير ڀائي ۽ دوست بہ هو. مخدوم

عبدالرحيم گرھوڙيءَ جو ھڪ خط (ھن مضمون سان گڏ) ڏجي ٿو، جيڪو ھن حاجي محمد صالح رحہ ڏانھن لکيو ھو، جنھن ۾ تصوف جي اپٽار ٿيل آھي.

شيخ حاجي صالح ڏاھري ڪڙائي قدس سره ڏانھن. فرمان الله تعاليٰ جو آھي. مسلمان پاڻ ۾ پائر آھن (پاڻ ۾ يعني رابطہ ۽ اسلامي محبت سان ڳنڍيل آھن. ھر رشتو تمام دنياوي رشتن کان مضبوط تر آھي)

**حديث:** فرمايو الله تعاليٰ جي رسول الله ﷺ تہ سڀيئي مومن منھنجا پائر آھن. فرمايو آھي مولوي مثنوي واري تہ الله تعاليٰ جا ڪامل پانما ھڪ وجود وانگر آھن. عام ماڻھون بگھڙن ۽ ڪتن وانگر الڳ جنس آھن.

(مطلب تہ الله تعاليٰ جا (خاص) پانما جسم جي عضون وانگر ھڪ آھن، باقي عام ماڻھو بي احساس ۽ بي مروت آھن).

**حديث:** فرمايو الله تعاليٰ جي رسول الله ﷺ تہ جنھن کي الله تعاليٰ جي رحمت کان نااميد ڪيو ويو ۽ گاريون ڏنيون ويون، الله تعاليٰ انھن تي رحمت فرمائي ٿو. پوءِ ھن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ فقيرن جو خدمتگار اُھو ماڻھو ھجي، جيڪو تن تولن جي خدمت ڪري. نون طالبن کي تلقين ڪري تہ جيئن واٽ ڏسي... الله تعاليٰ جي ۽ وچولن کي ڳالھہ صاف ٻڌائي تہ فاسد خيالات کان ڇوٽڪارو لھن. نيڪن کي سختي ڪري، ڇو تہ درياءَ اُنھن جو جوش ۾ اچي، جو گھر ٻين جا آباد ڪن. جھڙيءَ طرح سڪل گاھہ کي بادشاھن جي باغ کان پٽي ٻاھر ڦٽو ڪندا آھن. مرد اھو ھجي، جو درد سان ھجي. جيئن فرمايو حافظ شيرازي رحہ:

اي دل! درد جي عادت ڪر، دوا جو نالو نہ پڇ، ڇو تہ خراسان جي جبلن جي برف اونھاري جي سخت گرمي کان سواءِ درياھہ ۾ نہ وھندي آھي. سختي وليءَ تي ٽڙندڙ باغ مثل آھي، جو خادمن جي سختين کي بہ خدمت سمجھندا آھن ۽ اجورو خادمن جو بزرگن تي لازم آھي. زياده سلامتي. (١٩)

**خاندان ۽ رھائش:**

ڊاڪٽر غلام محمد لاکو لکي ٿو تہ "مقامي روايتن موجب ميان محمد صالح جو تعلق "ڏاھري" قبيلي سان آھي......... ھي پنھنجي برادريءَ جي راڄڙ پاڙي مان ھو." سائين بخش قبولائي بہ کيس "ڏاھري" ڄاڻائي ٿو. (٢٠)

حاجي محمد صالح رحہ جي رھائش متعلق مختلف تذڪره نگارن جا مختلف بيان آھن. جھڙوڪ: فردوس العارفين واري صاحب کيس "سڪرندي الکھرائي،" ڊاڪٽر گربخشاڻي "ڳھرائي" ، مولانا دين محمد وفائي "ڳھڙائي" ، آئينہ اولياء لواري واري صاحب کيس "کھڙائي" ۽ صاحبزاده ابوالخير محمد زبير کيس "گھڙائي" لکيو آھي. ھي صاحب وڌيڪ لکي ٿو تہ "پاڻ موجوده تعلقي

موري ۾ دولت پور کان ميل مٿي طرف کمڙا نالي ڳوٺ ۾ رهندو هو." چوڌري شمشاد علي وارثي وري "کڏاهي" لکيو آهي.

ڪتاب "تحفہ لواري شريف" جو مرتب لکي ٿو تہ "ڪتاب 'لواري جا لال' ۾ شيخ حاجي محمد صالح ڳهراڻي لکيل آهي. ٿي سگهي ٿو تہ 'ڪڙائي' کي 'ڳهراڻي' ڪري لکيو ويو هجي." (٢١)

ڊاڪٽر غلام محمد لاکو سندس رهائش ۽ خاندان متعلق ڄاڻائي ٿو تہ "شيخ حاجي محمد صالح جي وطنيت اصل ۾ 'ڪڙ' جي بستي آهي. 'ڪڙ' جو تاريخي ماڳ اڄ بہ موجود آهي. هي ماڳ موجوده دولت پور صفن (نوابشاهہ ضلعو) کان اوڀر طرف ٻن ميلن جي مفاصلي تي قائم آهي.....

'ڪڙ' جي نسبت سان حاجي صاحب کي 'ڪڙائي' سڏڻ ڪپندو هو. اُن جو مطلب تہ هي بزرگ "ڪڙ" جو رهاڪو هو..... مقامي طور تي عام ماڻهو هن بزرگ کي ميان حاجي صالح سڏيندا آهن. ميان صاحب جو ماڳ مڪان "ڪڙ" هو. پوءِ جي دور ۾ سندن اولاد ۽ مٽ مائٽ هي بستي ڇڏي ويا ۽ ساڳئي علائقي ۾ پنهنجو ڳوٺ ٻڌائون. هي ڳوٺ عنايت الله ڏاهري جي نالي سان سڏجي ٿو. ميان حاجي صالح جي خاندان جو تعلق اڄ سوڌو درگاهہ لواري شريف سان قائم آهي. جيئن تہ حاجي محمد صالح جو شمار درگاهہ جي هڪ مکيہ خليفي طور ٿيو ٿي، اُن پس منظر ۾ خود هن بزرگ بہ مريديءَ خادميءَ جو پنهنجو سلسلو شروع ڪيو. سندس مريد خادم لاڙ تائين موجود هئا. تازي دور ۾ فقير امام بخش ڏاهري پنهنجن مريدن خادمن کي سنڀاليندو آيو، پر سندس وفات کان پوءِ هي سلسلو اٽڪل روءِ پورو ٿي چڪو آهي." (٢٢)

**مدفن گاهہ:**

ڊاڪٽر غلام محمد لاکو لکي ٿو تہ دولت پور صفن ۽ ڪڙ جي وچ تي بهارڪور ڳوٺ آهي. هن ڳوٺ جي اُتر ۾ ڪجهہ مفاصلي تي هڪ قبرستان موجود آهي، جو ميان حاجي صالح جي نالي سان سڏجي ٿو. هن مقام ۾ خود شيخ حاجي محمد صالح دفن ٿيل آهي. حاجي صاحب جي آخري آرامگاهہ جي چوڌاري ڪوٽ ڏنل آهي، جنهن کي هاڻي سمر ۽ ڪلر ڪاٽڻ شروع ڪيو آهي. ميان صالح جي مزار ڳاڙهي پوري پٿر جي ٺهيل آهي. قبر تي ڪوبہ ڪتبو ڪونهي. اندر ڪي ٻيون بہ قبرون آهن، جي سندس عزيزن جون چيون وڃن ٿيون." (٢٣)

# حوالا

(١) "ابيات سنڌي" ، حضرت سلطان الاولياءِ خواجہ محمد زمان، از پير سعيد حسن، ڇاپو ٻيريون، ١٩٨١ع، ڪراچي، صفحو ١۴.

- سلطان الاولياءِ سيمينار، ١٩٨٦ع، ڪراچي، مرتب محمد پناهہ ڦرڙو، ناجيہ شاگرد تنظيم

(نشات). جماعت لواري شريف، صفحو ١٧.

- تذڪره اولياءِ ڪرام نقشبنديہ لواري شريف، مرتب چوڌري شمشاد علي وارثي، ڇاپو پهريون، ١٤٠٠هہ، جماعت انتظاميہ لواري شريف، صفحو ٢١.
- ماهوار "السنڌ" اسلام آباد، ماه نومبر-ڊسمبر ٢٠٠٠ع، مقالو "شيخ ميان حاجي محمد صالح ڏاهري،" از ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، صفحو ٣١، ٣٢.

(٢) سائين بخش قبولائي جو موڪليل قلمي مواد.

= مرغوب الاحباب (قلمي) از مير نظر علي ٽالپور، صفحو ٣٣.

= سنڌ ڪي صوفياءِ نقشبند، حصہ دوم. از ڊاڪٽر صاحبزاده ابوالخير محمد زبير، ڇاپو پهريون، ١٩٩٧ع، (رڪن اسلام پبليڪيشن حيدرآباد، صفحو ٣٨٣، ٣٨٤.

**(فارسي عبارت)**

شيخ صالح کهرِئی گفته کہ من پيش از حضرت خواجہ اکثر زمين گرديده ام از رُوم و شام و عرب و عجم و ترک و تاجک عشر عشر اين آفاق هم هيچ جا نديده ام وهم وی گفتہ کہ پيش از ملازمت ايشان از صحبت مشائخ روزگار آن قدر محفوظ بودم کہ چون مراقب می گشتم وجود من منبسط می شد حتیٰ کہ دائر زمين پيرا مون من تخميناً بالشت باقی مانده است اول تصرفی کہ نمودند اين بود کہ آن حالت را بمجرد بقيه از من سلب کردند هرچند خودرا جمع کردم هيچ اثری ازان نسبت باز ظاهر نہ شد- لابد ملتجی شدم.....چون مبتدی از سر تو تلقين کردند فی الفور قعودی افتاده چون توان گفت از خصوصيت آن نسبت بحال سابق.

(٣) سنڌ ڪي صوفياءِ نقشبند، حصہ دوم، صفحو ٣٨٣.

(٤) لواري جا لال: از ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، ڇاپو ٽيون ١٩٨٧ع، لواري شريف ادبي ڪاميٽي، لواري شريف، صفحو ٨٠.

= اولياءِ لواري شريف (اردو ترجمو) مترجم عبدالڪريم جان محمد ٽالپور، ڇاپو پهريون ١٩٧٥ع، انتظاميہ درگاهہ لواري شريف، صفحو ٧٠-٧١.

= ماهوار "السنڌ" اسلام آباد. ماه نومبر، ڊسمبر ٢٠٠٠ع، صفحو ٣٢ ۽ ٣٤.

= تذڪره اولياءِ ڪرام نقشبنديہ لواري شريف، صفحو ٢٣.

= سنڌ ڪي صوفياءِ نقشبند، حصہ دوم، صفحو ٣٨٤، ٣٨٥.

(٥) بياض غنبل شاهہ (قلمي) ١٢٨٤هہ/١٨٧٧ع، ملڪيت ڪتب خانہ مفتي عبدالرحيم سڪندري، شاهہ پور چاڪر. صفحو ١٤٦.

(ترجمو: بزگ حاجي محمد صالح رحہ ڪڙ جو رهنڙ هو. بزرگ خواجہ محمد زمان جو مريد هو. ذڪر ۽ فيض جو صاحب هو ۽ ڪيترائي ماڻهو ڪانئس فيضياب ٿيا هئا ۽ ڪشف ۽ صفا جو صاحب ۽ مجذوب هو)

(٦) فردوس العارفين (قلمي)، بحوالہ: سنڌ کے صوفياءِ نقشبند، حصہ دوم، صفحو ٣٨٤.

(٧) تحفہ لواري شريف، مرتب غلام محمد گرامي، ڇاپو پھريون ١٩٧٥ع، انتظاميہ جماعت لواري شريف، صفحو ٤٢-٤٣.

= سائين بخش قبولاڻي جو موڪليل قلمي مواد.

(٨) لواري جا لال، صفحو ٨٠.

= اولياءِ لواري شريف (اردو ترجمو) صفحو ٧١.

= ماهوار "السنڌ" اسلام آباد، ماه نومبر، ڊسمبر ٢٠٠٠ع، صفحو ٣٢.

= تحفہ لواري شريف، صفحو ٤١.

= آئينہ اولياءِ (سنڌي ترجمو) مترجم- پير فيض محمد دماڻي ۽ محمد ابراهيم عباسي. ڇاپو پھريون ١٩٧٤ع، انتظاميہ جماعت درگاهہ لواري شريف، صفحو ٨٠.

= سنڌ کے صوفياءِ نقشبند، حصہ دوم. صفحو ٣٨٣.

(٩) تذکره مشاهير سنڌ، جلد ٽيون، از مولانا دين محمد وفائي، ڇاپو پھريون ١٩٨٦ع، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، صفحو ١٣٢-١٣٣.

= ماهوار "السنڌ" اسلام آباد، ماه نومبر- ڊسمبر ٢٠٠٠ع، صفحو ٣٣.

= آئينہ اولياءِ (سنڌي ترجمو) صفحو ٨٠.

= تحفہ لواري شريف، صفحو ٤١.

= سنڌ کے صوفياءِ نقشبند، حصہ دوم، صفحو ٣٨٢.

(١٠) تذکره اولياءِ نقشبند، لواري شريف، صفحو ٢٣.

= ماهوار "السنڌ" اسلام آباد، ماه نومبر، ڊسمبر ٢٠٠٠ع. صفحو ٣٤.

(١١) فردوس العارفين (قلمي) از مير بلوچ خان ٽالپور، بحوالا: سنڌ کے صوفياءِ نقشبند، حصہ دوم، صفحو ٣٨٣-٣٨٤.

(١٢) تذکره مشاهير سنڌ، جلد ٽيون، صفحو ١٣٢.

= ماهوار "السنڌ" اسلام آباد، ماه نومبر، ڊسمبر ٢٠٠٠ع، صفحو ٣٣.

(١٣) ماهوار "السنڌ" اسلا آباد، ماه نومبر، ڊسمبر ٢٠٠٠ع، صفحو ٣٤.

(١٤) مرغوب الاحباب، صفحو ٥٢.

**(فارسي عبارت مرغوب الاحباب)**

نقل- عزيزی گفت کہ پيش ايشان عرض کردم کار خود را حاجي صالح حاضر خدمت بود ، مرامنع کرد کہ در حضور مرشد از أمور دنيا چہ عرض می کنی؟ وی راتنبيہ کردند کہ برائی دنيا پير ديگر نخواهد گرفت البتہ مدد درکار هائی دنياوی خود نيز خواهد خواست.

(١٥) تذکره مشاهير سنڌ، جلد ٽيون، صفحو ١٣٢.

= سنڌ کے صوفياءِ نقشبند، حصہ دوم، صفحو ٣٨٢، ٣٨٣.

= تحفہ لواري شريف، صفحو ٤١.

= آئينہ اولياءِ (سنڌي ترجمو) صفحو ٨٠-٨١.

= ماهوار "السنڌ" ماه نومبر، ڊسمبر ٢٠٠٠ع، صفحو ٣٣.

(١٦) لواري جا لال، صفحو ٨٠-٨١.

= اولياءِ لواري شريف (اردو ترجمو) صفحو ٧١.

(١٧) تحفہ لواري شريف، صفحو ٤١.

= آئينہ اولياءَ (سنڌي ترجمو) صفحو ٨٠.

= سنڌ کے صوفياءِ نقشبند، حصہ دوم، صفحو ٣٨٢.

(١٨) سائين بخش قبولائي جو موڪليل قلمي مواد.

(١٩) مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، از سائين بخش قبولائي، ڇاپو پهريون ١٩٩٨ع، مولوي محمد عظيم ڪتب خانہ شڪارپور، صفحو ٧٤-٧٥.

(نوٽ: اصل خط فارسي ۾ لکيل آهي، جنهن جو عڪس هت شامل آهي.)

(٢٠) ماهوار "السنڌ" ماه نومبر ڊسمبر ٢٠٠٠ع، صفحو ٣٥-٣٦.

= سائين بخش قبولائي جو موڪليل قلمي مواد.

(٢١) فردوس العارفين (قلمي) بحوالہ سنڌ کے صوفياءِ نقشبند، حصہ دوم، صفحو ٣٨٤.

= لواري جالال، صفحو ٨٠.

= اولياءِ لواري شريف (اردو ترجمو) صفحو ٧٠-٧١.

= تذڪره مشاهير سنڌ، جلد ٽيون، صفحو ١٣٢.

= آئينہ اولياءَ شريف، ص ٨٠.

= سنڌ کے صوفياءِ نقشبند، حصہ دوم، صفحو ٣٨٢.

= تذڪره اولياءِ ڪرام نقشبنديہ لواري شريف، صفحو ٢١.

= تحفہ لواري شريف، صفحو ٤٠.

(٢٢) ماهوار "السنڌ"، ماه نومبر، ڊسمبر ٢٠٠٠ع، صفحو ٣٥-٣٦.

(٢٣) ساڳيو، صفحو ٣٥.

مترجم: پروفيسر اعجاز قريشي

# سنڌ جي تاريخ جا ڪي ورق

## سنڌ ڏانهن سفر:

لاهور مان واپس ايندي، اسان ريل رستي ملتان روانا ٿياسون. تقريباً، ٽن سون ميلن جو مفاصلو آهي. ملتان پراڻو شهر آهي. سڪندراعظم وڏي مقابلي کان پوءِ فتح ڪيو هو. جنگ ۾ پاڻ به زخمي ٿي پيو هو. ملتان مسلمانن جي قبضي ۾ آيو، انهيءَ کان اڳي منجهس سِکن جو هڪ مشهور گوردوارو هوندو هو جنهن جي مٿان سون سان سِجُ ٺهيل هو، سو، ان کي "سورج ديوتا جو مندر" ڪوٺيندا هئا.

سکن سان اسان جي ٻي لڙائي ملتان مان شروع ٿي، جنهن ۾ ڇڱا ٺي انگريز آفيسر مارجي ويا. پر، اسان ١٨٤٩ع ۾ ملتان فتح ڪيو. تڏهن کان وٺي اڄ تائين اسان جي راڄ هيٺ آهي. منجهس هڪ وڏي فوجي ڇانوڻي آهي.

ملتان چڱو واپاري شهر آهي. اتان اتر اولهه ريل رستو (North Western Railway) ملتان کي ڪراچي سان ڳنڍي ٿو. پر، اسان نديءَ جي رستي سفر شروع ڪيو. چناب ندي تي شير شاهه نالي، چار ميل پري ملتان جو بندر آهي. اڳئين دور ۾ هتان کان سنڌوندي ۾ آگبوٽ هلندا هئا. شير شاهه کان ٦٣ ميل هيٺ ستلج ندي چناب نديءَ سان اچي ملي ٿي. ان کي "پنجند" چئبو آهي، (معنيٰ پنجن ندين جو ميلاپ). اجا به ڪجهه هيٺ سنڌونديءَ اچي ملي ٿي. انهيءَ هنڌ کي "مٺڻ ڪوٽ" چئبو آهي.

## سنڌو ندي

سنڌو ندي (INDUS) کي سنسڪرت ۾ "سنڌو" چئجي ٿو. همالا جبلن جي اترين علائقن کان شروع ٿي، عربي سمنڊ ۾ اچيو ڇوڙ ڪري ٿي، جيڪو ١٨٠٠ ميلن جو مفاصلو آهي. سنڌوندي هندستان جي ڊگهي ۾ ڊگهي ندي آهي. انهيءَ جو وهڪرو تمام تيز آهي. جبلن جي وچان وهي ٿي ۽ ، آسپاس ٻوڏون پڻ آڻي ٿي. ٨١٢ ميلن جو مفاصلو طئه ڪري، جڏهن پنجاب ۾ گهڙي ٿي، ته سؤ وال ويڪري ڏسجي ٿي. منجهس ٻيڙيون ۽ ننڍا جهاز هلن ٿا. اتي اُن جي گهرائي ايڏي گهٽي ڪانهي. اُن جا ڪنارا ۽ پاسا واريءَ جي لٽ سان ڀريل آهن ۽ ننڍن ٻيٽن جو ڏيکاءُ ڏين ٿا. مٺڻ ڪوٽ کان

هيٺ، اُن جي ويڪر ٻن هزار والن کان وٺي ڪيترن ميلن تائين ڦهلجي ٿي. هيءَ اُتل سال جي مختلف موسمن ۾ ٿئي ٿي. نديءَ جي گهرائي (اونهائي) ۴ فوٽن کان ۲۴ فوٽن تائين هوندي آهي. انهيءَ جو رخ اڪثر ڪري بدلبو آهي ۽ اِهو پڻ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو تہ تيز وهڪري جي ڪري اُن جا ڪنارا ڊهي پوندا آهن. هن نديءَ جو ڇوڙ (Delta) ۱۲۵ ميلن تائين ٿئي ٿو.

هن نديءَ ۾ مڇي گهڻي ٿئي ٿي ۽ واڳون پڻ ٿين ٿا. سنڌوندي منڻ ڪوٽ کان گهڻو هيٺ سنڌ صوبي ۾ داخل ٿئي ٿي، جنهن جو مختصر احوال هيٺ ڏجي ٿو.

## سنڌ

سنڌ موجوده وقت ۾ بمبئي پريزيڊنسيءَ (Bombay Presidency) جو هڪ حصو آهي. مٿس اهو نالو "سنڌو" (Indus) تان پيو آهي. صوبي جي ڪل ايراضي لڳ ڀڳ ۵۴ هزار چورس ميل آهي. آدم شماري ۲۵ لک آهي. سنڌونديءَ جي ٻنهي ڪنارن کان ۱۲-۱۲ ميلن تائين آباد ٿيل زمين نظر اچي ٿي. باقي ملڪ غيرآباد آهي. سنڌ جي اوڀر ۾ واريءَ جون ڀٽون آهن، جيڪي هوا تي پنهنجون جايون پيون بدلائينديون آهن. تاريخي طرح اها ڳالهہ بہ ثابت ٿيل آهي تہ نديءَ بہ مختلف وقتن تي ڪيترائي ڀيرا پنهنجو رخ مٽايو آهي. سڪل پاٽيءَ جا وهڪرا ثابت ڪن ٿا، تہ هينئر غيرآباد زمين ڪنهن وقت آباد هئي. اتي ڦٽل ڳوٺن ۽ شهرن جا چٽا نشان اڄا بينا آهن.

سنڌوندي هينئين حصي ۾، گنگانديءَ وانگر، پنهنجي وهڪري کي ڪيترين ئي شاخن ۾ ورهايو آهي. اتر ۾ سنڌ ۾ گهٽ مينهن پوڻ ڪري (جيڪوسال ۾ هڪ انچ مس پوي ٿو)، آبهوا تمام گرم ٿئي ٿي، جنهن جي ڪري سنڌ ۾ اينڌڙ يورپي ماڻهو هتان جي گهرن جي ڇتن تي سمهندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن تہ سخت گرميءَ جي ڪري، پنهنجن هنڌن کي آلو ڪري سمهندا آهن، تہ جيئن ڪجهہ وقت چڱي نموني سمهي سگهن.

سنڌ جي پراڻي دور ۾ هتي مقامي حڪومت هئي. هي هندستان جو پهريون صوبو آهي، جنهن کي مسلمانن فتح ڪيو. گذريل صديءَ ۾ ٽالپر خاندان، هن ملڪ جو حاڪم هو. هو سنڌ جا "امير" هئا، پر، سنڌي ٻوليءَ جي لهجي ڪري "مير" ڪوٺبا هئا. شڪار جا شوقين هئا. اينتريقدر جو ڪيترائي ڳوٺ رڳو انهيءَ ڪري ڦٽي ويندا هئا، تہ سندن شڪار ۾ ڪو خلل نہ پوي. سرچارلس نيپئر ڪين مياڻيءَ واري جنگ ۾ ۱۸۴۳ع ۾ شڪست ڏني، ۽ سنڌ هندستان جي انگريز سلطنت جو حصو بنجي ويئي.

## ماڻهو

سنڌي عام طرح ڊگها ۽ رعبدار ماڻهو آهن. سندن زبان (سنڌي) سنسڪرت خاندان سان تعلق رکي ٿي. منجهس گرامر جون تمام گهڻيون پختگيون آهن، جيڪي ٻين ٻولين مان ختم ٿي ويون آهن.

مسلمان پنھنجي ٻوليءَ "عربي رسم الخط" ۾ لکندا آھن. ھندو وري "ديوناگري خط" استعمال ڪندا آھن. ماڻھن جا چار حصا مسلمان آھن، جيڪي زراعت پيشي آھن. پنجون حصو ھندو آھن، جيڪي وري گھڻي ڀاڱي واپاري آھن. اڪثر سنڌي مسلمان مٿي تي پٽڪو ٻَڌندا آھن.

## شھر:

سنڌونديءَ اتر ۾، چن جي پٿر واري ٽَڪَرَ کي ڪٽي ٻن حصن ۾ ورھايو آھي. اتي درياءَ جي وچ ۾ ھڪ قلعو آھي، جنھن کي "بکر" ڪوٺيندا آھن. ايرندي ڪناري تي وري "روھڙي" نالي شھر آھي ۽ الھندي پاسي "سکر" آھي. ھن جاءِ تي سنڌونديءَ مٿان انگريز سرڪار ھڪ عاليشان ريلوي پل ٺاھي آھي. سکر جي پرسان رُڪ اسٽيشن وٽ، ھڪ ريلوي لائين، بولان لڪ مان ڪوئيٽا (بلوچستان) ڏانھن وڃي ٿي، جيڪو ھتان ١٥٦ ميل پري آھي. ڪوئيٽا ١٨٧٦ع ۾ انگريز حڪومت ھيٺ آيو. بولان لڪ ذري گھٽ ٦٠ ميل ڊگھو آھي. ڪن ھنڌن تي ايترو تہ سوڙھو آھي، جو ٽي يا چار ماڻھو گڏ مَسَ لنگھي سگھن ٿا. بولان ندي ٻوڏ ۾ ھوندي آھي، تہ ان لَڪَ کي پري ڇڏيندي آھي. بولان چوٽي ٨٥٠٠ فوٽ سمنڊ کان مٿي آھي.

بولان لڪ ھندستان کي ٻاھرين حملن کان بچاءُ جو ڪم ڏني ٿو. وڏو اُٿائو فوجي رستو آھي. پر، واپاري قافلن جي قُرلت ۽ چور چڪار کان بچاءَ جو ذريعو آھي، سکر کان سنڌونديءَ سان ھلندي ھلندي، ڪوٽڙيءَ جو شھر اچي ٿو، جتان اولھہ طرف ريل گاڏي ڪراچيءَ ڏانھن وڃي ٿي. اتان نديءَ کان ٽي ميل پري چن واري پٿر جي ٽڪريءَ تي، حيدرآباد آھي، جيڪو ميرن جي گاديءَ جو ھنڌ آھي. ھي شھر ملڪ جي سني ڪپڙي جي ڪم لاءِ مشھور آھي. ھتي مٽي ۽ مٽ ٺھندا آھن. ڪجھہ ٿانو (مٽن وانگر) مڇي مارڻ وقت استعمال پڻ ڪندا آھن.

## ڪڇ:

ڪڇ ھڪ وڏي اڌ گول وانگر سنڌ جي ڏکڻ- اوڀر طرف ھڪ پرڳڻو آھي، جنھن کي عام طرح ڪڇ جو رڻُ چون ٿا. ھيءُ ملڪ غيرآباد آھي. گھوڙا ۽ رولو گڏھہ جام ٿين ٿا. حڪومت جي سربراھہ کي "راٺو" چئبو آھي، جنھن جي ھٿ ھيٺ ٻہ سؤ سردار ھوندا آھن. ھتان جو مکيہ شھر "ڀُڄ" آھي. ١٨١٩ع ۾ ذرتي ڌٻڻ جي ڪري ڀُڄ ذري گھٽ نيست و نابود ٿي چڪو آھي ۽ واريءَ جو ھڪ ڍڙو بڻجي ويو آھي.

رڻ ڪڇ (ارنايا ٿر) ھڪ وارياسو ڊورو جيڪو چؤماسي جي موسم ۾ پاڻيءَ سان ڀرجي ويندو آھي، پر ٻين موسمن ۾ سڪل ۽ لوڻ سان ڀريل نظر ايندو آھي. ان ۾ ڪيترائي ننڍا وڏا ٻيٽ آھن. منجھس رولو گڏھہ ۽ مکين جا انبار آھن. ڪڇ جي ايرندي پاسي رڻ آھي.

## هندستان جي وائسراءِ لارڊ ڊلهائوسي جو هڪ خط

لارڊ ڊلهائوزي انگريز سرڪار ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي طرفان نومبر ١٨٤٨ع ۾ هندوستان جو گورنر جنرل مقرر ٿيو. سندس عمر ذري گهٽ ٣٦ ورهيه هئي. هندستان ۾ ٨ سال رهيو. پنهنجي دور جو هڪ برجستو آفيسر هو. لارڊ ڊلهائوزي سڄي هندستان جو سير و سفر ڪيو. سنڌ جو به مختصر دورو ڪيو. هن پنهنجي هڪ پياري دوست سَر ڪوپر کي ڪئين ذاتي خط لکيا، جن ۾ دلچسپ احوال ڏنل آهي. سندس چوڻ هو ته اِهي خط سندس موت جي پنجاهه ورهيه گذرڻ کان پوءِ شايع ڪري سگهجن ٿا.

لارڊ ڊلهائوزي ٤٨ ورهين جي ڄمار ۾ انگلينڊ ۾ بيماري سبب ڳذاري ويو. سندس اُهي خط، سندس وصيت موجب، مسٽر جي. جي. اي بيئرڊ (J.G.A.Baird) پنجاهه ورهين کان پوءِ ڇپائي پڌرا ڪيا. انهن خطن جو پيو ڇاپو، وليم بليڪ ووڊ اينڊ سنس ايڊنبرا اينڊ لنڊن طرفان ١٩١١ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.

### سنڌونديءَ جي منهن وٽان لکيل هڪ خط
### ٢١ جنوري ١٩٥٠ع

اسان ڪيتري وقت کان وني سنڌونديءَ ذريعي، هيٺ سفر ڪري رهيا آهيون. اُتر ۾ سکر ۽ ڏکڻ ۾ حيدرآباد کان سواءِ ٻيو ڪو چڱو شهر ڪونهي. پنجاب جي ندين جي جهازراني سني ۽ سولي ڪانهي. هن سڄي سفر ۾ اسان کي هڪ هنڌ به دفعا ٤٨- ٤٨ ڪلاڪن لاءِ بيهڻو پيو. درياءَ جا ڪنارا جهنگ ۽ واريءَ سان پريا پيا آهن.

سنڌوندي هڪ شاندار ندي آهي. سندس نظارا وڻندڙ آهن. خاص طرح هالن کان لنگهڻ وقت مون کي ڏاڍي وڻي. هيءَ ندي افغانستان ۽ هندوستان کي هڪ ٻئي کان جدا ڪري ٿي. پنهنجي ميرانجهڙي پاٽيءَ سان پنجن سؤ والن کان اٺ سؤ والن جي موڪر ۾، هڪ پاسي اونهي آهي. واري ۽ لٽ سان ڀريل آهي. مسلسل وهڪري جي ڪري، زمين جا ٽڪرا آباد ڪري ٿي، جيڪي ڏسي سگهجن ٿا. سنڌوندي بلاشبه اهڙي ته وڻندڙ آهي، جو ماڻهو جيڪر اُن کي خاص طرح ڏسڻ لاءِ وڃي.

سکر ۾ سنڌ جي آخري "امير" علي مراد سان منهنجي ملاقات ٿي. هن مون کي تحفي ۾ هڪ عاليشان تلوار ڏني، جيڪا آءٌ سرڪاري توشاخاني (خزانه آفيس) ۾ جمع ڪندس. اميد آهي ته هڪ ڏينهن توکي ڏيکاريندس، جو اسان آفيسرن کي جيڪي تحفا ڏنا ويندا آهن، سي اول توشاخاني ۾ جمع ڪيا ويندا آهن، پوءِ خريد ڪري سگهبا آهن.

حيدرآباد ۾ اميرن منهنجي مان ۾ هڪ درٻار جو بندوبست ڪيو. انهيءَ ۾ امير، سردار ۽ جابلو علائقن جا چڱا مڙس سڀ آيا هئا. هڪ سو ٽيهه ڄڻا هئا. درٻار جو نظارو دلچسپ هو. جڏهن مون درٻار ختم ڪئي، ته هنن مون کان موڪل گهري، ته نديءَ تائين مون سان گڏجي هلن. ڪي اُٺن تي چڙهي هليا، جيڪي تمام سهڻي نموني سينگاريل هئا. سنڌن پوئلڳن جا هجوم پويان پئي هليا. سنڌن وڻندڙ پوشاڪون، هٿيار ۽ مشرقي انداز ۾ سينگاريل گهوڙا، جن تي هو سوار هئا، ڏسڻ جهڙا هئا. جڏهن هنن سنڌوءَ جي ڪناري تي بيهي، مون کي موڪلائيءَ جو ادب سان سلام ڪيو، ته مون پنهنجون اکيون مهٽيون، ته جيڪي ڪجهه ڏسي رهيو آهيان، سو ڪو خواب ته نه ڪونهي.

اڄ صبح جو اسان سمنڊ تي پهتا آهيون ۽ هاٿي مختلف وهڪرن مان رستو ڳولي نڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته جيئن اسان سنڌونديءَ ذريعي ڪراچي پهچي سگهون. اميد ته سپاٽي پهچي ويندا سون ۽ پئي ڏينهن بمبئي لاءِ روانگي اختيار ڪبي.

**گورنمينٽ هائوس**

**١٠-جولاءِ ١٩٥٢ع**

مسٽر هيريز توهان کي غلط تاثر ڏنا آهن، هن اهو احوال گهٽي قدر پنهنجو ٺاهيو آهي. هو چوي ٿو ته سنڌ فتح ڪرڻ وقت سرچارلس نيپئر کي وڏائي ڏنل انعام وارا پئسا واپس وٺڻ جو اهو طريقو ڪونه هو، ته هن جو پڳهار روڪيو وڃي وغيره وغيره. صحيح بيان نه آهي. اصل حقيقتون هن ريت آهن:

١٩٨٠ع ۾ جڏهن اها خبر پيئي، ته برطانيه راڄيءَ، سنڌ جي ميرن لاءِ جيڪي انعام اڪرام وارا پئسا ڏنا هئا، تن جو ڪو حساب ڪتاب ئي ڪونه رکيو ويو آهي. بلڪ، انعام ڪاميٽيءَ انهن پئسن مان گهٽائي پئسا اهڙيءَ انگريز فوج کي به ورهائي ڏنا آهن، جيڪا فوج جنگ ۾ وڙهي ئي ڪانه هئي. اهي ڳالهيون جاچ جوچ جهڙيون هيون. انهن پئسن ۾ سرچارلس نيپئر جو حصو صرف ٻه هزار پائونڊ هو. سو، ضروري هو ته ڪيس وڏيڪ مليل پئسا واپس وٺجن. اها ڪاروائي گورنمينٽ جي آرڊر موجب ڪئي وئي. سيني آفيسرن جي پڳهار مان ڪيترن مهينن تائين ٿورا ٿورا ڪري، اُهي پئسا ڪٽيا ويا. سو، پڌرو ٿيو ته هي قدم صرف سر چارلس نيپئر سان لاڳو ڪونه هو. انهيءَ ناجائز ورهاست ڪري، حڪومت کي ڪافي نقصان برداشت ڪرڻو پيو، ڇو جو پئسا حڪومت جي خزاني مان ئي ڏنا ويا هئا.

هيءَ ڳالهه اپريل ١٨٥٠ع جي آهي. مئي ١٨٥٠ع ۾ سرچارلس نيپئر مون وٽ شملا ۾ آيو. ڏاڍو ڪاوڙيل هو. سخت احتجاج ڪيائين، پئسن ڪٽجڻ جي طريقي تي نه، پر سيني پئسن جي واپس ڪرڻ تي. اسان جا تعلقات ٿڌا ٿيندا پئي ويا، مون چاهيو پئي ته ساڻس ناهه ڪريان. چيومانس ته

پلي وڃي ڪورٽ جو دروازو ڪڙڪاءِ. انهيءَ وچ ۾ مون انهيءَ گورنمينٽ آرڊر تي بہ عمل روڪي ڇڏيو، جنهن موجب، پئسا ڪٽيا پئي ويا. سو، في الحال پئسا ڪٽجڻ رڪجي ويا. منهنجي انهيءَ قدم جي ڪري ڪائونسل جو صدر مون تي ڪاوڙجي پيو. آخرڪار سرڪار نيپئر جي اپيل رد ڪئي ۽ مون کي حڪم ڪيو تہ مان اُهي پئسا ڪانئس واپس وٺان. ان جي باوجود مون پنهنجو روڪيل آرڊر وري واپس نہ ورتو، هن جو پگهار نہ روڪيو. توڙي جو هو مون سان ڪونہ ڳالهائيندو هو، هُن استعفا ڏيئي ڇڏي. مون ڪيس پڌايو تہ ڪورٽ تنهنجي خلاف فيصلو ڏنو آهي. پلا، جيڪڏهن هن کي اُهي پئسا واپس ڪرڻ ۾ توکي ڏکيائي ٿئي ٿي، تہ هندستان ڇڏڻ کان اڳ ۾ قسطن ۾ پئسا واپس ڪر.

پر، هن ڪتو جواب ڏيئي ڇڏيو ۽ چيو تہ حڪومت کي ڪوبہ قانوني يا اخلاقي اختيار ڪونهي، تہ ڪانئس پئسا واپس وٺي. اُن کان پوءِ، مون سندس پگهار روڪي ڇڏيو.

اصل ڳالهہ اِها آهي. سر چارلس نيپئر هندوستان ۾ جاٽي واٽي اهڙي حرڪت ڪئي آهي، جيڪا نيچ ۽ ڪريل آهي.

[نوٽ: هن ڪتاب ۾ ڪجهہ ننڍيا وڏا حوالا سنڌ لاءِ ڏنل آهن ۽ سر چارلس نيپئر جي ڪردار بابت ڪافي بحث ڪيل آهي، پر انهن سڀني ڳالهين جو سنڌ جي تاريخ سان ڪو خاص لاڳاپو ڪونهي، انهيءَ ڪري هتي اُهي شيون نہ ڏنيون ويون آهن. "ڊلهائوزي جا نجي خط" "Private Letters of the Marquess of Dal Housie" پڙهي وڌيڪ معلومات حاصل ڪري سگهجي ٿي.]

- ٣ -

## لارڊ هيسٽنگس : سنڌ ۽ هندستان جون ٻيون رياستون

ڪڇ تي برطانوي راڄ قائم ٿيو، تہ قدرتي طرح سنڌ جي ميرن کي ساڙ ٿيو ۽ خطرو محسوس ٿيو. ڪڇ، سنڌ جو پراڻو دشمن آهي ۽ سدائين سنڌ سان اگرائي ڪندو آهي. سنڌ جيڪا هندوستان جي اندروني رياستن مان ڪانہ هئي، سا اسان جي هن مقالي جو خاص موضوع نہ آهي. پر، مقالو لکندي سنڌ جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي، تہ لارڊ وارن هيسٽنگس سنڌ ۽ بمبئيءَ جي جنگ ڪيئن روڪي ڇڏيو، جيڪا بمبئي حڪومت ذري گهٽ سنڌ جي مٿان مڙهي هئي.

١٨٠٩ع ۾، هندستان جو گورنر جنرل لارڊ منٽو سنڌ جي اميرن سان دوستيءَ جو معاهدو ڪيو، ان معاهدي جو خاص نقطو اهو هو تہ سنڌ سرڪار، سنڌ ۾ ڪنهن بہ فرانسيسيءَ کي آباد ٿيڻ نہ ڏيندي.

سنڌ ۽ ڪڇ جي سرحد تي ڪيترا ئي ڀيرا ڪوسن حملا پئي ڪيا. هنن ڪڇ جي ڪجهہ علائقن تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي، جن تي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي حڪومت هئي. بمبئي سرڪار ڪوسن جي حملن تي سخت احتجاج ڪيو. آخر اهو فيصلو ٿيو تہ ڪرنل بارڪلي جي

سربراهيءَ هيٺ ننڍو لشڪر موڪلي، ڪوسن کي مهميز ڏني وڃي. سنڌ سرڪار کي پڻ انهيءَ ڪم ۾ تعاون جي اپيل ڪئي ويئي، تنهن تي ميرن به هڪ فوجي دستو اسان کي مدد ۾ موڪليو.

هڪڙيءَ رات ڪاريءَ پاٽ ۾، ڪرنل بارڪلي جي لشڪر جي ڪجهه حصي، پُل ۾، سنڌ جي موڪليل دستي کي ڪوسا سمجهي، مٿس حملو ڪيو. ان حملي تي سنڌي لشڪر ڏاڍو ڪاوڙيو. بلوچن بدلو وٺن لاءِ حيدرآباد مان مارچ ڪري، ڪڇ ۾ "لوٽن" جي ڳوٺ کي ساڙي ڇڏيو. اهو ڳوٺ ڀُڄ کان پنجاهه ميلن جي مفاصلي تي هو. ڳوٺ جا ڪيترا ماڻهو به اغوا ڪيا ويا.

بمبئي سرڪار، ان حملي جي ڪري، فوجي تياريون شروع ڪيون. سنڌ جي ميرن کان ڪڇ ۾ ٿيل نقصان جي گهر ڪئي. ڪين حملي ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني. حيدرآباد (دکن) ۾ رهيل ريزيڊنٽ آفيسر ۽ مدراس حڪومت کي پڻ سنڌ سان متوقع جنگ جو اطلاع ڏنو، ته هو پڻ پنهنجا فوجي جٿا تيار رکن.

ڪجهه وقت لاءِ ٻنهي پاسن کان جنگ جون گرما گرم تياريون ٿيون. پر، لارڊ وارن هيسٽنگس انهن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. هن حيدرآباد دکن جي ريزيڊنٽ کي حڪم ڪيو، ته هو مدراس جي فوج کي اُن ڪم لاءِ تيار نه ڪري.

لارڊ هيسٽنگس بمبئي سرڪار جي سنڌ کان غير ضروري تقاضائن جي مذمت ڪئي. هن چيو ته "پهريائين ته اسان کي اهو مڃڻ کپي، ته غلطيءَ اسان کان ٿي هئي، جو اسان ميرن جي مددي فوجي دستي کي ڪوسا سمجهي مٿس حملو ڪيو."

لارڊ هيسٽنگس راءِ ڏني ته، "بس، ايترو ڪافي آهي ته هن معاملي ۾ سنڌ جي ميرن جي معذرت قبول ڪئي وڃي ۽ ساڻن جنگ نه ڪئي وڃي." لارڊ هيسٽنگس اها به راءِ ڏني ته بمبئيءَ سرڪار ڪٿي سنڌ سان جنگ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي. پر، ان جا نتيجا خراب ٿيندا. سنڌ هٿ ڪرڻ جهڙو ملڪ ٿي ڪونهي. اُن کي حاصل ڪرڻ ڪمپنيءَ کي بيڄڙي ڪرڻ جي مترادف ٿيندو.

هن اهو خط بمبئي حڪومت ڏانهن روانو ڪيو.

بمبئي سرڪار پنهنجيءَ ڳالهه تي پوءِ به بضد رهي. وري ڪلڪتي جي سرڪار کي جنگي تياريون ڪرڻ لاءِ چيائين. پر، لارڊ هيسٽنگس پنهنجي ارادي تي اٽل رهيو. هن بمبئي سرڪار جي رويي کي ناجائز ۽ بي بنياد سڏيو.

سنڌ جا ميرَ به انگريزن سان جنگ ڪرڻ جا حامي ڪونه هئا. سنڌن ايجنٽ اسماعيل شاهه بمبئيءَ پهتو ۽ اتي انگريز عملدار، ايلفنسٽن سان گڏجاڻيون ڪيائين. آخر ٩ نومبر ١٨٢٠ع تي هڪڙو معاهدو ٿيو، جنهن موجب، مير ڪرم علي ۽ مراد عليءَ جا ڪمپنيءَ سان تعلقات سٺا ٿيا.

[ "لارڊ هيسٽنگس ۽ هندستاني رياستون" -موهن سنها مهتا، بمبئي ١٩٣٠ع)

غلام رباني آگرو

# سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائي

## اسان جي تاريخ جو هڪ اهم ورَقُ

(١)

غالباً ١٩٦٠ع واري ڏهاڪي جي ڳالهہ آهي.

الياس عشقي، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ اعليٰ عملدار هو. تنوير ۽ مون سان دوستي هئس. هڪ ڏينهن وٽس ويٺا هئاسين، تہ چيائين تہ "سپاٽي شام واندا هجو، تہ 'رٽز هوٽل' ۾ اچجو. اسان 'روٽري ڪلب' طرفان راشدي صاحب جو ليڪچر رکيو آهي."

رٽز هوٽل، تن ڏينهن ۾، حيدرآباد جي سٺي ۾ سٺي هوٽل هوندي هئي. اورينٽ هوٽل نهڻ کان اڳ، سنڌ جو عالمُ، پير حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ جي ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ يا پنهنجي ڪنهن ڪم ڪار سان ڪراچيءَ مان ايندو هو، تہ بہ رٽز هوٽل ۾ اچي ٽڪندو هو. اديبن جون ڪچهريون بہ ساڻس اُتي ئي رٽز هوٽل جي اڳيان 'ٽڪنڊي پارڪ' ۾ ٿينديون هيون، جن ۾ جويو صاحب، شيخ علي محمد، نياز همايوني، تنوير عباسي، مان، حميد سنڌي، ٻيڙو فقير، مولانا قاسمي، مولانا گرامي، اسد الله شاهہ حسيني ۽ نفيس احمد ناشاد اڪثر شريڪ ٿيندا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن ڪو ٻيو دوست بہ اچي شامل ٿيندو هو.

پير صاحب جو وڏو ڀاءُ، پير علي محمد راشدي، انهن ڏينهن ۾، ڪراچيءَ مان حيدرآباد ايندو هو، تہ اول حافظ مبارڪ علي شاهہ وٽ 'موتي محل' ۾ ٽڪندو هو. پوءِ وري ڪو عرصو محمد حسين پنهور وٽ ٽنڊي جام هليو ويندو هو. ان کان پوءِ ڪجهہ عرصو ڪوهنور سئنيما جي 'گيسٽ هائوس' ۾ غلام نبي ميمڻ وٽ ٽڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن انڊس هوٽل ۾ بہ رات رهندو هو. پر، هوٽل جي ماني ڪونہ کائيندو هو. سو، مان گهران ماني نهرائي ڪيس پهچائي ايندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن ڪراچيءَ مان فئمليءَ سان ايندو هو، تہ مون وٽ ڏيهرو ڪري، ڏينهن ٺاري، شام جو دادوءَ هليو ويندو هو.

*　　　　*　　　　*　　　　*


سر حاجي عبدالله هارون

بني ڏينهن تنوير ۽ مان مقرر ٽائيم تي رٽز هوٽل ۾ پهتاسين. ميزبانَ ۽ خاص مهمانُ پهچي چڪا هئا: دعوتين ۾ ٻه اڍرڪ اچي چڪا هئا: ٻيا اچي رهيا هئا. عشقي صاحب جو هڪ دوست هوندو هو، جو اکين جو مشهور ڊاڪٽر هو. (شايد سرجن ڊاڪٽر رضوي ڪوٺيندا هئس.) تنهن راشدي صاحب کان پڇيو ته "ليڪچر ڪهڙي موضوع تي ۽ ڪهڙيءَ ٻوليءَ ۾ ڏين گهرو ٿا؟"

راشدي صاحب آرام سان چيس ته "جنهن ٻه موضوع تي چئو ۽ جنهن ٻه ٻوليءَ ۾ اوهان جي مرضي هجي." -- آخرڪار، پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪري، فيصلو ڪياٿون، ته ليڪچر انگريزيءَ ۾ رکجي، ۽ موضوع هجي: **"سنڌ جي بامبي پريزيڊنسيءَ کان جدائي" جيڪا هاڻي آزاد پاڪستان ڏانهن پهريون قدم ثابت ٿي چڪي آهي.** انهيءَ سلسلي ۾ دليل هي پئي ڏنائون:

(١) سنه ١٩٣٦ع ۾ سنڌ آزاد صوبو ٿي. انهيءَ کان ٻه سال پوءِ، سنه ١٩٣٨ع ۾، ڪراچيءَ ۾ مسلم ليگ ڪانفرنس ٿي، جنهن جي انتظام ۾ هونئن ته گهڻائي شامل هئا، پر سائين جي. ايم. سيد، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ پير علي محمد راشدي اڳيان اڳيان هئا. ڪانفرنس جو روحِ روان، بهرحال، سر عبدالله هارون هو.

(٢) سائين جي.ايم. سيد تڏهن سنڌي ادبي بورڊ جو نائب صدر هوندو هو. سو، ٻڌائيندو هو ته "قائداعظم جو بجنسي دهل دمامن ۽ نغارن سان استقبال ڪيو ويو. ڪيس هڪ شاهي جلوس ۾ شهر ۾ آندو ويو، جنهن ۾ ماڻهن جا انبوهه ته هڪ طرف هئا، پر، سينگاريل اُٺ ۽ گهوڙيسوار ٻه شامل هئا. ڪراچيءَ نه اهڙو نظارو اڳي ڏٺو هو ۽ نه وري پوءِ ڪڏهن ڏسندي."

(٣) ڪانفرنس ۾ خاص ڳالهه اِها ٿي، ته قائداعظم محمد علي جناح جي صدارت هيٺ، تاريخ ۾ "**پهريون ڀيرو**"، هندستان کي ٻه حصا ڪري، هندن ۽ مسلمانن ۾ ورهائڻ جو نهراءُ منظور ٿيو.*

پير علي محمد راشديءَ 'اُهي ڏينهن، اُهي شينهن' ڪتاب جي ٻئي جلد ۾ لکيو آهي ته "اهو نهراءُ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ لکيو ۽ پيش ڪيو هو."

---

* هونئن، عام طرح ائين مشهور آهي ته سنه ١٩٣٠ع ۾ اله آباد واريءَ آل انڊيا مسلم ليگ ڪانفرنس ۾ علامه اقبال پنهنجي صدارتي خطاب ۾ اها ڳالهه ڪئي هئي.



سائين جي.ايم. سيد

سائين جي. ايم. سيد "جنب گذاريم جن سين" ڪتاب جي پهرئين جلد ۾ لکيو آهي ته 'ڪراچي ڪانفرنس شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي تحريڪ سان ٿي هئي ۽ ان ۾ نهراءُ به شيخ صاحب پيش ڪيو هو.'

سنه ۱۹۴۰ع ۾، يه سال پوءِ، ساڳيو نهراءُ لاهور ۾ وڏيڪ چٽن اکرن ۾ منظور ٿيو، جنهن کي، هاڻي، "۱۹۴۰ع واري قرارداد پاڪستان" (Pakistan Resolution of 1940) سڏن ٿا.

مٿئين پس منظر ۾، سنڌ جي تاريخ ۾ دلچسپي رکندڙ علم دوستن کي سنڌ جي بمبئي پرڳڻي کان جدائيءَ جي 'غير معمولي اهميت' معلوم ٿيندي. اعجاز قريشيءَ، تازو، سنڌ جي تاريخ تي به ٽي سنا ڪتاب شايع ڪيا آهن. نورالدين سرڪيءَ، جمال رند، اعجاز قريشيءَ، شوڪت شوري، عبدالقادر جوڻيجي، نياز همايونيءَ، حسن پٽي، حميد سنڌيءَ، ادل سومري ۽ ٻين اهڙن سنڌُ-دوستن، کي گهرجي، ته هو سنڌ جي 'بامبي پريزيڊنسي کان جدائي' ۽ 'ون يونٽ' جي ٺهڻ ۽ ڊهڻ بابت مستند معلومات رڪارڊ تي آڻن، جو ڀاڻ سنڌ جي تاريخ جي انهيءَ اهم باب جا اکين ڏٺا، معتبر شاهدَ آهن.

* * * *

راشدي صاحب رٽز هوٽل ۾ بوسڪيءَ جو پهرڻُ ۽ سفيد شلوار پائي آيو هو. هڪ صوفا تي نيم دراز هو ۽ پائيپ ڇڪي رهيو هو. عشقي صاحب جي 'مرحبائي اکرن' کانپوءِ اُٿيو ۽ ليڪچر شروع ڪيائين. پر، انگريزي اسان جي مادري ٻولي ڪانهي. سو، هو اتفاق سان ڳالهائيندي ائين چئي ويٺو ته:

"When the plane came down"

اهو ٻڌي، سرجن ڊاڪٽر رضويءَ دانهن ڪئي: "When the plane came down!"

راشدي صاحب چڪ درست ڪندي چيو ته: "I mean, when the plane landed"

راشدي صاحب جي ليڪچر جا مکيه نڪتا هي هئا:

۱- ۱۹۳۰ع واري ڏهاڪي ۾، برصغير جي ٻين علائقن وانگر، سنڌ ۾ به 'هندو-مسلم' ڇڪتاڻ هئي. سنڌ جي مسلمانن جو پلو انهيءَ ڳالهه ۾ هو، ته سنڌ کي بمبئي پرڳڻي کان جدا ڪري، آزاد صوبو بنايو وڃي. پر، سنڌي هندو ان ڳالهه ۾ خوش ڪونه هئا. اُهي بامبي پريزيڊنسيءَ ۾، ٻين هندن سان گڏجي، اڪثريت ناهي، اسيمبليءَ ۾، پنهنجي مرضيءَ جا قانون پاس ڪرائي ٿي سگهيا. سي، جدا سنڌ صوبي ۾ اقليت ٿي وڃن ها، انڪري بمبئيءَ کان سنڌ جي جدائيءَ جا مخالف هئا.

٢- انگريز سرڪار ٻنهي ڌرين جو ضد ڏسي چيو، تہ هي جو پاڻ ۾ اجايو وڙهي، ڏِهي، ڍانگها ٿين، تنهن ڪان تہ چڱو آهي تہ لنڊن ۾ "گول ميز ڪانفرنس" ڪوٺائجي، جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جا عيوضي شريڪ ٿين ۽ پنهنجيءَ پنهنجيءَ راءِ جي پنيرائيءَ ۾ دليل ڏين تہ فيصلو ڪجي.



پير علي محمد راشدي

٣- ٻنهي ڌرين اهو ٻڌي "واه واه" ڪئي ۽ چيو تہ "اهو فيصلو قبول آهي."

۴- راشدي صاحب چيو تہ هندن پنهنجو ڪيس تيار ڪرڻ جو ڪم چيلاڻيءَ کي سونپيو، جو معاشي مسئلن جو وڏو ماهر هو. مسلمانن وري اهو ڪم مون کي سونپيو، ڇو تہ ڪيس ناهڻ لاءِ انگ اکر گڏ ڪرڻا هئا ۽ مضبوط دليل دلائل ڏيڻا هئا، جيڪو تمام ڏکيو ۽ محنت طلب ڪم هو. پر، مون ڪيس ناهڻ ۾ ڏاڍي محنت ڪئي. رات ڏينهن هڪ ڪري ڇڏيم.

۵- آخرڪار، ڪيسُ تيار ڪري، خانبهادر کهڙي کي ڏنم، ڇو تہ سنڌ جي مسلمانن اهو بہ فيصلو ڪيو هو، تہ ڪيس تہ راشدي صاحب ناهي، پر، گول ميز ڪانفرنس ۾ خانبهادر کهڙو پيش ڪري، جو اُن وقت جو تمام وڏو جوشيلو جوان ۽ سنڌي مسلمانن جو مڃيل اڳواڻ هو.'

٦- اسان ڪراچيءَ مان خانبهادر کهڙي کي لنڊن رخصت ڪيو. تن ڏينهن ۾ جهاز هوندا هئا، پر، اهڙا جو ماڻهو منجهس چڙهي وهندو هو، تہ پري کان پيو نظر ايندو هو. هوائي جهاز خير سان اُڏامڻو تہ سهي، پر، رستي ۾ منزلون ڪرڻيون هيس. اوچتو خبر آئي، تہ هڪ برپٽ ۾ ڪِري پيو آهي. اِهو ٻڌي اسان جا هيانءَ ٻُڏي ويا. پر، سنتت ٻي خبر اچي ملي، تہ خانبهادر کهڙو، برپٽ ۾ چاليهارو ميل پيادل سفر ڪري، وڃي ٻئي ايئرپورٽ تائين پهتو ۽ گول ميز ڪانفرنس جي مقرر تاريخ کان اڳ لنڊن پهچي ويو.-- اِهو ٻڌي اسان سڀ وري سرها ٿياسين.

٧- راشدي صاحب چيو تہ گول ميز ڪانفرنس ۾، هندن ۽ مسلمانن جي عيوضين پنهنجا پنهنجا دليل دلائل ڏنا. لنيون ۽ ڌُڪا سو ڪونہ ڪنيائون، پر، بحث مباحثو وڏو ٿيو. آخرڪار، سڀ دليل دلائل ٻڌڻ ڪانپوءِ، انگريز سرڪار،

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ فيصلو ڪيو تہ سنڌ کي 'بامبي پريزيڊنسي' کان جدا ڪري، جدا صوبو ناهيو وڃي.

٨. سنڌ جي هندن گھڻني منهن مٿو پٽيو. پر، ورين ڪجهہ ڪونہ. سو، روئي پٽي، ماٺڙي ڪري، ويهي رهيا. اسان مسلمانن شرنايون ۽ دهل وڄائي، ٺڏا ڪير پيتا.

راشدي صاحب جو ليڪچر، هڪ تہ تمام اهم موضوع تي هو، ۽ ٻيو تہ سندس شخصيت ۽ ذهانت جو عام اثر وينل هو، سو، اسان بہ سندس ليڪچر ٻڌي ڏاڍا متاثر ٿياسين. هاڻي ان ڳالهہ کي ورهين جا ورهيہ وري ويا آهن، پر رٽز هوٽل جو ماحول ۽ ماڻهن جي ميڙ ۾ راشدي صاحب جي ليڪچر ڏيڻ وارو اهو منظر ڄڻ تہ اڄ بہ منهنجين اکين اڳيان آهي. مان ڪو زمانو سوچيندو رهندو هئس تہ:

**ڪنهن بہ وڏيءَ ڪاميابي ڪرڻ لاءِ ماڻهوءَ کي راشدي صاحب وانگر ڪيڏي نہ دماغ سوزي ۽ محنت ڪرڻي پوي ٿي!**

## (٢)

راشدي صاحب جن ڏينهن ۾ "سنڌ جي بامبي پريزيڊنسيءَ کان جدائي" بابت ليڪچر ڏنو، انهيءَ زماني ۾، سنڌ کي اولهہ پاڪستان جي ٻين ننڍن صوبن وانگر، ماڻهن جي مرضيءَ جي برخلاف، "ون يونٽ" ۾ مدغم ڪيو ويو هو. اهو عمل بامبي پريزيڊنسيءَ کان بہ بڇڙو هو، ڇو تہ بامبي پريزيڊنسيءَ ۾ سنڌ کي "جدا تشخصُ" تہ هو.-- مٿس هڪ جدا انگريز ڪمشنر مقرر ٿيل هوندو هو.

"ون يونٽ" ۾ سنڌ جو جدا تشخُصُ تہ ڇا، ڪو وجود ئي ڪونہ هو. سرڪار جي ٽپال کاتي سرڪ ولر جاري ڪري عام ماڻهن کي چتاءُ ڏنو هو تہ رڳو خطن جي ايڊريسن ۾ بہ ڪنهن شخص "سنڌ" لفظ لکيو، تہ اهو بہ ڏوهہ ڪيائين. اهڙيءَ 'بَڪَرَ-بُوساٽَ' جو ردعمل بہ اهڙوئي ٿيندو. سو، سنڌ ۾ "ون يونٽ" جي خلاف تمام ڏاڍي نفرت هئي.

هن صورت حال ۾، جنهن بہ شخص راشدي صاحب جو ليڪچر ٻڌو، تنهن جي اندر ۾ آنڌ مانڌ پيدا ٿي، تہ جيئن اڳي سنڌ کي "بامبي پريزيڊنسيءَ" جي پنجوڙن مان آزاد ڪرايو ويو هو، هاڻي "ون يونٽ" مان بہ ائين ئي آجو ڪرانجي. انهيءَ رٿ تي عمل ڪرڻ لاءِ رهبريءَ واسطي نگاهون خودبخود انهن شخصن ڏانهن کڄي ٿي ويون، جن سنڌ جي جدائيءَ جي تحريڪ ۾ سرگرم بهرو ورتو هو. راشدي صاحب جي ليڪچر مان معلوم ٿيو، تہ انهيءَ تحريڪ ۾ مکيہ شخصَ پاڻ ۽ خانبهادر کهڙو هئا. پر، بدقسمتيءَ سان، "ون يونٽ" ناهڻ ۾ بہ پاڻ ٻئي ڄڻا سرِفهرست هئا.

اهو ڏسي، ون يونٽ جو مخالفُ، سنڌ جو نوجوانُ ۽ پڙهيلُ ڪڙهيلُ طبقو، وڃي سائين

جي. ايم. سيد جو پونلڳ ٿيو، جو شروع کان ون يونٽ جو ايڏو مخالف هو، جو سنڌ سرڪار سنڌي وڏيرن جي نَڪَ ۾ ناڪيلي وجهي، کين اُنَ وانگر ڪاهي، اسيمبليءَ ۾ جهڪائي، ون يونٽ جي فائدي ۾ ووٽ ته ورتو، ليڪن، انهيءَ کان اڳ، جي. ايم. سيد کي جيل ۾ وجهڻ ضروري سمجهيائين. جڏهن جيل مان آزاد ٿيو، ته وري گهر ۾ نظربند ڪيانونس ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين آزاد نه ڪيانونس. پر، هو نظربنديءَ ۾ به ون يونٽ جي مخالفت ۽ سنڌ جي حقن جي گهُرَ ڪندو رهيو. هِنَ پس منظر ۾، پهريائين "بزم صوفيائے سندهه" ئهي ۽ پوءِ "جيئي سنڌ" تحريڪ زور ورتو.

*　　　*　　　*　　　*

## (٣)

"سنڌ جي جدائيءَ واريءَ تحريڪ" ۾ منهنجي دلچسپي، ڪجهه راشدي صاحب جي انهيءَ ليڪچر جي ڪري، ۽ ڪجهه سائين ميران محمد شاهه جي ڪري وڌي. هو سنه ١٩٦٣ع ۾، سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر-سيڪريٽري (اعزازي) هو. مون سان سدائين "سنڌ جي بامبي پريزيڊنسيءَ کان جدائي" جون ڳالهيون ڪندو رهندو هو، جن مان پانيم ته پاڻ به ان ۾ ڪو ڪردار ادا ڪيو هئائين. پر، راشدي صاحب پنهنجي ليڪچر ۾ اهڙي ڪا به ڳالهه ڪانه ڪئي هئي.

بهرحال، اهو مسئلو حل ٿي ويو. مون ننڍپڻ ۾ پرائمري تعليم جي زماني ۾، بابا سائينءَ جي ڪتابن ۽ رسالن ۾ "الوحيد" جو "سنڌ آزاد نمبر" ڏٺو هو. انهيءَ ۾ اسان ٻارن جي دلچسپي رڳو منجهس ڇپيل تصويرن جي ڪري هئي. جيڪي سڀ جون سڀ آرٽ پيپر تي ڇپيل هيون. اسان ڪنڇيءَ سان ڪتري، پنهنجن ڪتابن تي چنبڙايون هيون. -- ائين اهو "نمبر" سڄو خراب ڪري ڇڏيوسون. پر، اهو اجا ياد اٿم، ته منجهس سنڌ جي جدائيءَ تي به تي سٺا مضمون ڇپيل هئا ۽ سڪر براج جون تمام سٺيون تصويرون هيون. پر، ان ڳالهه کي ورهين مٿان ورهيه وري ويا. هاڻي، سوچڻ لڳس ته، "اهو نمبر اچي ڪٿان؟"

هڪ دوست قرب ڪيو جو "الوحيد" جو "سنڌ آزاد نمبر" جو اصلوڪو ايڊيشن آڻي ڏنائين. پڙهيم، ته واقعي منجهس انگريزي مضمون سان گڏ سائين ميران محمد شاهه ۽ خانبادر کهڙي جا سنڌي مضمون ڏٺم، جي غور سان پڙهيم. **سائين ميران محمد شاهه جي مضمون جا مکيه نکتا هي آهن:**

١- سنه ١٨٤٣ع ۾، انگريزن جي فتح ڪانپوءِ، سرچارلس نيپئر، ڇهه سال کن، سنڌ جو گورنر ٿي

رهيو. سندس روانگيءَ کان پوءِ سنڌ کي بامبي پريزيڊنسيءَ سان ملايو ويو، ۽ مٿس حڪومت ڪرڻ لاءِ هڪ انگريز ڪمشنر مقرر ڪيو ويو.



سيد ميران محمد شاهه

٢- سنه ١٩٠٠ع تائين سانده ستونجاهه سالن جو جيڪو عرصو گذريو، تنهن ۾ پريزيڊنسيءَ جي گاديءَ جي هنڌ، بمبئيءَ کان پري هئڻ ڪري، سرڪاري ڪمن ڪارين جي اُڪلاءَ ۾ دقت ٿيڻ سببان، سنڌ جا عام ماڻهو ڏاڍا پريشان ٿيا. ڪمشنر جي روش هڪ ڊڪٽيٽر واري هئي.

٣- **سڀ کان اول، سيٺ هرچندراءِ وشنداس،** سنه ١٩١٣ع ۾ آل انڊيا ڪانگريس ۾، سنڌ جي ماڻهن سان اهنج جون داستون ڪيون ۽ بمبئيءَ کان جدا ڪرڻ جو آواز اُٿاريو.

٤- **ٻيو نمبر شخص شيخ عبدالمجيد سنڌي هو،** جنهن، سنه ١٩٢٤ع ۾، اخبارن وسيلي، سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ جو سوال کنيو، جنهن جي نتيجي ۾ سنه ١٩٢٥ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي عليگڙهه واري اجلاس ۾، سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرڻ جو نهراءُ پاس ٿيو. اهو نهراءُ به شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي ڪوشش سان پاس ٿيو. ١٩٢٦ع ۾، آل انڊيا مسلم ليگ دوباره اهو نهراءُ پاس ڪيو.

٥- سنه ١٩٢٧ع ۾ آل انڊيا ڪانگريس ورڪنگ ڪاميٽيءَ به ان سوال کي ڪٿڻ لاءِ ڪانگريس کي سفارش ڪئي، جنهن تي سنڌ جي هندن ۾ ناراضپو پيدا ٿيو.

٦- سنه ١٩٢٧ع ۾ آل انڊيا ڪانگريس به سنڌ کي جدا ڪرڻ جو نهراءُ منظور ڪيو.

٧- سنه ١٩٢٨ع ۾ نهرو ڪاميٽيءَ پڻ سنڌ جي هندن جي مخالفت هوندي، سنڌ کي بامبي پريزيڊنسيءَ کان جدا ڪري آزاد صوبو بنائڻ جو مطالبو قبول ڪيو.

٨- سنه ١٩٢٨ع ۾ انگريز سرڪار هندستان ۾ سڌارن لاءِ "سائمن ڪميشن" مقرر ڪئي. اُن موقعي تي "بمبئي ڪميٽي" مقرر ٿي، جنهن ۾ سنڌي مسلمانن مان سر شاهنواز ڀٽو ۽ سيد ميران محمد شاهه ميمبر هئا. بمبئي ڪميٽيءَ جي سمورن ميمبرن سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرڻ جي مخالفت ڪئي. انهن ۾ سرشاهنواز ڀٽو به شامل هو. پر، اڪيلي سيد ميران محمد شاهه سنڌ کي جدا صوبو بنائڻ جي وڪالت ڪئي. ڪيس انهيءَ موقف وٺڻ لاءِ سر ابراهيم رحمت الله ۽ قائداعظم محمد علي جناح همٿايو. ائين پهريون ڀيرو سرڪاري رڪارڊ تي سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرڻ لاءِ **"سيد ميران محمد شاهه جو نوٽ"** رڪارڊ تي آيو، جنهن جي لکڻ ۾، جمشيد مهتا جي انهيءَ موضوع تي اڳيئي لکيل ڪتابڙي مان ڪيس وڏي مدد ملي هئي.

٩- **هزهائينيس سر آغا خان جي صدارت هيٺ، آل پارٽيز مسلم ڪانفرنس، سنڌ کي جدا صوبو بنائڻ جو مطالبو پيش ڪيو. ٻيڪ وقت، سائمن ڪميشن جي سينٽرل ڪاميٽيءَ به اهڙي سفارش ڪئي.**

١٠- نومبر ١٩٣٠ع کان جنوري ١٩٣١ع تائين لنڊن ۾ ”گول ميز ڪانفرنس“ ٿي، جنهن ۾ سنڌ مان سر شاهنواز ڀٽو ۽ سر غلام حسين هدايت الله شريڪ ٿيا. سنڌ جي مسلمانن کي اچي ڳڻتيءَ ورتو. ڇو ته سرشاهنواز ڀٽي اڳي ”بمبئي ڪميٽي“ ۾ سنڌ کي جدا صوبو بنائڻ جي مخالفت ڪئي هئي. پر، هن ڀيري ٻنهي ڄڻن سنڌ کي جدا صوبو ڪرڻ جي حمايت ڪئي.

**١١- سنٽ، ارل رسيل جي صدارت هيٺ ”سنڌ سب ڪميٽي“ مقرر ٿي، جنهن جا ميمبر هئا: (١) سر سلطان محمد شاهه آغا خان (٢) قائداعظم محمد علي جناح (٣) سر محمد شفيع. ڪاميٽيءَ سفارش ڪئي، ته سنڌ کي جدا صوبو بنايو وڃي، ليڪن، مالي صورتحال جي جاچ ڪجي.**

١٢- پروفيسر چبلاڻي معاشيات جو وڏو ماهر هو. سنڌ کي جدا صوبو بنائڻ جي سخت مخالفت بلڪ پروپئگنڊا ڪئي هئائين ۽ ڪتاب به لکيو. مسلمانن SUFFERINGS OF SINDH نالي هڪ جوابي ڪتابڙو لکيو ۽ اخبارن ۾ مضمون ڇپايا.*

١٣- ”سنڌ ڪاميٽيءَ“ جي فيصلي موجب مالي معاملن جي جاچ جوچ ٿي، ته خانبهادر کهڙي، خانبهادر الله بخش، سيد ميران محمد شاهه ۽ سرحاجي عبدالله هارون سنڌ کي جدا صوبو بنائڻ لاءِ ڪاميٽيءَ اڳيان وڪالت ڪئي. هندن مان پروفيسر چبلاڻيءَ ۽ ٻين مخالفت ڪئي.

١٤- سيپٽمبر ١٩٣١ع ۾ لنڊن ۾، ٻي گول ميز ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ مالي مسئلن جو جائزو ورتو ويو. مسلمانن جو ڪيس خانبهادر کهڙي ۽ هندن جو ڪيس پروفيسر چبلاڻيءَ پيش ڪيو.

١٥- تاريخ ١٦ سيپٽمبر تي، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ”آزاد سنڌ ڏينهن“ وڏي زور شور سان ملهايو ويو. فيصلو سرشاهنواز ڀٽي جي صدارت هيٺ ڪيو ويو. پر، درحقيقت، انهيءَ ڪان اڳيئي انهيءَ جي تحريڪ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ ڪئي هئي.

١٦- سنڌ ۾ هندو-مسلم ڇڪتاڻ زور تي پهچي وئي هئي. الهه آباد ۾، شيخ عبدالمجيد ”يونٽي ڪانفرنس“ ۾ هندن کي سنڌ جدا صوبو بنائڻ تي آماده ڪيو. پر، سنڌ جي هندن ان ڳالهه کي ڪونه مڃيو.

١٧- هندو-مسلم ڇڪتاڻ جي ڪري، پير علي محمد راشديءَ کي ’پروپئگنڊا آفيسر‘ مقرر ڪيو ويو، ته هندن جي مخالفت جا جواب ڏيندو رهي. هو ”ستاره سنڌ“ اخبار ۽ ”سنڌ زميندار“ وسيلي اڳيئي اهو ڪم ڪري رهيو هو.

١٨- مارچ ١٩٣٣ع ۾، انگلستان جي پارليامينٽ جي فيصلي موجب، سنڌ مان مسلمانن جي هڪ نمائندي کي پنهنجو ڪيس پيش ڪرڻ لاءِ سڏيو ويو. خانبادر کهڙو هوائي جهاز رستي روانو ٿيو. جهاز ايران ۾ ڪنهن برپٽ ۾ ڪِري پيو. پر، خانبهادر کهڙو ۽ سندس ساٿين، همٿ ڪري،

* مون اهو ڪتابڙو پڙهيو آهي. ڇپيو خانبهادر کهڙي جي نالي ۾ هو، پر، لکيو پير علي محمد راشديءَ هو.

لنڊن پهچڻ جو بندوبست ڪري ورتو ۽ جائنٽ پارليامينٽري، ڪميٽيءَ
اڳيان سنڌ جي مسلمانن جو ڪيس پيش ڪيو. پروفيسر ڇبلاڻيءَ ۽
ديوان بهادر هيرانند کيمسنگهه هندن جو ڪيس پيش ڪيو.



شيخ عبدالمجيد سنڌي

۱۹- **لنڊن ۾، هزهائنيس سر آغا خان، ڊاڪٽر سر شفاعت احمد خان ۽ چوڌري سر ظفرالله خانبهادر کهڙي جي گهڻي مدد ڪئي.**

۲۰- جولاءِ ۱۹۳۴ع ۾ ڪراچيءَ ۾ وڏي پيماني تي ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ سنڌ جي آزاديءَ جي گهر ڪئي ويئي ۽ هندن کي خاطري ڏني ويئي ته مسلمان سنڌ ۾ اڪثريت ۾ هوندا ته به ڪين نقصان ڪونه پهچائيندا. صدارت سر غلام حسين هدايت الله ڪئي.

۲۱- سنه ۱۹۳۵ع ۾، انگلستان جي پارليامينٽ ۾، "گورنمينٽ آف انڊيا بل" پاس ٿيو، جنهن جي فقري نمبر۴۶ موجب، "سنڌ آزاد صوبو" ٿيو. سنڌ جي آزاديءَ ۾ مسلمانن، هندن، پارسين ۽ ٻين قومن جي فردن به حصو ورتو. سرلانٽ سيلانٽ گراهم آزاد سنڌ صوبي جو پهريون انگريز گورنر مقرر ٿيو.

*　　*　　*　　*

## (۴)

سيد ميران محمد شاهه جي مضمون ۾، "سنڌ جي آزاد صوبي ٿيڻ بنسبت ڏاڪي به ڏاڪي مفصل معلومات موجود آهي. پر، مان پاڻيان ٿو ته "مهراڻ" جي پڙهندڙن کي خانبهادر کهڙي جا تاثرات به معلوم ٿيڻ گهرجن. **خانبهادر محمد ايوب کهڙي ( ٺڏهوڪي ايم. ايل. سي. لاڙڪاڻه) پنهنجي مضمون ۾ هيئن لکيو آهي:**

"سنڌ جي جدائيءَ جي تحريڪ هن ريت شروع ٿي. سڀ کان اول، آنربل مسٽر هرچندراءِ وشنداس جي سرڪردگيءَ هيٺ، سنڌ جي محب وطنن جو هڪ وفد، سال ۱۷-۱۹۱۸ع ۾ مسٽر مانٽيگو، وزير هند سان مليو. وفد جو نصب العين محض سنڌ جي بمبئيءَ کان مڪمل آزادي حاصل ڪرڻ هو.

۱۹۱۹ع ۾، انڊين نيشنل ڪانگريس جي پراونشل پوليٽڪل ڪانفرنس، پنجن ڄڻن جي هڪ سب ڪاميٽي مقرر ڪئي، جنهن ۾ هڪ پارسي ۽ چار هندو ميمبر هئا. اها ڪاميٽي 'سنڌ جدائي' بابت مڪمل رپورٽ ڏيڻ لاءِ مقرر ٿيل هئي. ڪاميٽيءَ رپورٽ ڏني، ته سنڌ جو خودمختيار ۽ آزاد

صوبو ٿيڻ ڏاڍو ضروري آهي. ان کان پوءِ جلد ئي انڊين نيشنل ڪانگريس جو پاٽيتاليهون اجلاس ٿيو، جنهن ۾ خود هندن جي مکيه ليڊر، پنڊت مدن موهن مالويه جي تحريڪ سان، سنڌ کي ڌار صوبو بنائڻ لاءِ نهراءُ پاس ٿيو. اهڙيءَ طرح، ٻين مکيه سياسي جماعتن به اُن جي تائيد ڪئي. ڪانگريس ۽ نهرو ڪاميٽيءَ پڻ سنڌ کي جدا صوبو بنائڻ لاءِ آواز اُٿاريو.

"١٩٢٨ع ۾ سنڌ جي هندو مسلمانن ۽ پارسي ليڊرن جو هڪ عهدنامو ٿيو، تنهن ۾ به سنڌ جي علحدگي ڪشاده دليءَ سان تسليم ڪئي ويئي. انهن سيني مرحلن طيءِ ٿيڻ کان پوءِ سنڌ جي مسلمانن ۾ عام طرح هن مسئلي بابت چرپر پيدا ٿي ۽ هو اجتماعي خواه انفرادي طرح انهيءَ تحريڪ کي ڪامياب بنائڻ لاءِ ڪوشش وٺڻ لڳا. آخرڪار، سنڌ آزاد ڪانفرنس جو بنياد وڌو ويو. سنڌ جي مسلمانن جي اخبارن خاص ڪري "الوحيد" ۽ "سنڌ زميندار" ته ڇڻ تبليغ شروع ڪئي. سنڌ جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين "سنڌ جدائي" جا آواز بلند ٿيڻ لڳا.

"سال ١٩٢٩ع جي ابتدا ۾، سائمن ڪميشن ڪراچيءَ ۾ آئي. انهيءَ ڪميشن جي اڳيان، سنڌ محمدن انسوسئيشن جو وفد، منهنجيءَ اڳواڻيءَ هيٺ پيش ٿيو، جنهن سنڌ کي جدا پرڳڻي بنائڻ جي گهر پيش ڪئي.

"سنه ١٩٣١ع ۾، گول ميز ڪانفرنس جي پهرئين اجلاس ۾، لنڊن ۾ "سنڌ ڪميٽي" مقرر ٿي، جنهن ۾ قائداعظم محمد علي جناح ۽ سرغلام حسين هدايت الله قابل قدر خدمت سرانجام ڏني. انهيءَ ڪميٽيءَ جي فيصلي مطابق ١٩٣١ع جي وچ ڌاري، هندُ سرڪار هڪ "جاچ ڪميٽي" ڪراچيءَ موڪلي، جنهن تي به عملدار مقرر ڪيا ويا: مسٽر مائيلس ارونگ ۽ مسٽر هٽرس. هنن سنڌ جي قومن ۽ فرقن جي نمائندن کي گواهي ڏيڻ لاءِ گهرايو. سنڌ جي مسلمانن ۽ جدا پرڳڻي جي مطالبي ڪندڙن جي پاران هڪ وفد منهنجيءَ اڳواڻيءَ هيٺ نهيو ۽ سنڌ جي جدا ڪرائڻ جو ڪيس پڪي پائي تي تيار ڪيو ويو. انهيءَ کان پوءِ گول ميز ڪانفرنس جي ٻئي اجلاس ۾ ٿيل فيصلي موجب، هند سرڪار اپريل ١٩٣٢ع ۾، "سنڌ ڪانفرنس" ڪوٺائي، جنهن جو صدر آنربل مسٽر برين هو. انهيءَ ڪانفرنس ۾، مسلمانن پاران هيٺيان صاحب هئا: (١) آنربل سر شاهنواز ڀٽو، (٢) آنربل ميان علي بخش، (٣) سر عبدالله هارون، (۴) مير بنده علي خان ٽالپر، (٥) خان بهادر الهه بخش، (٦) قاضي عبدالرحمان ۽ (٧) محمد ايوب کهڙو. هندن جي پاسي، مسٽر لالچند نولراءِ، ديوان بهادر مرليڌر ۽ پروفيسر ڇبلاڻي هئا. واپارين جي پاران مسٽر هوشنگ ايدلجي ڊنشا ۽ مسٽر پرائيس هئا. سرڪار جي پاران مسٽر ڊئو روينيو آفيسر براج ۽ پروفيسر ڀٽيجا هئا.

انهيءَ ڪانفرنس ثابت ڪري ڏيکاريو، ته آزاد سنڌ پرڳڻو ٿيڻ بلڪل 'ممڪن' ڳالهه آهي. ڪوٽ هر سال اٽڪل اسي لک رپيا ٿيندي، جا هند سرڪار پري، ڪم از ڪم ٻارهن ورهيه يا پندرهن

ورهين نائين، ڇا لاءِ تہ اها ڪراچي ڪسٽمس جي ٽئڪس ۾ ٻين ذريعي سان ڪروڙين رپيا وصول ڪري ٿي.

١٩٣٣ع جي مئي مهيني ۾ برطانوي پارليامينٽ هندستان جي سڌارن بنسبت رپورٽ طلب ڪئي ۽ ڪميٽي مقرر ڪئي. انهيءَ ڪميٽيءَ اسان کي هڪ عيوضي موڪلڻ جي دعوت ڏني، جنهن لاءِ مون کي منتخب ڪيو ويو. جون ١٩٣٣ع ۾، مان هوائي جهاز رستي، لنڊن پهتس ۽ ڪميٽيءَ اڳيان ڪيس پيش ڪيم. مخالف ڌر جي پاران پروفيسر ڇيلاڻي ۽ ديوان بهادر هيرانند کيمسنگهہ موجود هئا. خدا پاڪ جي لطف ۽ مهربانيءَ سان منهنجيءَ محنت تمام چڱو اثر ڪيو، جنهن جو اظهار پارليامينٽ جي ميمبرن ۽ دوستن ڪيو.



محمد ايوب کهڙو

هن ڪم ۾ سر شفاعت احمد خان ۽ چوڌري سرمحمد ظفرالله بہ منهنجي مدد ڪئي. لنڊن ۾، مان، اڪثر ڪري، هزهائينيس رائيٽ آنربل سرآغا خان سان ملندو رهندو هئس. سر آغا خان، سنڌ جي جدائيءَ جي مسئلي ۾ خاص دلچسپي ورتي، تنهن ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي. هيءُ سر آغا خان جا ئي لفظ هئا تہ:

"هو پاڻ سنڌ علحده ڪرائڻ لاءِ وڪالت ڪري رهيو آهي.
۽ مان ساليسٽر جو ڪم ڪري رهيو آهيان."

الله پاڪ جا هزار شڪرانا، جو سنڌ کي جدا صوبو بنائڻ جو مسئلو آخر ڪاميابيءَ سان حل ٿيو. برطانيا سرڪار بمبئيءَ کان سنڌ جي جدائيءَ جو اعلان ڪيو، جنهن لاءِ خاص طرح، هزهائنيس سر سلطان محمد شاهہ آغا خان، هندستان جي ليڊرن مان قائداعظم محمد علي جناح، سر محمد شفيع، سر فضل حسين، ڊاڪٽر شفاعت احمد خان ۽ سنڌ مان سرغلام حسين هدايت الله، سر عبدالله هارون، شيخ عبدالمجيد سنڌي، ۽ سيد ميران محمد شاهہ تحسين جي لائق آهن.

## (٥)

مٿين مضمون مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ بمبئيءَ کان آزاد ڪيئن ٿي ۽ ڇو ٿي؟ هاڻي، انهيءَ پس منظر کي ذهن ۾ رکي، هيٺين ڳالهہ پڙهڻ گهرجي.

سنہ ١٩٨٤ع ۾، حڪومت مون کي سنڌي ادبي بورڊ مان بدلي ڪري، اسلام آباد ۾، ايڪيڊمي آف ليٽرس جو اول ڊئريڪٽر جنرل ۽ پوءِ چيئرمن مقرر ڪيو. اسلام آباد ۾ انهن عهدن تي ڪم ڪندي، منهنجو سڄي پاڪستان جي ادبي ادارن سان واسطو پيو. انهن ۾ هڪڙو اهم ادارو هو: "اداره ثقافت اسلاميہ، لاهور" (Institute of Islamic Culture).

سائين حسام الدين شاهہ راشدي سدائين انهيءَ اداري جي ڪم جي تعريف ڪندو هو. مون بہ انهن ني محسوس ڪيو تہ "اداره ثقافت اسلاميہ لاهور" ، جو ڪم واقعي شاندار آهي. سنت. اداري جي ڊائريڪٽر سراج منير سان اول دعا سلام ٿي، پوءِ گهرا گهاٽا لڳ لاڳاپا ٿيا.

اداري جو سربراهہ، سيد واجد علي شاهہ آهي، جو تمام لائق انسانُ آهي. هو لاهور جي ممتاز شخصيت، سيد مراتب علي شاهہ جو ٻيو نمبر فرزند آهي. سندن خاندانُ ملڪ جي ٻاويهن اميرترين گهراڻن (Rich and Ruling Families) ۾ شمار ٿئي ٿو. سيد واجد علي شاهہ جو وڏو ڀاءُ سيد امجد علي شاهہ، پهرين پهرين مارشل لا ۾، صدر ايوب خان جو وزير خزانہ هو.

ننڍو ڀاءُ، سيد بابر علي شاهہ "پئڪيجز پريس، لميٽيڊ" جو مالڪ آهي. کيس گلاب جي گلن جي جدا جدا نمونن ۽ علمي ڪتابن جو شوق آهي. پنجاب جي صوفي شاعرن، بابا فريد، بلهي شاهہ، سلطان باهو، شاهہ حسين ۽ ٻين جي ڪليات سان گڏ، هندستان ۽ ايران جي مکيہ فارسي شاعرن، مثلاً سعدي شيرازيءَ ۽ امير خسروءَ جا ڪليات اهڙا تہ سهڻا ڇپايا اٿس، جو سانڍڻ وٽان آهن.

غالباً، پاڻ پاڪستان ايڪيڊمي آف ليٽرس جي ڇپايلَ، شاهہ ڀٽائيءَ جي ڪلام جي نثري اردو ترجمي تي منهنجو "مقدمو" پڙهيو هئائين، جيڪو ثقافت اسلاميہ پنهنجي سہ ماهي رسالي ۾ دوباره ڇاپيو هو. سو، ان کان متاثر ٿيو، ۽ هڪ دفعي مون کي چيائين تہ، "جيڪڏهن توهان پاڻ سنڌ جي صوفي شاعرن جو تذڪرو مون کي اردوءَ ۾ ناهي ڏيو، تہ مان شوق سان ڇپايان."

مون کي پنهنجن اردو، پنجابي ۽ فارسي ڪتابن جو سڄو سيٽ بہ تحفي طور ڏنائين. پر، منهنجا دوست اهي ڪتابَ هڪ هڪ ڪري، مون وٽان ڪڍي ويا. هاڻي مون وٽ ڪو هڪ اڌ مَسَ بچيل هوندو. مون کانئس ٻيو سيٽ بہ ورتو، پر، اُهو هالن جي مخدوم صاحب طالب المولىٰ سائينءَ کي تحفي طور ڏنم. مخدوم صاحب سان منهنجيون ٻنهي دليون هونديون هيون. پاڻ بہ مون تي اوترو مهربان هو. هڪ دفع،ي ڪنهن نازڪ ڪم سان، وزيراعظم بينظير ۽ سندس والده سان اسلام آباد ملڻ آيو. پنجاب جي گورنر جي دعوت رد ڪري، مون وٽ اچي گهر ماني کاڌائين. فقط اينرو چيائين تہ "دعوت ۾ ٽيون ماڻهو رڳو پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهہ هجي." پاڻ اچا منهنجي گهر ماني کائي رهيو هو، جو ملاقات لاءِ بيگم نصرت ڀٽي جي فون آيس. چيائين تہ، "تنهنجي گهر جو فون نمبر ملاقات جي اِطلاع لاءِ ڏني آيو هئس." مون وٽان ماني کائي، سڌو 'سنڌ هائوس' ويو.

سيد بابر علي شاهہ سان منهنجي ميل ملاقات سندس ڀائيءَ حنا بيبيءَ ڪرائي، جيڪا سابق وفاقي وزير، سيد فخر امام، جي ننڍي ڀاءُ فيصل امام جي اهليہ آهي. هڪ دفعي اسلام آباد مان لاهور آيس، تہ پيڪيجز وٺي ويئي. اول پريس جي چمن ۾ گلاب جي گلن جا چاليهاروڪن جدا

جدا نمونا وجي ڏنم. پوءِ سڀ پريس ڏنم.

حنا بيبيءَ سان دعا سلام اڳين ٿي. اسلام آباد ۾ هوندو هئس، تہ هر سال، 'New Year Greetings Card' ۽ 'Rose - Petals' جو پاڪيٽ تحفي طور موڪليندي رهندي هئي. اسلام آباد مان حيدرآباد آيس، تہ ڪيس خط پٽ ڪونہ لکيم، سو، سال گذري ويا آهن، تہ سائس ڪابہ خط و ڪتابت ڪانہ ٿي آهي. خبر ناهي تہ ڪاٿي آهي؟ ڪيئن آهي؟ بهرحال، پوئين ملاقات ڏهاڪو سال کن اڳ ٿي هئي. مان اسلام آباد مان لاهور سرڪاري ڪم سان ويل هئس. حنا بيبيءَ کي فون ڪيم.

پڇيائين تہ "ڪٿي ترسيل آهين؟"

مون چيس تہ، "پرل ڪانٽيننٽل ۾."

چيائين تہ "شام جو چاءِ گڏ پينداسين."

موسمِ سرما جي شام هئي. پي. سي. لاهور جي آرام ده ماحول ۾، ديسي ماڻهن کان وڌيڪ انگريز عورتن ۽ مردن جي وچ ۾ چاءِ پيندي، ڳالهہ ڪڍيمانس تہ "حِنا، مون کي تنهنجي وڏي چاچي سيد امجد علي شاهہ سان ملڻ جو ڏاڍو شوق آهي."

پڇيائين تہ: "ڇو؟"

مون چيو تہ "جڏهن پاڻ پاڪستان جو وزير خزانہ هو، تڏهن هڪڙو ڪتاب لکيو هئائين، جو ايوب خان جي "Friends not Masters" ۽ ذوالفقارعلي ڀٽي جي ڪتاب "Myth of Independence" جو 'پيش خيمو' هو. سنڌي ادبي بورڊ ۾، محترم محمد ابراهيم جويي، انهيءَ ڪتاب جي اسي صفحن جو انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائي "مهراڻ" رسالي ۾ ڇپايو هو. مان انهيءَ پس منظر ۾ 'ڪتاب جي مصنف' سان ملڻ گهران ٿو."

چيائين تہ، "ڳالهہ تہ درست آهي. پر، چاچو سيد امجد علي شاهہ ڏاڍو پيرو ٿي ويو آهي. سو، توسان ملي، الائي ڪونہ؟ چئي نٿي سگهان. پر، ڪوشش ڪنديس."

حنا بيبيءَ مون کان موڪلائي وڃڻ کان اڳ ڳالهين ٻولين ۾ اهو بہ ٻڌايو تہ: "بابا سائينءَ مون کي خانيوال ۾ پنهنجي جدا پريس ڪيڏي ڏني آهي، اڄڪلهہ اها سنڀالي رهي آهيان."

ٻئي ڏينهن فون ڪيائين تہ "مان تہ خانيوال وڃي رهي آهيان. پر، چاچا توکي شام جو پنجين وڳي چاءِ تي سڏيو آهي. منهنجي ڪارِ، شام جو، توکي هوٽل مان سندس بنگلي تي ڪٺي ويندي ۽ بعد ۾ هوٽل تي ڇڏي ويندي."

ٻئي ڏينهن شام جو مان سيد امجد علي شاهہ جي بنگلي تي پهتس. وڏن ماڻهن جي روايتن وانگر، هڪ نوڪر دروازي تي منهنجو منتظر هو. مون کي ساڻ وٺي بنگلي ۾ گهڙيو. ڊرائنگ روم



سيد امجد علي شاهہ

جي در تي، سيد امجد علي شاهہ پاڻ منهنجو آڌر ڀاءُ ڪيو. هو برابر ڊاڍو ٻڍو ٿي ويو هو. چوندا آهن تہ ٻڍاپڻ ۾ ماڻهوءَ جي چيلهہ چٻي ٿي ويندي آهي سيد امجد علي شاهہ ڊونبڙو ٿي، آهستي آهستي پنڌ هليو. هونئن، سندس مزاج ۾ بزرگي ۽ عظمت پري کان پڌري هئي.

نوڪر ميوو، مٺايون ۽ چاءِ کڻي آيو. جڏهن ٿانو کڻي ويو، تہ سيد امجد علي شاهہ مون کي پنهنجو تعارف ڪرائڻ لاءِ چيو. ٻڌي چيائين تہ "ان جو مطلب تہ هڪ تہ تون 'ڪتابي' ماڻهو آهين. ٻيو تہ 'سنڌي' آهين. سو، توسان اِهي ڳالهيون ڪريان."

پهريائين ڪتابن جي ڳالهہ ڪريون. چيائين تہ "جيڪڏهن توکان ٿي سگهي، تہ پئرس جي فلاڻي ڪتبخاني مان البيرونيءَ جو هيءُ ڪتاب گهرائي، پاڪستان جي ٻين ٻولين ۾ ترجمو ڪرائي ڇپاءِ. غالباً يارهن جلدن ۾ آهي. پر، توکي خاطري ڏيان ٿو تہ دنيا ۾ اهڙا ٿورڙا عمدا ڪتاب لکيا ويا آهن."

اڳتي هلي خبر پيم، تہ اداره ثقافت اسلاميہ، اِهو ڪتاب بہ اردوءَ ۾ ترجمو ڪرائي ڇپايو هو. پر، هاڻي اڻلڀ آهي. (سيد امجد علي شاهہ کي ان ڳالهہ جي خبر ڪانہ هئي.)

البيرونيءَ جي ڪتاب جِي ڳالهہ ڪري، چيائين تہ "هاڻي توکي سنڌ جي ڪا ڳالهہ ٻڌايان."

چيائين تہ، "ڪنهن زماني ۾، سنڌ کي بامبي پريزيڊنسيءَ کان جدا ڪري آزاد صوبو بنائڻ جي سوال تي هندن ۽ مسلمانن ۾ گهڻي عرصي کان ڇڪتاڻ هئي. انگريز سرڪار، لنڊن ۾، گول ميز ڪانفرنس ڪوٺائي هئي."

مان تن ڏينهن ۾ نوجوان هئس. چوڌري سر ظفرالله سان دوستي هئي، جو پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ملڪ جو وزيرخارجہ ٿيو. لنڊن ۾ رهڻ لاءِ مون کي پنهنجو فلئٽ ڏنو هئاسين. پاڻ سرسلطان محمد شاهہ آغا خان جي فلئٽ ۾ رهندو هو.

مون پڇيس "تہ پوءِ سَر آغا خان ڪاٿي رهندو هو؟"

سيد امجد علي شاهہ چيو تہ، **"هو بڪنگهام محلات ۾ رهندو هو."**

سيد امجد علي شاهہ چيو تہ آخرڪار گول ميز ڪانفرنس شروع ٿي. سنڌ جي جدائيءَ وارو سوال کنيو ويو. هندن جي پاران ايس. پي. ڇبلاڻيءَ ڪيس پيش ڪيو. هن پڪا پختا دليل دلائل ۽ انگ اکر پيش ڪيا. هر ڪنهن کي خاطري ٿي، تہ سنڌ صوبو جدا ٿيو، تہ مالي طرح مستحڪم ڪونہ

ٿيندو، سو هلي ڪونہ سگهندو." سيد امجد عليءَ چيو تہ، 'اهو لقاءُ ڏسي مان بہ ٻين مسلمان عيوضين وانگر مايوس ٿيس.'

سيد امجد عليءَ چيو تہ، "سر ظفرالله روز شام جو موٽر ڪاهي ايندو هو. ٻئي ڄڻا 'پڪنڊلي' ويندا هئاسين. سير پسار ڪري، آئس ڪريم کائي، موٽندا هئاسين. اهو اسان جو لنڊن ۾ روزمره جو معمول هو.*

شام جو حسب دستور، سر ظفرالله آيو. پڪنڊلي وياسين. سيرپسار ڪيوسين. تمام سٺي آئيس ڪريم کاڌيسون. پر، مون کي مزو ڪونہ آيو. سر ظفرالله ڳالهہ سمجهي ويو. سو، جڏهن موٽ تي فلئٽ وٽ لاٿائين، تڏهن مون کان مايوسيءَ جو سبب پڇيائين. مون چيو تہ 'ڪوبہ ڪونهي.' جڏهن زور پريائين، تہ مون ڪيس چيو تہ "اوهان گول ميز ڪانفرنس ۾ چپلاٽيءَ جا دليل تہ ٻڌا. هاڻي خانبهادر کهڙو دوستن سان گڏجي، سنڌ جي مسلمانن جو ڪيس نهرائي آيو تہ آهي. پر، اج سڄو ڏينهن چپلاٽي گول ميز ڪانفرنس تي ڇانيل هو. سندس دليل وزندار هئا. پڪ ٿي پڪ مسلمان ڪيس هارائيندا. سنڌ بمبئيءَ کان جدا ڪانہ ٿيندي. هندن جي سرسي ٿيندي.

سر ظفرالله منهنجي سڄي ڳالهہ توجهہ سان تہ ٻڌي، پر ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري، پاڻ ڪار ۾ هليو ويو. ٻئي ڏينهن، گول ميز ڪانفرنس جو وري اجلاس ٿيو. مسلمانن جو ڪيس پيش ٿيو. سخت بحث مباحثو هليو. نيٺ، اجلاس پورو ٿيو.

انگريز سرڪار هندن ۽ مسلمانن جون ڳالهيون ٻڌڻ بعد ڪجهہ ڏينهن لاءِ فيصلو ملتوي ڪيو.

هندن ۽ مسلمانن جا ڪي عيوضي تہ واپس وطن هليا ويا، تہ فيصلو الاني ڪڏهن اچي!

---

* سيد امجد علي شاهہ جي اها ڳالهہ ٻڌي، مون کي اهي ڏينهن ياد آيا، جڏهن سائين حسام الدين شاهہ راشدي، روز شام جو ڪراچيءَ ۾، جمشيد روڊ تي پنهنجي گهران نڪرندو هو، (تڏهن وٽس موٽر ڪانہ هئي). ٽئڪسيءَ ۾ ايندو هو. بندر روڊ تي بورڊ جي آفيس جي ٻاهران، 'سعيد منزل' وٽان مون کي اچي ساڻ ڪٺندو هو. ٻئي ڄڻا صدر ۾ سئر پسار ڪندا هئاسين. سائين حسام الدين شاهہ، نيون نيون نيڪ ٽايون، سُوٽن جو ڪپڙو، ڪئميرائون ۽ تاريخ تي نوان ڪتابَ ڏاڍي شوق سان ڏسندو هو ۽ انهن جي قيمتن تي دڪاندارن سان ريڙهہ پيڙهہ ڪندو هو.

پوءِ اسان چاءِ يا ميوي جي رَسُ پي، سائين جي.ايم.سيد جي بنگلي "حيدر منزل" تي ويندا هئاسين ۽ رات جي ماني اڪثر وٽس کائيندا هئاسين. سائين تڏهن بورڊ جو نائب چيئرمن هو. هڪ ڏينهن کلي مون کي چيائين تہ "حسام الدين شاهہ شام جي وقت صدر ۾ اهو سئر پسار ۽ لٽي ڪپڙي جا سَبُ شوقَ احمد خان پٽني کان سکيو اٿئي."

اڳتي هلي، مون کي خبر پئي تہ سائينءَ سورهن آنا سچ چيو هو. پير صاحب سائين حسام الدين شاهہ جي احمد خان پٽني سان واقعي گهري گهاٽي هوندي هئي. هو سٺي لٽي ڪپڙي پائڻ ۽ اُٺيءَ ويٺيءَ ۾ ڪانئس گهڻي قدر متاثر ٿيو هو.


سر آغا خان

بهرحال، اجلاس پوري ٽيڻ واري ڏينهن به، حسب دستور، شام جو سر ظفرالله موٽر ڪاهي آيو. وري 'پڪنڊلي' وياسين ۽ وري سنرپسار ڪري، وري وجي آئيس ڪريم ڪاڌيسين. سر ظفرالله آئيس ڪريم کائيندي، ڳالهين ٻولين ۾ چيو ته "تون ڪجهه ڏينهن کان مون کي موڳو ٿو لڳين."

مون کيس چيو ته "مون اوهان کي ان جو سبب به ٻڌايو آهي. هاڻي ته هر ڪنهن هندن ۽ مسلمانن جا انگ اکر ۽ دليل دلائل به ٻڌي ڇڏيا آهن. اجا به ڪنهن کي اميد آهي ڇا، ته سنڌ بمبئيءَ کان جدا ٿيندي؟ سيڪو سمجهي ٿو ته هندو بازي کٽي ويا.-- منهنجيءَ مايوسيءَ جو سبب رڳو اهو آهي."

اهو ٻڌي، سر ظفرالله وري به خاموش رهيو. بهرحال، اسان گهمي ڦري موٽياسين. مون کي فلئٽ وٽ اچي لاٿائين.

مون غمگين چهري سان ڪائنس موڪلايو. اجا فلئٽ ڏي ٻه ٽي وکون کنيم، ته پويان سڏ ڪيائين. موٽي وٽس ويس. پر، پاڻ ڪنڌ هيٺ ڪري، ڪا دير، ڪنهن اونهيءَ سوچ ۾ خاموش ويٺو رهيو. پوءِ ڪنڌ مٿي کڻي، ڪارِ جي دريءَ جو شيشو هيٺ ڪري، مون ڏي نهاريائين. چيائين ته:

"تنهنجو ڏک ڏسي نٿو سگهان نه ته جيڪر وات مان اکر نه ڪڇان. وڃ، غم نه ڪر. آرام سان وڃي ننڊ ڪر. انگريز وڏو سياسي شاطر آهي. هر اهم ڳالهه جي اڳواٽ پيشبندي ڪندو آهي. 'سنڌ کي جدا صوبو ڪرڻ يا نه ڪرڻ' جو فيصلو هندن ۽ مسلمانن، ٻنهي ڌرين جون ڳالهيون ٻڌي، پوءِ ڪرڻ جو اعلان ڪيو اٿس، سو، ٻئي ڌريون مطمئن آهن، بلڪ ڏاڍيون خوش آهن. لنڊن جي گول ميز ڪانفرنس ته رڳو انگريز جو مداريءَ وانگر هڪ سياسي کيل آهي. درحقيقت، انگريز مستقبل ۾ پنهنجي سياسي مفاد کي خيال ۾ رکي، سنڌ کي جدا صوبو بنائڻ جو فيصلو ڪڏهوڪو ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي، رڳو ان جي سرڪاري طرح، رسمي نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻي اٿس."


سرَ ظفرالله خان

سر ظفر الله، ڳالهه پوري ڪري، مون کي اشاري سان پنهنجي ويجهو سڏيو ۽ ڪن ۾ سُرٻات ڪيو ته، **"مون کي سرِ سلطان محمد شاهه آغا خان اهڙي خاطري ڏني آهي."**

* * * *

مان سيد امجد عليءَ کان موڪلائي حنا بيبيءَ جي ڪار ۾ هوٽل ڏي موٽيس. 'سنڌ جي جدائي' بابت ٻڌل ڳالهيون، ليڪچرَ ۽ ڪتابن ۾ پڙهيل مضمونَ، ذهن جي پٽئين پاسي ويڙهي سيڙهي رکي ڇڏيم. سمورو وقت، انگريز جي عياريءَ ۽ سندس سياسي حڪمت عمليءَ تي سوچيندو رهيس. بت جي لونءَ لونءَ ڪاندار بي وئي. غالب ياد آيو:

تو اور آرائشِ خمِ کاکل
میں اور اندیشہائے دُور و دراز

# ORDER IN COUNCIL

The following Order of the King's Most Excellent Majesty in Council is published for general information :—

## The Government of India (Constitution of Sind) Order 1936.

AT THE COURT AT BUCKINGHAM PALACE.

The 3rd day of March 1936.

Present:

**The King's Most Excellent Majesty in Council.**

Whereas it is provided by sub-section (1) of section two hundred and eighty-nine of the Government of India Act, 1935 (hereafter in this Order referred to as "the Act"), that as from such date as His Majesty may by Order in Council appoint, Sind shall be separated from the Presidency of Bombay and shall form a Governor's Province to be known as the Province of Sind.

PART I.

**Introductory.**

1. This Order may be cited as the Government of India (Constitution of Sind) Order, 1936.

2. The Interpretation Act, 1889, applies for the interpretation of this Order as it applies for the interpretation of an Act of Parliament.

PART II.

PART III.

**Provisions with Respect to the Transitional Period.**

*Duration.*

5. The provisions of this Part of this Order shall have effect with respect to the transitional period.

*Administration.*

6. Save as provided by this Order, the Government of India Act and any Rules made there-

## بڪنگهام محلات مان سنڌ کي آزاد صوبو بنائڻ وارو شاهي فرمانُ



هرچندراء وشنداس

سيٺ هرچندراءِ، جنهن بمبئيءَ کان سنڌ جي جدائيءَ جي تحريڪ جي شروعات ڪئي.



"اداره ثقافت اسلاميه، لاهور"، جي بورڊ آف گورنرس جو گروپ فوٽو [ساڄي کان] سراج منير، (اداري جو تڏهوڪو ڊائريڪٽر)، غلام رباني آگرو، جنرل (رٽائرڊ) ٻَٽُ (واپڊا جو تڏهوڪو چيئرمن) ڊاڪٽر محمد افضل (اڳوڻو وفاقي وزير تعليم)، اداري جو تاحيات چيئرمن سيد واجد علي شاه، ڊاڪٽر [illegible] سيڪريٽري تعليم، سيڪريٽري ثقافت

(حوالي لاءِ ڏسو "سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائي" مضمون جو صفحو ١٣٩)

# قديم سنڌ

سنڌ جو پرڳٽو جهڙو آهي پاڻ قديم، تهڙو ئي آهي سندس نالو قديم، رگ ويد جهڙي جهوني پستڪ ۾ اهو ئي نالو ڄاڻايل اٿس، جنهنڪري چئبو ته سڄيءَ دنيا جي ساهت ۾ انهيءَ کان آڳاٽو نالو ٻيو آهي ئي ڪونه.

ويدن ۾ آڳاٽو رگ ويد آهي، جنهن جي منڊل ڏهين جي سُوڪت پنجهتر ۾ انهيءَ قديم زماني جي هڪ رشيءَ اُن وقت ئي سنڌ جي سڀيتا ۽ شاهوڪاريءَ جي واکاڻ جا ڏُڪ ڀريا آهن!

اها اسان جي سنڌ ئي آهي، جنهن ۾ سڀيتا جو سج به اُنهيءَ آڳاٽي سمي ۾ اُڀريو هو، جنهن سمي ۾ دنيا جون ڪيتريون قومون اڃا سُمهيون پيون هيون. سڄاڳ ٿيون، ته به ڪيترو وقت سنڌ جي نفيس ململ سان پنهنجو بُت ڍڪينديون هيون، (جنهن کي ڪوٺينديون ئي هيئا سِنڌڻِ). اهو رواج الهندي ايشيا، مصر ملڪ، سمنڊ وارن ڪنارن، بلڪ يورپ ۾ به ڪيترن هنڌن تي رائج هو.

هندستان ۾ سڀيتا (Civilization) جو ڦهلاءُ به اسان جي سنڌوماٿر جي رهاڪن ڪيو، جي ڳالهيون ثابتين ۽ سَنَدُنِ سان "قديم سنڌ" ڪتاب ۾ ڄاڻايون ويون آهن. پرانهان پاسا ته چڙهيو، پر، ڀارت ۾ پکريائين پکريائين سنڌوماٿر هئي، جنهن رگ ويد واري قديم زماني ۾ ئي پنهنجي اعليٰ درجي جي سڀيتا ۽ شاهوڪاريءَ جي ڪري اهڙو ته نالو ڪڍيو، جو پوءِ سڄو هندستان (India-Indus) سندس نالي پنيان سڏجڻ ۾ آيا. اهو نئون هندستان تي اهڙو ته هٽي چڙهيو اٿس، جو ڪڏهن به ڪنهن جي ميٽڻ جو ڪونهي.

ڪُنڀ نه ڪاري تنهن کي، جو هالاري هوءِ
توڙي ڏوبي ڏوءِ، ته به لالي لهي نه اُن جي.
- ڀٽائي

[ڪاڪي ڀيرومل جي ڪتابَ "قديم سنڌ" مان اقتباس]

ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو

# ”غريب“ جي سُخنوري

## (پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جي شاعري)

سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ جن اَڪابر انسانن پنهنجي جيءَ ۽ جسي کي جولانيون ڏنيون، سنسار ۾ سُرت ۽ ساڃاهه جا ڏيئا ٻاري، سمائي ڦهلائي، ويچار جي واٽن جي ويڳاڻپ ختم ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي، تن اڪابرن ۽ استادن مان سنڌ جو سپوت ليکڪ پيرومل مهرچند آڏواڻي ٻه هڪ ناميارو نالءُ هو.



پيرومل مهرچند آڏواڻي

**خاندان:** ڪاڪي پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جي خاندان متعلق سندس ڪتاب" سنڌ جي هندن جي تاريخ" جي هڪ بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته "حيدرآباد جي آڪهه "مگهو ڪتريءَ" نُک مان هو. اها نُک اصل ملتان سان تعلق رکندڙ هئي، جنهن جو هڪ فرد نالي ديوان آڏومل پٽ ڪلومل پٽ جسومل ملتان جي ڳوٺ لوهه پور جو وينل هو، سو ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌ ۾ آيو. ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي راڄڌانيءَ ۾ ملتان جو علائقو ٻه سندس هٿ هيٺ هو. ميان نورمحمد ملتان ۽ اُچ جي طرف گشت ڪندي، هڪ دفعي اُتان جي ڪن هندن سان متعارف ٿيو. اُنهن هندن ۾ آڏومل ٻه شامل هو، جو اُن زماني ۾ تلوار هلائڻ ۾ تکو هو. ميان صاحب ڪيس پاڻ وٽ 'شمشير زن' مقرر ڪري سنڌ جي گاديءَ واري شهر حيدرآباد ۾ وٺي آيو. [١] پيرومل صاحب جي هن بيان کي تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي پرکجي ٿو ته ان ۾ ڪي جهول ڏسڻ ۾ اچن ٿا، ڇاڪاڻ ته نه ميان نورمحمد ڪلهوڙو ملتان طرف ويو هو ۽ نه وري اُن دور ۾ 'حيدرآباد' اجا گاديءَ طور وجود ۾ آيو هو. البت مطالعي مان اها ڄاڻ ملي ٿي ته ميان غلام شاهه حيدرآباد شهر جو باني آهي. نه رڳو ايترو پر سندس ملتان طرف وڃڻ ٻه هڪ تاريخي حقيقت آهي. ساڳئي ڪتاب ۾ پيرومل آڏواڻي صفحي ٥٢ ۽ ٥٣ تي اهڙا اشارا ڏنا آهن ۽ پڻ صفحي ٢٢٢ تي اهڙي ڳالهه ڪئي آهي.

بهرحال ديوان آڏيمل جي حياتيءَ جي احوال مان اسان کي اهو پتو پوي ٿو ته هن جي پهرين زال پنجاب جي هئي، جنهن مان ڪيس ٽي پٽ، چندومل، ڏتومل ۽ لکومل هئا، ۽ اِن ڪٽنب سان هُو سنڌ ۾ آيو هو. پهرين زال جي ديهانت کان پوءِ هن تعلقي نوشهري فيروز جي ديهه 'ٺٽ' مان ٻي شادي

پنهنجي نالي پاڻي آڏومل جي ڏيءُ سان ڪئي، جنهن مان ڪيس چار پٽ ٻهارومل، سندرداس، وسايومل ۽ نارومل ٿيا. سنڌ ۾ جيئن هن جي آڪهه وڌي، تيئن سندس نالي جي نسبت سان "آڏواڻي" ٿي مشهور ٿي ۽ اڳتي هلي هن خاندان جي ذهين ۽ نيڪ فردن پنهنجي گوناگون تعليمي، سماجي، علمي ۽ ادبي خدمتن جي وسيلي وڏو ناماچار حاصل ڪيو ۽ سنڌ ۾ هر هنڌ مثالي عزت ۽ مڃتا ماڻي.

ديوان آڏومل جي اولاد مان سندس پهريتي پٽ چندومل کي ٻه پٽ: چتومل ۽ چيتمل ٿيا. چيتمل جي پوٽي اجومل جو پٽ آٿلمل هو، جو سنڌ ۾ مختيارڪار به ٿيو هو. انهيءَ آٿلمل کي ٻه پٽ مهرچند ۽ ٿانورداس نالي ٿيا. مهرچند کي به ٻه پٽ پيرومل ۽ ٿانوردس ٿيا. اهوئي پيرومل اڳتي هلي سنڌ جي ساهت ۽ اتهاس جو وڏو ودوان ٿيو.[٢]

پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جي بقول سندس پيءُ سيٽلمينٽ ۾ هيڊ منشي هو، جنهن ١٨٨٨ع ۾ رٽائر ڪيائين ته ويهه روپيا پينشن ملڻ لڳي. رٽائرمينٽ کان پوءِ سترهن ورهيه جيئرو رهي، آگسٽ ١٩٠٥ع ۾ گذاري ويو.[٣]

**جنم ۽ تعليم:** پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جي جنم متعلق اختلاف آهن. ڪي اديب ١٨٧٥ع لکن ٿا ته ڪي ١٨٧٦ع. اِهوئي ڪارڻ آهي جو ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي عجب وچان لکيو آهي ته "پيرومل هڪ تاريخ نويس جي حيثيت ۾ ٻين جي جنمن جون تاريخون ۽ سن سنبت ڳهٽيءَ ڪوج بعد هٿ ڪري درج ڪيا آهن، پر پنهنجي جنم جي تُز تاريخ ڪٿي به ڪانه ڄاڻائي اٿس. انهيءَ کي مبهم رکڻ جو ڪهڙو سبب آهي، تنهن جي خبر خاوند کي!" [٤]

پيرومل آڏواڻيءَ جي تعليم جي شروعات فارسي سکڻ سان ٿي. سن ١٨٨١ع ۾ سنڌي پهريون درجو ٿورا ڏينهن آخوند صديق محمد جي مدرسي ۾ پڙهيو. اُن بعد هن اسڪولي تعليم نئين سرشتي وارن اسڪولن مان حاصل ڪئي. سال ٨٦-١٨٨٥ع ڌاري هو انگريزي پهريون درجو پڙهندو هو.[٥] پيرومل آڏواڻي سن ١٩٤٦ع ۾ ماهوار رسالي .سنڌو' ۾ "حيدرآباد جا هاءِ اسڪول" جي عنوان هيٺ هڪ طويل مضمون لکيو هو، جو قسطن ۾ شايع ٿيل آهي. ان مضمون جي ٽين قسط ڊسمبر ١٩٤٦ع جي شماري ۾ شايع ٿي. ان جي پڙهڻ سان پتو پوي ٿو ته هن انگريزي تعليم حيدرآباد جي مشن اسڪول مان حاصل ڪئي هئي. انهيءَ مشن اسڪول جو پرنسپال مسٽر ڪئمپبيل هو، جو ١٨٩٢ع ۾ قليليءَ ۾ هڪ شاگرد نالي خانچند کي ترڻ سيکاريندي پاڻ ٻڏي مري ويو هو. پيرومل آڏواڻي اهو واقعو به پنهنجي اکين ڏٺو هو.[٦]

ڊاڪٽر هدايت پريم لکي ٿو ته "پيرومل آڏواڻي ثانوي تعليم حيدرآباد سنڌ جي مشهور اسڪول 'يونين انڪيڊمي' مان حاصل ڪئي، جتي ساڌو هيرانند شوقيرام ۽ سندس ڀاءُ تاراچند شوقيرام

ڪان ٻي تعليم سان گڏ شاهه لطيف جو ڪلام ۽ معنائون پڻ سکيو. [٧] انهن ٻنهي ڳالهين کي نظر ۾ رکي چئني سگهجي ٿو تہ پيرومل ثانوي تعليم پهريائين مشن اسڪول ۾، پوءِ يونين اڪيڊميءَ مان حاصل ڪري، ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو.

**شاديون ۽ اولاد:** پيرومل آڏواڻي ٽي شاديون ڪيون. پهرئين زال مان ڪيس ڪوبہ اولاد ڪونہ هو، ٻي زال مان هڪ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ ٿيس. [٨] پٽمنس پريداس عرف هرنامسنگهہ بہ پنهنجي پتا وانگر قلم ۽ ڪتاب سان سُٻنڌ رکندڙ هو. سندس ليک مختلف مخزنن ۾ ڇپبا هئا. انهيءَ ڪان علاوہ "سالڪ جو سفر" نالي ڪتاب بہ شايع ٿيس، جنهن تي "سنڌي ادب (ساهت) لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ" پاران سادا ٽي سو روپيا انعام طور مليا. اهوئي ڪتاب اڳتي هلي درسي ڪتاب طور منظور ڪيو ويو. پريداس آگسٽ ١٩٤٣ع تي هي جهان ڇڏي ويو. [٩] سندس ڌيءَ جو نالو پارپتي هو، جنهن حشمتراءِ هيرانندائيءَ سان شادي ڪئي هئي. پارپتي سن ١٩٣٢ع ۾ ديهانت ڪيو. [١٠] اهڙيءَ طرح ٽين زال مان ڪيس بہ ڌيئر خوشحالي عرف پدما ۽ سنتي نالي ٿيس. [١١]

**نوڪري ۽ ديهانت:** پيرومل آڏواڻي ٢٩-فبروري ١٨٩٦ع ۾ ويهن ورهين جي ڄمار ۾ سالٽ ايڪسائيز اوپيم کاتي ۾ سپرنٽينڊنٽ جي عهدي تي مقرر ٿيو. ان کان اڳ ۾ پاڻ پبلڪ سروس ڪسٽم ۽ سالٽ ڊپارٽمينٽ جو امتحان پڻ پاس ڪيو هئائين. اڳتي هلي پهرين اپريل ١٩١١ع تي سکر ۾ سپرنٽينڊنٽ مقرر ٿيو. (The Sindh Official List 1915-p p 146-147) انهيءَ کاتي ۾ اناويهہ سال سروس ڪري رٽائر ٿيو تہ هڪ سو روپيا پينشن ملڻ لڳي. جون ١٩٢٤ع کان ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ڪراچي ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو، جتي تيرهن سال نوڪري ڪيائين. ائين هن لاڳيتو ٤١ سال نوڪري ڪئي. هو ورهاڱي کان پوءِ بہ پريا بہ سال ڪراچيءَ ۾ ئي رهيو، مگر گذران جي تنگي ۽ بنگلي جي نيڪال نہ ٿيڻ ڪري مجبور پئي رهيو. آخر نومبر ١٩٤٩ع ۾ بمبئيءَ لڏي ويو، جتي جي آبهوا ڪيس راس نہ آئي تہ پوني وڃي رهيو. ٣ جولاءِ ١٩٥٠ع تي پوني ۾ رستي تان هلندي، ڪيس ڌڪ لڳو ۽ پنيءَ جو ڪنڊو ڀڄي پيو. ٧ جولاءِ ١٩٥٠ع تي ساسون اسپتال ۾ ديهانت ڪيائين. [١٢]

**علمي پورهيو:** پيرومل آڏواڻي سنڌي ٻوليءَ جو گهڻ رخو ۽ پختو قلمڪار هو. سندس حياتيءَ ۾ ذهن جو لاڙو ڪنهن هڪ موضوع يا مضمون ڏانهن نہ رهيو. هر ڏسا ڏانهن ڏسڻ، سوچڻ ۽ سمجهڻ توڙي غور ۽ فڪر ڪرڻ ئي هن جي اثباتي عمل ۽ پختگيءَ جو ڪارڻ هو. حقيقتن کي پرکڻ ۽ پروڙڻ کان پوءِ نتيجا حاصل ڪري عام آڏو آڻڻ هن جو خاصو هو. اِهي ئي خصوصيتون آهن، جن هن جي تحريرن کي امرتا ۽ دوام بخشي، سندس نالو روشن ڪيو. پيرومل آڏواڻي پنهنجي دور جي ساٿين ۾ هر لحاظ کان منفرد مقام رکندڙ هو، ان ڪري ئي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو تہ: پيرومل ۾

تحقيق جي قابليت، چيتمل ۽ لالچند کان گهٽئي هئي، ان ڪري سنڌي زبان، ان جي گرامر ۽ ادبيات بابت تحقيقي ڪتاب لکيائين. سنڌ جي تاريخ بابت بہ ڪوجهنا ڪندو رهيو. افسانوي ادب ۾ سندس ناول ۽ ناٽڪ بہ موجود آهن. "غريب" تخلص سان ڪي شعر بہ جوڙيائين. سچو وقت علمي ڪم ڪي جنبيو رهيو. پاڻنجي ٿو تہ پيرومل ڪي مرزا قليچ بيگ جي ريس هئي، جو هر موضوع تي پئي لکيائين. پنهي ۾ فرق هيءُ هو، جو مرزا صاحب تاريخ، لغت ۽ شعر و ادب جون حدون لتاڙي ٻاهر نڪري ٻين موضوعن تي بہ لکيو، پر پيرومل انهن موضوعن کان ٻاهر سائنس جي دنيا ۾ پير نہ پاتو. [١٣] بهرحال پيرومل جون خدمتون بطور محقق، تاريخ نويس، ماهر لسانيات، مضمون نگار، ناول نويس، ناٽڪ ڪار، سيلاني، شاعر ۽ مترجم [١٤] کان علاوه نقاد جي حيثيت ۾ بہ نمايان آهن.

پيرومل آڏواڻيءَ جي سموري ادبي دور تي نظر ڊوڙائڻ سان اها ڳالهہ بہ سامهون اچي ٿي تہ هن علمي دنيا ۾ پنهنجي ذاتي پسند جي موضوعن کان سواءِ وقت ۽ ماحول جي گهرجن جي پوراڻي لاءِ بہ ذميواريون محسوس ڪري، انهن کي خوش اسلوبيءَ سان نباهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهڙو سماجي ادبي رويو ئي اديب جي مثبت ڪردار کي نمايان ڪري ٿو. انهيءَ مان اهو سمجهڻ ۾ بہ آساني ٿئي ٿي تہ هو حالتن کان ڪيتري قدر خبردار رهي ٿو. ان بنياد تي ئي اديب جي شعور ۽ علمي ڪردار جي پر پڻ پرک ٿئي ٿي. اهڙي سوچ سان اسان پيرومل آڏواڻيءَ جي علمي ۽ ادبي خدمتن کي ڏسنداسون تہ سنجهس اُهي دانشمنديءَ واريون خوبيون اسان کي جابجا نظر اچن ٿيون. انهيءَ حوالي سان ڏٺو وڃي تہ ويهين صديءَ جي شروعاتيءَ دور ۾، سنڌي ادب ۾ پڙهندڙن ۽ لکندڙن جو ڌيان قصي، ناٽڪ ۽ ناول ڏانهن هو. انهيءَ دور ۾ ماحول مطابق پيرومل آڏواڻي قصا، ناٽڪ ۽ ناول لکيا ۽ ترجمو ڪيا، جن ۾ مثال طور اسان کي "بلبل بيمار" (ناٽڪ)، "علي بابا چاليهہ چور" (ناٽڪ) "آنند سندريڪا" (قصو)، "حرص جو شڪار" (ترجمو ٿيل ناٽڪ)، "وريل ۽ نعمت" (ناول)، "ٻارين جو ناٽڪ" (ناٽڪ)، "مڙس جي مڙسي" (ناٽڪ)، "مقدمو" (ناٽڪ)، "گولن جا گوندر" (ناول) ۽ "آزاديءَ جي ڪوڏي" (ناٽڪ) نظر اچن ٿا.

اهڙيءَ طرح علمي دنيا جي نوس ۽ سنجيده عنوانن- لسانيات ۽ لطيفيات- ڏانهن بہ هن رويو سنجيده ڏسجي ٿو. جو "غريب اللغات" "وڏو سنڌي وياڪرڻ"، "الف- بي ڪيئن ٺهي" ۽ "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" جهڙا قيمتي تحقيقي ڪتاب لکي هن پنهنجي علمي ذميواريءَ کي بہ خوب نباهيو آهي. پيرومل آڏواڻيءَ جي دور ۾ ادبي دنيا ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي زندگي ۽ ڪلام تي عالمن ۾ ويچارڻ ۽ لکڻ جو ذوق بہ زياده رهيو. مرزا قليچ بيگ ۽ ليلارام وطنمل 'خاڪي' کان وٺي ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ تائين عالم سرگرم رهيا. پيرومل آڏواڻي بہ جيتوڻيڪ شاهہ جو رسالو ترتيب نہ ڏنو آهي، تڏهن بہ رسالي کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ کان علاوه ان جي ڏکين لفظن جي صحيح

معنائن تي خصوصي ڌيان ڌريو آهي. اهڙيءَ طرح شاهہ لطيف جي زندگي ۽ ان جي سير سفر جي ماڳن متعلق بہ ڄاڻ حاصل ڪيائين. ان سلسلي ۾ "سُر سورٺ" (معني ۽ سمجهاڻي) ۽ "لطيفي سير." نالي ڪتاب لکي ڇپايائين. تنقيد جي حوالي سان جڏهن ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جي ترتيب ڏنل "شاهہ جي رسالي" جي شايع ٿيڻ تي جيٺمل پرسرام گلراجاڻيءَ مٿس ڊسمبر ١٩٢٣ع جي "پارت واسي" اخبار ۾ تنقيد لکي، تڏهن پيرومل آڏواڻي، ميان جي ڳوٺ تعلقي شڪارپور مان شايع ٿيندڙ ماهوار رسالي "سنڌو" ۾ مارچ ١٩٣٨ع کان آڪٽوبر ١٩٣٨ع تائين سلسليوار تنقيدي مضمون لکي، گربخشاڻيءَ جي محنت جي قدرشناسي ڪئي. سندس ان قابليت کي ساراهيندي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکي ٿو تہ: "پيرومل جيڪي هي اَنَ مضمون لکيا آهن، تن سان ان ساڳئي موضوع تي لکيل، ٻئي ڪنهن بہ عالم جا شايع ٿيل ليک برابري ڪري نہ ٿا سگهن." [١٥]

**تعليمدان:** پيرومل آڏواڻيءَ کي سنڌ ۾ تعليم جي ترقيءَ جو بہ اونو رهندو هو. پاڻ پنهنجي ٻوليءَ ۾ تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ بہ ڪوششون وٺندو هو. ان سلسلي ۾ سندس ڌيان بمبئي يونيورسٽيءَ پاران مقرر ٿيندڙ سنڌي ٻوليءَ جي نصاب ڏانهن بہ رهندو هو. اٿين ئي هيٺين درجن جي نصاب تي بہ خصوصي توجهہ ڏيئي، نصابي ضرورتن جي پورائي لاءِ بہ ڪتاب لکندو رهيو. جهڙوڪ: "جوهر نظم"، "چوند ڪلام"، "وڏو سنڌي وياڪرڻ"، "بهار نثر"، "گلزار نثر"، يادگار آهن. پاڻ شاگردن جا تعليمي ۽ نصابي اهنج دور ڪرڻ لاءِ ڪن ڪتابن ۾ آيل نثر ۽ نظم جي ڏکين لفظن جو معنائون ۽ تشريحون بہ لکندو هو. ڪي ڪتاب سڌاري ۽ سنواري بہ ڇپرائيندو هو. جهڙوڪ M.J.Shahani ۽ W.A.Shahani جي Guide to New study Reader IV کي سڌاري ۽ سنواري Thoroughly Revised شايع ڪرايائين.

پيرومل آڏواڻيءَ کي تعليم جي ان ذوق آخر 'استاد' بڻايو ۽ پاڻ ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج ڪراچي ۾ 'سنڌيءَ' جو ليڪچرر مقرر ٿيو. سنڌيءَ جي جيڪا قابليت وٽس هئي، تنهن جو مثال گهٽ ملندو. هن جي خوبصورت ۽ جاذب ٻولي ۾ جا سلاست ۽ رواني آهي، سا واقعي هن جي لفظي ذخيري جا ڏس ڏئي ٿي. هن جي لفظي ذخيري جي جيڪا واڪاڻ ڪجي سا گهٽ آهي. هونئن بہ پاڻ لغت نويس ۽ ٻولين جو ڄاڻو هو. وقتائتا لفظ استعمال ڪرڻ توڙي تجنيس حرفي قائم ڪرڻ هن جو خاصو هو. مجال آهي جو عبارت ۾ ڪٿي ثقيل لفظ جو استعمال ملي! عام فهم ٻولي ۾ عام فهم عبارت آرائي، سندس ڪيل ڳالهہ جي سڌي سنئين سمجهاڻي، عام ۽ خاص کي هڪدم ذهن نشين ٿيڻ جهڙو اسلوب، کيس همعصرن ۽ همڪارن ۾ منفرد مقام تي بيهاري ٿو. اڳتي هلي اسان سندس ٻوليءَ جو نمونو ڏينداسون، جنهن مان هن جي خاصن خيالن ۽ ٻوليءَ جي جمالياتي جوڙجڪ جي خبر پوندي. سندس ٻوليءَ کي عالمن ۽ اديبن گهڻو ساراهيو آهي. ايم. آر. مانيداساڻي لکي ٿو تہ:

"ڪاڪو پيرومل مهرچند آڏواڻي برک سنڌي ليکڪ آهي. جهونن خواه نون ليکڪن ۾ هو سيني ۾ سرس ۽ اڳرو آهي. سندس سنڌي سهڻي، سليس، چيدي ۽ رس ڀري آهي." [١٦] اهڙو اعتراف پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي به ڪيو آهي: "ڪاڪي پيرومل جي ٻولي، مٺي ۽ سپڪ آهي. درياءَ جي رواني هڪ طرف ته سليس لفظن جو واڇوڙو ٻئي طرف پيو نظر اچي." [١٧] ائين ئي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي پيرومل جي عبارت جي تعريف ۾ چيو آهي ته: "پيرومل جي عبارت ئي پنهنجي قسم جي آهي." پوپٽي هيراننداڻي کيس "نثر جو ڌڻيو" ڪري سڏيو آهي.

شاعر پيرومل مهرچند آڏواڻي هڪ سٺي نثر نويس سان گڏ سُٺو شاعر به هو. هو شعر ۾ 'غريب' تخلص اختيار ڪندو هو. سندس تخلص نهٺائي ۽ نماڻائيءَ جو هڪ اظهار به آهي، جنهن لاءِ هيرو ٺڪر لکي ٿو ته: "پيرومل هڪ نهٺو ۽ نماڻو شخص هو. پنهنجي ان نهٺي ۽ نماڻائيءَ واري سڀاءَ کي اظهار ڏيندي هن شاعريءَ ۾ پنهنجو تخلص "غريب" رکيو. هيڏي وسيع ڄاڻ جو ڌڻي هوندي به پنهنجي علم ۽ ڄاڻ تي گيرب يا وڏائي ڪانه هئس. هو پنهنجين لکڻين کي آخري حرف ڪري نه ليکيندو هو ۽ ڄاڻ "جيئن تان سک" واري عقيدي ۾ وشواس رکندو هو." [١٨] هن پنهنجي تخلص جي نسبت سان، شاهه جي رسالي جي ڏکين لفظن کي ڪٺو ڪري جيڪو 'ڪوش' تيار ڪيو، تنهن جو نالو ئي "غريب اللغات" رکيائين.

پيرومل آڏواڻي "غريب" جي شعر ۽ شاعريءَ تي تفصيلي بحث کان اڳ آءٌ هڪ ڳالهه واضح ڪرڻ چاهيان ٿو ته ڪنهن به ڪويتا جو تاتپرج تڏهن ئي وڌيڪ ڪاميابيءَ سان ٿي سگهندو، جڏهن ڪوي ۽ ان جي درشٽي جي ورثي تي نگاهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي ته ڪوي ڪير آهي؟ ڪوي ڇا کي چئجي؟ يا هو ڪويتا ڪيئن ٿو سرجي؟ تنهن جي سولي ۽ سلوڻي سمجهاڻيءَ لاءِ جڏهن آءٌ پيرومل آڏواڻيءَ جي ڪتابن جو اڀياس ڪرڻ لڳس، تڏهن سندس هڪ ڪتاب "گلزار نثر" (١٩٢٩ع) جي مهاڳ ۾ پروفيسر لالسنگهه هزاريسنگهه اجواڻيءَ جا نهايت وڻندڙ ويچار نظر کان گذريا، جن تان هتي استفاده ڪرڻ سان يقيناً اسين مستفيد ٿينداسون. اجواڻي صاحب لکي ٿو ته "ڪوي يا شاعر جي پد سان ڪنهن جي به ريس يا برابري ڪانهي. ايشور جي سرشٽيءَ ۾ جيڪي وهي واپري ٿو، تنهن جي سڌ جيتري شاعر کي آهي، تيتري ٻئي ڪنهن کي ٿي ڪين سگهندي. عالم ۽ فاضل ماڻهو گيان سان پرپور آهن، پر شاعر کي ئي اندرين درشٽيءَ جو ورثو عطا ٿيل آهي. شاعر جو ڪم نه آهي پربوڌ ڏيڻ، يا شين ۽ جيون بابت گيان پلٽڻ، هن جو ڪم آهي جڳت جي سونهن پسڻ ۽ ان سونهن جي مزو ٻين کي چکائڻ. انهيءَ سونهن جو ڪاٿو دنيوي ڪسوٽين سان مشڪل آهي. هر هڪ شاعر جي پرک پنهنجي پنهنجي آهي ۽ ائين چوڻ ۾ وڌاءُ نه ٿيندو ته هر هڪ شاعر پنهنجي سونهن پاڻ ٿو خلقي." اجواڻي صاحب وڌيڪ لکي ٿو ته: "شاعر جو شبد، شاعر جي ٻولي، انهيءَ ڪري ئي نرالي

آهي. بيحد حسن کي قابو ڪرڻ، ساگر کي ڪوزي ۾ بند ڪرڻ، اندر ۾ چولين وانگر ڇلڪندڙ خيالن ۽ جذبن کي پل ۾ پڌرو ڪرڻ، نه هر هڪ منش جي وس ۾ آهي، نه هر ڪنهن شبد جي." [۱۹]

پيرومل آڏواڻي 'غريب' جي شاعر واري حيثيت ڪا ڳجهي ڪانهي، مگر اڄ سنڌ ۾ سنڌس نثري ادب ۽ تاريخ تي لکيل قيمتي ڪتابن جي اشاعت ۽ مطالعي سبب نئين نسل آڏو هن جو اهو (شاعراڻو) روپ پوريءَ طرح واضح ٿي ڪونه سگهيو آهي! ڪجهه عرصو اڳ "غريب" جا ڪي نظم ۽ بيت تعليم کاتي پاران مقرر ڪيل سنڌيءَ جي نصابي ڪتابن ۾ ڇپبا رهيا. مگر جيئن پوءِ تيئن اُهي به ڪتابن مان ويا خارج ٿيندا! جيڪا ايڪڙ ٻيڪڙ هن جي تخليق بعد ۾ قائم به رکي ويئي، تنهن جي هيٺان هن جو نالو ڪاٽا ڪيو ويو! جنهن ڪري اڄوڪن نوجوانن کي اها به خبر نه رهي ته درسي ڪتاب ۾ آيل مشهور نظم "مون کي ڪنهن ٿي ڪير پياريو، پيار منجهان ٿي گود ويهاريو، خوش ٿي هر هر مون ڏي نهاريو! منهنجي امڙ!" ڪنهن جو سرجيل آهي؟

پيرومل آڏواڻي 'غريب' جو جيترو تخليقي ذخيرو نثر ۾ موجود آهي، اوترو نظم ۾ ڪونهي. تڏهن به جيڪو ڪجهه موجود آهي، تنهن جو معيار به ڪو گهٽ ته نه آهي. هو جيئن نثر ۾ سڀيئي خوبيون برقرار رکي سگهيو، تيئن شاعريءَ ۾ به قائم رکيائين. سنڌس شعر جي ڪتابن مان ٻن ڪتابن جي خبر پوي ٿي. "هڪ نوبهار" (آگسٽ ۱۹۲۶ع) ۽ ٻيو "وچن مالا" (ٻچن). پويون ڪتاب لڳي ٿو ته ڏرمي ڪويتائن تي مشتمل آهي. البت پهريون ڪتاب "نوبهار" ۴۸ صفحن تي ڪرائون سائيز ۾ شايع ٿيل آهي. ان ڪتاب جا سن ۱۹۴۵ع تائين ست ڇاپا پڌرا ٿيا. اهو ڪتاب تعليم کاتي پاران درسي طور به منظور ڪيل هو. ڪتاب جي منڍ ۾ 'غريب' لکي ٿو ته "انگريزيءَ ۾ ڪيترا نظم جا ڪتاب آهن، جن ۾ جداجدا شاعرن جا جدا جدا مضمونن بابت عمدا شعر آهن، جي شاگردن کي پاڙهڻ ۾ اچن ٿا. سنڌ ۾ اهڙي قسم جا ڪتاب اڃا اسڪولن ۾ چالو نه ٿيا آهن، جو انهن جي اڻاٺ آهي. انهيءَ حالت ۾ مون هي ننڍڙو رسالو تيار ڪيو آهي، جنهن ۾ ٿورا بيت انگريزيءَ مان ترجمو ڪري ۽ ٿورا پنهنجي خيال مان ناهي وڌا اٿم. انگريزي چوٿين درجي کان وٺي ڇهين درجي تائين شاگردن کي ڪل پنج سؤ سٽون پڙهڻيون آهن، تنهن ڪري مون هن ڪتاب ۾ اوتريون سٽون آنديون آهن. ٻولي به هرهڪ درجي جي مدنظر ڪر آندي اٿم، يعني پهريائين سولا بيت ۽ جيئن پوءِ تيئن ٿورا ڏکيا بيت وڌا اٿم، ته پل ته جيئن شاگرد مٿين درجي ۾ وڃي تيئن پنهنجي مادري ٻوليءَ جو مايو وڌائيندو هلي."

"غريب" جي هن مجموعي ۾ آيل شعرن جو وچور هي آهي:

- ڏٿيءَ جي وڏائي: فرمان علي: نوشهرو فيروز
- ڪوڏر: مرزا قليچ بيگ

- انڌو نينگر: The Blind Boy: Cibber
- اسين آهيون سَت: We are Seven: Wordsworth
- جرمنيءَ جي جنگ
- شهنشاهه جو مسخرو
- اڪيلائي: Solitude of Alexander Selkrik
- فرمانبردار پٽ: Casabianca: Mrs Hemans
- عميق جا خزانا: The Treasures of the Deep: Mrs Hemans
- سپنو: A dream: Anonymous
- سچي سوچ
- بلبل جو فرياد
- سچي خوشي
- پتنگ
- بهاري موسم
- ٽي اهڃ The Three warnings: Mrs Thrale
- سرٿامس مور ڀاڱو I
- سرٿامس مور ڀاڱو II
- سر ٿامس مور ڀاڱو III
- سسئي ۽ ماڻس

'غريب' جي شاعريءَ کي اسان ٻن ڀاڱن ۾ رکي سگهون ٿا. هڪ ٻارن لاءِ ڪيل شاعري، جا گهڻو تڻو نصابي ڪتابن ۾ به شامل ٿيندي رهي ۽ ٻي وڏن جي لاءِ، جا مختلف ڪتابي سلسلن، اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندي رهي. هن جي ٻارن لاءِ ڪيل شاعري ۾ نصيحت ۽ سبق سمايل آهن. ڪيس ٻاراڻن ٻولن لکڻ جو وڏو ڏينگ هو. پاڻ هر عمر ۽ هرهڪ درجي جي ٻارن کي نظر ۾ رکي، انهن جي ذهني صلاحيت مطابق سلوڻا ۽ لطف اندوز لفظ استعمال ڪري، پنهنجي تخليق ۾ ڪشش پيدا ڪندو هو. هن جي ٻاراڻي شاعري ۾ ڪمال جي رواني ۽ موسيقي آهي. جنهن جا مثال انتخاب مان آسانيءَ سان حاصل ڪري سگهجن ٿا.

پيرومل آڏواڻي 'غريب' جي شعري ذوق ۽ شوق جي شروعات به ٻالڪ اوستا ۾ ٿيل ٿي

ڏسجي. پاڻ ان لاءِ چوي ٿو تہ: "اسڪول ۾ پڙهندوني هوس تہ ٿورو ٿورو شعر چوندو هوس. شاهہ جي رسالي جي سرڪنيات ۾ چند بابت بيت آهن، انهن جي اوٽ تي پنهنجا بيت جوڙيم، جي 'جوت' اخبار جي اوائلي پرچن ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا هئا. پوءِ سهٽي ميمار بابت جوڙيم، جن مان ڪي ١٩٠٤ع يا انهيءَ وقت ڏاري ڪاليج ميگزين ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا هيم، نموني لاءِ ہ بيت هتي ڏجن ٿا:

سهٽيءَ سندو سير ۾، ڪُنن ڪي ڪمڪاءِ،
پاٽيءَ پاڻ پڇاڙيو، ٻڙٻڙن ڪيو ٻڪاءِ،
ڏُڏيا ڪپر، لرزيون ڪنڌيون، اپ ۾ ٿيو اونڌاءِ
هت هيس جي ماءِ، هوند نہ رناتينس هيترو.

–

لوهير ٻُڏي عاجزا، جيهر پيءُ نہ ماس،
ڪُر سجي مان ڪوند ڪو، آيو ات اڳياس،
ٻرٽو، ٻوو، ٻوراهي، لذيءَ جو آياس،
مڇين تان ماتام ڪيو، پکين پار ڪيياس،
ٻگها جي ٻيٽن جا، ڪلها تن ڏناس،
ڪفن مليس ڪُن ۾، ڪانڌي ڪنگ ٿياس،
مُني مُنڌ جو مان ٿيو، ساهڙ سار لڌياس،
جوڙي جاءِ ڏنياس، پريءَ پنهنجي پير ڪون.

'غريب' جا اهڙا بيت ۽ شعر پنهنجن هڪجيڏن ۽ بزرگن ڪي گهڻو پسند پوندا هئا. ان لاءِ پاڻ ہ هڪ هنڌ لکي ٿو تہ: "مرزا صاحب، ديوان ڪوڙومل ۽ ٻيا بزرگ منهنجو اهڙو شعر گهڻو پسند ڪندا هئا، جو شعر جي ٻولي توڙي رنگ ڍنگ ساڳيو شاهہ صاحب وارو هوندو هو. انهيءَ ڪري ني ساڻن سنگت جو ناتو ٿيو هوم." [٢١]

پيرومل آڏواڻي 'غريب' جي شاعري شروعاتي دور ۾ "جوت" اخبار، "ڏيارام جيٺمل ڪاليج مسيلني" ۾ ۽ پوءِ جي دور ۾ درسي ڪتابن، ماهوار رسالي "سنڌو" کان علاوه مختلف ليکڪن پاران چونديل شعري مجموعن ۾ شايع ٿيل ملي ٿي. "جوت" اخبار پندرهين ڏينهن پرمانند ميوارام جي ادارت ۾ حيدرآباد مان ڇپجي پڌري ٿيندي هئي. اها اخبار مخزن جي صورت ۾ نڪرندي هئي. سن ١٩٣٨ع تائين شايع ٿيڻ کان پوءِ بند ٿي ويئي. "ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج مسيلني" انگريزي، گجراتي ۽ سنڌي زبانن ۾ جاري ٿي. ان جو باني ۽ نگران ساڌو واسواڻي هو.

ماهوار رسالو "سنڌو" جنوري ١٩٣٢ع کان ٻولچند وسومل راجپال جي ادارت ۾ شڪارپور

مان جاري ٿيو. آڪٽوبر ١٩٣٥ع ۾ 'ميان جي ڳوٺ' منتقل ٿيو. اتان آگسٽ ١٩٣٩ع ۾ جيڪب آباد ڪجي ويو، جتان چار سال نڪرندو رهيو. مئي ١٩٤٣ع ۾ وري 'سنڌو' ۽ "سنڌو ساهت منڊل" کي موٽائي ميان جي ڳوٺ آندو ويو، جتان اهو رسالو ڇپبو رهيو. جنوري ١٩٤٧ع ۾ "سنڌو" کي ڪراچي نيو ويو، جتي آگسٽ ١٩٤٧ع تائين شايع ٿيڻ کان پوءِ بند ٿي ويو.

ڏٺو ويو آهي تہ ورهاڱي کان اڳ مختلف عالمن ۽ اديبن پاران ڪيل نثر ۽ نظم جا انتخاب، ڪتابي صورت ۾ شايع پئي ٿيا آهن. اهڙا انتخاب پيرومل 'غريب' پاران بہ "گلزار نثر،" "جوهر نظم" ۽ "چونڊ ڪلام" جي صورت ۾ موجود آهن. لالسنگهہ هزاريسنگهہ اجواڻي، جيڪو ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج ۾ پروفيسر هو، تنهن گوبي آسودومل رامرکياڻي سان گڏ، سنڌي شعر جو هڪ انتخاب "شعر جي سوکڙي" نالي ڇپرائي پڌرو ڪيو هو. انهيءَ انتخابي ڪتاب ۾ پيرومل 'غريب' جو هڪ شعر 'مستي' جي عنوان هيٺ شايع ڪيو هو. اهڙيءَ طرح لالچند امرڏنو مل ڄڳتياڻي بہ "ماڻڪ، موتي، لعل" جي نالي سان اهڙو انتخاب ڇپايو، جنهن جو ٻيو ڇاپو ١٩٤٠ع ۾ ڪراچي مان پڌرو ٿيو هو. ان انتخاب ۾ بہ 'غريب' جي ڪجهہ بيتن کي شايع ڪرڻ لاءِ چونڊيو ويو. 'موتي ماڻڪ' نالي اهڙي ئي هڪ انتخاب ۾ 'غريب' جا ڇهہ بيت آيل آهن، جن مان ٽي بيت "ماڻڪ، موتي، لعل" وارا ئي آهن.

"غريب" جي شعر ۾ سخنوريءَ جا سمورا گڻ جابجا پسي سگهبا. پاڻ ڇند وديا، علم عروض ۽ علم موسيقيءَ جو چڱو ڄاڻو ٿو ڏسجي. وٽس موضوع جو انتخاب، خيال جي گهرائي ۽ قوت پرواز جهڙيون خاصيتون آهن. ٻوليءَ جي سونهن ۽ جماليات سان تہ هونءَ ئي مالامال هو. شعر جيڪڏهن اندر جو اڌمو آهي تہ اهڙي اڌمي سان خيال، لفظ ۽ صنف جو سيلاب سرير مان گڙگاٽ ڪندو ظاهر ٿئي ٿو. اهڙي محل ۽ موقعي تي ذات سان گڏ ڏانو جو امتزاج وڏو اثرائتو ثابت ٿئي ٿو. 'غريب' جي سخنوريءَ ۾ انهن خوبين سان گڏ جيڪا سادگي آهي، سا سندس سونهن کي ٻوبالا ڪريو ڇڏي. سندس عام فهم ٻولي، دهقاني رنگ، روايتي انداز، ڏيهي صنفون ۽ ٻاهرين طرزن تي طبع آزمائي 'غريب' جي سخن جي سڃاڻپ ۽ انفراديت آهي. هو جيئن نثر ۾ يگانو آهي، تيئن شعر ۾ بہ يڪتا لڳي ٿو. هن جي ڪجهہ تخليقن مان سندس اردگرد جي ماحول جو عڪس بہ پسجي ٿو تہ سندس ذات ۽ صفات جا پرتوا بہ پيا ڏک ڏين. هن جي مخاطب ٿيڻ جو انداز بہ نرم ۽ استادانہ آهي. هو جيتوڻيڪ شاعر جي روپ ۾ گهڻو مشهور نہ ٿيو، تڏهن بہ علمي حلقن ۾ خاص طور سندس اها سڃاڻپ رهندي آئي.

'غريب' 'ڪجي' جي وڻ جي واکاڻ ۾ ڪجهہ بيت لکيا آهن، انهن ۾ هڪ بيت آهي:

كڙي سمجهج تون كجي، سيني وڻن منجهان،
اوچـي تـي اوَ ايــري، ســك ۾ ســورج ڏان،
ته ميوا، ساوڪ، سونهن سڀ ان وٽ نذر ڌريان،
جگ ۾ آءَ جيــان، جنهـين جي تـي آســري.

هنديءَ جي مشهور شاعر تلسيداس پريت پانڻ جي هڪ رخ کان ڪناره ڪشي جو سبق ڏيئي، ان ڪي کجيءَ سان مشابهه ڪيو آهي، چوي ٿو:

تلسي! ايسي پريت نہ ڪريو، جيسي لنبي ڪجور،
دهوپ لگے تو چهائوں نهيں بهوڪ لگے پهل دور.

غريب جي شاعريءَ تي خيال آرائي ڪندي هيرو ٺڪر لکي ٿو ته: "هن ۾ مشاهدي جي قوت ۽ تخيل جي اڏام به خاصي هئي. هڪ حساس دل جو مالڪ ته هو منڍ کان ئي هو." وڌيڪ لکي ٿو ته "پيرومل جي شعرن جي ٻولي، عبارت ۽ اسلوب تي سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي شاعرن واري پراڻي لهجي جو گهڻو اثر هو. سندس شعر جو گهاڙيٽو به بيتن دوهن ۽ سورٺن وارو هو. ڪجهه شعر غزلن ۽ ڪافين جي فارم ۾ به لکيو اٿائين." [٢٢]

**خدمتن جو اعتراف:** پيرومل آڏواڻي 'غريب' کي پيرسنيءَ ۾ اديبن پنهنجي تحريرن ۾ "ڪاڪو پيرومل" ڪري لکيو آهي. ڪيس همعصرن ۽ بعد جي ڪن عالمن سندس تحريرن کي پروڙي ڪيس مڃتا ڏني آهي. جيئن سنڌي ادب جي ابي مرزا قليچ بيگ سندس ڪتاب "لطيفي سير" متعلق چيو ته: "سچ‍ڳالهه اها آهي ته جهڙو ڪم آءٌ پاڻ ڪري سگهان ها، تنهن کان مسٽر پيرومل جو ڪم بهتر ڏٺم. گهڻيون ڳالهيون جي شايد منهنجي خيال ۾ نه اچن ها، سي هن جي خيال ۾ آيون آهن ۽ انهن جي هن پوريءَ طرح جاچ ۽ ڪوجنا ڪري، اُهي پنهنجي ڪتاب ۾ آنديون آهن." [٢٣]

اهڙيءَ طرح چينمل پرسرام سندس تصنيف "سنڌ جو سيلاني" جي مهاڳ ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو ته: "مسٽر پيرومل مهرچند سنڌ تي عاشق آهي. سنڌ جي تاريخ، ڪهاڻيون ۽ قصا، سنڌ جا راڳ ۽ ڪافيون، ڏاڍيءَ محنت سان پنهنجي ڪنا ڪيا اٿس. گهميو به ڪند ڪڙڇ آهي." [٢٤]

هن دور جي عالمن مان اسان محترم محمد ابراهيم جويي جو رايو مٿي ڏيئي چڪا آهيون. ان کان علاوه تنوير عباسي لکي ٿو ته: "ڪاڪو پيرومل سنڌي نثر جو اهم پائو مڃيو ويو آهي. هو شاهه لطيف جي اوائلي نقادن مان آهي. پنهنجي ٻوليءَ جي سادگيءَ توڙي ميناج سبب سنڌي ادبي تاريخ ۾ انوکي جاءِ والاري بيٺو آهي." [٢٥]

ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي لکي ٿو ته: "پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ کي سنڌي نثر نويس ۾ هڪ نرالو درجو حاصل ٿيل آهي. ويهين صديءَ جي پهرين اڌ ۾ جن اديبن سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت کي اوج ڏني، تن سڀني ۾ پيرومل مهرچند تحقيق يا کوجنا ڪرڻ جي لحاظ کان اول درجي تي هو. هو مکي ڏات

ڏٺي هو، جنهن جي ساک سندس لکڻين مان پليءَ پانت ملي ٿي." [٢٦]

ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جو رايو آهي تہ "پيرومل جو نالو، پورهيو ۽ قلمي ڪشالو سندس پوري دور تي ڇانيل آهي. پيرومل جي پايي جو عالم سندس همعصرن ۾ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي." [٢٧]

آزاد قاضي جي بقول: سنڌ اندر علمي حوالي سان جن عالمن تحقيق ۽ تنقيد جي ميدان ۾ جديد اصولن جو بنياد وڌو ۽ اسان کي عالمي تحقيق وارن بنيادن کان واقف ڪرايو، پيرومل مهرچند آڏواڻي اهڙن عالمن جي پهرينءَ صف ۾ شمار ٿئي ٿو. هن سنڌي ادب ۾ تحقيق ۽ تنقيد واري حوالي سان گهڻ پاسائون ڪم ڪيو. علم ادب جو شايد ئي ڪو اهڙو ميدان هجي، جنهن ۾ هن پنهنجي اعليٰ علمي صلاحيت جا جوهر نہ ڏيکاريا هجن. اهوئي سبب آهي، جو اڄ ان ڳالهہ کان ڪوبہ انڪار نٿو ڪري سگهي تہ هو پنهنجي ذات ۾ گهڻ پاسائين شخصيت هو. [٢٨]

هيرو ٺڪر، جنهن پيرومل جي شخصيت ۽ علمي ادبي خدمتن تي نوي صفحن جو مايدار ڪتاب لکي ساهتيہ اڪادمي دهلي پاران شايع ڪرايو آهي، انهيءَ ڪتابن جي شروعات جن لفظن سان ڪئي آهي، سي 'غريب' جي خدمتن جي اعتراف طور ڪم آندل آهن. هو لکي ٿو تہ: "پيرومل مهرچند جو نالو انهن ادبي معمارن ۾ شامل آهي، جن سِرَ سِرَ رکي سنڌي ادب جي عمارت کي اڏيو ۽ ان کي پختگي ۽ زيب بخشيو. پيرومل سنڌي ادب جا جيڪي گهڙا پريا آهن، تنهن لاءِ سنڌ ۽ سنڌي هميشہ سندس ٿورائتا رهندا."

ڪاڪي پيرومل مهرچند آڏواڻي جي تصنيفات متعلق مختلف ڪتابن ۾ مختلف تعداد ٻڌايل آهي. هيري ٺڪر پڻ هڪ چڱي لسٽ موضوع وار ڏني آهي، مون پڻ ڪجهہ ڪتاب مختلف لئبررين ۾ ڏٺا آهن، جن جي مدد سان سال وار لسٽ تيار ڪئي آهي. جا هتي ڏجي ٿي:

**پيرومل مهرچند آڏواڻي جي ڪتابن جي ڄاڻ**

١- بلبل بيمار: (ناٽڪ) ١٩٠٢ع

٢- علي بابا چاليهہ چور: (ناٽڪ) ١٩٠٣ع

٣- غريب اللغات: ١٩٠٧ع

٤- جوهر نظم: پاڱو پهريون ١٩٠٩ع
ڇپائيندڙ: سنڌ جوويناڻيل ڪوآپريٽو سوسائٽي

٥- هندستان جي تاريخ: ١٩٠٩ع

٦- آنند سندريڪا (قصہ/ناول) ١٩١٠ع

٧- پريم جو مهاتم: مارچ ١٩١٤ع
ڇپائيندڙ سنڌي ساهت سوسائٽي

٨- وريل ۽ نعمت: (جاسوسي نقل): ڀاڱو پهريون: ڊسمبر ١٩١٥ع
٩- حرص جو شڪار عرف شنجر اقبال: ترجمو: شيڪسپيئر جو 'ڪنگ جان'. جون ١٩١٦ع.
ڇپائيندڙ ماهوار 'ناول' اخبار ڪراچي
ڇاپو ٻيو ١٩٢٩ع حيدرآباد
١٠- سر سورٺ ١٩١٧ع
١١- سسئي ۽ ماڻس ١٩١٧ع
١٢- سرٿامس مور ١٩١٧ع
١٣- ڀاڪن جي ڀيڙهه ١٩١٧ع
١٤- موهني ٻائي (ناول) ١٩١٧ع
١٥- گهرو ڪفايت (خاص زناني عالم لاءِ) سيپٽمبر ١٩١٧ع.
ڇپائيندڙ سنڌي ساهت سوسائٽي ڪراچي
١٦- هيري سنڌي هير ١٩١٨ع.
١٧- عاملن جو احوال: ١٩١٩ع.
١٨- ڏرو پگت: ١٩١٩ع: پريميئر پرنٽنگ پريس حيدرآباد.
١٩- هيلايا ۽ ڪينجهر:
ڇپائيندڙ سنڌي ساهتيه سوسائٽي ڪراچي
٢٠- هندن جي جيوت ڀاڪن مان پڙري: ١٩١٩ع
٢١- ريتن رسمن جو بنياد
٢٢- هندن جون ريتيون رسمون
ڇپائيندڙ: سنڌي ساهتيه منڊل، سٽار سيا حيدرآباد
٢٣- ٻرارين جو ناٽڪ ١٩٢١ع
پرگني شيوامنڊلي حيدرآباد
٢٤- جوهر نظم: ڀاڱو ٻيون: ١٩٢٢ع
٢٥- گوپيچند (ناٽڪ)
٢٦- ڏي ۽ وٺ
٢٧- سنڌ جو سيلاني: ١٩٢٣ع
ڇپائيندڙ: نئين سنڌي لئبرري حيدرآباد
٢٨- سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ: ١٩٢٤ع
ڇاپو ٻيو: گلشن پبليڪيشن حيدرآباد ١٩٩٠ع

٢٩- وڏو پنگتي مقدمو: ١٩٢٥ع
چپائيندڙ گوپالداس ليکراج
٣٠- الف بي کيئن نعي؟ ١٩٢٥ع
٣١- وڏو سنڌي وياڪرڻ: ١٩٢٥ع
٣٢- سنڌي بولي: ١٩٢٥ع
ڇاپيندڙ سنڌي ساهتيہ سوسائٽي
٣٣- اصطلاحن جو بنياد
٣٤- لفظن جو بنياد
٣٥- گلقند: پاگو پهريون: ١٩٢٥ع ڇاپو ٽيون ١٩٤٠ع
٣٦- گلقند: پاگو ٻيو: ١٩٢٥ع
٣٧- مڙس جي مڙسي: ١٩٢٥ع
٣٨- شيري جي.ن ڪٿيون: (ترتيب) ١٩٢٦ع
٣٩- نوبهار (شاعري) ڇاپو پهريون ١٩٢٦ع ڇاپو چوٿون ١٩٣٨ع ڇاپو ستون ١٩٤٥ع
٤٠- طلسم: ١٩٢٧ع (والٽر اسڪاٽ جي ٽئلسمن ناٽڪ جو ترجمو)
٤١- دوارڪا جو درشن: ١٩٢٧ع
٤٢- ڪُن جي ڪانفرنس: ١٩٢٨ع
٤٣- ڏيتي ليتي انڪٽ: ١٩٢٨ع
٤٤- لطيفي سير: ١٩٢٦ع
ڇپائيندڙ: سنڌي ساهت سوسائٽي ڪراچي
٤٥- سنڌ جي تاريخ
٤٦- گولن جا گوندر: (ترجمو: هئرئيٽ بيچرسٽو جي ڪتاب: انڪل ٽامس ڪئبن: ١٩٢٦ع
ڇپائيندڙ: اين.ايچ. پنجابي انڊ ڪمپني ڪراچي
٤٧- چوند ڪلام: ١٩٢٨ع ڇاپو ٻيو ١٩٢٨ع ڇاپو ٽيون ١٩٣٢ع
٤٨- گلزار نثر: ١٩٢٩ع ڇاپو ٻيو ١٩٤٢ع ڪوهنور پريس ڪراچي
٤٩- بهار نثر: ١٩٣٢ع
٥٠- جوهر نثر: ١٩٣٢ع
٥١- آزاديءَ جي ڪوڏي: (ترجمو: ٽئگور جي پوسٽ آفيس ناٽڪ تان)
٥٢- سنڌي بوليءَ جي تاريخ: ١٩٤١ع
(سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد/ڄامشورو پاران ١٩٥٦ع، ١٩٦٦ع، ١٩٧٢ع ۽ ١٩٩٣ع ۾ ڇپايل)

٥٣- اعرابن تي ويچار: ١٩٤١ع
٥٤- اعرابن بابت مونجهاري جي سمجهاڻي: ١٩٤١ع
٥٥- ڀٽائي گهوٽ شاهه: ١٩٤٢ع
٥٦- قديم سنڌ: ١٩٤٤ع
(بعد ۾ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد/ڄامشورو)
٥٧- سنڌ جي هندن جي تاريخ: ڀاڱو پهريون: ١٩٤٦ع
٥٨- سنڌ جي هندن جي تاريخ: ڀاڱو ٻيو: ١٩٤٧ع
٥٩- جاسوس: ڀاڱو ٻيو: ١٩٤٧ع
ڇپائيندڙ: ڪهاڻي ساهتيه منڊر حيدرآباد
٦٠- گربخشاڻيءَ وارو شاهه جو رسالو منهنجي نظر ۾: (تنقيد) فيبروري ١٩٩٥ع
ڇپائيندڙ: روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو
٦١- شاهه عبداللطيف ڀٽائي (هڪ مطالعو): مئي ١٩٩٧ع
ڇپائيندڙ: شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي
٦٢- موهن جو دڙو (انگريزي)

۽ ٻيا 'هندن جي لڏپلاڻ'، 'سنڌ جون سوڪڙيون'، 'مرزا قليچ بيگ جي حياتي'، 'حڪمتي ماجسٽريٽ'، 'سري ڪرشن'، 'شيطان منجهان انسان'، 'موتين جي مالها'، 'پتري پستڪ'، 'سورهان سنسڪار'، 'وچن مالا' ۽ 'ٻاراڻيون ٻوليون'.

## شاعريءَ مان انتخاب

وضاحت: 'غريب' جا جيڪي شعر جتان ٻه ۽ جنهن به عنوان هيٺ هٿ لڳا اٿم، سي جيئن جو تيئن عنوانن سوڌا ڏجن ٿا:

### ساجهر ٻاري سور

ساجهر ٻاري سور، ويئي مند ملهار جي،
ڏول لٽڪائي لٺ ۾، ڪوهي مٿان ڪوڙ،
دم دم تنهن کي چور، مٿان لڄي ٿئين نوڪ ۾.

ٻاريءَ ويجهو آءُ، ڪتي ڏمڪ هٿ ۾،
ويئي منجهان ويسلا! هڏ نه ايندءِ ساءُ،
ٻين آهن گند گنديا، تو ميڙيو نه آهي پاءُ،
پٽڙا! ڪرساءُ جو جنيون سهين جبريون.

آءُ ابا اوري، ڪشتي پاهور هٿ ۾،
اڳيون پنهنجون عادتون ڇڏ تون پوڙي،
ويندا سيان توري، جيڪي جن ڪنو ڪيو.

### ڪجي

ڪڙي سمجهج تون ڪجي، ڪلر ۾ ايري،
ميوا ماڻهن کي ڏئي، خدمت خير گهري،
وجٽا ٿي، ڏئي واءُ تت، پن نہ جت چري،
اوچي ٿي اسري، جو نکون ڏئي نشڙت سنديون.

-

ڪڙي سمجهج تون ڪجي، سيني وٽن منجهان،
اوچي ٿي اوَ ايري، سڪ ۾ سورج ڏان،
تہ ميوا، ساوڪ سونهن سڀ ان وٽ نذر ڏريان،
جڳ ۾ آءَ جيان، جنهين جي ٿي آسري.

-

پلي پائنج تون ڪجي! ماڻهن گهڻن ڪنان،
آجي ور رڪڙ ڪان، توڻي تکا لڳن طوفان،
ڏيندي پنهنجي جان، پر پوري رهندي پرن تي. (موتي، مائڪ نان)

### آفيسر آيا

آفيسر اج آيا نگهہ ڪرڻ نمڪ جي،
پنهنجا پورهيا پلو ۾ پورهيتن پايا،
توتان اجايا، ڏنگا! ڏينهن وجايا.

-

پاري پاڪاري، دم دم تنهنجي دڪ ۾،
آس انهي کي اج ٿي ساڙ منجهون سازي،
نڪ ڏي نهاري، رونج کي رت ڦڙا.

### ابا! اکيون پٽ

ابا اکيون پٽ، ننڊن ڪندي نہ وري،
ڏمڪ جهلي هٿ ۾، پاري وينو سٽ.

ڪيڏي ڪاسي تنهنجي؟ ڪيڏي ويو ڏيڏاس؟
ڪيڏي سلاني لڪڙو؟ ڪيڏي بنڌيون خاص؟
هاريا! تو هٿن سان جهڳو ڪيو ناس،
هاٿي ويندو ساس، بڪن ۾ بيحال ٿي.

سڄڻ ٿيون پاريون، ڏاڍا واڪا وره جا!
ڳالي جي مهميءَ جون پرجن تغاريون،
جي مانڌهيون ڪاريون، سي سونهن ٿيون سچ جان.

ڏمڪ جهلي هٿ ۾، پورهيت ڪيو پورهيو.
تنهن تؤن مون گهوريو جيءَ پنهنجو، غريب چوي.
("ماڻڪ، موتي، لعل" تان)

## اباڻن جي اٿڻ

(سر پيروي)

عمر! مون اباڻن جي اُٿڻ اُهائي،
اڪين جي اڳيان مون ڦرن هي سدائي،
پسج شان پنهنجو، ڪيءَ ڪم هي ڪنهن جو،
منو مارو منهنجو آ امانت پرائي.
پنوهاريون پڪن ۾، سنگهاريون سڪن ۾،
ڏکي آ ڏکن ۾، محلن آ مُنجهائي.
ڪڻ هي هنڌ ڪٿولا، پري ڪر پٿولا،
ڪيڏي چڏ ڪڙولا، جني جند جلائي.
نذر هي نماڻي، بندن ۾ بنديائي،
عمر! اج اُماڻي، جيئان آ مُياڻي.
وطن شال ويندس، سگر اُت ستيندس،
پيرون پڻ پٽيندس، چارن ۾ آ چائي.
'غريب' چوي هيڪر، ملان شال جيڪر،
پرين ميل ٻرور، وطن ڏيان واڌائي.
("سنڌو:" ڊسمبر ١٩٣٤ع)

## منهنجي امڙ.......!

مون کي ڪنهن تي ڪير پيارو؟
پيار منجهان تي گود وهاريو؟
خوش تي هر هر مون ڏي نهاريو! .... منهنجي امڙ!
ننڊ ڦٽي مون جڏهن تي پيني،
ڪنهن تي سُمهاريو لولي ڏيئي،
ڇڏي نه مون کي ڪيڏانهن ويئي! .... منهنجي امڙ!
پنڌ ڪندي جي ڏکو ڪاڏم،
ڪنهن ڪٺي تي ڇاتيءَ لاتم؟
پيار منجهان تي ياڪر پاتم! .... منهنجي امڙ!
تيس جڏهن تي آءُ بيمار،
دوا ڪرڻ لئي تي، تي تيار،
ننڊ ڦٽائي رهي هوشيار! .... منهنجي امڙ!
صبح سانجهيءَ سار لڌائين،
ڪاڏو پيتو ڪينن تي ڏنائين،
مون تي پنهنجو ساه ڇڏيائين! .... منهنجي امڙ!
تو ڪئي مون سان آه ڀلائي،
تنهن لئي ڪريان شڪر سدائي،
مور نه وسري تنهنجي چڱائي! .... منهنجي امڙ!
وڏي جڏهن آءُ وڏو ٿيندس،
سُک سوين آءُ توکي ڏيندس،
توتي پنهنجو ساهه ڇڏيندس! .... منهنجي امڙ!

## وقت ڇئي آءُ بادشاهه

شاهاڻي شاهن جان پهريان نه پوشاڪ،
ٿِلي آءُ ٿيلي تي ويهي نه ڪيان واڪ،
شاهه شهنشاهه جن جي هرهنڌ ٻُجهي هاڪ،
ڇٽي ويندين ڇاڪ، پاڻهين پوندا پيش مون.

هنڌين ماڳين منهنجو ڦري تو فرمان،
تابع مون اصل کؤن سارو هيءُ جهان،
ڏاڍو مون کان کونہ کو آهي کو انسان،
ڇا پوڙهو ڇا جوان، پاڻهين پوندا پيش مون.

ڇورن وانگي آءُ ڇُران، غافل ڪين ٻجهن،
توڙي گهڙيال تن اڳيان واڄٽ ڪيو وڄن،
پلڪن مان پهر تي ڏينهڙا تا گذرن،
لنگهيو ورهيہ وڃن، پاڻهين پوندا پيش مون.

ڇورن وانگي آءُ ڇُران، سمجهوُ ڪي سمجهن،
پوڙهن جي پيشانيءِ ۾ پيرا مون پسجن،
ڪارن منجهان مون ڪيا اڇا سِر سندن،
ڪنيو لٺ ڏُڏن، پاڻهين پوندا پيش مون.

گلن جهڙا پارڙا ڦلن جيئن نپجن،
خيال نہ تر جيترو منهنجو اُهي ڪن،
جوين ويندن نڪري پوندي سُڌ پوءِ تن،
هڏ نہ پوءِ هلندن، پاڻهين پوندا پيش مون.

پوڙهي ڇا ڇوان جو قياس نہ ڪريان ڪو،
جامو وٺي انسان جو جڳ ۾ آيو جو،
پيش مون پاتشاهہ جي پاڻهين پوندو سو،
بانور ڇاتي تو، ڪيو ڙي ڪمزور آهہ؟

هنيلا! هوڏ پٺي پلي ڪوٽ اَڏاءِ،
خرچي خزانا تون ماڙيون محل بناءِ،
پٽ نہ مڙندي پٽ ڪي، ايءُ هنئين سين لاءِ،
شاهہ زمان سان جاءِ، بيشڪ ڪنهن جي ناهہ ڪا.

# مستي

آهـ دنيـا حـال پنهنجي ۾ همـيشـه يار مـست،
جاءِ پنهنجي سڀ ڏنا سين چا پڊا چا پار مـست.
بادشـاهـن مـال مـستي سـان غـريبن حـال مـست،
سونهن وارن سونهن مستي، سينڌ ۽ سينگار مست.
مست عاشق مست معشوق، رند پنهنجي راز مست،
پير مستي، مير مستي، شيخ منجهه اسرار مست.
محبـتي مـاندا ڏنـم، نت ڪلالـن ڪوءِ ۾،
پي پيالا سي نرالا، مـئي ڪيا خـمـار مـست.
مـست مـاندا محـبت مـاريا، روز راتيـون جي رڙن،
اڄ ڏنـم خـوش خـيـال ۾، سـي واعـده ديدار مـست.
عـشق وارا تـا اچـن، سـي پتنگن جـان پچـن،
تورَ تَڪَ سر جي نـ ڪن، سوريءَ مٿي سؤ وار مست.
ڪي لڙن ٿا نفس سـان، ڪي لڙن شمشير سان،
آهـ مـستي زور هر ڪنهن، تيغ ۽ تلوار مـست.
جهنگ ۾ جهانگي رهن، سـانگ ڪيو سانگي رهن،
جهنگ ۾ سي رنگ لائين، ڪم مٿي ڪمدار مـست.
سـاهـ وارن آهـ مـستي، چـا مـرون چـا ڍور سـڀ،
شـيـر مـستي واگـهـ مـستي هرڻ ۽ هاتار مـست.
چـا چـرندا چـا پـرندا، سڀ وتن مستيءَ پـريا،
بلبلـون بسـتـان ۾ لامـن مـٿي للڪـار مـست.
جـان وارن آهـ مـستي، جـان ڌاران سـي بـ مـست،
زاغ مـستي، باغ مستي، سڀ ڪيا ڪلتار مـست.
بـاغ ۾ جي گل عـجـائب، سـي بـ مـستيءَ ۾ ٿڙن،
چوٽ مستي، ڪوش مستي، پوند مست ۽ خار مست.
هي عنـاصر جي بجـهن ٿـا، سي بـ مـستيءَ ۾ ٿڙن،
آگ مـستي، آب مـستي، خـاڪ ۽ پـولار مـست.

مستي معشوقن ڦٽي جا چيرجي سؤ شاخ ٿني،
زلف مستي، مينڊ مستي، وار مست ۽ تار مست.
آهہ مستي اي 'غريبا' ، قوت قادر تو ڪيو،
سال مهينا مست گهارج، روز شب هموار مست.

**بلبل جو فرياد**

پڄاڻي ٿي بهاريءَ جي، وڃڻ جو ڪيو گُلن سعيو،
رُني سڏڪا پري بلبل جهجهو فرياد تنهن لايو.
ڪٿي موتيو ڪٿي مگرو ڪٿي سو گل گلابي آهہ،
ڪٿي ساوڪ وڻن جي سا چمن چو روپ بدلايو؟
سدا سايون لڏن لامون ڪٿان پن هي پراڻا ٿيا،
چٽن چو تا ڪري ڪڙ ڪڙ اجل تن تي ڪٿان آيو؟
گلن جي سونهن سوپيا لٹ سڙي ٿو سوز ۾ سينو،
سگهو تختي چمن جي تي مون کي پڻ هاڻ دفنايو.
نہ ٿي ڳهلي، ادي بلبل، خزان کي چو ڏڪارين ٿي،
سدائين نابهاري آهہ اهو ازلي ٿيو رايو.
بناني جنهن بهاري آهہ خزان پڻ سا خدا خلقي،
بنهي سان هير تون دل کي هڪو سچ آهہ پٽو سايو.
رضا تي رد سدا راضي جڙي کي چنہ سدائين جس،
سدا شاڪر 'غريبا' رهہ حڪم چشمن مٿان چايو.
("نو بهار")

**سچي سڪ**

هِنَ هُنَ جي چو ڳالهہ ڳٺين ٿو،
ڳالهہ ڳٺين تان پنهنجي ڳڻ.
ڪاٿون آئين ڪاڏي ويندين،
هيءَ حقيقت دل سان هڻ.
جيئڻ سندو تو مقصد ڪهڙو؟
سوچ ڪپي تو هيءَ سوچ

مفتي پنهنجي من ويهاري،
قدم قدم تون سوچي کڻ.
’غريب‘ غربت منجهه گذاري،
شڪر ڪري تون شاڪر بڻ.
("نو بهار")

## پتنگ

پَريان پسي پرتوو آيو پروانو،
ڦر ڦر ڪيو پيو ڦري مانجهي مستانو،
ڪڙهه اندر کو تنهن کي لڳو قرب جو ڪانو،
سو سرسمانو، وڃيو اچي وچ ۾.

ڏِني جي ڏسڻ ري، پتنگ نه پرچي،
شمع جي شعاع سين سوني ٿنو سرچي،
جنن جنن پسي پرتوو تنن تنن مست مچي،
ڪنو نه قرب ڪچي، ٻڏو سچيءَ سڪ ۾.

پتنگ پسي پرتوو سُرت نه رکي ساڻ،
آئيو جهوڪي آڳ ۾ پاسي ڪيو پاڻ،
جيڪس سندس جيءَ ۾ آهي سيرِ نينهن نياڻ،
جلي وجائي جاڻ، سڙي مري مچ تي.

جاڻ نه ڪٽي پاڻ سين پاڻ نه ڪٽي ساڻ،
آئيو جهوڪي آگ ۾ پرت منجهاران پاڻ،
سڙيا جيئني سچ تي تن چيري سندو جاڻ،
انهن جو اهجاڻ، لهسڻ ني لک لهي.

جي مگر پسي نه موتيا مڙيا مٿي مچ،
ڏنا تن غريب ٻٽي سندا ڳچين ڳچ،
تن صحيح سجاتا سپرين سڙ[illegible] مٿي سچ،
بيا تان ڦاڙ سهي ڦچ، جُوفي لنه جوڳي ٿيا.

## بهاري موسم

آئي مند بهار، پکين کئي للڪار،
رُتيون مڙيئي پليون، ڪانهي تل بهار،
انگوريون ۽ ڪيتڪيون، ڪڙيا ڪٽڻهار،
کُليو گل گلاب جو هنڌ هنڌ تي هبڪار.
ڪستوري خوشبوءِ تي پريا پؤنر هزار،
انين مٿان اُسري طوطي ڪئي تنوار،
سُڻ چتنوءَ جي چونگار!.
پَٽن کي پهراڻ پيو ڏس قادر جو ڪم،
چيهو، چل، چگو ٿيو، سائون، ڳنڊير، ڳم،
ڪـه، مانڌاٿو، مڪٽي، ڏسي نري آدم،
دئار پورن جو دادلو، دم دم هٽي دم،
ڪلي ڪا ڪيري ڪئي لات مني للڪار،
سڻ پوري جي پڪار.
سُڪا وڻ ساوا ٿيا، سائو ٿيو جهر جهنگ،
وليون وڻ ڦلاريا ننگيءَ پاليو ننگ،
سونهين ٿو سبزيءَ کان سيڪو دڙو دنگ،
واڪاٿيو واحد کي چيهن چوريو چنگ،
ڪڏندي ڪنهن ڪاني تي ڪئي ڳاڏيرڻ گفتار،
سڻ ڪوئل جي ڪونجار،
سڻ پکين جي للڪار.
( "نوبهار" )

## شهنشاهہ ۽ مسخرو

شهنشاهہ هڪڙو هئو خوش مزاج،
ڪچهريءَ ۾ پهري جو وينو هو تاج،
اچي مسخرو اُت سلامي ٿيو،
شهنشاهہ تنهين کي تڏهن هئن چيو،
"ميان مسخرا! تو ڏيان تو انعام،

مگر ياد رکجانءِ منهنجو ڪلام.
ڏسين پاڻ ڪان عقل ۾ ڪوبہ گهٽ،
"ڏجان چيز منهنجي تنهين کي تہ جهٽ"،
شهنشاهہ تنهين کي ڏني پوءِ لٺ،
وٺي مسخري کي سلامن تي سٽ.
هڪي ڏينهن شهنشاهہ بيمار پيو،
پڇڻ مسخرو تنهن امالڪ ويو،
چيو شاهہ تنهن کي وڃان ٿو سفر،
دعا ڪا پڇاڙيءَ ۾ مون کي تہ ڪر،
پڇو مسخري اُت پڌي هٿ تڏهن،
"شهنشاهہ جي موٽ ٿيندي ڪڏهن؟"
چيو شاهہ وڃان ٿو پري کان پري،
وريو ڪونہ جا تان نڪو ڪو وري."
پڇو مسخري پوءِ پَڌي هٿ ٻئي،
"سفر جي تياري تان ڪهڙي ڪئي؟"
چيو شاهہ "سفر لئہ نہ آهيان تيار،
ڪندو معاف شل مون تہ پروردگار!"
چيو مسخري هي عجب آهہ بيان،
"عقل اڄ اوهان جو سچو ٿيو عيان"،
وڃي جو سفر تي نٿو ٿئي تيار،
"عقل جو انهيءَ وٽ چئبو ڏڪار"،
وٺو لٺ پنهنجي نہ گهرجي مون کي،
"اوهان جي امانت اوهان کي هجي."

## اختصار

پيرومل مهرچند آڏواڻي "غريب" سنڌي ٻوليءَ جو نامور اديب، عالم ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. پنهنجي حياتيءَ ۾ گهڻوئي علمي ۽ ادبي پورهيو ڪيائين. مختلف موضوعن تي لاتعداد مضمون ۽ ڪيترا ڪتاب لکي سنڌي ساهت جي خدمت ڪيائين. هن جي تحقيقي ڪم کي علمي حلقن ۾ مستند ڄاتو وڃي ٿو، اهوئي ڪارڻ آهي، جو نوس بنيادن تي ڪيل سندس ڪم کي "حوالاجاتي

نوعيت" حاصل ٿي چڪي آهي. هن پنهنجي دور ۾ رائج ادبي قدرن جي پيروي ڪندي، جيڪو به علمي ڪم ڪيو آهي، تنهن کي اجوڪي دور ۾ جديد قدرن سان پڻ ڪنهن حد تائين هم آهنگ ڄاڻو وڃي ٿو، ان ڪري ئي سندس تحريرن کي دوام حاصل آهي. هو هڪ سُٺي نثرنويس کان علاوه شاعر جي حيثيت به رکندڙ هو. سندس ڪلام تعليمي ۽ نصابي ڪتابن کان علاوه مختلف رسالن ۽ ڪتابي سلسلن ۾ شايع ٿيل مليو آهي. ان کان علاوه 'نوبهار' جي نالي هڪ مجموعو به ڇپرو ٿيل آهي. هن جي شعر ۾ ٻوليءَ جي پختگي، فني سادگي، معيار، بلند پروازي، موضوع سان نباهه، رواني ۽ موسيقيت کان علاوه ادبي چاشني جهڙيون خوبيون پڻ نظر اچن ٿيون. انهيءَ هوندي به هو هڪ شاعر کان علاوه نثر نويس جي حيثيت ۾ وڌيڪ نشانبر رهيو. ڇاڪاڻ ته سندس علمي شخصيت، ادبي حيثيت ۽ تاريخي پد وڌيڪ وزنائتا آهن.

پيرومل مهرچند آڏواڻي پنهنجي پنجهتر سالہ حياتيءَ مان لڳ ڀڳ پنجاهه پنجونجاهه سالن جو طويل عرصو علمي ادبي جستجو ۽ جدوجهد ۾ گذاريا. سندس انهيءَ دور جو علمي حوالن سان مطالعو ڪندي، اها ڳالهہ شدت سان محسوس ٿئي ٿي، ته هن پنهنجي فرصت واري ڪابہ گهڙي گينواري ۽ گيسر ۾ ڪين گنوائي. ان ڪري ڪيس جيتري جس به مليس ته هاڻي به مجتا ۾ ڪمي ڪانہ ٿيس.

هن مقالي ۾ جتي سندس شاعرانہ حيثيت کي اُجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، اتي سندس نثرنويس واري ڀرپور حيثيت کي به مختصر طور ڇٽي ڪرڻ جا جتن ڪيا ويا آهن. افسوس جو هھڙي بي مثل پورهيت اديب ۽ شاعر جو اسان وٽ ڪو ڀرپور مطالعو موجود ڪونہ آهي، جنهن ڪري اجوڪي تحقيقي دور ۾ ان جي وڏي ڪمي محسوس ڪئي وڃي ٿي. هن جي تصنيفن، تاليفن ۽ ترجمو ڪيل ڪتابن کي ڳڏ ڪرڻ سان هڪ اندازو ٿئي ٿو ته انهن جو ڳاڻيٽو سٺ ۽ ستر جي لڳ ڀڳ آهي. انهيءَ کان علاوه سندس متعدد مضمون ماهوار رسالي 'سنڌو'، 'قليلي'، "ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج مسيلني" ۽ ڪن ڪتابي سلسلن ۾ پڻ شايع ٿيل آهن. ان سموري سرمايي کي سهيڙڻ سان اندازو آهي ته ڪجهہ علمي مونجهارا دور ٿين ۽ تحقيق جي ميدان ۾ ڪا هٿي ملي پوي.

هن مقالي جو مقصد آهي تہ 'غريب' جي علمي رخن مان هن رخ تي به روشني پوي. ان سلسلي ۾ ڪوشش ڪري، مختلف هنڌن تان سندس ڪلام کي ڪٺي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. جيڪي ڪجهہ حاصل ڪيو ويو آهي، انهيءَ مان ڪي نمونا انتخاب ۾ آندا ويا آهن. سندس شعر جو مجموعو 'نو بهار' محترم عبدالاحد "آزاد" قاضيءَ کان استفادي لاءِ حاصل ٿيو، جنهن جو شڪريو ادا ڪرڻ لازمي آهي.

# حوالا

(١) آڏواڻي، پيرومل مهرچند: "سنڌ جي هندن جي تاريخ" ، ڀاڱو پهريون، ص ٥٠.
(٢) ايضاً ، ص ص ٦٢ ۽ ٦٣.
(٣) ايضاً ، ص ٦٣.
(٤) آڏواڻي، پيرومل مهرچند، گربخشاڻي وارو شاهه جو رسالو منهنجي نظر ۾." .
مهاڳ: مرليڌر جيٽلي: روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ١٩٩٥ع، ص ٨.
(٥) ايضاً .
(٦) آڏواڻي، پيرومل مهرچند: "حيدرآباد جا هاءِ اسڪول" ، (مضمون)، قسط-٣، ماهوار 'سنڌو' ، ڊسمبر ١٩٤٦ع.
(٧) هدايت پريم: "سنڌي ٻولي جا محقق" ، سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد. آگسٽ ١٩٩٤ع، ص ٢٣.
(٨) ايضاً
(٩) پيرومل: "سنڌ جي هندن جي تاريخ" ، ڀاڱو-١، ص ٦٣.
(١٠) جي.ايم.سيد: "جنب گذاريم جن سين" ، سنڌي ادبي بورڊ ، ڄامشورو ، ١٩٧٩ع، جلد ٻيو ، ص ص ٣٣١ ۽ ٣٣٢.
(١١) ڏسو حوالو ٧.
(١٢) ڏسو حوالو ١ ، ص ٣٣١.
(١٣) جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر : "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو ، ١٩٩٤ع، ص ١٥٤.
(١٤) ڏسو حوالو ٧، ص ٢٥.
(١٥) ڏسو حوالو ٤، ص ٦.
(١٦) ايم.آر. مائيدا ساڻي: ٻه اکر: جاسوس (ر ڻ)، مصنف پيرومل مهرچند، ڪهاڻي ساهتيه منڊر حيدرآباد.
(١٧) ڏسو حوالو ١٣، ص ١٥٥.
(١٨) هيرو ٺڪر: پيرومل مهرچند، ١٩٩٠ع ص ص ١٨ ۽ ١٩.

(۱۹) اجواڻي لالسنگھ هزاريسنگھ: مهاڳ: "گلزار نثر"، مؤلف پيرومل مهرچند آڏواڻي، ڇاپو اول، ۱۹۲۹ع.
(۲۰) پيبومل مهرچند: "گربخشاڻي وارو شاھ جو رسالو منهنجي نظر ۾"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ۱۹۹۵ع، ص ۷۲.
(۲۱) ايضاً
(۲۲) هيرو ٺڪر: "پيرومل مهرچند آڏواڻي": ساهتيہ اڪادمي دهلي ۱۹۹۰ع ص ص ۶۵ ۽ ۶۶.
(۲۳) ايضاً ص ۶۳.
(۲۴) پيرومل مهرچند: "سنڌ جو سيلاني": مهاڳ: چيتمل پرسرام نئين سنڌي لئبرري ۱۹۲۳ع.
(۲۵) پيرومل مهرچند: "شاھ عبداللطيف ڀٽائي" (هڪ مطالعو) مهاڳ: تنوير عباسي: شاھ لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي ڪراچي ۱۹۹۷ع.
(۲۶) غلام محمد لاکو: "سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو": مارئي سماجي سنگت ملير ڪراچي، ۱۹۹۷ع ص ۳۵۶.
(۲۸) ڏسو حوالو ۲۵ مقدمو: آزاد قاضي.
(۲۹) ڏسو حوالو ۲۲: ٻہ اکر.

---- • ----



"تون هميشہ 'بزم وصل' ۾ رهيو آهين، توكي "درد هجران" جي كهڙي خبر ۽ "غم جان" جي كهڙو پتو؟

"سڄي عمر، راحت كان سواءِ تو كابہ چيز كانہ ڏٺي آهي. ان صورت ۾ مزدور ۽ هاريءَ جي محنت ۽ مصيبت جي توكي كهڙي خبر؟

"تنهنجي دل ۽ دماغ، جذبن ۽ وجدان تي "رپيو" طاري آهي، توكي حقيقي جذبن ۽ وجدان جي كهڙي خبر؟

"تون ريشم، مخمل، اطلس ۽ كيمخواب ۾ ملبوس ٿو رهين، توكي اُن "عريان تن" جي كهڙي خبر جو گرميءَ ۽ سرديءَ ۾ "اگهاڙو" رهي ٿو؟

"تون انساني احساس كان خالي آهين، ان صورت ۾ مزدوري كندڙ، اهل كمال ۽ اهل هنر ماڻهن جي مصيبتن جي توكي كهڙي خبر؟" — ابوالقاسم لاهوتي

# كهاڻيون

"اڄ اسان جو ملڪ هڪ ويران بيابان آهي، جنهن ۾ شادابيءَ ۽ زندگيءَ جو نالو نشان بہ نہ آهي؛ ملڪ جو ذرو ذرو ڏک جي تصوير بنيل آهي. اسان کي انهيءَ ڏک ۽ پيڙا کي متاثر آهي، ۽ نئين سر زندگيءَ جي چمن ۾ آبياري ڪرڻي آهي. اديب جو فرض هجڻ کپي تہ هو پنهنجي ملڪ ۾ نئين زندگيءَ جو روح ڦوڪي، بيداريءَ ۽ جوش جا گيت ڳائي، هر انسان کي اُميد ۽ خوشيءَ جو پيغام ٻُڌائي ۽ ڪنهن کي نااُميد نہ ٿيڻ ڏئي. ملڪ ۽ قوم جي خيرخواهيءَ کي ذاتي غرض تي ترجيح ڏيڻ جو جذبو هر ننڍي وڏي ۾ پيدا ڪرڻ اديب جو عين فرض هجڻ کپي. قوم، سماج ۽ ادب جي بهبوديءَ جو قسم! جيستائين هر بُکيو، پيٽ ڀري نہ کائيندو، ان وقت تائين دنيا جو مستقبل روشن نٿو ٿي سگهي. جيڪڏهن اوهين ائين ڪرڻ لاءِ تيار آهيو تہ پوءِ اوهان کي پنهنجي مُوڙي چُوٽ هٿن سان لُٽائڻي پوندي، ۽ پوءِ وڃي اوهين انهيءَ لائق بڻبا جو دنيا کان ڪنهن معاوضي جي تمنا ڪريو- ليڪن پنهنجو پاڻ مٽائڻ ۾ جيڪو لطف آهي، اُن کان اوهين محروم نہ رهجي وڃو! - ٽئگور

حميد سنڌي

# ٿانداٽا ٿا ٿمڪن

عاشق اُن ڏينهن منهنجي سامهون جيترين ڦيرين پاتيون ۽ هن ننڍڙي فليٽ جا جيترا چڪر ڏنا، شايد اينترو پنڌ رودن تي بہ هُن نہ ڪيو هوندو. هو بي چين روح جيان ڪنپڙاٽيون هڻندو هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري، ننڍڙي اڱڻ ۾ پيل بالٽين، پڪڙيل ٿانون ۽ ڍير ميرن ڪپڙن کي لتاڙيندو مون تائين پهچي مون تي اڻ لکي نظر وجهي وري الوپ ٿيو وڃي. جڏهن ساٿو ٿيو تہ منهنجي سامهون پلنگ تي ٽپ ڏيئي چڙهي وينو ۽ ڊگها وڏا ساهہ کڻڻ لڳو. اوچتو مون ڏي گهوري ڏسڻ لڳو ۽ پوءِ رڙ ڪري چيائين:

”اِهو سڀ تون آهين. تو ئي منهنجو نانئو ڦِتايو آهي. نہ تون اِهي روايتي Wisdom وارا Golden Word پنهنجي مُنهن مبارڪ مان ڪڍين ها، نہ هيئن ورهين جو ساٿ ٽٽي ها. خبر اٿئي، اڄ ڪانون ڏينهن ٿيو آهي جو هوءَ نہ آئي آهي. ميان! اٺ ڏينهن ٿي ويا آهن. مون سندس منهن ناهي ڏٺو. مان هاڻ ڪيس ڪاٿي ڳوليان. هوءَ پراڻو گهر بہ ڇڏي ويئي آهي. توکي خبر آهي Wise Man.“

مان ماٺ ڪيو سندس منهن ۾ ڏسندو رهيس. اوچتو هو ٿڌو ٿي ويو: ”تون ڪو ڏس پنڌ ڏئي. اڳي بہ تو ئي بُڏل ٻيڙا تاريا هيا. تون ئي اسان جو Wise Man آهين.“

مان ڪيس ڪهڙو جواب ڏيان تہ تو پاڻ پنهنجو نانئو ڦتايو ۽ هاڻ مون کي ٿو ڏوهاري قرار ڏين.

هو ساٿو ٿي پلنگ تي پئجي رهيو هو. مان آهستي آهستي اُتان اُٿي فليٽ جي ٻئي ڪمري ۾ پيل کٽ تي پئجي رهيم. هو هوڏانهن ڦٿڪي رهيو هو، هيڏانهن مان ماٺ ميٺ ۾ يادگيرين جي جار ۾ وڪوڙيو ويس.

عاشق ۽ منهنجي دوستي اڄ جي ڪانہ هئي، ننڍي هوندي جي ياري هئي. ڪو وقت گڏ پڙهيا هياسين. پوءِ هو پنهنجي والد سان نوڪري سانگي، سنڌ جا ڪيئين شهر لتاڙي، نيٺ اچي هن شهر ۾ مليو هو. مان بہ پڙهڻ سانگي سنڌ جي هوائن ۾ اُڏامندو هن شهر ۾ اچي نڪتو هوس. بابي هيءَ مسواڙ تي فليٽ وٺي ڏنو هو تہ اجان بہ پڙهان ۽ پڙهي وڏو آفيسر بڻجان. پڙهيم بہ پئي تہ نوڪريون بہ ڪيم پئي.

شهر جون دوستيون- سو جُڙي وري ڊَهن، ۽ ڊَهي وري جُڙن. هڪ پکيءَ وانگر هوائن سان گڏ پئي اُڏريس. ڪڏهن مٿي آسمانن تي تہ ڪڏهن هيٺ پَٽ تي. جواني جو ڪوڙو جوش. ڪنهن تي اک پئي ناهي. موهہ ڪنيو وجي ۽ وجي سُمٽن جي در ٻاهران بيهاري. درياءَ جو ديدار ڪيو، لڙي پهر

موتان تہ عشق ۾ ٻُڏل. رات جو خواب ني خواب. عجيب زندگي هئي. اوچتو عاشق ڳولي لڌو. هيءُ حال ڏسي کِلي پيو.

"دلبر، هميشہ جيان خوابن جا سوداگر، آخر تيرا کيا هوگا کاليا."

کلي مون بہ اُردو ۾ ئي جواب ڏنو: "يار اسان جو تہ هيءُ حال آهي. نہ خدا هي ملا نہ وصال صنم، نہ اِدھر کے رهے نہ اُدھر کے رهے."

"ڏس سڄڻا، زندگي زندهہ دل ماڻهن وارن لاءِ آهي. هڪ دفعو ملي آهي، وري نہ ملندي. جواني بہ هڪ دفعو ايندي آهي، موت ڪاڏانهين تہ هٽ نہ ايندي. شاديءَ کان اڳ واري زندگي اسان جي پنهنجي زندگي آهي، خاص طرح جوانيءَ وارو دؤر. پيارا، رڳو خيالي عشق ڪبو يا دردناڪ چٺيون لکبيون يا دريءَ وارن جو اشارن وارو ديدار ڪبو، اِهو سڀ بيڪار آهي، مون کي ڏس!"

مون ڏانهنس نهاريو. سهڻو مست اکين وارو مست ڪنڌڙ جوان. مون کي ڄاڻ هئي تہ سندس اکين جي تيک آڏو ڪيترين ئي سهڻين بيهي نہ سگهنديون هيون. سندس مٺن ٻولن تي بہ عاشق، تہ سندس ناهہ نُوهہ ۽ ڪپڙي لٽي جي بيهڪ بہ ڪين وٽس ڇڪي ايندي هئي. مان سندس گاڏيءَ ۾ ڪيترا ئي سهڻا مهاندا ڏسندو هيس. ڪيترن ئي گهرن ۾ سندس اچڻ وڃڻ بہ هيو. سندس ڳالهين ۾ ڪيترين ئي حسينائن جو ذڪر هوندو هو. ڪڏهن ڪنهن نازنين جي ڳالهہ تہ ڪڏهن ڪيترا ئي سلميٰ ستارا ڌرتيءَ تي لاهي ايندو هو.

هڪ ڀيرو دفعا هُن چيو تہ مان پنهنجي ڪنهن پريءَ کي هِت وٺي اچان. مون کيس سختي سان جهلي ڇڏيو. گهرڀاتي، يار هجڻ سان گڏ، خاندان ۽ بابي جي ناموس جو خيال، اوڙي پاڙي جو ڊپ. مون کيس ناڪار ڪندي چيو:

"ڏس عاشق! منهنجي دنيا پنهنجي آهي ۽ تنهنجي پنهنجي. مون کي اِنهيءَ جواني جي اُبتن نشن ۾ مبتلا نہ ڪر. هتي ڪير بہ نہ ايندو. دوست، مٺ مائٽ اچي سگهن ٿا پر ڪا حسين نازنين، ماهہ جبين نہ ايندي. يهان ڪوئي نهين ڪوئي نهين آئي گا، سمجهيئہ."

"I don't know when you will grow up."عاشق پٽڪيو.

هڪ ڏينهن آيو تہ چُپ هيو. سوچ ۾ ٻڏو پيو هو. هونئن ئي پاڻ ڳالهائيندو هو ۽ پنهنجا تازا ڪارناما ٻڌائيندو هو تہ مان ماٺ ڪيو ٻُڌندو هُيس. اڄ جو هو چپ هيو تہ مون بہ ڪٿي ڳالهايو.

"عاشق سائين! ڇا ڳالهہ آهي؟ لڳي ٿو تہ اڄ سڀ عاشق حسينائون ماهہ جبينون شهر ڇڏي ڪنهن پڪنڪ تي هليون ويون آهن."

هو ٻُڏو پيو هو. نيٺ آهستي پٽڪيو ۽ چيائين:

"يار هنن حسينائن جي رولڙن ۽ ڏِکن ماري ڇڏيو آهي. مان سوچيان ٿو تہ هڪ Permanent بندوبست ٿيڻ کپي."

"توکي هونئن بہ مستقل بندوبست جي ڪھڙي ضرورت آهي. تنھنجو اصل عشق مبارڪ شل دائم قائم رهي. پنھنجي مڱيندي تو وٽ موجود آهي، پوءِ توکي اِنھن لوڙهن هڻڻ جي ڪھڙي ضرورت آهي. ڇو اڇي خوار خراب ٿيو آن؟ تنھنجو اِهو مڱڻو بہ تنھنجي عشق ۽ محبت جو وڏو ۽ پُراڻو نشان آهي. پلا ڪڏهن تو شادي ڪرين تہ جان ڇُٽي."

يڪدم جواب ڏنو هنائين:

"يار، حالتن جي توکي خبر آهي. ڪا سُٺي نوڪري ملي تہ شادي ڪبي ضرور، پر تون اِهو سمجهي ڇڏ تہ تنھنجي سوچ ۽ منھنجي سوچ ۾ وڏو فرق آهي. تنھنڪري پنھنجا Sermons پاڻ تائين رکُ. هاڻي ڳالهہ بند."

مون ڏانھنس ڏٺو. ڏاڍو سنجيدو پئي لڳو ۽ مون ڪن ڪڙا ڪيا.

"توکي ياد آ تہ مون توسان هڪ ڇوڪريءِ گلشن جو ذڪر ڪيو هو."

منھنجي چهري تي سوال جي نشاني اُڀري آئي. الائي ڪھڙي گلشن، ڪھڙي گلبدن يا وري ڪا گل بڪاؤلي. سندس عشق جا تہ الف ليليٰ وارا هزار داستان هيا.

"اڙي يار، That girl... جيڪا اسان جي ڳوٺ جي هئي. سندس پيءُ هتي آفيس ۾ بابي وٽ ڪلارڪ هيو ۽ سندس ماءُ ۽ هوءَ هتي اسان جي گهر ۾ اچي ڪم ڪار بہ ڪنديون هيون. اُتي ئي پيچ لڙيو ۽ پوءِ مان سندس پيءُ جي غير حاضريءَ ۾ سندن گهر بہ ويندو هئس. سندس ماءُ کي تہ اسان جي عشق جي خبر هئي پر پوءِ پٽس کي خبر پيئي تہ ڏينھن ڀڄاٽان سندس شادي پنھنجي هڪ مائٽ سان ڪرائي ڇڏيائين، جيڪو هُن کان عمر ۾ بہ وڏو هو."

"پوءِ؟ هُن جي شادي ٿي ويئي تہ شهزادي جانعالم جو عشق خير خوبيءَ سان پورو ٿيو. هاڻي وري ڇا ٿيو."

"اڙي سڄي ڳالهہ تہ ٻڌ سڄڻ! سندس مڙس واڍڪو ڪم ڪندو هو پر گڙنگ موالي هو. شڪي طبيعت جو ماڻهو هو. ڪُتي سَتي هٿي سندس هڏ گڏ ڀڃي ڇڏيائين. ويچاري واپس اچي مائٽن وٽ ويئي. اُن ڏينھن ماءُ سان گڏجي اسان جي گهر آئي هئي. سندس پيءُ بہ هاڻي تازو گذاري ويو آهي. پورهيو ڪري وقت گذارين پيا. ڏاڍو رُني پئي. پاسيرو ٿي مون سان ملي تہ چيائين تہ مون تي قرب جو هٿ رکُ، مان گولي ٿي گذاريندس. جي پيار ۽ دوستي جو هٿ نہ رکندين تہ مان زهر کائي مري ويندس. پنھنجي پراڻي پيار جا واسطا ڪٽي وڌائين. پيرن ۾ ويھي رهي. يار دلبر! اهڙي نماڻي ۽ سباجهي نينگر منھنجي حياتيءَ ۾ ڪڏهن ڪانہ آئي. مان وٺي ايندوسانس، پوءِ تون پاڻ فيصلو ڪجانءِ."

"ڇا جو فيصلو؟"

منھنجا ڪن وري ڪڙا ٿي ويا. مون شڪي نگاهن سان ڏانھنس نهاريو.

"يار، ڳالھ سمجھ. مون هڪ پلان سوچيو آهي تہ سندس ماءُ کي هتي رکنداسين."
"ماٺس کي؟ چريو ٿيو آهين ڇا." مون سندس ڳالھ کي اڌ مان ڪٽيو.
"يار، ماٺس کي ڪم ڪار لاءِ رکنداسين. مانيءَ، ٿانوَ، ٻهاريءَ ۽ ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ."
"پوءِ ڇا ٿيندو؟"
"ڪم عقلَ! هوءَ ماءُ ۽ ننڍي ڀاءُ سان گڏ هتي ايندي. گھڙي پل مون سان بہ ملندي. بس ائين ٻن عاشقن کي ملائڻ جو ثواب توکي ملندو." هيءُ ثواب جو ڪم مون کي سولو نظر نہ آيو.
"يار عاشق! مان مارجي ويندس. مائٽن کي خبر پيئي تہ پٽ ٻاٽ مان ڪڍي ڇڏيندا. فليٽ بہ کسجي ويندو. بابو چڙيو تہ پوءِ سمجهين ٿو. وڏو رسڪ آهي. اِهو مون کان نہ پُڇندو."
مان ٽپ ڏيئي اُٿي ٻاهر نڪري ويس.
"دلبر! ڳالھ تہ ٻڌ- ڳالھ تہ سمجھ."
هو چوندو رهيو، پر مان هيٺ لهي روڊ تي پسار ڪرڻ لڳس. هو اُٿي بہ آيو. منهنجو سوٽل منهن ڏسي ڪٽي ياڪر پاتائين.
"چڱو دلبر! تون ڇڙُ نہ، باقي مان هلان ٿو. رات اِن ڳالھ تي سوچجانءِ: We have to help these poor people."
پوءِ پُٺي تي ٿپڪي هڻي چيائين:
"You are a progressive writer and social reformer. Be brave."
هُو هليو ويو. عاشق جڏهن بہ ڪنهن ڳالھ تي زور ڏيندو هو تہ انگريزي گھٽي ڳالهائيندو هيو. خوش هوندو هيو تہ اڙدو شعر چوندو هيو. مان جڏهن ڪنهن ڳالھ تي فيصلو نہ ڪري سگھندو هئس تہ اُن تي وڌيڪ نہ سوچيندو هيس. معاملو وقت ۽ حالتن تي ڇڏي ڏيندو هئس. ٻئي ڏينهن منجهند جو ڪم ڪار لاهي موٽيس تہ فليٽ اندران بند هيو. مون سمجھيو تہ عاشق اندر آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻي چابي عاشق وٽ هوندي هئي. اندر گھڙيس تہ ڏٺم تہ هڪ مائي اگڻ ۾ ڪپڙا ڌوئي رهي هئي. مان تڪڙو ڪمري ۾ داخل ٿيس. هڪ ننڍگر ڪمري ۾ چنڊ ڦوڪ ڪري رهي هئي. مان بيهي ڪيس ڏسڻ لڳس. هيءَ ڪا ننڍي ننڍگر نہ هئي، پنجويهن ڪن سالن جي عورت نما ڇوڪري هئي. هوءَ سڌي ٿي سامهون آئي تہ مون ڪيس ڏٺو. سندس جسم پريل، رنگ هلڪو سانورو، وارَ گھنڊيدار، نقش وڻندڙ، منهن تي پڳھر ئي پڳھر، پاڻ بہ سڄي پگھر ۾ وهنتل. سندس سادا لان جا سنها ڪپڙا، سندس جسم تي چھنيا پيا هيا. هُن ڪا گھڙي پنهنجن هلڪي ناسي اکين سان مون ڏي تڪيو. پوءِ پراڻي پوتيءَ جي پلاند سان منهن اُگھيو ۽ مُرڪي چيائين: "مان گلشن آهيان."
مان ڪيس ڏسندو رهيس. شايد سدا آباد ۽ تڙيل گلشن اهڙائي هوندا آهن. هوءَ شايد منهنجي اکين جو تيڪ نہ سهي ٻاهر هلي ويئي. گھڙيءَ کان پوءِ وري موٽي آئي.

اُيي بيٺي هئي.

"ماني کنهن پچائي آهي."

"ماني اَمان پچائي آهي. ڀوڙ مون رڌو آهي. ڇو مزو نہ آهيس؟"

"عاليشان!... توهان جي هٿن ۾ خُوب شيري آهي."

هوءَ کِلي هٿن کي ڏسڻ لڳي. پوءِ اوچتو ڇرڪ ڀري چيائين، "عاشق سائين اجا تائين نہ آيو آهي." مون سندس چهري تي هلڪي پريشاني ڏٺي. پوءِ هوءَ ٿانوَ کڻي هلي ويئي. هوءَ ٿانوَ سهيڙي پئي ڪمري ۾ هلي ويئي هئي. مون ليٽو پاتو. ڏٺم تہ هوءَ دري ڪان بيٺي هئي ۽ شايد عاشق جو انتظار ڪري رهي هئي. مان پنهنجي ڪمري ۾ اچي ليٽي پيس. هڪ ڪم ڪار، بيو پورهئي جو ٿڪ، مٿان لذيذ ماني، پيٽ ڀريو تہ اک لڳي ويئي. ڇگي دير ڪان پوءِ پُٽڪي ۽ هلڪن ٺمڪڙن تي اک کُلي ويئي. آهستي اُٿي اگڻ ۾ ڪُلنڌڙ دريءَ جي اڏ ڀيڪڙيل سير مان اندر ڪمري ۾ نهاريم. هوءَ ڪيس گرهہ ٺاهي ڪاراڻي رهي هُئي. ۽ هُو گرهہ گرهہ تي سندس آڱرين کي چڪ پائڻ جي ڪري رهيو هو. هُن تہ ڪلي آڱريون هٽائي پئي ڇڏيون. انين هُن ڳالهايو. هِن دفعي گلشن جو آواز ٻيو هو. اُن ۾ ميناج جا مَٽ ڀريل هيا. اوتيائين پئي تہ ڳرو ۽ ڪنهن نشي ۾ ٻڏل آواز هو.

"سائين، ايڏو انتظار ڪرائبو آهي؟ صبح جا ويل، هيءَ مهل ٿي آهي. مان تہ انين آهستي آهستي ڪري هڪ اڌ ڏينهن ۾ مري ويندس."

عاشق هُن جو گرهہ روڪي ڇڏيو.

"مان توکي مرڻ نہ ڏيندس، مِني!" پوءِ هُن ڪيس ڀاڪر ۾ کڻي پريو. هوءَ آهستي سندس ڀاڪر مان ڪسڪي اُٿي بيٺي.

"ٿانوَ رکي اچان. توهان جا هٿ ڌناريان. ٻانهي تنهنجي آهي. تڪڙ نہ ڪر منهنجا سائين."

منهنجي اندر ۾ الائي ڪهڙن طوفانن ڪَرُ ڪنيو هو جو مان اُتان چُري نہ پئي سگهيس. سڌو ٿي پت کي ٽيڪ ڏيئي بيهي رهيس. هوءَ ڀيڪڙيل در ڪولي ٻاهر نڪتي. هن پاسي ڏٺائين ۽ مون تي نظر پيس. هوءَ بنهہ نہ هبڪي؛ مُرڪي رنو مٿي تي وجهي رنڌڻي ۾ لنگهي ويئي. گلاس ۾ پاڻي کڻي ويئي. موٽي اچي چلمچي ۽ لوٽو هٿن ڌنارڻ لاءِ کڻي ويئي. موٽي اچي پنهنجا هٿ ڌوتائين. مان اُتي ئي بيٺو رهيس. هر ڀيري مُرڪندي وڃي مُرڪندي موٽي. اوچتو هوءَ بيهي رَهي.

"اوهان کي ڪجهہ کپي؟"

مون ڪنڌ ڌوڻيو. آهستي ٺنگن کي ڇوريو. هُن دروازو بند ڪيو. پوءِ آهستگيءَ سان ٿوري ڪليل دري بہ بند ڪري ڇڏيائين. مان پنهنجي ڪمري ۾ موٽي آيس. شام تائين دماغ ڳرو رهيو.

ڪپڙا مَٽي ٻاهر نڪتس. ڪوبہ آواز ڪونہ هو. شايد سُتا پيا هيا.

مان نوڪريءَ سان گڏ ڪاروبار بہ ڪندو هيس. ڪڏهن ڪاٺين جو تہ ڪڏهن موٽر پارٽس جو.

پير ڏوني پٺي پيئندي. هيءَ تہ چوري چني تي ويندي، پوءِ ڪاڏي ويندي؟"

"زال لاءِ بہ تہ مڙس ڇپر ڇانءُ هوندو آهي." مون ڪيس وراڻيو.

"اُهو ننڍڙڪين زالن لاءِ، پر جن جا اَبا اَمان، چاچا ماما، پائر حيات هوندا آهن، اُهي اُن ڪيري آهر پيون ڪڍنديون آهن. جيستائين هو جيئرا هوندا آهن، تيستائين مڙسن جي جسم تي چَم ٿي نہ رهندو آهي. باقي رهندا آهن سندن هڏا، جيڪي زالون ۽ سندن بار ٻچا چوپي چباڙي ڇڏيندا آهن. پوءِ پلي سندس مائٽ سڀ مري وڃن، حڪومت هنن جي هوندي آهي." ساهي پٽي چيائين:

"ڇڏ اِنهيءَ ڳالهہ کي، هاڻي ٻڌاءِ تہ گلشن کي ڇا چئجي."

"تر ڪيس ٻڌايو آهي."

"ها، مون اَڄ منجهند جو ڪيس چيو هو."

"پوءِ؟"

"هوءَ چوي ٿي تہ ڇا بہ ٿئي، مان ڪيس نہ ڇڏيان. پلي بہ زالون ڪريان، پر هوءَ چوي ٿي تہ هوءَ منهنجي گولي غلام ٿي رهڻ چاهي ٿي. ڏس يار، هُن سڀ ڪجهہ مون کي ڏنو آهي. ايڏو پيار تہ شايد زال بہ نہ ڏيندي. هوءَ چوي ٿي تہ دلبر سائين جيڪڏهن ساٿ ڏني تہ پوءِ بہ آسين هِت ملي سگهون ٿا. ڇا دلبر، انين ٿي سگهي ٿو. تون اِهو بار ڪٽي سگهين ٿو."

"جي منهنجي بہ شادي ٿي وڃي. مان هتان هليو وڃان."

"پلي، هوءَ هتي رهندي. هن فليٽ جو ڪرايو ۽ سندس خرچ مان پريندس. رڳو شادي پُراڻي ٿئي. يار ڪا تہ مدد ڪر يا ڪو ڏس ڏي! Wise Man."

مون آهستي آهستي چوڻ شروع ڪيو. مون کي ائين لڳو، اُهو آواز منهنجو نہ هو. "تو پاڻ ئي چيو تہ شادي کان پوءِ زال مڙس کي ڳهي ويندي آهي. ۽ شايد سُريت لاءِ بہ هوءَ جاءِ نہ ڇڏيندي. چو تو بہ حياتين کي برباد ڪرين. وڃ، وڃي پنهنجي معصوم زال کي بچاءِ، جيڪا ورهين کان تنهنجي انتظار ۾ ويٺي آهي. هن غريب گلشن کي ڪيستائين اُجاڙيندو رهندين. بہ مَن نہ ڪر. ٻَچِتو نہ ٿي. رستو هڪ وٺ. ڪجهہ ڏينهن ٿيا، هُن جي ماءُ مون وٽ آئي هئي. رُني پئي."

"ڇا پئي چوي؟"

"بس رُني پئي. پنهنجي ڌيءَ جي اُجڙيل قسمت تي رُني پئي. ٻيو ڇا چوندي، ويچاري. تو بہ تہ قهر ڪيو آهي."

عاشق ٽپ ڏئي اُٿيو.

"تون ڪاڏي وڃجانءُ نہ، مان اَچان ٿو."

اڌ ڪلاڪ کان پوءِ آيو تہ گلشن ساڻس گڏ هئي. عاشق ٻنهہ منهنجي سامهون ڪٽي وهاريس.

"هاڻي سمجهائينس. هيءُ نٽي مجي، پڇينس تہ ڇا ٿي چئي."

مون گلشن ڏي نهاريو. هوءَ ڪچي ڪاٺ، رُني پئي.

"ڏس، دلبر بـ چئي ٿو تـ مون کي هڪڙو رَستو ونڻو پوندو."

هُنَ مون ڏانهن نهاريو. پوءِ آهستي پُڇڪيو.

"چئوس تـ مون کي نـ ڇڏي. شادي پَلُ ڪري پر مون کي نـ ڇڏي. توهان چئوس، مون کي اِنهيءَ ڪمري مان نـ ڪڍي. مون کي ٻيو ڪجهہ بـ نـ کپي."

هن پير مٿي ڪري، پازيب پٽي لاٿا. ڳچيءَ پر پيل سوني زنجير لاهي اُڇلي. منڊي بـ لاهي هن جي ترِيءَ تي رکيائين.

"پوءِ چئوس تـ هاڻي مون کي نـ ڇڏي. مون کان سڀ ڪجهہ وٺي."

مان سندس رُنڻ ڏسي نـ سگهيس ۽ ٻاهر نڪري ويس.

"Mad Girl"، هن دفعي مون بـ انگريزيءَ پر پڇڪيو.

مان اڱڻ پر بيٺي رهيو هئس. اوچتو ڏڪن جا آواز آيا ۽ عاشق ڪمري مان نڪتو.

"يار! هوءَ چري ٿي پيئي آهي. هاڻي ڏڪ بـ هنيا اٿئين. پٽي ٿي رُني ۽ وڙهي I cannot face her. مان تڪڙو آهيان. تنهنجي ياجاني زرين جا پيءُ ماءُ ۽ مائٽ ڳوٺان آيا آهن. سندن ماني آهي ۽ ڳالهـ وجالهـ بـ آهي. ڪا رَسم بـ آهي. مان هلان ٿو. تون هيئنئن ڪر، جو هن کي پرچائي گهر ڇڏي اچجانءِ. مون سان هلندي تـ رستي تي بـ راڄ ڪلائيندي. هن وقت منهنجي پوزيشن نازڪ آهي. ڪنهن ڏنو بـ تـ ٺيڪ نـ آهي."

هو آهستي مون سان ڳالهائي رهيو هو. اسان کي سمڪ نـ رهي. هيئنئن نهاريوسين تـ گلشن پاسي پر بيٺي هئي هن دفعي هِن ڳوڙها اُگهيا ۽ ڪيس گهوري ڏٺائين. عاشق اُن گهورُ کي شايد سمجهي نـ سگهيو.

"سپاٽي اچجانءِ، وڌيڪ ڳالهيون ڪنداسين، فڪر نـ ڪر جاني." عاشق هٿ وڌائي ڪيس ياڪر لاءِ چڪيو. هُر ڪيس ٺيلهو ڏنو ۽ پوءِ پاڻ واري ڪمري پر گهڙي بُلٽ چاڙهي ڇڏيائين.

"پاڻهي ٺيڪ ٿي ويندي. سپاٽي نـ آئي تـ مان وٺي ايندوسانس."

هو تڪڙو ٻاهر نڪتو ۽ ڊوڙون پائيندو ڏاڪڻ ٽپندو هيٺ لهي ويو. مون ٻاهريون دروازو بند ڪيو ۽ هُن جي بند ڪمري کي ڏٺم. پوءِ اندر اچي مٽ جي ٿڌي پاڻيءَ جا بـ گلاس پيتم ۽ بـ گلاس پاڻ مٿان هاريم. منهنجو سڄو جسم تپي رهيو هو. پنهنجي ڪمري پر اچي وينس. سوچيم پئي تـ ڇا مون اِهو سنو ڪيو، يا سُنو ٿي ويو. مون اِهو سوچيو ئي پئي تـ هڪ گهگهو آواز آيو:

"تو اِهو سنو نـ ڪيو. دلبر!"

مون سمجهيو تـ اِهو منهنجي اندران ڪو آواز آيو آهي، پر ڏٺم تـ گلشن بيٺي هئي. شايد رُنڻ ۽ رڙين ڪري سندس آواز گهگهو ٿي ويو هو.

"تو ائين ڇو ڪيو."

"مون ڇا ڪيو؟"

"تو عاشق کي ڇو چيو ته هو پنهنجي معصوم زال کي بچائي ۽ هُنَ جي زندگي تباهه نه ڪري، تنهنڪري مون کي ڇڏي ڏني. مان ته ڪيس شادي ڪان نه جهليو هو. تو هُن کي مون سان واسطو رکڻ کان به روڪي ڇڏيو. اِهو تو ڇو ڪيو؟"

مان سمجهي ويس ته عاشق سڄو الزام مون تي مڙهيو هو. مان سجاڳ ٿي ويس.

"خيرخواهي جي ڏوهه آهي ته مان ڏوهاري آهيان. هو هڪ پاسي توکي سُريت ۽ يارڙي ڪوني رهيو هو، ٻئي پاسي زال لاءِ پريشان هو ۽ چئي پيو ته هوءِ هُن کي ڳُهي ويندي. تڏهن چيومانس ته تون هن غريب گلشن کي ڇو ٿو اُجاڙين؟ توکي خبر نه آهي گلشن، وڏا ماڻهو جڏهن شادي ڪندا آهن ته دوستيون، ڏکن سکن جا سفري ساٿي، رڳو سفري رهندا آهن؛ دوستيون ۽ ساٿ سڀ ختم ٿي ويندا آهن. هُنن لاءِ نيون سُرينون، نيون دوست بڻجي پونديون آهن ۽ پراڻيون دوست گُنل ڦٽل سُريتون، جن جو وٽن دُڪو به داخل نه هوندو آهي، سندن ڪاتي ۽ ڪنڌي جا صفحا هيءَ شاهوڪار ماڻهو، بندين مان ڦاڙي ڪيندا آهن ۽ اُنهن صفحن تي نوان نمبر هٽي ڇڏيندا آهن."

گلشن اکيون ڦاڙي مون کي ڏسندي رهي.

"تون ڪنهن جي به هجين، پر مون لاءِ پُر بهار گلشن بڻجي آئين. هيءَ گهر تنهنجي اچڻ سان مون لاءِ نيون ڳالهيون ڪٺي آيو. مان نون جذبن سان آشنا ٿيس. تو هو ڪمرو گهريو هو، هيءُ سڄو گهر تنهنجو آهي. اسان کي به آزمائي ڏس."

هاڻ هن جو ڪنڌ هيٺ هيو.

هوءِ آهستي آهستي هلندي ٻاهر هلي ويني. مان خاموش ويٺو رهيس، فليٽ ۾ خاموشي هئي. ٻاهر روڊ رستا به ويران هيا. رات لڙي هلي هئي. مون پنهنجي اندران هلڪو آواز ٻڌو، "ڇا هيءُ سڀ ڪجهه سنو ٿيو، هاڻ سڀ ڪجهه صحيح ٿي ويندو."

صحيح ائين ٿيو جو مون رنڌڻي ۾ ٿانون جو ٺڙڪو ٻُڌو. ڪجهه دير لڳي، پوءِ سندس قدمن جو آواز هو. اُن سان گڏ ڏٺم ته هُن بيدا آمليٽ ۽ ڊبل روٽي منهنجي آڏو آڻي رکيا.

"توهان ڪجهه نه کاڌو آهي، ڪجهه کائو."

مان ڪيس ڏسندو رهيس. پوءِ دل جهلي ڪيس ٻانهن کان ڇڪي پاڻ سان گڏ ڪٺي وهاريم.

"تو ته سڄو ڏينهن ڪجهه نه کاڌو آهي."

هوءِ مانُ ڪري ويهي رهي.

مون ڊبل روٽي ۽ آمليٽ کي گڏي گرهه ناهي، سندس وات تائين ڪٺي ويس. ھُن عجيب نظرن سان مون کي ڏٺو. پوءِ ٿورو نٽڙي گرهه ورتائين. هُن جي اکين ۾ اجا به پاڻي پريل هو، پر هن دفعي اُهو

پاڻي ڪجهہ پيو هو، جو هُن هٿ وڌائي گرهہ ناهي مون کي کارايو. مون سندس سهڻين آڱرين کي ڏٺو. مون اُنهن کي چڪ نہ پاتو، نہ وري ڪيس چڪي پاڪر ۾ آندو. ماني پوري ٿي، هُن ٿانوَ ڪنيا، پاڻي پياريائين، منهنجا هٿ ڌوتائين ۽ پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي.

مان ليٽي پيس، آهستي آهستي اکيون ٻوٽبيون پئي ويون. گهڙي پل لاءِ سمڪ نہ رهي. اوچتو مون محسوس ڪيو تہ ڪو منهنجي مٿان بيٺو آهي. ٽپ ڏيئي اُٿي وينس. گلشن بيٺي هئي.

"سائين، هن محل مان گهر نہ وينديس. رات هِتي ئي رهنديس."

"ڀلي، ڀلي. جيئن تنهنجي دل چوي. سوير هلي چڙي ايندوسانءِ."

"مان هُن ڪمري ۾ بہ نہ سُمهنديس. هِتي ئي توهان جي کٽ پاسي کان پئي هونديس."

هوءَ وهاڻو کڻي پلنگ جي پيرانديءَ کان ليٽي پئي. مون کيس اُٿاري سنئون ڪري پنهنجي پاسي کان سمهاريو پئي تہ هوءَ منهنجي ٻانهن ۾ جُهلي پيئي. آهستي سُرٻاٽ ڪندي چيائين:

"دلبر سائين! مون کي پنهنجو ڪندين، مون کي پناهہ ڏيندين."

پوءِ سُڏڪو ڀري چيائين: "هن اُجڙيل گلشن کي سُرِيت ڪري رکندين؟"

منهنجي جسم ۾ سيسراٽ ڀرجي ويا. مون سندس ڳوڙها اُگهيا ۽ مِنيون ڏنيون.

"مان جيسين جيئرو آهيان مون سان تون گڏ ئي گڏ هوندين." پوءِ مون کيس پنهنجي پاسي ۾ سمهاري ڇڏيو.

* * * *

يادگيرين جي چار مان نڪرڻ سولو نہ آهي. اوچتو ٻاهرين در تي ٺڙڪو ٿيو. مان ڇرڪ ڀري اُٿيس. جيئن در کوليم، ڏٺم تہ گلشن بيٺي هئي.

"اڄ تون سوير ڪيئن آچي وئينءَ. اندر عاشق ويٺو آهي."

"مان سوير ڪانہ آئي آهيان، روز واري وقت تي آئي آهيان. رات ٿي وئي آهي، پنگ پيتي اٿوَ چا؟" کلي چيائين.

مون کي يادگيرين جي درياهہ ۾ ٽڙگندي ڪو وقت لڳو هو.

"تون ئنين گهر هل، مان عاشق کي روانو ڪري اَچان ٿو ۽ پوءِ گڏجي موٽنداسين. تنهنجو هجڻ نيڪ نہ آهي، چتو ٿيو ويٺو آهي." مون پٽڪو ڪيو.

"ڀلي عاشق هجي، مان ڪو ڪانئس ڊجان ٿي؟ اِهي ڪوڙا عاشق مون کي چا ڪندا؟ تون رڳوَ سچو هُج، منهنجا دلبر سائين."

مُرڪندي اڳتي وڌي، ڏٺائين تہ در پنيان عاشق بيٺو آهي. هوءَ ٻنهہ نہ هٻڪي. کيس نظرانداز ڪندي سڌو مون واري ڪمري ۾ هلي وئي. عاشق مون کي پاسي ڪري فليٽ جو دَرُ بند ڪري سڌو ٻئي ڪمري ۾ وٺي ويو.

"Oh! I see تو تي ڪاٿ هنيو آهي!... ياڙي، بُزدل، گيدي!... Coward cunning fellow...
تون دوستي جي نالي ۾ ڪاريهر نانگ آهين... تو مون کي ڏنگيو آهي... مان توکي نه ڇڏيندس."

هُن جو آواز وڏو ٿي ويو هو. هو ڪاوڙ ۾ مون ڏانهن وڌيو.

"خبردار، جو دلبر سائينءَ کي هٿ لاتو اٿئي."

گلشن آواز ٻڌي، ڊوڙي هِن ڪمري ۾ آئي هئي.

"گلشن! هن توکي برغلايو آهي. دوکي سان مون کي پري ڪري، توکي پنهنجو ڪيو آهي."

عاشق هن کي ڏسي، ڪيس ٽٽائيءَ سان چيو.

"دوکو هي ڇا ڪندو، دوکو ته تو ڪيو آهي، ميان عاشق حسين! اڙي مان تنهنجي سُريت آهيان، يارڙي آهيان، رکيل آهيان. اڙي مان ته تنهنجي همسفر ۽ دوست رهي آهيان، ڏکن سُکن جي ساٿي. مون ته توسان اڻ ميو پيار ڪيو هو. جيڪي عورتون پيار ڪنديون آهن ۽ پنهنجي محبوب سان شادي ڪري نه سگهنديون آهن، ڇا سي سڀ سُريتون، يارڙيون ۽ رکيل هونديون آهن؟ تو ڪيئي لينگها لتاڙيا هوندا. ڪيئي گلشن لُٽيا ۽ لتاڙيا هوندا. تو هنڙو ڪو گلشن ڏٺو جيڪو پاڻ تو وٽ لُٽجڻ لاءِ آيو ۽ وَرُ وَرُ آيو ته پلي منهنجو پرين مون کي لٽي ۽ لتاڙي. تنهنجي عشق ۾ هِن هڪ ڇري غريب ڇوڪري ڇا ڪجهه نه ڪيو. تو نه اَجهو ڏنو نه ڇُوڙ ڏنو. زال کي ڪپڙو لٽو، اجهو، ڇُوڙ نه ڏيندين؟ ميان! ڳالهه ٻڌ. زالن ۽ يارڙين يا سُريتن ۾ ٻه ڪو خاص فرق نه هوندو آهي. اِهو هر مڙد جي هلت چلت ۽ روش تي ڇڏيل آهي. هاڻي ڏسان ته تون پنهنجي زال کي زال سمجهين ٿو يا وري يارڙي--"

عاشق جو منهن ڪاوڙ وچان ڳاڙهو ٿي ويو.

"هاڻي وڌيڪ نه ڳالهاءِ. مون کي خبر آهي ته اِهي ڪتاب ڪهاڻيون ناول پڙهي، فلمون ڏسي ڊائلاگ پئي هڻين. تون بنهه ڪري پئي آهين." هُن مون ڏانهن نهاريندي چيو. گلشن به تپي بيٺي هئي.

"ها مان ڪريل آهيان. اڳ توسان ڪريل هيس، هاڻي هِن سان." هُن مون ڏي اِشارو ڪيو ۽ اچي منهنجي پرسان بيهي رهي ۽ پاڪر پائي مون کي مِني ڏنائين.

هاڻ عاشق تمام پوءِ ٿڌو ٿي ويو.

"مون ته توکي سڀ ڪجهه ڏنو، خوش رکيو. ٽيڙ ٽاڙي وٺي ڏنا، هيءُ توکي ڇا ڏيندو."

"هان اَچي، باقي پنهنجا ٽيڙ وٺ. پازيب، منڊي هار اڳي توکي ڏنا هئم." ۽ پوءِ پرس کولي ڪجهه ميڪ اپ جو سامان ۽ خوشبو جون شيشيون ڪڍي سندس سامهون ڪٽ تي اُڇليائين.

"هيءُ ڏس ميان! نئين فليٽ جا ڪاغذ منهنجي نالي. هي به ڏس."

پير مٿي ڪري منهنجا پازيب ڏيکاريائينس. ريشمي رئو پري ڪري ڳچي هار ۽ پنڙا ڏيکاريائين. هٿ ۽ آڱريون نچائي چوڙيون ۽ ٻه ٽي منڊيون ڏيکاريائين.

"سُريتون هيئن رکبيون آهن." هُن مون کي ٻانهن کان ورتو. ڇڪي پئي ڪمري ڏي هلڻ لڳي.

هن دفعي عاشق ڳري آواز ۾ ڳالهايو:

"وڏيڪ بحث اُجايو آ. Fine- O.K. دلبر! مان وڃان ٿو. پر اِهو مڃٽو پوندو تہ تون جهڙو تهڙو ماڻهو نہ آهين. تنهنجي Wisdom ۽ Plan کي سلام آ. You are really a Wise Man توکي پهرين يارڙيءَ جي مبارڪ هجي. سُريت مبارڪ، Mistress مبارڪ"، پوءِ ٺڪ ڏيندو ٻاهر نڪري ويو.

اوچتو گلشن بہ ٺڪ ڏيڻ شروع ڪيا. پوءِ هوءَ چرين وانگر ڪلڻ لڳي. مون کيس ڇڪي سيني سان لاتو.

"هوش ڪر گلشن!" منهنجي چوڻ تي هن ٺڪ روڪيا. پوءِ روئڻ شروع ڪيو ۽ رُنندي رُنندي چيائين: "تون ئي فيصلو ڪر. مان سندس يارڙي رهي آهيان؟ مان سندس سريت هيس، مان سندس مسٽريس هيس؟ هن مون کي ڇڏيو، تو مون کي پناهہ ڏني. پيار ڏنو، عزت ڏني آهي. هاڻ مان تنهنجي سُريت، مسٽريس بڻجي وئي آهيان؟" پوءِ هُن رنّي سان ڳوڙها اُگهندي چيو: "دلبر! تون مون سان شادي ڪندين؟"

مان فليٽ جو ٻاهريون دَرُ بند ڪرڻ لڳس. پوءِ کيس ٻانهن کان وٺي ياڪر ۾ پري اڇي پلنگ تي ويهاريومانس. ڪمري جو در بند ڪيم، بتي وسايم. اِنهيءَ وچ ۾ سوچيم تہ مان کيس ڪيئن ٻڌايان تہ اسين زميندار ۽ سرمائيدار طبقي جا نوجوان پنهنجي خاندان ۽ هڪ جهڙن مانَ مڱٽا ڪندا آهيون، شاديون ڪندا آهيون، اُن سان گڏ ڪيئي سُريتون، يارڙيون چئو، مسٽريس چئو اِهي نالا مَٽ ڪري، پاڻ وٽ رکندا ضرور آهيون، پر اُنهن سان شاديون نہ ڪندا آهيون.

بتي وسائڻ کان پوءِ ڪمري ۾ اوندهہ ڦهلجي ويئي هئي. آهستي آهستي رڙهندو اڇي پلنگ پيڙو ٿيس. پوءِ گلشن کي ياڪر ۾ ڪٺي پريم. سندس مُک کي چمڻ لاءِ نئڙيس تہ اوندهہ جي ڪري ڪوبہ نقش نمايان نہ هو. نہ حسن جا جلوا ظاهر هيا. اُت هاٿي انيڪ ڳوڙها ٽانڊاڻن جيان ٽمڪي رهيا هئا. مون کي ڏاڍا وڻيا. مون پنهنجي چپن سان اُنهن چلڪندڙ چمڪندڙ ٽانڊاڻن کي ڇهيو. يڪدم سندس ٻانهن جون سونيون چوڙيون کڙڪيون. هٿ وڌيو تہ سونيون منڊيون بہ چمڪيون. هُن اُن هٿ سان ريشمي رئي جو پلاند ڪٺي ڳوڙها اُگهي ڇڏيا. انين سڀ ٽانڊاٽا وسامي ويا. هاڻ اُت ڳچيءَ جو هار ۽ پنڙا رئي هيٺڻ ڪري چمڪڻ لڳا.

مون کي ائين لڳو تہ اِنهي سوني وکر جو ڪوبہ ملهہ ڪونہ هيو. اِنهيءَ سڄي چلڪ چمڪ ۾ ڪجهہ نہ هيو. جيڪي هيو سو اُنهن ٽانڊاڻن جي ٽمڪڻ ۾ هيو. لڳم تہ اوندهہ ۾ جڏهن ڳوڙها ٽانڊاٽا بڻجي ٽمڪندا آهن تہ اُنهن جو ملهہ ئي ڪو ٻيو هوندو آهي. خاص طرح هنن غريب بي وس ڇوڪرين لاءِ تہ هيءُ ڳوڙها، هيءُ ٽانڊاٽا، اَملهہ هوندا آهن.

-- • --

**ايوب عمراڻي**

# ڪوڙڪيون

جنهن ڏينهن پٽس کي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو، اُهو ڏينهن سندن لاءِ قيامت کان گهٽ نہ هو. پٽس اُنهن سون ملازمن مان هڪ هو، جن کي سرڪاري عتاب جو نشانو بڻجي پنهنجي نوڪريءَ تان هٿ ڌوئڻا پيا هئا. پٽس گهر جو اڪيلو ڪمائيندڙ هو. سندس نوڪريءَ تي ئي گهر جو چُلهو ٻرندو هو. هن ڪڏهن بہ ائين نہ سوچيو هو تہ سندن جياپي جو واحد ذريعو نوڪري اِئين هڪ ئي ڌڪ ۾ ڇڻ ٿي ويندي. پٽس پنهنجي ساٿي ملازمن سان گڏجي اُن ظلم جي خلاف ڪيترائي ڏينهن بک هڙتالون ڪيون، مظاهرا ڪيا، ڌرڻا هنيا، پر وريو ڪجهہ بہ ڪونہ، نوڪري وئي سا وئي!

پيءُ جي سڀ کان وڏي ڏيءُ هجڻ جي ڪري اُن ڏک جو گهڻو احساس ڪيس ئي ٿيو. ڪيس محسوس ٿيو، ڄڻ پٽس چوندو هجي: ”صفيہ جي جاءِ تي پٽ هجيم ها تہ نوڪري وڃڻ جو ايترو افسوس نہ ٿئي ها، هاڻي گهر ڪيئن هلندو؟“ هن کي محسوس ٿيو، ڄڻ گهر جا ڀاتي ڪيس گهوري گهوري ’ڇوڪري‘ هجڻ تي ملامت ڪري رهيا هجن. ڄڻ ڪيس چئي رهيا هجن: ”توکي نہ ڄمڻ گهربو هو. تون ڇوڪري آهين ۽ بيروزگار پيءُ تي بوجهہ آهين!“ سچ پچ تہ ڪيس پنهنجي پاڻ تي ندامت محسوس ٿي، پر پوءِ جڏهن هن نوڪري ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو تڏهن پاڻ کي هلڪو هلڪو محسوس ڪرڻ لڳي. هن کي پنهنجي پوزيشن هولڊر هئڻ ڪري پاڻ تي پورو پورو ڀروسو هو تہ ڪيس نوڪري ضرور ملندي، ۽ هن ماءُ پيءُ کي ٻڌائڻ کان سواءِ نوڪريءَ جي ڳولا شروع ڪري ڏني. ڪيس خبر نہ هئي تہ نوڪري ڪيتري مشڪل سان ملندي آهي ۽ جڏهن ڪا ڇوڪري، نوڪريءَ لاءِ نڪري پوي تہ ڪيس ڪيترو نہ ڀوڳڻو پوي ٿو! هوءَ جتي بہ نوڪريءَ لاءِ وئي، ساڻس عجيب قسم جو رويو رکيو ويو. هر آفيس ۾ پٽيوالي کان آفيسر تائين، هر شخص ڪيس ائين ٿي گهوري ڏٺو ڄڻ هوءَ ڇوڪري نہ پر خلائي مخلوق هجي! اڪثر جاين تي ڪانئس پنهنجي تعليم بدران ذاتي سوال پڇيا ويندا هئا. اِهي سوال ٻڌندي هوءَ ڏاڍي ذهني ڪوفت محسوس ڪندي هئي. سوالن جي ڳچهارتن ۾ سوالن کان سواءِ ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ لڪل هوندو هو، جن کي هوءَ سمجهندي ۽ محسوس ڪندي بہ خاموش ٿي ويندي هئي. اهڙن گندن سوالن تي ڪڏهن ڪڏهن تہ سندس دل ڀرجي ايندي هئي. دل ئي دل ۾ چوندي هئي: ”مار پوي اهڙيءَ نوڪريءَ تي، جنهن ۾ ڪنهن مجبور ڇوڪريءَ کي مردن جي گندن ۽ گهٽيا سوالن جي ذريعي ذليل ٿيڻو پوي.“ پر پوءِ جڏهن ڪيس پنهنجو بيروزگار پيءُ ياد ايندو هو، تڏهن سموري تذليل برداشت ڪندي بہ نوڪريءَ جي تلاش ۾ نڪري پوندي هئي.

۽ پوءِ ڪيس نيٺ هڪ پرائيويٽ اداري ۾ نوڪري ملي وئي. نوڪري وٺڻ کان پوءِ هن اُن ئي ڏينهن شام جو سڄي گهر جي آڏو اعلان ڪيو: ”سڀاڻي کان نوڪري ڪري رهي آهيان.“

سيني پاتين حيرت مان رڙ ڪندي چيو: "تون نوڪري ڪندينءَ!"

"ها، مان نوڪري ڪنديس!" هن پرعزم لهجي ۾ چيو.

پٽس چيو: "اسان جي خاندان ۾ هن کان اڳ ڪنهن به عورت نوڪري نه ڪئي آهي."

ڪيس پيءُ جو جملو عجيب پاسيو. چيائين: "بابا، توهان مون تي اعتماد ڪريو. جيڪڏهن توهان کي مون تي ايترو اعتماد نه هو ته مون کي پڙهايو به نه ها."

پٽس سندس اٽل ارادو ڏسي چيو: "صفيه! تنهنجي ڳالهه صحيح آهي، پر تنهنجي نوڪري ڪرڻ تي مان ضمير جي بار هيٺان دٻجي ويندس. منهنجو ضمير مون کي هميشه ملامت ڪندو رهندو ته تون ڌيءُ جي نوڪريءَ تي پلجي رهيو آهين!"

هوءَ پيءُ کي بيحد پيار ڪندي هئي. چيائين: "بابا، توهان اسان کي پالي وڏو ڪيو. تعليم ڏياري. اسان جا انگل پورا ڪيا، ضمير ته اسان کي ملامت تو ڪري ته هاڻي اسان نوڪري نه ڪريون!"

سندس وراڻيءَ تي پٽس هٿيار ڦٽا ڪيا. ٻئي ڏينهن صبح جو هن آفيس وڃڻ لاءِ سوير تياري ڪئي. پاڙي جون سوڙهيون گهٽيون لتاڙي جڏهن هوءَ روڊ تي آئي ته بس اسٽاپ تي ڪيترائي ماڻهو بس جي انتظار ۾ هئا. سيني مردن جي وچ ۾ هوءَ اڪيلي ڇوڪري هئي. سيني جون شڪاري نظرون سندس نشانو وٺي بيٺيون هيون. اُنهن نگاهن ۾ عَجيب وحشت هئي. ڪيس محسوس ٿيو ته انهن مردن جو وس پُڄي ته اُتي جو اُتي ڪيس ڳڙڪائي وڃن. ڪجهه هيرو ٽائيپ نوجوانن ته نظرن جي نشاني بازيءَ سان گڏ جملي بازي ۽ گانا ڳائڻ به شروع ڪري ڏنا. سندس دل چاهيو ته پنهنجي چپل لاهي اهڙن بداخلاقن کي چڱي خاصي سيکت ڏئي، پر حياءَ ۽ شرم جي ديوار اڳيان اچي ويس. دل ئي دل ۾ چيائين ته "جيڪي وٽين سو پل بَڪن، اُن سان منهنجيءَ دل تي ڪوبه اثر نه پوڻ کپي. ماڻهو وري به مون تي آڱريون کڻندا."

هوءَ جڏهن آفيس ۾ پهتي ته چوڪيدار ۽ پٽيوالي کان سواءِ اجا ڪوبه آفيس ۾ نه پهتو هو. ٻنهي ڪيس ڏسي معنيٰ خيز انداز ۾ مُرڪي ڏنو. پٽيوالو ڪيس پنهنجي آفيس تائين وٺي آيو ۽ پوءِ پنهنجا پيلا ڏند ڪڍندي چيائين: "توهان کي ڪنهن شيءِ جي ضرورت هجي ته رڳو گهنٽي وڄائجو، مان پاڻيهي حاضر ٿي ويندس."

صفيه ڪنڌ سان هاڪار ڪئي. پٽيوالو واپس ورڻ لڳو ته در تي وڃي وري واپس ٿيندي چيائين: "منهنجو نالو رفيق آهي!"

هوءَ سمجهي ويئي ته رفيق ڪيس پنهنجو نالو ٻڌائي، سندس نالو پڇڻ چاهي ٿو. هن مُرڪندي چيو: "منهنجو نالو صفيه آهي."

"اڇا، صفيه صاحبه!" پٽيوالي حيرت مان چيو: "مان توهان کي هڪ ڳالهه ڇوانءِ!"

"جي چئو!"

"هن آفيس ۾ جڏهن به ڪا ڇوڪري نوڪري ڪرڻ آئي آهي ته اُها هڪ هفتي کان وڌيڪ رهي نه

سگهي آهي!"

"ڇو؟" صفيہ حيرت مان ڇيو.

"خبر ناهي ڇو، مان پاڻ حيران آهيان!"

هن مُرڪندي چيو: "رفيق! مان اُنهن ڇوڪرين مان ناهيان. مان نوڪري نوڪريءَ لاءِ ٿي ڪريان، تفريح لاءِ نہ."

رفيق چيو: "ٺيڪ، ڏاڍو سٺو، خدا ڪري ائين ئي ٿئي. ڀلا توهان چانهن پيئڻ پسند ڪنديون؟"

"ڇو آفيس جي طرفان چانهہ ملندي آهي ڇا؟" هن حيرت مان پڇيو.

"نہ نہ، اهڙي ڳالهہ ناهي. منهنجو مطلب آهي تہ جيڪڏهن توهان کي چانهہ جي ضرورت هجي تہ وٺي اچان!"

"نہ نہ، في الحال چانهہ جي ضرورت ناهي!"

رفيق ٻاهر هليو ويو. آفيس ۾ آهستي آهستي اسٽاف اچڻ شروع ٿي ويو. سندس سيڪشن ۾ ٻہ ڪلارڪ وينا. هڪ ٿلهو، ڪارو ۽ گنجو هو ۽ ٻيو اُن جي اُبتڙ ڏگهو ۽ سنهڙو سيپڪڙو هو. ٻنهي صفيہ کي ڏسندي مُرڪي پنهنجو تعارف ڪرايو. صفيہ بہ کين پنهنجو تعارف ڪرائي چپ ٿي پنهنجي ڪم سان لڳي ويئي. کيس محسوس ٿيو تہ ٻيئي ڪلارڪ هن کي گهوري رهيا آهن. هن منهن مٿي ڪٿي ڏٺو. واقعي ٻيئي ڇٽا هن ڏانهن ڏسي رهيا هئا، پر سندس ڏسڻ ڪري اُهي يڪدم چُپ ٿي ويا. کيس محسوس ٿيو تہ ڇوڪريءَ لاءِ نوڪري ڪرڻ ڪيڏو نہ مشڪل آهي. گهر کان آفيس ۽ آفيس ۾ رهي ڪم ڪرڻ پلصراط جو سفر آهي. ڪيترين ئي هَوس ڀريون نظرون پيڇو ڪنديون رهن ٿيون. کيس اِها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچڻ لڳي تہ ڇوڪريون جلد نوڪري ڇو ڇڏي هليون وينديون آهن، پر هن سوچيو تہ کيس هر حال ۾ ڪم ڪرڻو ئي آهي.....

"مس صفيہ! توهان جو چانهہ جي باري ۾ ڇا خيال آهي؟"

بندري، گنجي ۽ ڪاري ڪلارڪ جي آواز تي سندس خيالن جو سلسلو ٽٽي پيو.

"جي؟" هن ڪجهہ بہ نہ سمجهندي چيو.

بندري، گنجي ۽ ڪاري ڪلارڪ چيو: "منهنجو مطلب آهي تہ پاڻ هِتي ڪليگ جي حيثيت ۾ ڪم ڪريون ٿا، انڪري گڏجي چانهہ بہ پي سگهون ٿا."

هن ڪلارڪ جي ڳالهہ سمجهڻ ۾ ڪجهہ دير ورتي، پوءِ چيائين: "اڄ نہ، جڏهن مون کي پگهار ملندو اُن ڏينهن چانهہ پيئنداسين!"

سندس ڳالهہ تي سنهڙي سيپڪڙي ڪلارڪ ٽهڪ ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي چيو: "مس صفيہ! توهان اسان جو مطلب نہ سمجهيو. اسان توهان جي چانهہ پيئڻ جي ڳالهہ نٿا ڪريون. توهان تہ آفيس ۾ اجا مهمان آهيو!"

ڳالهہ کي وزن وٺائيندي بندري، گنجي ڪلارڪ چيو: "اسان جو مطلب آهي تہ ڇا توهان اسان جي

چانھ پيئڻ پسند ڪنديون؟"

هن بندري گنجي ڪلارڪ ڏانهن حيرت مان ڏٺو. ان جي منهن تي ريڊي ميڊ مرڪ هئي. صفيہ کيس چيو: "پاڻ واقعي ڪليگ جي حيثيت سان ڪم ڪريون ٿا، پر منهنجا پنهنجا بہ ڪي اصول آهن، ان ڪري مان في الحال توهان جي چانھ پي نٿي سگهان!"

اُن رکي جواب تي پنهي ڪلارڪن مايوسيءَ مان هڪٻئي ڏانهن ڏٺو. بندري گنجي ڪلارڪ ڪجھہ چوڻ ٿي چاهيو تہ عين اُن وقت انٽرڪام جي گهنٽي وڳي. بندري گنجي ڪلارڪ رسيور کنيو ۽ ڪجھہ ٻڌي، رسيور صفيہ جي حوالي ڪندي چيائين: "صاحب توهان سان ڳالهائڻ چاهي ٿو."

صفيہ رسيور کنيو. ٻئي طرف کان صاحب جو آواز آيو: "ڏيو خبر، ڪم تہ ٺيڪ پيو هلي نہ؟ ڪو پرابلم تہ ناهي؟"

هن هڪ ئي ڳت ۾ جواب ڏنو: "نوسر! ٿئنڪ يو."

صاحب چيو: "او.ڪي! توهان جيترو بهتر ڪم ڪنديون، اوترو توهان جي جلد ترقي ٿيندي."

هن وري بہ چيو: "ٿئنڪ يو، سر!"

ٻئي پاسان فون بند ٿيڻ تي هن بہ فون بند ڪئي.

۽ پوءِ هوءَ فائيلن ۾ گم ٿي ويئي. ڪم ايترو تہ گهٽو ۽ ڏکيو هو جو ڪم ڪندي کيس محسوس ٿيو تہ سندس دماغ جون رڳون ڦاٽي پونديون. اُن وقت کيس سچ پچ تہ چانھ جي ڏاڍي ضرورت محسوس ٿي، پر سندس پرس ۾ رڳو بس جي ڀاڙي جا ئي پئسا هئا. ڪم ڪندي هن هر هر پٽ تي ٽنگيل گهڙيال ڏانهن ڏٺو ٿي. کيس محسوس ٿيو، ڄڻ گهڙيال جي ڪانٽن کي زنجيرون پيل هجن ۽ وقت هڪ هنڌ بيهي ويو هجي!

ڇٽيءَ موڪل جو وقت ٿيو. هوءَ پنهنجي سيٽ تان اُٿي تہ سندس دماغ چڪرائجي ويو. جيئن تيئن ڪري هوءَ روڊ تي آئي. بسن ۾ ماڻهو ماڪيءَ جي مکين جيان چنبڙيل هئا. هوءَ بہ هڪ بس ۾ چنبڙي پيئي ۽ سڄي واٽ بيٺي سفر ڪندي رهي. بيٺي بيٺي جسم درد جي عذاب ۾ ٻڏڻ لڳو. گهر واري اسٽاپ تہ ، پهتي تہ ٽنگون هلڻ کان جواب ڏيڻي چڪيون هيس. هوءَ آهستي آهستي گهر ڏانهن وڌڻ لڳي. هڪ پاسي ٿڪاوٽ ۾ جسم چڪناچور هئس تہ ٻئي پاسي وري بک پوري شدت سان ستائڻ لڳي هيس. گهر کان ٿوري پري تائين بہ پنڌ ڪري ها تہ چڪرائجي ڪري پوي ها. گهر پهتي تہ سمورا ڀاتي ماني کائي چڪا هئا. هن پنهنجي لاءِ رکيل مانيءَ مان ٽڪڙ ۾ چند گراهہ کاڌا ۽ پوءِ سمهي پيئي. ٿڪاوٽ جي ڪري کيس چڱي ننڊ آئي.

ٻئي ڏينهن بہ هن آفيس ۾ اُن ئي هڻ هٿان ۾ وقت گذاريو. ڪم ڪندي جڏهن کيس آفيس ۾ هڪ هفتو گذري ويو، تڏهن صاحب کيس آفيس ۾ سڏايو. هوءَ صاحب وٽ پهتي. صاحب کيس ويهڻ جي آفر ڪئي. هوءَ ويٺي تہ صاحب کيس گهوريندي چيو: "مس صفيہ! توهان کي خبر آهي تہ هن آفيس ۾ ڪابہ ڇوڪري هڪ هفتي کان وڌيڪ نوڪري نہ ڪري سگهي آهي."

هن چيو: "سر! ها، مون به اهوئي ٻڌو آهي، پر اُن جي سبب جي خبر نه اٿم."

صاحب مُرڪندي چيو: "اِهو ته مون کي معلوم ناهي، پر توهان جو ڪم ڏسي اِهو چئي سگهجي ٿو ته توهان اُنهن ڇوڪرين مان نه آهيو!"

"ٿئنڪ يو، سر!" هن صاحب جي مهرباني مڃي.

صاحب وري چيو: "ڪم جي معاملي ۾ مان تمام سخت ماڻهو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن ملازمن کي دڙڪا به ڏيندو آهيان، پر باصلاحيت ماڻهوءَ جو قدر به ڪندو آهيان!"

هن وري به چيو: "ٿئنڪ يو، سر!"

صاحب کيس خوشخبري ڏيندي چيو: "اڄ کان توهان جي نوڪري پڪي. مان توهان جي ڪم ۽ محنت کان متاثر ٿيو آهيان. مان ڪم ڏسي پگهار مقرر ڪندو آهيان. توهان جو پگهار ست هزار رپيا مقرر ڪيو اٿم!"

هن حيرت مان چيو: "ست هزار رپيا!"

"ها، جيڪڏهن اڃا به توهان وڌيڪ تجربو حاصل ڪندا ته اُن ۾ واڌارو به اچي سگهي ٿو."

"ٿئنڪ يو، سر!" هن وري به ريڊي ميڊ جواب ڏنو.

جنهن ڏينهن کيس پگهار مليو، ان ڏينهن خوشيءَ ۾ هوءَ ٽيڪسيءَ ۾ چڙهي گهر پهتي. ماڻس پگهار جا پئسا ڏسي ڏاڍي خوش ٿي. ماڻس خوشيءَ وچان کيس ڳراٽڙي پائيندي چيو: "تون ته سچ پچ منهنجو پُٽ آهين!" پٽس سندس پگهار تي خاموشي اختيار ڪئي. هوءَ سمجهي ويئي ته پٽس سندس نوڪريءَ تي خوش ناهي.

۽ کيس وينتر مرداني سماج سان نفرت ٿي ويئي.

* * * *

ٻئي پگهار ملڻ کان پوءِ هوءَ جڏهن رستي تي ٽيڪسيءَ جو انتظار ڪري رهي هئي، تڏهن پنهنجي پرسان اوچتو ڪار کي بيهندو ڏسي پهرين ته حيران ٿي ويئي، پر جڏهن ڪار ۾ 'صاحب' کي ڊرائيو ڪندي ڏٺائين، تڏهن سندس حيرت ۾ گهٽتائي آئي.

"مس صفيه! ڪيڏانهن پيون وڃو؟" صاحب چيو:

"سر! گهر پيئي وڃان. اڄ پگهار مليو آهي، ان ڪري ٽيڪسيءَ جي انتظار ۾ آهيان!"

"توهان جو گهر ڪهڙي روڊ تي آهي؟"

"سر! لبرٽي روڊ تي آهي!"

"اڇا! اتفاق سان مان به لبرٽي روڊ کان ٿيندو، اڳتي ويندس. ٽيڪسيءَ جو انتظار ڇڏيو، مون سان هلو ته توهان کي پهچائي ڇڏيندس!"

انين چوندي صاحب ڪار جي پوئين دروازي جو لاڪ کوليو. هوءَ صاحب کي ڪوبه جواب ڏيئي نه

سگهي ۽ گاڏيءَ جي پوئين سيٽ تي ويهي رهي.

صاحب گاڏي گيئر ۾ وڌي. ايڪسيلٽر دٻايو. گاڏي آهستي آهستي وڌندي تيز ٿي ويئي. صاحب صفيہ کي خاموش ڏسي چيو: "مس صفيہ! توهان ڏاڍيون ڪنجوس آهيو!"

"سر! مان؟" صفيہ حيرت مان چيو.

"جي توهان!"

"اِهو ورِي ڪيئن. سر؟"

"اهو هيئن جو توهان بہ پگهارون کڻي چڪيون آهيو، پر مٺائي نہ ڪرائي اٿوَ!"

"ساري سر! مان توهان کي سپاڻي ني مٺائي پيش ڪنديس!"

"اڄ نہ؟"

"ها سر! اڄ بہ توهان کي مٺائي پيش ڪري سگهجي ٿي. سُويٽس جي ڪنهن دڪان آڏو گاڏي بيهاريو تہ مان هينئر بہ مٺائي وٺي ڏيئي سگهان ٿي!"

"ان جو مطلب آهي تہ توهان ڪنجوس ناهيو!"

"سر! هرگز نہ!"

"پر، مان مٺائي بدران چانهہ پيئڻ پسند ڪندس!"

"سر! چانهہ تي تہ دير ٿي ويندي!"

"ڪهڙي دير ٿيندي؟ اِهي پنج ڏهہ منٽ تہ لڳندا!"

"سر! توهان جي مرضي!"

"او. ڪي!"

صاحب ڪار ڊرائيو ڪندي هڪ شاندار هوٽل آڏو بيهاري ۽ گاڏيءَ مان لهندي چيائين: "مس صفيہ! هلو تہ توهان جي چانهہ پيئون!"

هوءَ عجب مان هوٽل کي ڏسندي صاحب سان گڏ هوٽل جي ريسٽورنٽ ۾ داخل ٿي. ان قسم جي ريسٽورنٽ ۾ هوءَ پهريون ڀيرو داخل ٿي هئي. ان وقت کيس محسوس ٿيو تہ هوءَ صاحب جي ڇڏيل ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي چڪي آهي. هن محسوس ڪيو تہ سندس هٿان خاندان جي عزت نيلام ٿي ويئي آهي. هڪ ڪنواريءَ ڇوڪريءَ جو، هڪ غير مرد سان هوٽل تي گڏ چانهہ پيئڻ جو ڪهڙو مطلب ٿي سگهي ٿو. ٻئي لمحي هن فيصلو ڪيو تہ ڇا بہ هجي، هوءَ ايتري ڪمزور نہ ٿيندي جو ڪو مرد کيس پنهنجي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسائي وجهي.

بيرو آيو ۽ چانهہ جو آرڊر وٺي هليو ويو. تڏهن صفيہ اچانڪ ڪنڌ مٿي کڻي صاحب کي چيو: "سر! توهان جي شادي ٿيل آهي؟"

"جي ها! شادي ٿيل آهي!"

"توهان پنهنجي زال کي ڪيترو پيار ڪريون ٿا؟" هن رڪائيءَ وچان چيو.
"جي؟ مون توهان جو مطلب نہ سمجهيو!"
"سر! منهنجو مطلب آهي تہ توهان جيڪڏهن شادي ڪيل آهيو، تہ پوءِ يقيناً پنهنجي زال سان محبت بہ ڪندا هوندا، تہ پوءِ پنهنجي آفيس جي هڪ مجبور ڇوڪريءَ کي هوٽل تي آڻي ڇا ٿا ثابت ڪرڻ گهرو؟ توهان جي زال اگر پاڻ کي هِتي ڏسي وٺي، تہ ڇا محسوس ڪندي؟" صفيہ هڪ ئي ساهيءَ ۾ اهو سڀ ڪجهہ چئي ويئي.
صاحب مُرڪندي چيو: "اوهہ صفيہ! تون ڏاڍي قدامت پسند خيالن جي ڇوڪري آهين!"
صفيہ چيو: "سر! منهنجي مائٽن مون تي اعتماد ڪندي، انتهائي مجبوريءَ وچان مون کي جاب ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي. اڄ جيڪڏهن ڪو اُنهن مان مون کي هِتي ڏسي وٺي تہ سندن اعتماد جي ڀيڙي ٻڏي ويندي. مان سندن نظرن ۾ ڪِري پونديس. جڏهن عورت هڪ دفعو نظرن ۾ ڪِرندي آهي تہ اُها ڀيهر اُٿي نہ سگهندي آهي!"
صاحب جي چهري تي بدستور مُرڪ هئي!
صفيہ کي محسوس ٿيو تہ صاحب سندس ڳالهہ ٻڌي، اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي آهي. تڏهن سندس اندر ۾ مرد ذات لاءِ نفرت ۽ حقارت ويتر وڌي ويئي. تڏهن ڪاوڙ مان صاحب کي چيائين: "سر! توهان ڇا ٿا سمجهو تہ توهان پنهنجي بي پناهہ پئسي جي آڌار تي ڪنهن مجبور ڇوڪريءَ کي نوڪري ڏيئي، ڇڻ تہ اُن کي خريد ڪري ورتو آهي؟ جيڪڏهن ائين سمجهو ٿا تہ ڀُليل آهيو! مان سڀاڻي ئي توهان کي استعيفا ڏياري موڪليندس."
صاحب جي چهري تي بدستور مرڪ هئي. صفيہ جو فيصلو ٻڌي چيائين: "صفيہ! تون تہ ڏاڍي بي باڪ ڇوڪري آهين! اِهو سچ آهي تہ مان توکي هڪ اٽڪل سان هِتي وٺي آيو آهيان، پر اهو بہ سچ آهي تہ مان توسان محبت ڪريان ٿو. اڄ مان اُن محبت جي اظهار لاءِ توکي هِتي وٺي آيو آهيان. آءِ لَو يو... صفيہ!"
صفيہ صاحب جو جملو ٻڌي ڇڪرائجي ويئي. ريسٽورنٽ نہ هجي ها تہ صاحب کي ڏک هڻندي دير نہ ڪري ها، پر پوءِ ڪيس صاحب تي ڪِل آئي. چيائين: "سر! اِن طريقي سان اڄ تائين گهڻيون ڇوڪريون ڦاساني ڪين رانديڪي جيان ڦٽو ڪري ڇڪا آهيو؟"
"صفيہ! مون لاءِ ڇوڪري حاصل ڪرڻ ڪو مسئلو ناهي، پر مون اهڙو ڪم نہ ڪيو آهي. مون تي اعتبار ڪر!"
.... ۽ هوءَ جيڪا توهان جي گهر واري آهي؟"
"صفيہ! سنهنجي زال ذهني مريضہ آهي. هڪ پوڙهي بيمار ماءُ اٿم، بس اڪيلو ئي اڪيلو آهيان. منهنجو ذهني سڪون تباهہ آهي!"
اينري ۾ چانهہ آئي. هن خاموشيءَ سان چانهہ پيتي. چانهہ پيئندي هوءَ مرد جي مڪاريءَ تي سوچيندي رهي. چانهہ پي بِل ڏنائين ۽ پوءِ هوءَ صاحب کان پُڇڻ بنا ئي ٻاهر هلي آئي. صاحب ڪيس سڏ بہ ڪيو، پر هوءَ نہ بيٺي. اتفاق سان ٻاهر ڪيس ٽيڪسي بہ ملي ويئي.

گهر پهتي تہ ماٹس دير ڪري اچڻ تي ڪاوڙي ويني هئي. هن "ٽريفڪ جام" جو بهانو ٻڌائي ماٹس کي ٿڌو ڪيو، پر ماٹس يڪدم کيس پيو فيصلو ٻڌايو.

"صفيہ! سپاٹي کان تون آفيس نہ وينديءَ!"

ماٹس جي ڳالهہ ٻڌي کيس ڄڻ تہ جهٽڪو لڳو، چيائينس: "ڇو؟"

"تنهنجي سڱ جي هڪ هنڌ ڳالهہ ٻولهہ ٿي آهي. سٺو خاندان آهي. ڇوڪرو پڙهيل ۽ ڪاروبار وارو آهي، پر سندس مطالبو آهي تہ ڇوڪريءَ کان جاب نہ ڪرايو!"

"۽ توهان هنن جو مطالبو مڃي ورتو!" صفيہ ڪاوڙ ۾ چيو.

"بس ڇا ڪجي! نياڻيءَ وارا جو ٿياسين!"

اوچتو کيس ياد آيو تہ هوءَ خود سڀاڻي استعيفا ڏئي رهي آهي. چڱو ٿيو جو هڪ بهانو تہ هٿ اچي ويو، پر ساڳئي وقت کيس گهر جي مالي حالت جو اونو ٿيو. چيائين: "پر امان! مان استعيفا ڏينديس تہ گهر ڪير هلائيندو؟"

ماٹس مُرڪندي چيو: "اُن جو بہ بندوبست ٿي ويو آهي. سڀاڻي کان پٺمين اُن ڇوڪري جي آفيس ۾ مئنيجر لڳندو!"

ماءُ جي ڳالهہ ٻڌي کيس سڪون مليو. تہ گهٽ ۾ گهٽ روزگار جو مسئلو تہ حل ٿيو.

* * * *

ٻئي ڏينهن جڏهن ڇوڪري جي ماءُ پنهنجي پٽ سميت صفيہ کي ڏسڻ آئي تہ صفيہ کي خوبصورت ڪپڙا پارائي خوب ميڪ اپ ڪرايو ويو. هوءَ ٻئي ڪمري ۾ ويهاري وئي. اُتي ويهي کيس محسوس ٿيو تہ ڇوڪري ۽ ڳئون ٻيئي برابر آهن. ڪين مائٽن ۽ مالڪن جي مرضيءَ سان اُس ۽ ڇانو تي ٻڌو ويندو آهي. مائٽن ۽ مالڪن جي مرضيءَ سان اُهي گهوٽن ۽ ڪاسائين جي حوالي ٿينديون رهنديون آهن. هوءَ پنهنجيءَ سس جو انتظار ڪندي رهي تہ ڪيڏيءَ مهل ٿي کيس ڏسي، پسند ڪري. اينتري ۾ ماٹس هن وٽ پهتي. کيس ڳراٽڙي پائي پاڻ سان گڏ سندس ٿيندڙ سس ڏانهن وٺي هلي. هوءَ روايتي مشرقي ڇوڪري جيان شرم ۽ حيا ۾ ڪنڌ هيٺ ڪري پنهنجي سس تائين پهتي. هن جو ڪنڌ مسلسل هيٺ هو. سندس ٽين واري سس کيس ڏسي اُٿي. سندس مڪمل جائزو ورتو ۽ پوءِ چيائين: "ماشاءالله! ڇوڪري مون کي پسند آهي!"

اهو جملو ٻڌي سندس بدن مان سيسراٽ نڪري ويا. هن آهستي آهستي ڪنڌ مٿي ڪئي پنهنجيءَ سس ڏانهن ڏٺو. هوءَ خوبصورت ڪپڙا پاتل پر بيمار ۽ پوڙهي عورت هئي. اوچتو هن جون نظرون صوفي تي وينل گهوٽ تي وڃي کُتيون ۽ ڪانئس حيرت مان رڙ نڪرندي رهجي وئي! اُهو پيو ڪو نہ، پر سندس "صاحب" ئي هو! هن محسوس ڪيو، ڄڻ 'صاحب' کيس چوندو هجي: "صفيہ! اسين دولتمند ماڻهو پنهنجي دولت جي آڌار تي ڇوڪريون ڦاسائڻ جا ڪيئي گُر ڄاڻون ٿا. ڪالهہ توکي ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪيم، پر ٻچي نڪري وئينءَ: پر هينئر منهنجي ڪوڙڪيءَ ۾ اهڙي ڦاٿي آهين جو جان آجي ڪرائڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي!"

--- • ---

ارنيسٽ هيمنگوي

سنڌيڪار: رفيق سومرو

# قــاتــل

هينريءَ جي لنچ روم جو دروازو کُليو ۽ ٻه ماڻهو اندر لنگهي آيا. اُهي ڪائونٽر وٽ نمي وينا.

جارج کانئن پڇيو: "اوهان جو ڪهڙو آرڊر آهي؟"

"مون کي خبر ناهي"، اُنهن مان هڪ همراهه چيو: "تون ڇا ٿو کائڻ چاهين آل؟"

"مون کي خبر ناهي"، آل چيو "آءٌ نٿو ڄاڻان تہ مان ڇا ٿو کائڻ چاهيان."

ٻاهر اونده ڇانئجي رهي هئي. گهٽيءَ ۾ ٻرندڙ بتيءَ مان روشني دريءَ مان اندر اچي رهي هئي. ڪائونٽر وٽ ويٺل ٻيئي همراهه کاڌي جو مينو (تفصيل) پڙهڻ لڳا. ڪائونٽر جي ٻئي پاسي کان نِڪ ايڊمس کين تڪڻ لڳو. هو ان وقت جارج سان ڳالهائي رهيو هو، جنهن وقت هو ٻيئي همراهه ڪيفي ۾ داخل ٿيا.

"آءٌ ايپل ساس ۽ ڇٽيل پٽاٽن سان گڏ روسٽ پورڪ ٽينڊرلائن (آمريڪي کاڌي جو قسم) کائيندس". پهرين ماڻهوءَ چيو.

"اهو تہ اڃا تيار ڪونهي."

"پوءِ ڪهڙي جهنم ڪارڻ توهان اُهو هن مينوڪارڊ ۾ وڌو آهي؟"

"اُهو رات جي ماني‍ءَ ۾ پيش ڪيو ويندو آهي"، جارج وضاحت ڪندي چيو: "توهان کي اِهو کاڌو ڇهين وڳي شام جو ملي سگهي ٿو."

جارج ڪائونٽر پويان پٽ تي ٽنگيل گهڙيال ڏانهن ڏسندي چيو: "هاڻي شام جا پنج ٿيا آهن."

"پر گهڙيال تہ پنج وڄي ويهہ منٽ ٻڌائي رهيو آهي." ٻئي ماڻهوءَ چيو.

"اهو ويهہ منٽ اڳتي آهي."

"اوه! اهو گهڙيال وڄي ڪڏ ۾ پوي"، پهرين همراهه چيو: "توهان وٽ هن وقت کائڻ لاءِ ڪهڙي شيءِ آهي؟"

"مان توهان کي هر قسم جا سينڊوچ پيش ڪري سگهان ٿو"، جارج چيو: "توهان کي هيم-ايگ (آنا گوشت)، بيڪن ايگ (آمريڪي کاڌي جو قسم) جيرا، بڪيون، ڪباب ۽ ٻڪريءَ جي سيڪيل ران ملي سگهي ٿي."

"هينئن ڪر، تون مون لاءِ ڪڪڙ جو پوڙ، مٽر ۽ ڇٽيل پٽاٽا ۽ مٿان ڪريم ساس رکيل کڻي آءُ."

"اها تہ رات جي ماني آهي."

"اسان جيڪا بہ شيءِ گهرون ٿا تہ چئو ٿا تہ اُها رات جي ماني آهي... هون!.... توهان اُئين هوٽل هلائيندا آهيو....؟"

"مان توهان کي گوشت- آنا، آنا پُڪل، جيرا...."

"مان آنا- گوشت کائيندس" ، اُن شخص، جنهن کي آل جي نالي سان سڏيو ٿي ويو، تنهن چيو. هن کي دربي ٽوپلو ۽ ڇاتيءَ تي ڪراس وانگر وڏا بٽڻ لڳل ڪارو اوورڪوٽ پاتل هو. هن جو منهن ننڍو ۽ رنگ اڇو هو ۽ چپ پاڻ ۾ چپيل هئا. هن کي سلڪ جو مفلر اوڍيل هو ۽ هٿن ۾ دستانا پاتل هئس.

"مون کي بيضن جو پوڙ ڏي" ، ٻئي همراهہ چيو. قد ڪاٺ ۾ هو بلڪل آل وانگر هو. ٻنهي جا نقش مختلف هئا، پر هنن جي لباس مان ائين ٿي لڳو ڄڻ تہ جاڙا ڀائر هجن. ٻنهي کي تنگ اوورڪوٽ پاتل هئا. هو ٻيئي ڪائونٽر تي جهڪيل وينا هئا. سندن ٺونٺيون ڪائونٽر جي تختي تي ٽيڪيل هيون.

"پيئڻ لاءِ ڪا شيءِ آهي؟" آل پڇيو.

"سلو بيئر، بيوو، جنجر آيل" ، جارج ورائيو.

"منهنجو مطلب آهي تہ توهان وٽ پيئڻ لاءِ ڪا شيءِ آهي؟"

"اهيئي، جيڪي مون هينئر ٻڌايون."

"هي تمام گرم شهر آهي" ، ٻئي همراهہ چيو: "هن کي ڪهڙي نالي سان سڏيندا آهن؟"

"صدر."

"ڪڏهن اُن جي باري ۾ ٻُڌو اٿيئي؟" آل پڇيو.

"نہ" ، سندس دوست چيو.

"راتين جو تون هتي ڇا ڪرڻ ايندو آهين؟" آل پڇيو.

"هو رات جي ماني کائڻ ايندا آهن" ، سندس دوست چيو.

"هو سڀ هتي ايندا آهن ۽ رات جي زبردست ماني کائيندا آهن."

"اها ڳالهہ صحيح آهي" ، جارج چيو.

"سو تون سمجهين ٿو تہ اِها ڳالهہ صحيح آهي" ، آل جارج کان پڇيو.

"بلڪل درست."

تون ڏاڍو هوشيار ڇوڪرو آهين.... آهين نہ؟"

"برابر" ، جارج جواب ڏنو.

"نيڪ آ. تون ناهين." ننڍي قد واري ٻئي همراهہ چيو: "آل چاهي، هوشيار ڇوڪرو آهي؟"
"هي گونگو آ" ، آل چيو ۽ پوءِ نِڪ ڏانهن مُڙندي چيائين: "تنهنجو نالو ڇاهي؟"
"ايڊمس."
"هڪ ٻيو هوشيار ڇوڪرو" ، آل چيو "ميڪس، ڇا هي روشن خيال ڇوڪرو ناهي؟"
"هي شهر تہ هوشيارن ڇوڪرن سان ڀريو پيو آ." ميڪس چيو.
جارج ڪائونٽر تي ٻنهي جا آرڊر ڏنل طعام آڻي رکيا. هن فرائيڊ پٽاٽن جا ٻہ ٻيا ڊش بہ اُتي رکيا ۽ رنڌڻي ڏانهن ويندڙ در بند ڪري ڇڏيو.
"توهان جو ڪهڙو آهي؟" هن آل کان پڇيو.
"توکي ياد ناهي ڇا؟"
"گوشت ۽ آنا."
"بلڪل هوشيار ڇوڪرو" ، ميڪس چيو. هو اڳتي جهڪيو ۽ گوشت ۽ آنن جي پليٽ کڻي ورتائين. هو دستانا پاتل هٿن سان ماني کائڻ لڳا. جارج کين ماني کائيندي ڏسڻ لڳو.
"ڏسين ڇا پيو؟" ميڪس جارج کي ڏوڏا ڦاڙي ڏٺو.
"ڪجهہ بہ نہ."
"جهنمي! تون ڏسي رهيو هئين، تون مون کي ڏسي رهيو هئين."
"ٿي سگهي ٿو تہ ڇوڪرو مذاق ۾ ڏسي رهيو هجي، ميڪس" ، آل چيو.
جارج کلي ويٺو.
"کلڻ جي ڪا ضرورت ناهي" ، ميڪس هن کي چيو: "توکي هرگز کلڻو ناهي، ٻڌئي؟"
"نيڪ آهي" ، جارج چيو.
"سو هي سمجهي ٿو تہ نيڪ آهي" ، ميڪس آل ڏانهن مڙيو: "هي سمجهي ٿو اهو نيڪ آ. اها ڏاڍي سٺي ڳالهہ آهي."
"اوهہ! هي تہ ڪو فلاسافر آهي" ، آل چيو. هو کائيندا رهيا.
"ڪائونٽر جي هيٺيرو وينل روشن خيال ڇوڪري جو نالو ڇاهي؟" آل ميڪس کان پڇيو.
"اڙي، هوشيار ڇوڪرو......!" ميڪس نِڪ کي چيو، "تون ڪائونٽر جي ٻئي پاسي پنهنجي يار ڏانهن هليو وڃ."
"توهان جي ڇا مرضي آهي؟" نِڪ پڇيو.
"خيال، مرضي ڪجهہ ڪونهي."
"تون اوڏانهن هليو وڃ، روشن خيال ڇوڪرا" ، آل حڪم واري انداز ۾ چيو. نڪ ڪائونٽر

پويان هليو ويو.

"ڳالهہ ڇاهي" ، جارج پڇيو.

"وچ ۾ نہ ڳالهاءِ. تنهنجو ڪو ڪم نہ وڃي موڳا." آل چيو ۽ پڇيائين "رنڌڻي ۾ ٻاهر ڪير آ."

"شيدي."

"حبشيءَ مان تنهنجي مراد ڇاهي؟"

"شيدي- مطلب تہ بورچي."

"هن کي چئہ تہ اندر هليو اچي."

"توهان جو مطلب ڇاهي؟"

"هن کي اندر سڏ ڪر."

"توهان ڇا ٿا سمجهو تہ توهان ڪٿي آهيو؟"

"اسان کي چڱيءَ طرح خبر آهي تہ اسان ڪٿي آهيون." همراهہ، جنهن کي ميڪس جي نالي سان سڏيو ٿي ويو، تنهن چيو.

"ڇا اسين توکي مورک ۽ احمق ٿا لڳون؟"

"تنهنجو ڳالهائڻ چَسو آهي" ، آل هن کي چيو: "تون ڪهڙي جهنم ڪارڻ هن ڇوڪري سان سوال جواب پيو ڪرين؟ ڳالهہ ٻڌ..." ، هن جارج کي چيو "نيگرو ڇوڪري کي چؤ تہ هيڏانهن ٻاهر هليو اچي."

"توهين هن کي ڇا ڪندا؟"

"ڪجهہ بہ نہ، تون ٿورو پنهنجو دماغ استعمال ڪر: ٻهڪندڙ ڇوڪرا. اسان حبشيءَ کي ڇا ڪنداسين." جارج رنڌڻي ڏانهن پويان کُلندڙ در کي وٺي ڪئي.

"سام" ، هن سڏ ڪيو: "هڪ منٽ هيڏانهن اندر تہ اچ." رنڌڻي جو دروازو کُليو ۽ شيدي اندر هليو آيو.

"ڇا ڳالهہ هئي" ، هن پڇيو. ڪائونٽر وٽ ويٺل ٻنهي همراهن هن جو جائزو ورتو.

"نيڪ آ. شيدي باشا! تون اِتيئي رهہ" ، آل چيو.

شيدي سام، جنهن کي ائپرن پاتل هو، بيٺي بيٺي دخل جي پرسان ويٺل هنن ٻنهي همراهن ڏانهن ڏٺو.

"جي سائين" ، هن چيو. آل اسٽول تان هيٺ لٿو.

"مان هن شيدي ۽ ٻهڪندڙ ڇوڪري سان رنڌڻي ۾ واپس وڃي رهيو آهيان" هن چيو.

"شيدي، تون رنڌڻي ڏانهن واپس وڃ. ٻهڪندڙ ڇوڪرا، تون هن سان گڏ وڃ."

ننڍڙي قد وارو همراهہ نِڪ ۽ سامر بورچيءَ جي پويان رنڌڻي ڏانهن وڃڻ لڳو. سندن اندر داخل ٿيڻ شرط رنڌڻي جو دروازو بند ٿي ويو. ميڪس نالي همراهہ جارج جي آڏو ڪائونٽر وٽ وينو رهيو. هن جارج ڏانهن ڪونہ ٿي ڏٺو، پر دخل جي پويان لڳل آئيني ۾ پئي ڏٺو. هينري سيلون جي چارج ڇڏي لنچ ڪائونٽر ڏانهن هليو آيو.

"ها، ڀڪندڙ ڇوڪرا." ميڪس آئيني مان ڏسندي چيو.

"تون تہ ڪجھہ بہ ڳالهائين ڪونہ ٿو؟"

"اهو سڀ ڪجھہ ڇا لاءِ آهي؟"

"او آل" ميڪس سڏ ڪيو. "ڀڪندڙ ڇوڪرو ڄاڻڻ ٿو چاهي تہ اِهو سڀ ڪجھہ ڇا لاءِ آهي."

"تون ڪيس ڇو نٿو ٻُڌائين؟" رنڌڻي مان آل جو آواز آيو.

"تون ڇا ٿو سمجهين تہ اِهو سڀ ڪجھہ ڇا لاءِ آهي؟"

"مون کي خبر ناهي."

"تون ڇا ٿو سمجهين."

ڳالهين دوران ميڪس سڄو وقت آرسيءَ ۾ ڏسندو رهيو.

"مان ڪجھہ نہ چوندس."

"اڙي آل، ڀڪندڙ ڇوڪرو چئي پيو تہ هي نہ ٻڌائيندو تہ اُهو سڄو معاملو ڇا لاءِ آهي."

"مان تنهنجو آواز ٻڌان پيو، ٺيڪ آ"، آل رنڌڻي مان جواب ڏنو. هن اها وٿيءَ واري جاءِ کولي ڇڏي، جتان رنڌڻي مان بوتلن سوڊو ڊش وغيره هيڏانهن هال ڏانهن لنگهائي ٽپايانون ٿي.

"ٻڌ، ڀڪندڙ ڇوڪرا"، هن رنڌڻي مان جارج کي چيو. "ٿورڙو اڳيرو سُري بار جي پرسان ٿي بيهہ. ميڪس! تون ٿورو کاٻي پاسي سُري وڃ. هو ڪنهن فوٽوگرافر وانگر کين هدايتون ڏيندو رهيو.

"مون سان ڳالهاءِ، هوشيار ڇوڪرا"، ميڪس چيو: "تون ڇا پيو سمجهين تہ ڇا ٿيڻ وارو آهي."

جارج صفا ماٺ ڪئي، اصل ڪجھہ بہ نہ ڳالهايائين.

"توکي مان ٻڌائيندس"، ميڪس چيو: "اسان هڪ سوئڊني شخص کي قتل ڪنداسين. ڇا تون هن متاري سوئڊني کي جنهن جو نالو اول اينڊرسن آهي، سڃاڻين؟"

"ها."

"هو روزانو رات جو ماني کائڻ هتي ايندو آهي، ڇا هو نہ ايندو آهي؟"

"ڪڏهن ڪڏهن هو هتي ايندو آهي."

"هو هتي ٺيڪ ڇهين وڳي ايندو آهي، ايندو آ نہ؟"

"جڏهن ايندو آهي تہ برابر انهيءَ ٽائيم تي ايندو آهي."

"اسان اهو سڀ چاڻون ٿا، ڀڪندڙ ڇوڪرا"، ميڪس چيو: "ڪا ٻي ڳالهہ ڪر. ڇا ڪڏهن فلم ٽي ويندو آهين؟"

"ڪڏهن ڪڏهن ڇني ڇماهي."

"توکي وڏيڪ فلمون ڏسڻ گهرجن. تو جهڙي ڀڪندڙ ۽ روشن دماغ ڇوڪري لاءِ فلمون سٺي شيءِ آهن."

"توهان اول اينڊرسن کي ڪهڙي ڳالهہ جي ڪري مارڻ ٿا چاهيو؟ هن توهان جو ڇا بگاڙيو آهي؟"

"هن کي اسان جو ڪجهہ بگاڙڻ جو موقعو ئي ڪڏهن مليو آ. هن تہ اسان کي ڪڏهن ڏٺو بہ ڪونهي."

"۽ هو رڳو اسان کي هڪڙو ڀيرو ئي ڏسي سگهندو"، آل رنڊٽي مان چيو.

"پوءِ توهان هن کي ڇا جي لاءِ مارڻ ٿا چاهيو؟" جارج پڇيو.

"اسين پنهنجي هڪ دوست جي چوڻ تي هن کي مارڻ ٿا چاهيون. رڳو هڪ دوست تي ٿورو ڪرڻ لاءِ، ڀڪندر ڇوڪرا."

"بڪواس بند ڪر. آل رنڊٽي مان چيو، "تون حد کان وڏيڪ ڀيو ڳالهائين."

"هائو، مان هن ڀڪندڙ ڇوڪري کي وندرائي رهيو آهيان. ڇا مان توکي نہ ڀيو وندرايان، ڀڪندڙ ڇوڪرا."

"تون حد کان وڏيڪ بڪواس ڀيو ڪرين"، آل چيو.

"منهنجو ڀڪندڙ ڇوڪرو ۽ شيدي تہ ڀاڻيهي وندريا ڀيا آهن. مون تہ هنن کي ڪنهن ڪانوينٽ اسڪول ۾ پڙهندڙ ٻن ساهيڙين وانگر ٻڌي ڇڏيو آهي."

"ائين ٿو لڳي ڄڻ تہ تون ڪنهن ڪانوينٽ ۾ هجين."

"انسان کي ڪا خبر ناهي."

"تون هڪ ڪوشر ڪانوينٽ ۾ هئين. اهوئي ڪانوينٽ آهي جتي تون هئين."

جارج گهڙيال کي ڏٺو.

"جيڪڏهن ڪو اندر اچي تہ ٻڌائجانس تہ بورچي موڪل تي آهي. جيڪڏهن زور ڀري تہ چئجان تہ ڇگو مان ٿو ڀڇائي اچان. ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي، ڀڪندڙ ڇوڪرا؟"

"ٺيڪ آ"، جارج چيو: "پوءِ توهان اسان سان ڪهڙي ڪار ڪندا؟"

"اهو تہ سڀ وقت ٻڌائيندو"، ميڪس چيو، "اِهي تہ اُهي ڳالهيون آهن جنهن جي ڪنهن کي بہ خبر ناهي، اهو تہ وقت ٻڌائيندو."

جارج وري گهڙيال ڏانهن ڏٺو، هاڻي سوا ڇهه ٿيا هئا.
ڪيفي جي گهٽيءَ وارو در کليو، هڪ ڪار وارو شخص اندر آيو.
"هلو جارج"، هن چيو: "مون کي شام جي ماني ملندي؟"
"سام ته ٻاهر هليو ويو آهي"، جارج چيو.
"اٽڪل اڌ ڪلاڪ کن ۾ اچي ويندو."
"چڱو، آءٌ گهٽيءَ جي مٿئين پاسي ڏانهن ٿو وڃان"، ڪار واري همراهه چيو. جارج وري گهڙيال ڏانهن ڏٺو، هاڻي ڇهه لڳي ويهه منٽ ٿيا هئا.
"ڏاڍو ٺاهوڪو جواب ڏنئي، سياڻا ڇوڪرا"، ميڪس چيو: "تون ته ڪو پڪو ننڍڙو نيڪدل آهين."
"هن ڄاتو ٿي ته آءٌ سندس مٿو ڀڃي وجهندس"، آل رنڌڻي مان چيو.
"نه"، ميڪس چيو: "هي اهڙو ناهي، ڀڪندڙ ڇوڪرو ڏاڍو سٺو آهي. ڏاڍو چڱو ڇوڪرو آهي، آءٌ کيس پسند ڪيان ٿو."
ڇهه وڄي پنجونجاهه منٽن تي جارج چيو: "هو ڪونه پيو اچي."
لنچ روم ۾ ٻه ٻيا ماڻهو ويٺا هئا. هڪ ڀيرو جارج رنڌڻي ۾ ويو هو ۽ گوشت ۽ بيضن جا سئنڊوچ ٺاهڻ لڳو، جيڪي هڪ ماڻهو کي پاڻ سان گڏ کڻي وڃڻا هئا.
رنڌڻي اندر هن آل کي ڏٺو. دريءَ پرسان اسٽول تي ويٺل سندس ڊربي ٽوپلو سندس ڪنڌ طرف جهڪيل، ۽ شاٽ گن جو منهن ريڪ تي ليٽيل. نِڪ ۽ بورچي ڪنڊ ۾ هئا. سندس پنيون رسيءَ سان ٻڌل هيون ۽ ٻنهي جي وات ۾ ٽوال ٽنبيل هئا.
جارج سئنڊوچ ٺاهيا. انهن کي سٽيي ڪاغذ ۾ ويڙهي ٿيلهيءَ ۾ وڌو. ٿيلهي اندر کڻي آيو ۽ همراهه کيس پئسا ڏنا ۽ ٿيلهي وٺي هليو ويو.
"ڀڪندڙ ڇوڪرو سڀ ڪم ڪري سگهي ٿو"، ميڪس چيو: "هو ماني پچائي سگهي ٿو ۽ هر ڪم ڪري سگهي ٿو. تون زال سان به ڏاڍو سٺو هلندين، سياڻا ڇوڪرا."
"هائو"، جارج چيو: "توهان جو دوست اول ايندرسن اڄ ڪونه پيو اچي."
"اسين کيس ڏهه منٽ ٻيا ڏسنداسين"، ميڪس چيو.
ميڪس آرسيءَ ڏانهن ڏٺو، ۽ پوءِ گهڙيال ڏانهن. گهڙيال جي ڪانٽن ست وڄايا، ۽ پوءِ وڏي سُئيءَ سري ست وڄي پنج منٽ ڪيا.
"هلي آءٌ آل"، ميڪس چيو: "اسان کي هلڻ گهرجي، هو نه ايندو."
"اچا پنج منٽ ٻيا ٿا ڏيونس"، آل رنڌڻي مان چيو.

پنجن منٽن کان پوءِ هڪ ٻيو ماڻهو اندر آيو ۽ جارج کيس ٻڌايو ته بورچي بيمار هو.

"ان جهنميءَ کي ڇڏي ڪو ٻيو بورچي ڇو ڪونه ٿا رکو؟" همراهه پڇيو. "ريسٽوران ٿا هلايو يا مشڪري ٿا ڪيو؟" هو ائين چوندي ٻاهر نڪري ويو.

"هليو آ آل"، ميڪس چيو.

"شيدي ۽ ٻن ڀڪندڙ ڇوڪرن جو ڇا ٿيو؟"

"اُهي نيڪ آهن."

"تون ائين سمجهين ٿو."

"بلڪل. هو گڏ ته رهيا آهن."

"مون کي اها ڳالهه نٿي وڻي"، آل چيو: "اهو نيڪ ناهي، تون بنا سوچي سمجهي گهڻو ٿو ڳالهائين."

"اوهه، ڪڏهن وجهيس ان کي"، ميڪس چيو: ڇا ائين نه ڪرڻو هو."

"تون گهڻو ڳالهائي اجايو گند ٿو ڪرين. ساڳيو رينگٽ جاري ٿو رکين." آل چيو. هو رنڌڻي مان ٻاهر نڪري آيو. سندس ٽائيٽ ۽ تنگ اوور ڪوٽ اندران پيل واسڪوٽي وٽان شاٽ گن جو بيرل نظر ٿي آيو. جنهن کري سندس پيٽ ڪجهه ٻاهر نڪتل ٿي لڳو. دستانا پهريل هٿن سان هن پنهنجي ڪوٽ جا گهنج سڌا ڪيا.

"الله واهي! ڀڪندڙ ڇوڪرا"، هن جارج کي چيو: "توهان جا ڀاڳ ڏاڍا چڱا آهن."

"اهو ته سچ آ"، ميڪس چيو: "توهان کي ته گهوڙن جي ريس، گهوڙن تي شرط هڻڻ گهرجي، ذهين ڇوڪرا."

پوءِ ٻيئي همراهه ٻاهر نڪري ويا. جارج کين دريءَ مان ٻاهر ويندي، اسٽريٽ لائيٽ وٽان لنگهندي ۽ گهٽي ٽپيندي ڏٺو. سوڙهن ۽ تنگ اوورڪوٽن ۽ ڊربي ٽوپلن سان هو ڪنهن اسٽيج شو جا ڳائڻا ٿي لڳا.

جارج اڳتي پوئتي ٿيندڙ در مان لنگهي اندر رنڌڻي ۾ ويو ۽ نِڪ ۽ بورچيءَ جون رسيون کولي کين آزاد ڪيو.

"مون کان هاڻي وڌيڪ اهڙي تعدي هرگز برداشت نٿي ٿئي"، سام بورچيءَ چيو: "هاڻي اهڙي جٺ ٻنهه برداشت نه ڪندس." نِڪ اُٿي بيٺو. ساڻس اهڙي ويڌن اڳ ڪڏهن به ڪانه ٿي هئي. اڄ ڏينهن تائين ڪنهن به سندس وات ۾ ڪپڙو ڪونه ٽنبيو هو.

"ٻڌاءِ"، هن چيو: "هي ڪهڙو قهر هو. هو قهري ڪهڙي غرور ۽ وڏائي سان پيش اچي رهيا هئا. سندن مقصد ڇا هو؟"

"هو اول اينبرسن کي مارڻ آيا هئا" ، جارج چيو.
"هو جيئن ئي ماني کائڻ اچي ها تہ هو کيس قتل کري ڇڏين ها."
"اول اينبرسن؟"
"هائو."
بورچيءَ گهبراهٽ وچان پنهنجي وات جي ڪنڊن کي آگوٺي سان ڇهي ڏٺو.
"هو هليا ويا؟" هن چيو.
"هائو" جارج چيو، "هو هليا ويا آهن."
"مون کي ان ڳالھہ کان سخت نفرت آهي، مون کي اها ڳالھہ بنهہ ڪانہ ٿي آئڙي."
"ڳالھہ ٻڌ" ، جارج نِڪ کي چيو: "تون وڃي اول اينبرسن کي اطلاع ڪر."
"نيڪ آهي."
"ميان، تنهنجو ان ۾ ڪجهہ نہ وڃي" ، سام بورچيءَ چيو.
"تون پنهنجا پلئو ان کان پري رک تہ چڱو."
"نہ وڃ، جيڪڏهن تون نٿو وڃڻ چاهين تہ" ، جارج چيو.
"ان معاملي سان پاڻ کي سلهاڙيندين، تہ ڪٿي جو ڪونہ رهندين" ، بورچيءَ چيو: "منهنجي مڃين تہ ان مامري کان پري رهين تہ چڱو، وڌيڪ تنهنجي مرضي."
"مان هن سان ملڻ ويندس" ، نِڪ جارج کي چيو: "هو ڪٿي رهندو آهي؟" بورچي اڳيان هٽي ويو.
"ننڍڙا نينگر سدائين ان ڳالھہ جي ڄاڻ رکندا آهن تہ هو ڇا ٿا ڪرڻ چاهين." هن چيو.
"هو هرشز رومنگ هائوس ۾ رهندو آهي" ، جارج نِڪ کي ٻڌايو.
"آءٌ اوڏانهن ويندس."
ٻاهر بتيءَ جي روشني وڻن جي خالي ٽارين مان ڇڻي سڙڪ تي ٿي پيئي. نِڪ گهٽيءَ جي مٿئين پاسي ڪار واري پيچري تان ٿيندو ، ۽ اسٽريٽ لائيٽ جي ٻئي ٿنڀي وٽان مڙي، هڪ پاسي واري گهٽيءَ ڏانهن لڙي ويو. ان گهٽيءَ جي مٿئين پاسي ٽي گهر ڇڏي، پرسان هرشز هائوس هو. نِڪ ننڍڙي ڏِڪي جا ٻہ ڏاڪا چڙهي، گهنٽيءَ جو بٽڻ دٻايو. دروازي تي هڪ عورت ظاهر ٿي.
"ڇا هتي اول اينبرسن آهي؟"
"ڇا توکي هن سان ملڻو آهي؟"
"ها ، جيڪڏهن هو گهر ۾ موجود آهي."
نِڪ عورت جي ڪَڊ ڏاڪڻ چڙهي آيو ۽ پوءِ ورانڊي جي پوئيان اچي بيٺو. عورت دروازي جو

ڪنڊو کڙڪايو.

"ڪير آهي؟"

"ڪو ماڻهو ملڻ آيو آهي، اينڊرسن صاحب" ، عورت چيو، "سندس نالو نِڪ ايڊمس آهي."

"اندر اچ."

نِڪ دروازو کوليو ۽ ڪمري ۾ اندر گهڙي ويو. اول اينڊرسن ڪپڙن سوڌو پلنگ تي ليٽيو پيو هو. هو هيوي ويٽ انعام يافته باڪسر هو ۽ سندس قد پلنگ کان به وڏو هو. هو ٻن وهاڻن تي مٿو رکي اونڌي منهن ليٽيو پيو هو.

"ڇا ڳالهه آهي" ، هن پڇيو.

"آءٌ هينري جي ريسٽورنٽ ۾ هوس،" نِڪ چيو "ٻه ماڻهو اندر آيا، انهن مون کي ۽ بورچيءَ کي ٻَڌو ۽ چوڻ لڳا ته اسان اول اينڊرسن کي ماريندا سين."

اها ڳالهه ڪندي هو صفا چِسو لڳي رهيو هو. اول اينڊرسن ڪجهه به نه چيو.

"هنن اسان کي رنڌڻي ۾ واڙي ڇڏيو،" نِڪ چوندو رهيو.

"جنهن وقت تون شام جي ماني کائڻ اچين ها ته هو توکي ماري ڇڏين ها."

اول اينڊرسن ڀِت ڏانهن ڏٺو ۽ ڪجهه به نه چيائين.

"جارج سوچيو ته مان اها ڳالهه ضرور اوهان جي ڪن ۾ وجهان."

"پر مان ان لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهان" ، اول اينڊرسن چيو.

"مان توهان کي انهن جي حليي بابت ٻڌائيندس، ته سندن معاندا ڪهڙا هئا."

"مان اهو ڄاڻڻ نٿو چاهيان ته سندس ڊول ۽ معاندا ڪهڙا هئا" ، اول اينڊرسن چيو. هن وري ڀِت ڏانهن ڏٺو.

"تنهنجي مهرباني جو اها ڳالهه ٻڌائڻ آئين."

"ان ۾ مهربانيءَ جي ڪهڙي ڳالهه آهي."

نِڪ ڊگهي ۽ پريل بدن واري جوان ڏانهن ڏٺو، جيڪو پلنگ تي ليٽيل هو.

"ڇا خيال آ، مان اها ڳالهه وڃي پوليس کي ٻڌايان؟"

"نه" ، اول اينڊرسن چيو: "ان سان ڪو فائدو نه ٿيندو."

"پلا پوءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟"

"ڪجهه به ناهي ڪرڻو."

"ٿي سگهي ٿو ته هو لاف ۽ ڊاڙون هڻندا هجن."

"نه، اها لباڙ ناهي." اول اينڊرسن پنهنجو منهن ڀِت ڏانهن ورائي ڇڏيو.

"ڳالهه فقط هي آهي ته...." هن ڀِت ڏانهن ڳالهائيندي چيو.

"... تہ مان گھر کان ٻاھر نڪرڻ جو فيصلو ڪونہ ٿو ڪري سگھان. مان اڄ سڄو ڏينھن گھر ۾ رھيو آھيان."

"ڇا توھان ھي شھر ڇڏي نٿا سگھو؟"

"نہ" ، اول اينڊرسن چيو، "مان شروع کان آخر تائين انھن سڀني ڳالھين جي باوجود اِتيئي رھيو آھيان."

ھن پٺ ڏانھن ڏٺو.

"ھاڻي ان لاءِ ڪجھہ بہ نٿو ڪري سگھجي."

"ڇا توھان ڪنھن طرح سان ان کي روڪي نٿا سگھو؟"

"نہ، مان غلطيءَ سان اندر آيس" ، ھن ساڳي سنڌي آواز ۾ ڳالھايو، "ھاڻي ان لاءِ ڪجھہ بہ نٿو ڪري سگھجي. ٿوري دير کان پوءِ مان سوچيان پيو تہ ٻاھر نڪران."

"مون کي ضرور واپس وڃي جارج سان ملڻ گھرجي" ، نِڪ چيو.

"چڱو، الله واھي." اول اينڊرسن چيو، ھن نِڪ ڏانھن بنھہ ڪونہ ڏٺو.

"مون ڏانھن اچڻ لاءِ تنھنجي وڏي مھرباني."

نِڪ ٻاھر نڪري ويو. جيئن ھن در بند ڪيو تہ ھن جي نظر اول اينڊرسن تي پيئي جيڪو ڪپڙن سوڌو ھنڌ تي ليٽيل ھو ۽ سندس نظرون پٺ تي کُتل ھيون.

"ھو صبح کان وٺي ھتي ڪمري ۾ پيو آھي" ، عورت ھيٺئين ڏاڪڻ وٽ بيٺي بيٺي چيو: "منھنجي خيال ۾ سندس طبيعت صحيح ناھي" ، مون ڪيس چيو، "مانوارا اينڊرسن! اڄ ڪيڏو نہ سٺو ڏينھن آھي، توھان کي ٻاھر نڪري گھمڻ ڦرڻ گھرجي، پر ھن چيو ٻاھر نڪرڻ جو موڊ ڪونہ ھو."

"ھو ٻاھر نٿو وڃڻ چاھي."

"مون کي افسوس آھي تہ سندس طبيعت نيڪ ناھي،" عورت چيو: "ھو تمام چڱو ماڻھو آھي، ھو رِنگ ۾مقابلا ڪندو ھو، توکي تہ خبر آھي."

"اھا مون کي خبر آھي."

"ڪنھن کي بہ ھوند اھا ٻڙڪ نہ پئجي سگھي، جيڪڏھن سندس منھنجو ڊول اھڙو نہ ھجي" ، عورت چيو. ھو گھٽيءَ جي اندرين در وٽ بيٺا ڳالھائيندا رھيا.

"ھو اوتروني نماڻو ۽ نيڪدل آھي."

"چڱو، خدا حافظ مسز ھِرش." نِڪ چيو.

"مان مسز ھِرش ناھيان" ، عورت چيو، "ھوءَ تہ ھن گھر جي مالڪياڻي آھي. مان تہ رڳو ھن جي گھر جي نگھباني ڪندي آھيان، مان مسز بيل آھيان."

"چگو، خدا حافظ، مسز بيل" ، نِڪ چيو.

"الله واهي" ، عورت چيو.

نِڪ اونداهي گهٽيءَ ۾ ڪنڌ تائين آيو ۽ پوءِ ڪار وارو پيچرو ڏيئي واپس هينري جي طعام گاهه تي پهتو. جارج اندر هال ۾ ڪائونٽر جي پويان وينو هو: "ڇا تون اول سان مليو؟"

"هائو" ، نِڪ چيو، "هو پنهنجي ڪمري ۾ آهي ۽ هو ٻاهر ڪونه نڪرندو." بورچيءَ نِڪ جو آواز ٻڌي رنڌڻي جو دروازو کوليو.

"مان ان بابت وڌيڪ ڪجهه به ٻڌڻ نٿو چاهيان" ، هن ايترو چيو ۽ رنڌڻي جو دروازو بند ڪري ڇڏيو.

"ڇا تو کيس اها ڳالهه ڪئي؟" جارج پڇيو.

"بلڪل، مون کيس ٻڌايو، پر هن کي سڄي معاملي جي اڳ ۾ ئي خبر آهي."

"پوءِ هو ڇا ڪندو."

"ڪجهه به نه."

"هو ته کيس ماري ڇڏيندا."

"ڀانيان ٿو ته کيس ڪونه ڇڏيندا."

"ضرور هن شڪاگو ۾ ڪا گڙٻڙ ڪئي هوندي."

"مان به ائين ٿو سمجهان" ، نِڪ چيو.

"اها ته ڏاڍي خراب ڳالهه آهي."

"تمام خراب ڳالهه" ، نِڪ چيو.

ڪن لاءِ ڪنهن به نه ڳالهايو. جارج هٿ وڌائي توال ڪنيو ۽ ڪائونٽر کي صاف ڪيائين.

"مون کي اچرج آهي ته آخر هن ڪيو ڇاهي؟" نِڪ چيو.

"ضرور پنهنجي ڪنهن ساٿيءَ سان دغا ڪئي هوندائين، ان ڪري ئي هو سندس جان جي پويان پئجي ويا آهن."

"مان ته هي شهر ئي ڇڏي ٿو وڃان" ، نِڪ چيو.

"هائو" ، جارج چيو، "بهتري انهيءَ ۾ آهي ته شهر کان ٻاهر وڃجي."

"مون کان اهو قطعي برداشت نه ٿيندو، ته هن بابت سوچجي: جيڪو پاڻ ڪمري ۾ بند آهي. اهو ڄاڻندي به ته ڪنهن وقت هو مٿس اچي ڪڙڪندا، اهو سوچڻ ئي ڏاڍو خوفناڪ آهي."

"صحيح!" جارج چيو: "بهتر آ ته تون ان تي سوچ ئي نه!"

-- ● --

**ايڊمنڊ ڪوپر**

مترجم: غلام نبي ميمڻ

# مريخ جا مسافر

سرسبز ٻيلو زندگيءَ سان ڀرپور هو. پکي منڙيون ٻوليون ٻولي رهيا هئا. پولڙا هڪڙي ٽاريءَ تان ٻيءَ ٽاريءَ ٽپي رهيا هئا. زمين جون سڀئي رنگينيون ۽ رعنايون انهيءَ ننڍي خطي ۾ سميٽجي آيون هيون. دنيا جي واحد آبادي "ٽوني لاٽس" هتان کان ڏيڍ به ميل پري هڪ سرسبز ۽ شاداب ميدان ۾ هئي، باقي زمين جو سڄو حصو ٻيلن سان ڀرپور هو يا بيابان ۽ ويراني هئي. اٽڪل هڪ هزار سال اڳ ۾ ڪارن ۽ گورن ماڻهن جي وچ ۾ هڪ خطرناڪ جنگ ٿي هئي، جنهن ۾ زمين جي سطح تي پکڙيل سندن بستيون بلڪل تباهه ٿي ويون. اربين انسان ماريا ويا ۽ هزارن ورهين جي انساني تهذيب ۽ سائنسي ترقي ملياميٽ ٿي وئي. وڏا وڏا ملڪ اهڙيءَ طرح زمين جي سطح تان ختم ٿي ويا، ڄڻ ته انهن جو ڪڏهن ڪو اُتي وجود ئي نه هو. جبلن جي غارن ۽ زمين دوز خندقن ۾ بچي وڃڻ وارن چند سفيدفام انسانن وري نئين سر زندگيءَ جو آغاز ڪيو ۽ 'ٽوني لاٽس' شهر جو بنياد رکيائون. هاڻي زمين تي سڄي آبادي اُنهن ئي ماڻهن جي نسل تي مشتمل ۽ انهيءَ ئي شهر تائين محدود هئي. آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ڪاري رنگ جا سائنسدان به ساڳئي نموني بچي ويا هئا. اُهي انسانيت جي مڪمل تباهي کان اڳ ۾ ئي هڪ راڪيٽ ۾ چڙهي مريخ ڏانهن پرواز ڪري ويا هئا، جتي اُنهن هڪ نئين تمدن جو بنياد رکيو، پر تنهن هوندي به زمين ۽ مريخ جي اُنهن رهندڙن کي هڪٻئي جي ڪابه خبر ڪانه هئي.

زمين تي رهندڙ سفيدفام نسل هڪ هزار سالن کان پوءِ مس وڃي انهيءَ قابل ٿيو هو ته تمدني زندگيءَ جو آغاز ڪري سگهي. ريل گاڏيون، روڊ رستا، هوائي جهاز، راڪيٽ ۽ سمنڊن جو سينو چيري هلندڙ بحري جهاز، بجلي، ڪارخانا ۽ فيڪٽريون سڀ انهن ماڻهن لاءِ ڏند ڪٿائون هيون. زمين تي برپا ٿيل قيامت هاڻي سفيد فام پوڙهين لاءِ قصن ۽ ڪهاڻين جا موضوع بنجي چڪا هئا. ننڍڙا ٻار اهي قصا ڏاڍي حيرت ۽ دلچسپيءَ سان ٻڌندا هئا. اهي جڏهن ٻڌائينديون هيون ته هزار ڏيڍ هزار ورهيه اڳ ۾ زمين تي هڪ عجيب و غريب مخلوق رهندي هئي، اُها هوا ۾ اڏامندي هئي، ۽ سمنڊ جي تهه ۾ سفر ڪندي هئي، چنڊ ۽ مريخ تائين ايندي ويندي رهندي هئي، ته ٻارڙا وائڙا ۽ حيران ٿي ويندا هئا ۽ سندن اکيون عجب مان ڦاٽي وينديون هيون، هو پڇندا هئا، "ناني! اُهي جن هئا ڇا؟"

"جن؟" ناني چوندي هئي، "اُنهن کان به گهڻو طاقتور. اک ڇنڀ ۾ ڪٿي جو ڪٿي وڃي

پهچندا هئا. زمين جي هڪڙي چيزي کان ڳالهائيندا هئا تہ ٻئي چيزي ني سندن آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو. زمين ۾ پنهنجي ٿُلهي عصا نصب ڪندا هئا تہ پاڻي، تيل ۽ خبر نہ آهي تہ ٻيون ڪهڙيون ڪهڙيون شيون زمين جي پيٽ مان نڪري پونديون هيون. چند تي چهل قدمي ڪرڻ وارن جون تصويرون زمين تي نظر ايندڙيون هيون ۽ سندن آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو. خبر نہ آهي تہ ڪهڙي شيءِ کي دٻائيندا هئا تہ هر طرف روشني پکڙجي ويندي هئي. انهيءَ ڪانپوءِ وري اهڙو ڪو منتر پڙهندا هئا جو چوڌاري اونداهي ڇانئجي ويندي هئي."

نندڙا ٻار عجب مان اِهي ڪهاڻيون ٻڌندا هئا ۽ پوءِ ڪو ذهين ٻار دانهن ڪندو هو، "ناني! اها مخلوق پوءِ ڪيڏانهن هلي ويئي؟"

"پنهنجي هٿان تباهہ ٿي ويئي،" پوڙهي نانيءَ جي گهنجن واري منهن تي اداسي ڇانئجي ويندي هئي. ان جي لهجي ۾ عجيب بيچيني پيدا ٿي ويندي هئي، جنهن کي ٻارڙا بلڪل محسوس ڪري نہ سگهندا هئا." چون ٿا تہ انهن اهڙو ڪو خطرناڪ هٿيار تيار ڪيو هو جو ان کي اڇلائڻ سان دوزخ جو باهہ جو دوزخ پڙڪي ويندو هو ۽ اُن جي لپيٽ ۾ جيڪا بہ شيءِ ايندي هئي اُها نيست و نابود ٿي ويندي هئي. اهو هٿيار هُو سوين ميل پري ويهي اڇلائيندا هئا. هڪڙي دفعي انهن ۾ جنگ ڇڙي پيئي، تہ اُنهن هڪٻئي تي انهيءَ هٿيار جي بارش وسائي، جنهن ڪري سڄي دنيا ۾ باهہ ٻري وئي. انهيءَ جي زد ۾ جيڪا بہ شيءِ آئي سا پگهرجي پاڻي ٿي ويئي. جڏهن جنگ بند ٿي تہ زمين جي سطح اڃي چڪي هئي. انهيءَ مخلوق جو نالو نشان بہ نہ رهيو هو. چون ٿا تہ اهي بلڪل اسان جهڙا انسان هئا، شايد اُهي تي سان جا ابا ڏاڏا هئا."

ڪمري، انهيءَ مخلوق جي نسل جو هڪ نوجوان، ٽوني لاٽس جي قريبي جهنگل ۾ هڪڙي وڻ سان ٽيڪ ڏيئي قدرتي نظارن جي رنگينين ۾ گم هو. اوچتو ئي اوچتو ٻيلو هڪ خوفناڪ آواز سان گونجڻ لڳو. گونج آهستي آهستي وڌندي پئي ويئي. ڪمريءَ جا حواس گم ٿيڻ لڳا. هو گهبرائجي وڃي ٻيهي رهيو ۽ جنهن طرف کان آواز گونججي رهيو هو، اوڏانهن نهارڻ لڳو. جهنگ جا سڀ پکي ۽ جانور دهشت کان رڙيون ڪرڻ لڳا، ۽ پوءِ اُهي سڀ هڪدم خاموش ٿي ويا، ڄڻ تہ انهن تي ڪنهن جادو ڪري ڇڏيو هو. ڪمريءَ جي ذهن ۾ غيرانساني مخلوق جا قصا ۽ ڪهاڻيون اُڀرڻ ۽ لهڻ لڳا، جي هن پنهنجي پوڙهي نانيءَ کان ٻڌيون هيون. خوفناڪ غيرانساني مخلوق، جنهن کي ڏسڻ سان ئي انسان ۽ جانور بيهوش ٿي ڪِري پوندا آهن.

ڪمري چرين وانگر ٻيلي ۾ نهارڻ لڳو، پر پربت جهڙن ڏگهن ۽ ٿلهن وڻن جي زمين تي جهڪيل ٽارين ۽ وڏن وڏن خاردار ٻوٽن کان سواءِ ڪيس ٻيو ڪجهہ بہ نظر نہ آيو. پوءِ هن ڏک پاڻي پنهنجو ڏگهو نيزو ڪٽي ورتو ۽ نڪ سامهون ڊوڙڻ لڳو. اوچتوني اوچتو هڪ زبردست ڌماڪو ٿيو. ڪا شيءِ زمين

سان اچي ٽڪري. وڻ ۽ زمين ڏڏڻ لڳا، جڻ ته طوفان اچي ويو هجي. ڪمري ڌوڙنڌي ڌوڙنڌي ٻوٽ پر وڃي زمين تي ڪِريو، ۽ پوءِ آهستي آهستي خاموشي ڇانئجي ويئي.

جڏهن ڪمريءَ جا حواس درست ٿيا ته هن هڪڙو عجيب نظارو ڏٺو. وڻن جي چوٽين تي باهه جا مچ ٻري رهيا هئا. پري فضا ۾ ڏنڊ جي هڪڙي ليڪ پکڙجي رهي هئي. اٽڪل ميل ڏيڍ جي مفاصلي تي مٽيءَ جا ڪڪر ٻيلي جي مٿان ڇانئجي رهيا هئا. هُو اُٿيو ۽ وري نيزو سنڀالي انهيءَ ڏنڊ طرف وڌيو... پوءِ هڪدم واٽڙو ٿي بيهي رهيو. انهيءَ طرف کان هلڪين هِلڪين سيٽين جو آواز اچي رهيو هو. خوف جي لهر ان جي رڳ رڳ ۾ سمانجي ويئي. سندس قدم ٿڙڻ لڳا، تنهن هوندي به هن پاڻ کي جلدي سنڀالي ورتو. هو سوچڻ لڳو. هو انهن سوچن ۾ غلطان هو ته يقيناً ڪا وڏي مصيبت انسانن تي آئي هوندي. انسانن جي آبادي تي ڪو تمام وڏو حملو ٿيو آهي، جيڪو ڪٿي سڄي آباديءَ ۽ وسنديءَ کي تباهه نه ڪري ڇڏي. "مون کي همٿ ڪرڻ گهرجي. پنهنجي جان نثار ڪري قوم کي بچائڻ گهرجي. هڪڙي فرد جي قرباني قوم جي مقابلي ۾ ڪا به حيثيت نٿي رکي. "قوم جي بچائڻ جي تصور سان سندس رويو بدلجي ويو. خوف جي جاءِ جرئت ۽ ولولي اچي ورتي. هو وڏو چڪر ڪاٽي ٻيلي جي انهيءَ حصي ۾ پهتو، جتان هن طوفان اٿندي ڏٺو هو.

اها هڪ ڪافي ڪليل جاءِ هئي، انهيءَ جي وچ ۾ به ڏيو جهڙيون مصيبتون پنهنجن ٽن ٽنگن تي چمڪدار سونڊ ڪٽي بيٺيون هيون. پنج چمڪندڙ اکيون چئني طرفن گهوري رهيون هيون. اهڙيءَ طرح جو هڪ طرف گهوري بيهي ٿي رهيون ۽ وري پوءِ ٻئي طرف گهوري رهيون هيون. ڪمري ٿورو هبڪي بيهي رهيو، پر پوءِ پنهنجو نيزو تاڻي اڳتي وڌيو. پر انهيءَ آسماني هيبت تي ڪو به اثر نه ٿيو. اها صرف هن کي گهوري رهي هئي ۽ پنهنجي پيچ مان اچي رنگ جو دونهون ڪيندي رهي. ائين پئي محسوس ٿيو ته سخت غصي ۾ آهي. آسپاس جا وڻ ٽڻ دونهين ۾ دکي رهيا هئا. زمين ڪاري ٿي وئي هئي. ڪمري وڏيون وڏيون وکون کڻندو انهيءَ آفت جي بلڪل ويجهو وڃي پهتو ۽ وار ڪرڻ کان اگ ۾ پاسا بدلائڻ لڳو. جيئن ئي اُهي اکيون ڦرنديون سندس سامهون اچي بيٺيون ۽ ڪيس چتائي نهارڻ لڳيون، هن پنهنجي پوري طاقت سان پنهنجو نيزو اُن جي هڪڙي اک ۾ چيڀي ڇڏيو! "چن" جو آواز آيو ۽ شيشي جا ننڍا ننڍا ٽڪرا پري پري تائين پکڙجي ويا. ڪمري وار ڪرڻ کان پوءِ ڪجهه پوئتي هٽي ويو ته جيئن اگر اُها آفت مٿس حملو ڪري ته يڪدم پهچي نه سگهي. پر جڏهن اُن جي طرفان ڪو به ردِعمل نه ٿيو، ۽ اُتي ئي بيهي چئن اکين سان گهوري ۽ دونهون ڪيندي رهي، تڏهن هن جي همٿ وڌي ويئي. هن اڳتي وڌي سندس ٻي اک به ڪيڏي ورتي. انهيءَ آفت وري به ڪا مزاحمت نه ڪئي. ڪمريءَ سوچيو ته نيزي جي ڏڪ انهيءَ آسماني مخلوق جي اک ڪيڻ سان گڏ سندس چُرڻ پُرڻ جي طاقت به ختم ڪري ڇڏي آهي. هاڻي هن هڪبئي پنيان باقي بچيل ٽن اکين ۾ به پنهنجو نيزو.

هٿي ڪڍيو. حيرت جي ڳالهه اِها هئي ته انهيءَ آفت نه دانهن ڪئي ۽ ـ ڪنجهڪر ني ٻڌڻ ۾ آئي ۽ نه وري اُن ۾ ڪا چرپر نظر آئي. ڪمريءَ جو حوصلو وڌي ويو ۽ هاڻي هو انهيءَ آسماني آفت جي بلڪل ويجهو وڃي پهتو هو، جڻ ته ان سان هٿين پوڻ وارو هو. اوچتو ئي اوچتو انهيءَ آفت جي پيٽ مان تارن جا ڇلا ۽ شيشي جا ٽڪرا نڪرڻ لڳا، ڪمري وائڙو ٿي ويو. جان سندس اها حيرت دور ئي نه ٿي هئي ته هڪڙي ٻانهن نڪري آئي جنهن هن کي اهڙو ته ڌڪ هنيو جو هُو پري وڃي پيو.

ڪمريءَ کي ڌڪ ته لڳو، پر پوءِ هو پنهنجا ڪپڙا ڇنڊي اُٿي کڙو ٿيو. هن کي وري ان جي ويجهو وڃڻ جي همٿ ئي نه ٿي. ان کي چتائي نهارڻ لڳو. ٿوري جرئت ڪيائين پر پري کان نيزي جي ڇهنب ان جي جسم ۾ چيڀڻ لڳي. اها آفت خاموشيءَ سان پنهنجي ٽنڱن تي بيٺي رهي، ۽ ان جي هڪ هڪ شيءِ تباهه ٿيندي رهي.

-- ٢ --

اها مريخ کان موڪليل هڪ مشين هئي، جنهن کي پوئتي پيل تهذيب جي هڪڙي نمائندي بلڪل بيخبري ۾ پيچي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو هو. مريخ جي وسيع رصدگاهه ۾ "پروب" جا سگنل پهچڻ بند ٿي ويا، تڏهن سائنسدانن ۾ افراتفري پکڙجي ويئي. سياهه فام ترقي يافته انجنيئر پريشان ٿي ويا ته "پروب" زمين تي قدم رکڻ تائين ته بلڪل ٺيڪ هو، پر پوءِ خبر نه آهي ته ڇا ٿيو جو ڪئميرا بيڪار ٿي ويا. اهي سڀ اسڪرين جي چوڌاري ڦرڻ لڳا. هڪڙو انساني پاڇو اسڪرين تي نظر آيو ۽ پوءِ ڌنڌ ڇانئجي ويو. ٻيءَ ڪئميرا جي اسڪرين تي ڪي نقش اُڀريا، پر وري به ساڳيوئي حشر ٿيو. اسڪرين تي اڇو ڌنڌ ڇانئجي ويو- ۽ پوءِ "پروب" سان رابطو ئي ٽٽي ويو.

"گويا پروب مري چڪو آهي،" چيف آفيسر ڪيپٽن لوز پنهنجن ساٿين کي چيو، "ٻيو ڀلا ڪهڙو سبب ٿي سگهي ٿو؟"

رصدگاهه ۾ سڀ ماٺهو خاموش ويٺا هئا. مواصلاتي آفيسر ردلان ڪجهه چوڻ چاهيو، پر وري خاموش ٿي ويو. ٿوري دير منتظر رهيو ته خاموشيءَ کي ڪو ٻيو ٽوڙي. آخر مايوس ٿي چيائين، "لينزس هڪ هڪ ڪري ٽوڙيو ويو آهي، معلوم ٿئي ٿو ته سوچيل سمجهيل حملو آهي."

"حملو!... حملو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟" ڪيپٽن تيز لهجي ۾ چيو. انهيءَ ڪري جو ڪئميرائون ناڪاره ڪرڻ وارن نهايت رٿابنديءَ سان سڄو ڪم سرانجام ڏنو آهي." دلان وراڻيو.

"مانيٽرنگ ڪير ڪري رهيو هو؟"

"حضور، بندو"

"توکي ڪا به شيءِ ڏسڻ ۾ نه آئي؟"

"جناب.....جناب....." ردلان چوندي چوندي وري رڪجي ويو.

"ٻڌاءِ، جلدي ٻڌاءِ." ڪيپٽن جي آواز ۾ ڇڙ ظاهر هئي.

"تمام گهٽ نظر اچي رهيو هو. بارش ۽ ٻاڦ وانگر اسڪرين تي ڪجهه پکڙيل هو، جناب! بس هڪڙو پاڇو نظر آيو، پوءِ انهيءَ ڏنڌ ۾ غائب ٿي ويو."

"ڪهڙي قسم جو پاڇو هو؟"

"سائين! اُن جو منهن... هُو ڪنهن ڀوت جهڙو هو!"

"ڀوت؟ ڪهڙيون ڳالهيون ڪري رهيو آهين، تون. ڀوت وغيره ڪابه شيءِ نه آهي. ٿورو سوچ، ها ڪا ٻي شيءِ هوندي."

"نه سائين، ٻي ته ڪا ڳالهه ذهن ۾ نه آئي."

"چڱو، ڀلا وڏي اسڪرين تي "پروب" جو زمين تي لهڻ جو منظر ته مون کي ڏيکار. ڏسان ته سهي ته اهو ڀوت آهي ڪهڙو؟" ڪيپٽن لوز چيو.

اُهي سڀيئي ڪيپٽن جي پنيان ڪميونيڪيشن روم ۾ پهتا ۽ وڏي اسڪرين تي "پروب" جون موڪليل تصويرون ڏسڻ لڳا. پهرين ڪيمرا گرم خطي جي هڪ جهنگ جو منظر ڏيکاريو. ڏنڌليل ڏنڌليل، جيئن برسات پئجي رهي هجي. ٻي ۽ ٽين ڪئمرائن به ڪجهه اهڙي قسم جا نظارا ڏيکاريا. چوٿين ڪئميرا جو منظر به اهڙو ئي هو، البته انهيءَ ۾ تمام گهٽو ڏنڌليل هڪ انساني خاڪو به نظر آيو. بس مختصر گهڙيءَ لاءِ، بلڪل هلڪو. پوءِ هڪڙو داغ نمودار ٿيو ۽ پوءِ هر شيءِ غائب هئي.

ڪيپٽن لوز هڪ دفعو وري تصويرون ڏٺيون ۽ رڊلان کي چيو، "تنهنجو ڀوت محض ٻاڦ جي مخلوق آهي." هن کلي ڏنو. سندس ٽهڪن ۾ تلخي هئي، "محترم! اِها هئي گرم هوا ۽ پاڻيءَ جي قطرن جي راند."

"جي ها، ڪيپٽن!"

"ڊاڪٽر استروزا مشين جي نفسياتي ميڪانيت جي تشريح ڪندو؟"

"جي جناب."

"پر اهڙي وضاحت جنهن سان مشين جي تعطل جو سبب آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي سگهي.... منهنجو خيال آهي ته پروب ڪنهن پٽن واري علائقي ۾ وڃي لٿو ۽ ڪنهن دڙي ۾ ڦاسي پيو.... سمجهو ٿا؟"

"جي جناب."

"هن سياري ۾ ذهين زندگيءَ جو ڪوبه وجود ڪونهي،" ڪيپٽن لوز چيو.

"اسان جي اڄ تائين واري تحقيقات ٻڌائي ٿي ته اسان جو اهو بنيادي نظريو بلڪل درست آهي."

"جي جناب."

"ها" ، ڪيپٽن لوز چيو، "مان چاهيان ٿو تہ هاڻي وڌيڪ وقت نہ وڃائجي ۽ نہ وري ڪو ٻيو پروب موڪلي تباهہ ڪرائجي. اها يڪ طرفي تحقيقات ڪافي حد تائين بيڪار آهي. انهيءَ ڪانسواءِ اسان وٽ جيڪو غذا جو ذخيرو آهي اهو اسان جي ضرورتن لاءِ ڪافي آهي..... انهيءَ ڪري اسان زمين ڏانهن پرواز ڪنداسين. مسٽر رڊلان! پروب جنهن جاءِ تي موت جي منهن ۾ اچي ويو، ڇا انهيءَ جي نشاندهي ڪري سگهندين؟"

"جيّ ها، جناب."

"ڏاڍو سٺو. منهنجو خيال آهي تہ اسان کي جيترو بہ ٿي سگهي، انهيءَ جاءِ جي ويجهو لهڻ گهرجي.... ها هڪڙي ڳالهہ توهان ضرور ذهن نشين ڪري ڇڏيو.... زمين تي نہ تہ ڪي جن ڀوت آهن ۽ نہ وري ڪنهن بہ شڪل ۾ ڪا ذهين زندگيءَ جو وجود موجود آهي...."

"اها ڳالهہ صحيح آهي، جناب."

"هڪڙي ٻي ڳالهہ...... زمين تي لهڻ واري پارٽي، هلڪا دفاعي هٿيار پاڻ سان کڻي هلي."

-- ٣ --

ڪمري انهيءَ آسماني آفت سان بدستور ڇيڙڇاڙ ڪندو رهيو. ان طرفان ڪنهن بہ قسم جو ردِعمل نہ ڏسي سندس تجسس وڌي ويو هو. جڏهن هن سندس پنجين اک بہ کڏي ورتي، تڏهن انهيءَ آفت پنهنجي‌ن بہ سنهيون ٻانهون پنهنجي جسم مان ٻاهر ڪڍيون. هڪ دفعو وري بہ هو وائڙو ٿي ويو ۽ انهيءَ آفت طرفان ڪنهن جوابي ڪاروائي ڪرڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. ڪافي دير تائين جڏهن انهيءَ آفت ڪابہ چرپر ڪانہ ڪئي، تڏهن ڪمري ان جي اجان بہ وڌيڪ ويجهو ٿي اڳئين ٽنگ جي ڀرسان ويهي رهيو ۽ ان جي سنهڙين ٻانهن جو جائزو وٺڻ لڳو. هڪڙو دفعو سندس دِل ۾ آيو تہ ان جي ٽنگن تان چڙهي سندس پٺيءَ تي چڙهي ويهي رهي ۽ ڏسي تہ اِها آهي ڪهڙي شيءِ؟ ايتري همت نہ ٿيس. وري هڪدم خيال آيس تہ متان اهو آسماني ديوتا نہ هجي، جنهن جو ذڪر ناني اڪثر ڪندي رهندي آهي.

"ڇا تون آسماني ديوتا آهين؟" ڪمريءَ رڙ ڪئي.

آفت ڪوبہ جواب نہ ڏنو، ان جي ٻانهن ضرور لُڏي.

"آفت ڪمري وري دانهن ڪئي، "تون جيئري آهين يا مئل؟ مان ڪمري توکان پڇان ٿو. مون .ني تنهنجون اکيون ڪڍيون آهن."

پر هن جي ڳالهين جو انهيءَ آفت تي ڪوبہ اثر نہ ٿيو ۽ نہ وري ان جي لڳايل زخمن جو. "شايد هوءَ مري رهي آهي،" ڪمريءَ سوچيو. "يا مري چڪي آهي." آخر همت ڪري ڪمري اُٿيو، پنهنجو ڪُڙتو لاٿائين ۽ ان جي هڪڙي ٽنگ تي چڙهڻ لڳو. انهيءَ آفت جون ٽنگون اجان تائين گرم هيون.

مٿي چڙهڻ لاءِ جيئن ئي ٽنگ کي پڪڙيائين تہ سندس هٿ سڙڻ لڳا. آخر سندس ڍِير تائين مٿي چڙهي ويو، پر اڳتي مٿي چڙهڻ جي ڪابہ واهہ نہ هئي. آفت جي ويجهي ۾ ويجهي ٻانهن بہ ايترو تہ پري هئي جو ڪمريءَ جو هٿ اتي پهچي نٿي سگهيو. هن آهستي آهستي ڪوشش ڪئي ۽ ٻانهن کي پڪڙڻ لاءِ ڊچندي ڊچندي وٺي ٽپ ڏنائين ۽ ٻانهن کي پڪڙي ورتائين. هو خوش قسمت هو يا شايد بدقسمت، آفت جي ٻانهن ان جو وزن ڪٺي نہ سگهي. اها لچڪيدار هئي. جيئن ئي اُن جو بار اُن ٻانهن تي پيو تہ اها ڍگهي ٿيندي ويئي ۽ ٻيئي اچي زمين تي لڳا. پوءِ تہ هڪڙي اهڙي مصيبت ۾ ڦاٿو جو سندس رڙيون ٻڌڻ وٽان هيون. آفت جي پيٽ مان هڪڙو منرڪو نڪري آيو ۽ اُن جي جسم تي وسڻ لڳو. انهيءَ سان گڏوگڏ ڪجهہ تارن جا ڇلا بہ ان مان نڪتا جن ۾ هو جڪڙجي ويو هو. ڪمري هاڻي عجب مصيبت ۾ هو. ان کي ڀڄڻ جي ڪابہ راهہ نظر نہ آئي، انهيءَ ڪري لاچار ڦاٿو پيو هو ۽ منرڪا کائيندو رهيو. پوءِ تہ مٿس نيم غشي طاري ٿيڻ لڳي. خوش قسمتيءَ سان سندس وزن جي ڪري اهو اسڪرو ڀڄي پيو، جنهن سان تارون ٻڌل هيون. هن زور سان اچي زمين تي ڦهڪو ڪيو ۽ بيهوش ٿي ويو.

جڏهن کيس هوش آيو تہ ڪافي دير تائين سوچيندو رهيو تہ پاڻ ڪهڙي جاءِ تي آهي. آهستي آهستي سندس ذهن صاف ٿيندو ويو ۽ هن ڏٺو تہ پاڻ انهيءَ آفت جي پيٽ هيٺان پيو آهي. سندس ذهن تي خوف طاري ٿي ويو.

هو گهڙي پلڪ تہ اتي ئي بنان ڪنهن چرڻ پرڻ جي ائين ئي پيو هو. هن کي خيال آيو تہ آسماني آفت کيس مئل سمجهي ٿي. مٿي آفت ۾ بہ ڪنهن قسم جي چرپر ڪانہ هئي. ڪا ٻي ڏسڻ واري اک بہ نہ هئس. ائين ئي هن آزمائڻ خاطر پنهنجي ٻانهن چوري ۽ اها صحيح سلامت ڪنهن بہ حملي کان محفوظ رهي. سندس اعتماد بحال ٿي ويو. شايد آسماني آفت پاڻ بہ آرام ۾ آهي يا انهيءَ آفت سان جيڪا آخري ڪشمڪش ٿي هئي، اها هڪ اهڙي جدوجهد هئي جيڪا ٻڌڻ وقت زنده رهڻ لاءِ ڪندو آهي. ڪمري ڪر موڙيا تہ سندس جسم جو هڏ هڏ چور هئي. سندس هٿن ۾ لڦون پئجي ويون هيون. يڪدم خيال آيس تہ هتان ڀڄي وڃڻ گهرجي. ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ هيءَ آفت زندهہ هجي ۽ ننڊ ۾ هجي ۽ اوچتو جاڳي پوي ۽ وري ڪا ٻي نئين مصيبت پيدا ٿي پوي. ان جي جسم ۾ خبر نہ آهي تہ ڇا پريل آهي. ڪهڙي خبر تہ وري ڪو نئون هٿيار ڪڍي مقابلو ڪري. اها اجان تائين پنهنجن وڏن ۽ ٿلهن پيرن تي بيٺي هئي. مئل هجي ها تہ زمين تي وجي ڪري ها. هن اتان ڀڄڻ ۾ ئي پنهنجي خيريت سمجهي.

ڪمريءَ پنهنجي خوف تي قابض ٿيڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي. پنهنجي پوري طاقت گڏ ڪري ٿڙندڙ ۽ ٿاٻڙجندڙ پيرن تي بيهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ انهيءَ خوفناڪ آفت جي هيٺان ڪجهہ ڊڪندي ۽ ڪجهہ منڊڪائيندي وٺي ڀڳو. هو اجان انهيءَ آفت کان ڇهہ ست وکون اڳتي مس وڌيو هو تہ سندس

ٽنگن جواب ڏئي ڇڏيو ۽ هو ڪري پيو. هن سمجهيو ته هاٿي موت جلدي اچي مٿان بيهندو، پر جڏهن هو بچي ويو تڏهن هڪ دفعو وري به حيران ٿي ويو. همٿ ڪري انهيءَ آسماني آفت ڏانهن نظر ڪٿي نماريائين. اها ڪارو ڪوئلو بنجي ويئي هئي. ۽ چپ چاپ بنان ڪنهن چرپر جي بيٺي هئي. يقيناً هوءَ هاٿي مري وئي آهي.

ڪمري اُتي بيهي رهيو. آفت ۾ ڪا به جنبش نه هئي.

هو وري اُن ڏانهن وڌيو، پر پوءِ به ڪو ردِ عمل نه ٿيو. انهيءَ مان صاف ظاهر هو ته هن اڪيلي سر آفت کي ماري ڇڏيو هو. اهڙي آفت جيڪا انساني جسم کان تمام وڏي هئي. ڪمريءَ انهيءَ جنگ ۾ فتح حاصل ڪئي هئي، انهيءَ خيال سبب سندس دل ۾ فخر ۽ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي وئي. هو ڳاٽ اوچو ڪري، سينو تاڻي آفت جي بلڪل قريب وڃي پهتو. ان جي ٿڌين پر سخت ٽنگن کي ٺڪيون هڻي ۽ نيزي سان چوڪون ڏئي چوڻ لڳو، "ڪر خبر، ڪهڙو حال آهي، توکي ماري مڃايم نه؟" پوءِ پنهنجي دماغ ۾ انهيءَ عظيم فتح جي ڪهاڻي گهڙڻ لڳو، جيڪا هن کي ٽوئي لاٽس جي رهواسين کي ٻڌائڻي هئي. تصور ئي تصور ۾ هن ڏٺو ته هڪ تمام وڏو هجوم بيٺو آهي ۽ پاڻ انهن کي انهيءَ مهم جو داستان ٻڌائي رهيو آهي.

پوءِ ھو تصور جي دنيا مان ٻاهر آيو. ڪيس سخت بک پريشان ڪيو هو. خبر نه آهي ته هو ڪيترو وقت بيهوش پيو هو. جهنگلي وڻن جي سرسبز ۽ شاداب ٽارين جي وٿين مان آسمان طرف نگاهه ڊوڙايائين. بارش بند ٿي چڪي هئي. سج مشرقي افق جي طرف نيري آسمان ۾ چمڪي رهيو هو. هن اندازو لڳايو ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ رات هو بي سُڌ پيو هو. هو بک مارڻ خاطر جهنگ ۾ نڪري ويو. جهنگ ۾ قسمين قسمين ميوا جهجها هئا. هن پيٽ ڀري ميوو کاڌو. وري موٽي آيو ۽ آفت جو گهريءَ نظر سان جائزو وٺڻ شروع ڪيو. اها گول دائري نما هئي. ٽي ٿلهيون ٽنگون هيون. ڪل ڪنهن ڌاتوءَ جي هئي. سوچڻ لڳو ته اها ڪهڙي شي ٿي سگهي ٿي؟ سوچيندي سوچيندي ڪيس مٿي ۾ چڪر اچڻ لڳا، پر سمجهه ۾ ڪجهه به نه آيس. گهڻي مٿيماري ڪرڻ کان پوءِ سندس ذهن ۾ اهي ساڳيون ڪهاڻيون ايرڻ لڳيون، جيڪي هن ننڍپڻ ۾ پنهنجي پوڙهي نانيءَ کان ٻُڌيون هيون ته هزارين ورهيه اڳ ۾ زمين تي جيڪا مخلوق رهندي هئي، اها چنڊ ۽ مريخ تي ايندي ويندي رهندي هئي. هو پڇندو هو ته "ناني، انهن کي پر هوندا هئا؟" هوءَ چوندي هئي "شايد!" ٿوري دير چپ رهندي هئي، جڻ ته ڪجهه سوچيندي هجي. وري چوندي هئي، يا شايد اُڏند کٽولن ۾ ويندي هئي. چون ٿا ته اُنهن وڏا وڏا اُڏند کٽولا تيار ڪري ورتا هئا. "متان هي به ڪو اُڏند کٽولو نه هجي." هو سوچڻ لڳو. "پر اها مخلوق ڪٿي آهي، جنهن هن کي هتي آندو آهي. شايد اها هن اُڏند کٽولي ۾ اندر ئي مري وئي آهي. هن کي پنهنجي عمل تي پڇتاءُ ٿيڻ لڳو. "نه، نه، اها مخلوق جيڪڏهن ان ۾ اندر وينل هجي ها

تہ اينترو آسانيءَ سان نہ مري ها." سوچ جي هڪ ٻي لهر اٿي "يقيناً اها ڪا آسماني آفت آهي، جيڪا شايد زمين تي آخري انساني شهر جي تلاش ۾ هتي پهتي ۽ ان کي تباهہ ڪرڻ جو ڪارنامو سندس ئي قسمت ۾ لکيل هو. هن پنهنجي هم قوم کي انهيءَ آفت جي تباهہ ڪارين کان بچائي ورتو هو." هڪ دفعو وري بہ فخر ۽ خوشيءَ کان سندس ڳاٽ اوچو ٿي ويو.

اوچتو ئي اوچتو هڪ زبردست ڌماڪو ٿيو. سڄو ٻيلو انهيءَ ٺڪاءُ جي آواز سان گونججي ويو. زمين ڏڏڻ لڳي ۽ هوا ۾ رڙيون پکڙجي ويون. انين محسوس ٿي رهيو هو تہ جبلن ۾ ڏار پئجي ويا آهن. سندس نظر آسمان تي پيئي. ٻيلي جي مٿان فضا ۾ باهہ جا اُلا رقص ڪندي نظر آيا ۽ هوا سخت گرم ٿي وئي. ڪمري ان جي دهشت کان رڙيون ڪرڻ لڳو. وڏين پوڙهين کان ٻڌل ڪهاڻيون سندس ذهن ۾ ابري آيون: "جڏهن زمين واري اها مخلوق تباهہ ٿي ويئي هئي تہ ڀهريائين لال شعلا آسمان تي نمودار ٿيا هئا." دنيا تي وري ٻي ڪا مصيبت ٽٽڻ واري آهي. هن پڻ پڻ ڪئي ۽ پوءِ هڪڙو زوردار ٺڪاءُ ٿيو ۽ ڪمري هڪدم بيهوش ٿي ويو.

-- ۴ --

مريخي راڪيٽ "سلوپ" انهيءَ جاءِ جي بلڪل قريب زمين تي لٿو جتي "پروب" کي حادثو پيش آيو هو. انهيءَ ۾ تحقيقاتي ٽيم جا ميمبر موجود هئا. ميرن ميندار هڪڙو نوجوان ماهرِ طبعيات، ٽام ٻيلا علم حياتات جو ماهر، جول اوهرن انجنير ۽ جهازران رڊلان ۽ ڊاڪٽر مرلينا- مهم جو اڳواڻ رڊلان هو. ان ڪيپٽن لوز کي زميني سياري جي باري ۾ معلومات موڪلڻ شروع ڪري ڏني. سلوپ جا سڀ پرزا بلڪل ٺيڪ ڪم ڪري رهيا هئا. ميرن ميندار اعلان ڪيو تہ "ايڊياڪ ۽ ايٽم توقع مطابق معياري آهن- آڪسيجن جي باري ۾ اسان جو جيڪو خيال هو، انهيءَ کان ڪجهہ وڌيڪ آهي."

"۽ ها، هر طرف ساوڪ ئي ساوڪ آهي." ٽام رڙ ڪئي، "اهڙي ساوڪ تہ اڳ ۾ اسان ڪڏهن بہ نہ ڏٺي آهي. شيشي جي آس پاس بہ عجيب و غريب! هي سيارو يقيناً مُئل نہ آهي. زندگيءَ جا آثار هر طرف نظر اچي رهيا آهن. پڪي بہ آهن. هتي زندگيءَ جو آغاز ٿي سگهي ٿو."

"اسان ڪڏهن ٻاهر نڪرنداسين؟" مرلينا پڇيو، "منهنجي بيتابي وڌندي پئي وڃي. اسان هڪ اهڙي سياري تي بيٺا آهيون، جنهن جو خواب اسان جا وڏا هزار ڏيڍ هزار ورهين کان وٺي ڏسندا آيا هئا.

"ها، سيني کان اڳ ۾ تون لهنديءَ، ڊاڪٽر مرلينا!" رڊلان چيو. "تيار ٿي وڃ."

مرلينا ايئرلاڪ ۾ داخل ٿي وئي. دروازو بند ڪيائين ۽ ٻيروني دٻاءُ مطابق پنهنجو پاڻ کي سنڀالڻ لڳي. پينسل تي اشارو ٿيو. مرلينا ٻاهريون دروازو کولي ڏاڪڻ لٽڪائي ۽ انهيءَ جي وسيلي

زمين تي لهي ويئي. هن کي خلائي لباس پھريل هو، جيڪو سج جي روشنيءَ تي چمڪي رهيو هو. مرلينا بلڪل نيڪ ناڪ هئي. خوشيءَ مان سندس دل ٽپا ڏيئي رهي هئي. هوءَ پھرين عورت هئي جنهن مريخ جي تاريخ ۾ پھريون دفعو زمين تي قدم رکيو هو. ان جي پنيان ٽام بيلا ۽ پوءِ رڊلان بہ لٿا، آخري خلاباز ميرن ميندار هو، جيڪو جهاز مان نڪتو ۽ پوءِ اهي چار ئي ڄڻا انهيءَ دنيا کي ڏسڻ وائسڻ ۽ جاچڻ جوچڻ لڳا، جنهن تائين پھچڻ لاءِ ڪافي عرصي کان انتظار ڪري رهيا هئا.

-- ۵ --

ڪمريءَ کي جڏهن هوش آيو تہ يڪدم سندس خيال انهيءَ خطرناڪ گونج ڏانهن ڦري ويو، جيڪا هن بيھوش ٿيڻ کان اڳ ۾ ٻڌي هئي. انهيءَ وقت هر طرف سناٽو هو. هن سوچيو، "انهيءَ آسماني آفت جي پائرن جو آواز تہ نہ هو؟ اهي متان پنھنجي پاءُ جو انتقام وٺڻ آيا هجن." انهيءَ سوچ کيس هڪدم چست ڪري ڇڏيو. هن پنھنجو نيزو زمين تان کڻي اينرو تہ قابو جهليو جو جيئن ئي ڪو سامھون ايندو تہ هو ان تي هڪدم حملو ڪري ڏيندو. ڪير اچي تہ ڪمريءَ انهن جي ڪيئن ئٺو خبر وٺي." هو وڦلڻ لڳو. "مان پنھنجي قوم کي بي عزتو ٿيڻ نہ ڏيندس. اسان رت ۽ گوشت جا آهيون ۽ توهان ڌاتو ۽ باهہ جا، پر منھنجو نيزو توهان کي موت سان همڪنار ڪري ڇڏيندو.... ها، اچو تہ سهين تہ مقابلو ٿي وڃي."

هن چئني طرف نظر ڦيرائي. ٻيلو خاموش هو. ڪٿي بہ ٻي ڪا آفت نظر نہ آئي. هو ان جي تلاس ۾ نڪري پيو. قومي عزت جي خيال کان سندس رت ٽھڪڻ لڳو. هو هلندي هلندي آهستي ڳائڻ لڳو:

ڪِمري، ڪمرسيو جي پٽ
ٿوئي لاٿس جي ڪمريءَ
زندگيءَ جو مزو ماڻيو آهي
هاٿي اُن جي دل ۾ بس اهائي خواهش آهي
تہ هو اهڙي شان ۽ مان سان سر ڏئي
جو مرڻ کان پوءِ سندس منهن تي مرڪ رهي
۽ دشمن حيران ۽ پريشان رهي
ڪِمري، سدا ڳائيندڙ ڪمري!

آهستي آهستي سندس آواز وڏو ٿيندو ويو ۽ هو هر هر اُهوئي گيت گنگنائيندو ۽ ڳائيندو رهيو، ۽ ٻيلي ۾ مئل آفت جي پاءُ کي ڳوليندو رهيو، جيڪو تمام وڏي گونج ۽ گجگوڙ سان آسمان مان آيو هو، پر هن وقت ڪٿي لڪي ويو هو. هينئر ان ۾ اينري تہ طاقت اچي ويئي هئي جو نيزي جي هڪڙي ئي ڌڪ سان انهيءَ آفت کي پرزا پرزا ڪري سگھيو ٿي.

پر، پر... جيڪي ڪجھ هن ڏٺو، انهيءَ لاءِ هو تيارني نه هو. هن ڪڏهن به جن پوت نه ڏٺو هو. ۽ جن پوت به چانديءَ جو. اٽڪل ٽيهن قدمن تي اهو ناچ ڪري رهيو هو. هو خوف کان هڪدم وڻ جي اوٽ ۾ لڪي ويهي رهيو، ۽ سوچڻ لڳو ته هو انهيءَ پوت جو انهيءَ نيزي سان مقابلو ڪري سگهندو يا نه. گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ هو انهيءَ نتيجي تي پهتو ته "ناممڪن!" انهي ڪري هو وڌيڪ هراسجي ويو. چا ٿو ڏسي ته پوت پنهنجو بلور جهڙو مٿو آهستگيءَ سان ڪٽي لاٿو. اندران ڪاراڻ نظر اچڻ لڳي، پر اهڙي ڪاراڻ جنهن ۾ زندگي روان دوان هئي. هن رڙ ڪئي. سندس آواز ۾ خوف شامل هو ۽ مقابلي جو چئلينج پڻ. روپيلو جسم ۽ ان جي مٿين سياهي ڏانهس مڙي. ڪمريءَ ڏٺو ته انهيءَ سياهيءَ ۾ آهستي آهستي اکيون چمڪي رهيون آهن. وڏيون وڏيون خوفناڪ اکيون!

ڪيس يقين ٿي ويو ته سندس موت اچي اڳيان بيٺو آهي. هن ان سان مقابلي ڪرڻ لاءِ وٺي ڊوڙ پاتي. نيزو سندس هٿ ۾ هو. سندس هر ڊگهو قدم ڪيس انهيءَ خوفناڪ مخلوق جي جيئڻ پوءِ تيئن ويجهو ڪري رهيو هو. سندس زبان تي جنگي نعرا هئا.

موت ۾ آهستي آهستي چرپر پيدا ٿي ۽ پنهنجي روپيلي بانهن مٿي ڪنيائين. ڪمريءَ جي سيني ۾ سُيون چيڻ لڳيون. پر هن انهيءَ جي ڪابه پرواهه نه ڪئي. موت هڪ دفعو وري به جنبش ڪئي ۽ ان ڪي ائين محسوس ٿيو ته ڪنهن سندس دل ۾ هلڪي سُئي چيي چڏي آهي.

هاڻي ان جو منهن صاف نظر اچي رهيو هو. ڪاري رنگ جو سياهه چهرو، انهيءَ چهري جا خدوخال ڏاڍا سهڻا هئا. هڪڙي بي عجيب ڳالهه ته اوچتو ئي اوچتو ڪيس پنهنجي ٽنگن مان ساهه نڪرندي محسوس ٿيو. هن پنهنجي ڏڪندڙ هٿن سان نيزو ڪٽي ڦٽو ڪيو جيڪو موت جي بلڪل پيرن جي پرسان زمين ۾ گهڙي ويو. موت جيڪڏهن ڦڙتيءَ کان ڪم نه وٺي ها ته شايد ان جو ڪم پورو ٿي وڃي ها!

-- ٦ --

مرلينا انهيءَ اوچتي حملي سبب هڪ دفعو ته گهبرائجي ويئي. هن سامهون نظر ڪئي ته ڏٺائين ته هڪڙو اچو ماڻهو بيٺو آهي. پهرين اچو ماڻهو، جيڪو هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڏٺو. تمام تيزيءَ سان هن پنهنجي پوزيشن سنڀالي ورتي. ان جي هڪڙي هٿ ۾ بندوق هئي ۽ ٻئي هٿ ۾ دستي بم. يقيناً هي وحشي اڪيلو نه آهي. هن سوچيو. ان جا ساٿي به ضرور هوندا. ۽ ٿي سگهي ٿو ته ڪيس گهيرو ڪرڻ ۾ مصروف هجن. اُن ڪي پريشاني وٺي وئي. "سلوپ" گهڻو پري نه هو ۽ نه وري رڊلان يا ٻيا ساٿي ئي پري ويا هئا. سڏ ڪرڻ جي دير هئي، هو هڪدم پهچي وڃن ها. پر جيڪڏهن اهي وحشي ماڻهو گهڻا ٿي وڃن ته پوءِ؟ ۽ ٿي سگهي ٿو ته نيزي ڪانسواءِ انهن وٽ ڪي جديد ترين خوفناڪ هٿيار به هجن. اهڙي حالت ۾ اهي تباهه ڪن ثابت ٿي سگهيا ٿي. ڪيپٽن لوز نه ته انهيءَ

پارٽيءَ جي ڪنهن ميمبر جي تباهي برداشت ڪري سگهيو ٿي ۽ نه وري سلوپ جي، جيڪو انهن کي هتي ڪٺي آيو هو. انهيءَ ڪانسواءِ عزت جو مسئلو جدا هو. هوءَ عورت هئي، جيڪڏهن اتي ڪا ڏچڻ جهڙي شيءِ نه هئي ۽ هوءَ ٻين کي مدد لاءِ سڏي ها ته ساٿين ۾ سندس ضرور گهٽتائي ٿئي ها.

ريڊيو سندس هيڊ پيس ۾ هو. ۽ هيڊ پيس زمين تي پيو هو. جيڪو گهٻراهٽ ۾ هن کان هيٺ ڪري پيو هو. ٿوري مفاصلي تي اهو وحشي نوجوان فالج واري زندگيءَ جي عالم ۾ زمين تي ليٽيو پيو هو. وقت گذرندو رهيو. مرلينا جون نگاهون سامهون جهنگ جي پردي تي پيل هيون، پر ڪيس ڪابه شيءِ نظر نه آئي. بندوق ۽ دستي بم جي ڪري سندس حوصلو وڌيو. انهيءَ ڪانسواءِ رڊلان ۽ ٽام بيلا جو ڳالهائڻ به ٻڌڻ ۾ پئي آيو. انهن وٽ مريخ جا جديد ترين ننڍا ننڍا هٿيار هئا، جن سان هو سڄي ريجمينٽ جو مقابلو ڪري سگهيا ٿي. گهڻو وقت گذري ويو، هاڻي مرلينا کي پڪ ٿي وئي ته اهو فالج زده نوجوان بلڪل اڪيلو آهي. هن دستي بم پنهنجي خلائي لباس جي ڪيسي ۾ وڌو. هيڊ پيس زمين تان کڻي ورتو ۽ بندوق هٿ ۾ کڻي پنهنجي شڪار کي ڏسڻ لاءِ وڌي. رڊلان ۽ ٽام بيلا جو آواز وڌو ٿي ويو هو. ميرن ميندار تباهه ٿيل پروب ڳولي لڌو هو ۽ هاڻي ان جي نقصان جو جائزو وٺي رهيو هو.

ڪمري پوٽ پر زمين تي پيو هو. هن کي پکين جي کنڀن جا ڪپڙا پاتل هئا. مرلينا ان کي آهستي آهستي سنئون ڪيو. سندس سفيد چهرو پيلو ۽ خوف کان هراسيل هو. ڪاريون اکيون پٽيل هيون. انهن ۾ سوچ جا سايا سمايل هئا. سندس منهن ويڪرو ۽ نڪ ڊگهو هو. مرلينا ان جي منهن محراب کان ڏاڍو متاثر ٿي. هڪ دفعو وري سندس نگاهون ان جي سوچيندڙ اکين تي پيون. ان جي دل ۾ رحم جو جذبو اڀري آيو. "ويچارو وحشي! خبر نه آهي ته ڇا سوچي رهيو آهي!"

مرلينا کي يڪدم احساس ٿيو ته هي وحشي نه مريخي سائنسدانن جي تحقيقاتي منصوبن ۾ تمام اهم جڳهه والاري ٿو. هن وقت تائين مريخ ۾ عام خيال اهو ٿي هو ته زمين تي ڪابه باشعور مخلوق ڪانه ٿي رهي. انهيءَ وحشيءَ جي دريافت تحقيقات جو رخ موڙي ڇڏيو هو. زميني سيارو مرده نه هو، پر اتي به مريخ تي رهندڙ مخلوق جهڙي مخلوق آباد هئي. فرق رڳو رنگ جو هو. اهي ڪارا هئا ۽ زميني مخلوق سفيد. ظاهر ۾ بلڪل پوئتي پيل پر حقيقت جي خبر ته تحقيقات کان پوءِ ئي پئجي سگهي ٿي. مرلينا جا خيال هاڻي انهيءَ پروگرام جي اردگرد چڪر هڻي رهيا هئا. "ويچارا وحشي!" هن ڀڻ ڀڻ ڪئي. "اسان کي هڪڙو مشڪل مرحلو درپيش آيو، توکي به ۽ مون کي به. اسان کي معلوم ڪرڻو آهي ته توهان جي تهذيب ڪهڙي نوعيت جي آهي ۽ ان ۾ زنده رهڻ جي صلاحيت به آهي يا نه. ۽ انهيءَ ڪانسواءِ اسان کي انهيءَ ڳالهه جو به جائزو وٺڻو آهي ته توهان هڪ جٽادار ۽ محنتي نسل سان واسطو رکو ٿا يا نه. ۽ ڪٿي فتوحات ۽ ٻين قومن تي غلبي حاصل ڪرڻ جا خواب

تہ نہ ڏسي رهيا آهيو.... تو مون کي ڏنو ۽ ڏسڻ شرط نيزو اڇلائي هنيو. تنهنجي اندر ۾ ڏاڍا خطرناڪ جيوڙا آهن ۽ منهنجي قوم انهن جي سخت دشمن آهي" هن ڪمريءَ جو نيزو زمين مان ڇڪي ڪڍيو، ان جي ڦر کي ڏسڻ لڳي ۽ پوءِ ان کي بہ ٽڪرا ڪري ڇڏيائين.

-- ٧ --

ڪمريءَ کي اهو احساس هو تہ هو ڪو خواب ڏسي رهيو آهي. تمام ڏکو خواب، جنهن ڪڏهن خطرناڪ صورت اختيار ٿي ڪئي تہ ڪڏهن دلڪش نظارا سندس نظرن جي سامهون اچي ٿي ويا ۽ پوءِ ان تي غشي طاري ٿي وئي. هوش ۾ آيو پئي تہ چرڻ پرڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائين، پر ناڪام رهيو. چڻ تہ ان کي ڪنهن جڪڙي ڇڏيو هو. هڪڙي ڳالهہ انهيءَ کان بہ وڌيڪ حيران ڪندڙ هئي، اها هيءَ تہ ڪاري رنگ جا چهرا ان کي پنهنجي چوگرد ڦرندي نظر آيا. هڪڙو دفعو هوش ۾ آيو تہ ڇا ٿو ڏسي تہ سندس اکين کان پيلو غائب آهي. بس رڳو اڇاڻ ڇانيل آهي، بي رونق بيزار ڪندڙ اڇاڻ يا وري بتيون هيون بجليءَ جون. پر ان کي ڪهڙي خبر تہ بجلي ڇا ٿيندي آهي. هن تہ اهو ئي سمجهيو تہ ڪا عجيب و غريب بتي پئي ٻري. هڪڙي لئمپ تہ سندس نڪ کان صرف هڪ هٿ جي مفاصلي تي هئي، جنهن جي روشني تمام ڦڪي هئي.

اوچتو ئي اوچتو وڏو گوڙ ٿي ويو. ۽ پوءِ ان کي ائين محسوس ٿيو تہ ڪو ان کي چوري پوري رهيو آهي. اهي ماڻهو ڪمريءَ جي سيني تي وينا هئا، پر ان کي نظر نٿي آيا. ان کي ساهہ کڻڻ ۾ تڪليف پئي ٿي. سندس ڪن بہ وڄي رهيا هئا. مٿي کي چڪر اچي رهيا هئا. ۽ پوءِ وري تاريڪي طاري ٿي وئي. ڪافي دير تائين اها ئي بيچينيءَ واري ڪيفيت رهي. انهيءَ کان پوءِ هڪڙو ڪارو چهرو ان جي مٿان جهُڪيو. ڪو شخص سندس مٿي کي مٿي کڻي رهيو هو. ۽ پوءِ سندس منڍيءَ کي هڪ اڇي بلورين قالب ۾ بند ڪيو ويو. سڀ آواز ۽ گوڙ ختم ٿي ويو ۽ هر طرف خاموشي ئي خاموشي ڇانئجي وئي. پوءِ هن محسوس ڪيو تہ سر يا منڍي آهي ئي ڪانہ ۽ ڌڙ کي بہ ڪنهن عجيب ڪپڙي ۾ ويڙهيو ويو آهي. اڻ سڃاتل ماڻهو هاڻي سندس سيني تان لهي ويا هئا. هو بلڪل بيجان ٿي ويو هو ۽ چڻ تہ موت جي درياهہ طرف وهڪري ۾ وهندو پيو وڃي. آهستي آهستي سندس ذهن ڪم ڪرڻ لڳو. ماضيءَ جون يادگيريون اڀري آيون. ننڊپڻ جا تصور سندس اکين جي اڳيان ڦرڻ لڳا. ڪيڏو نہ خوشگوار هو اُهو زمانو! پوءِ هن کي جوانيءَ جا شروعاتي ڏينهن ياد پيا، جڏهن هو جهنگ ۾ سير سفر ڪندو رهندو هو، جبلن ۾ گهمندو ڦرندو هو. انهيءَ دوران سندس ملاقات هڪڙي چوڪريءَ سان ٿي. پر پوءِ خبر نہ آهي تہ اها ڪيڏانهن هلي وئي. سندس سفر جاري رهيو، ۽ هينئر هو شايد ڪنهن نئين سفر تي وڃي رهيو آهي-" هن آخر ۾ سوچيو ۽ پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيائين.

انهيءَ کان پوءِ ڪيس خلائي جهازن جي اسپتال ۾ پهچايو ويو، جتي ان کي ٿورو عرصو رهڻو پيو. ڪيترو عرصو، انهيءَ جو اندازو هو لڳائي نہ سگهيو. انهيءَ ڳالهہ جي هن کي خبر نہ هئي تہ سج ڪيڏي مهل ٿو اڀري ۽ ڪيڏي مهل ٿو لهي. اسپتال مان ان کي هڪڙي پڃري ۾ منتقل ڪيو ويو، جنهن ۾ چوڌاري شيخون لڳل هيون . هن گهٽيون دانهون ڪيون پر ڪير ٿو ٻُڌي.

جهاز مريخ ڏانهن اُڏامي رهيو هو. ڪمري پڃري ۾ بند هو. ڊاڪٽر مرلينا ان جو نفسياتي مطالعو بہ ڪري رهي هئي ۽ زميني زبان کي سمجهڻ جي ڪوشش بہ ڪري رهي هئي. اهو هڪڙو وڏو مشڪل ڪم هو. تنهن هوندي بہ لڳاتار ڪوشش ڪجهہ مفيد ثابت ٿي وئي. ڪمپيوٽر پنهنجو ڪم ڪيو. ڪمري جيڪي ڳالهائيندو هو انهيءَ جا هر دفعي بہ لفظ مريخي زبان ۾ ترجمو ڪري ڇپيندو ويو. اهڙيءَ طرح گهٽ ۾ گهٽ مرلينا جي لاءِ اجنبيت جي ديوار جيڪا زبان جي ڪري حائل هئي، اها ڊهي پيئي. هاڻي هوءَ زميني ٻولي ڳالهائي سگهي ٿي. پر ڪنهن ڪنهن وقت ان کي ڪافي دقت پيش اچي رهي هئي. پهريون دفعو جڏهن هن ڪمريءَ سان سندس ٻوليءَ ۾ ڳالهايو تہ هو وائڙو ٿي ويو.

”گڊ مارننگ“ ، هن ڏاڍي نرم لهجي ۾ چيو، ”منهنجي خيال ۾ تہ هاڻي تنهنجي اڪيلائي ختم ٿي ويندي. مون کي هاڻي تنهنجي ٻولي ڳالهائڻ اچي ٿي.“

ڪمري پنهنجن خيالن ۾ ٻڏو پيو هو، ۽ سندس منهن ٻئي طرف هو. آواز تي ڇرڪ ڀري ويو ۽ منهن ورائي ڏٺائين، پرڪشش ثقل جي گهٽ هئڻ سبب ٿڙڻ لڳو. پر پوءِ وڏي احتياط سان اٿي وينو. مرلينا مرڪي پڇيو، ”ڏک تہ ڪونہ لڳو؟“

”خاتون! مان بلڪل ٺيڪ آهيان.“ ڪمريءَ جو لهجو انتهائي سرد هو. مرلينا وٽ هڪڙو ننڍو رڪارڊر هو. انهيءَ ڏانهن اشارو ڪري چيائين، تہ- ”هن مشين جي مدد سان تون منهنجي ٻولي ڳالهائي رهي آهين.“

”ها . هڪڙي ٻي مشين هن کان بہ وڏي هئي، انهيءَ کان بہ ڪم ورتم ۽ مون کي بہ وڏي محنت ڪرڻي پيئي.“

ڪمري مشڪيو ۽ ٿڪل لهجي ۾ چيائين، ”سفيد فام وحشيءَ کي ڪنهن بہ مشين جي ضرورت نہ آهي.“

مرلينا کي عجب لڳو، پوءِ چيائين، ”اها تہ تمام سٺي ڳالهہ آهي.“

هاڻي اڳ ۾ سوچيل سمجهيل انٽرويو شروع ٿي ويو.

”ڳالهہ ٻڌ ڪمري! اها ڳالهہ ياد ڪري ڇڏ تہ اسان تنهنجا دشمن نہ آهيون.“

”واهہ! جيڪڏهن دوست منهنجي جسم کي برف سان ڀري ڇڏن، منهنجا هٿيار تباهہ ڪري ڇڏن، منهنجا ڪپڙا لاهي ڇڏن، ۽ مون کي جهنگلي جانور وانگر پڃري ۾ بند ڪن تہ پوءِ دشمن لفظ

نهايت تيز ۽ چپندڙ هئا."

"نہ، اسين تنهنجا دشمن نہ آهيون." مرلينا ورجايو، "ياد ڪر، تو ئي تہ مون تي جهنگ ۾ حملو ڪيو هو."

"ها، صحيح آهي، پر انهيءَ جا ڪجهہ سبب هئا. مون کي عجيب و غريب واقعن سان منهن مقابل ٿيڻو پيو. هڪڙي آسماني آفت کي شڪست بہ ڏيڻي پيئي. انهيءَ کان سواءِ مون توکي هڪ روپيلو پوت سمجهيو. اهڙين حالتن ۾ ماڻهو پنهنجو بچاءُ تہ ضرور ڪندو آهي."

"پر اها آسماني آفت شڪست کائڻ واري نہ آهي. اها تہ هڪ مشين هئي جيڪا انهيءَ ٻيلي جي جاچ پڙتال لاءِ موڪلي ويئي هئي، جنهن ۾ توهان رهو ٿا. تو مشين کي تباهہ ڪري ڇڏيو، تڏهن اسان کي پاڻ اچڻو پيو."

ڪمري سوچڻ لڳو، "هي ڪاري عورت سچ تہ ڪانہ ٿي ڳالهائي. پر اها آسماني آفت تہ گرج ڪڙڪ ۽ باهہ جي شعلن ۾ آئي هئي. ۽ اسان جي قديم داستانن ۾ اهو ئي بيان ڪيو ويو هو تہ اهڙي آفت جڏهن بہ ايندي آهي تہ پاڻ سان سخت تباهي بہ آڻيندي آهي-" هو انهيءَ تصور سان ڏڪي ويو.

"انهيءَ آسماني آفت - توهان جي مشين - تہ تمام خوفناڪ جنگ ڪئي." هن چيو، "مون انهيءَ جون سيئي اکيون ڪڍي ڇڏيون، تڏهن بہ هن مون تي پنهنجي نوڪدار ڏاتوءَ جي ٻانهن سان حملو ڪيو."

"ڪاش! تون سمجهي سگهين." مرلينا چيو، "مشين اسان آسمان مان موڪلي هئي. انهن اکين سان، جيڪي تو ان جون ڪڍي ڇڏيون. ٻيلي کي ڏسي ها ۽ انهيءَ جون تصويرون هوءَ مريخ ڏانهن موڪلي ها، ۽ تون جيڪو چوين ٿو تہ ڌاتوءَ جي ٻانهن سان هن توتي حملو ڪيو، تہ اهو مشين ۾ خرابيءَ سبب ٿيو هوندو."

"اڇا!" ڪمري بيزار ٿيندڙ انداز ۾ چيو، "پلا اهو تہ ٻڌايو تہ توهان آهيو ڪير؟ ۽ توهان مون کي پڃري ۾ ڇو بند ڪري رکيو آهي؟"

"وقت اچڻ تي توکي سڄي خبر پئجي ويندي." ايترو چئي مرلينا هلي ويئي.

-- ٨ --

خبر نہ آهي تہ ڪيترا ڏينهن، راتيون هفتا ۽ مهينا گذري ويا. ڪمري اندازو لڳائي نہ سگهيو. آخر هو مريخ تي پهچي ويا. ڪمريءَ کي خلائي اڏي تي لاهڻ شرط هڪڙي ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيائون. ان جي لاءِ مريخ جي زندگي وڏو عذاب ۽ اجنبي هئي. عذاب انهيءَ ڪري جو هو جانورن وانگر قيد هو ۽ اجنبي انهيءَ ڪري جو هو اهڙي سرزمين تي پهتو هو جيڪا سندس پنهنجي سرزمين کان گهڻو مختلف هئي. انهيءَ کانسواءِ اتي جي زندگيءَ جي ڏينهن ۽ راتين جو بہ ڪجهہ عجيب عالم

هو. گرم هوائون، مشيني خوراڪ، ڪارا چهرا، اليومينم جو لباس ۽ اٿاهه تنهائي... مطلب تہ هر شيءِ هڪ مصيبت هئي. انهيءَ ڪان سواءِ ڏهہ ڏهہ، ٻارهن ٻارهن ڪلاڪ ان جو مطالعو ڪيو ويندو هو. ڪمريءَ کي ڪاري رنگ کان سخت نفرت هئي، پر ڊاڪٽر مرلينا جي قرب ڪري اها نفرت آهستي آهستي دور ٿيندي ويئي. ساڳيو حال مرلينا جو هو. ان کي وري اڇي چمڙي اصل ڪانہ وڻندي هئي. ڪليل نقش ۽ صاف مهانڊا بہ مريخي معيار حسن تي پورا نٿي لٿا. تهذيبي لحاظ کان بہ ٻنهي ۾ زمين آسمان جو فرق هو. پر اهي سڀ رڪاوٽون آهستي آهستي دور ٿي ويون ۽ اُهي ٻيئي هڪٻئي جي ويجهو اچي ويا.

مريخ تي رات ۽ ڏينهن جو تصور بہ عجيب هو. اُن جي ڪونڙيءَ ۾ مختلف رنگ بدلبا رهندا هئا. هوڏانهن مريخي مخلوق ۾سفيد فام زميني انسان جي اچڻ جو زبردست چرچو هو. ماڻهو انهيءَ جاءِ تي اچي گڏ ٿيا، جنهن ۾ هو قيد هو. مريخي پوليس ڏاڍي مشڪل سان اهو واعدو ڪري انهن کي منتشر ڪيو تہ زميني انسان کي ٽي. ويءَ تي ڏيکاريو ويندو. مريخي ٻارڙن کي جيڪي لوڪ ڪهاڻيون ٻڌايون وينديون هيون، انهن ۾ اڪثر ڪري سفيد فام ماڻهن جي ظلم جو ذڪر هوندو هو. انهن انهيءَ انسان جي هڪ تمام عجيب ۽ ڊيڄاريندڙ شڪل پنهنجي تصور ۾ تيار ڪري رکي هئي. جڏهن ٽي. ويءَ تي ڪمريءَ کي ڏيکاريو ويو تہ مريخي عورتون نفرت کان ٿُوٿُوُ ڪرڻ لڳيون ۽ ٻارن اکيون بند ڪري ڇڏيون. پر جڏهن ڊڄندي ڊڄندي اکيون کوليائون تہ پاڻ جهڙا هٿ پير، مٿو ۽ نڪ نقشي ۽ منهن مهاندي وارو هڪڙو قدآور انسان ڏسي حيران ٿي ويا. ڪيترا ٻار تہ پنهنجي مائرن کان پڇڻ لڳا تہ "هي زميني انسان، جن پوت وانگر پنهنجي شڪل صورت بہ بدلائي سگهي ٿو ڇا؟" ڪين جواب مليو، "ڪمبخت، سڀني کان سهڻو ۽ خراب کان خراب روپ اختيار ڪري سگهن ٿا. هاڻي ڏسو نہ، تہ اها صورت آهي اُن جي هن وقت." ۽ واقعي سياه فام مريخي مخلوق جي معيار مطابق ڪمري تمام بدصورت نظر اچي رهيو هو.

هوڏانهن ڪمريءَ جو عجيب حال هو. هن جڏهن پنهنجي شڪل صورت شيشي جي هڪڙي عجيب ٽڪري تي ڏٺي تہ چند گهڙين لاءِ حيران ٿي ويو ۽ پوءِ حيرت جي جاءِ تي ان کي خوف اچي ورتو. "هو جنن ڀوتن جي ملڪ ۾ اچي پهتو آهي." ڪمري سوچڻ لڳو، "هيءَ ڪاري رنگ جي عورت ڪيس بيوقوف بنائي رهي آهي. دراصل جنڙي آهي جنڙي." هو سخت ٿڙڪڻ لڳو، ڇڻ تہ ڪيس سردي وٺي وئي آهي. هڪڙي ڏينهن تہ هو عجب ۾ ٽپ ڏيڻ لڳو. انهيءَ ڏينهن ٽي. وي ۾ مريخين کي زمين جون اُهي تصويرون ڏيکاريون ويون جيڪي "پروب" تباهہ ٿيڻ کان اڳ ۾ موڪليون هيون. ڪمري پنهنجي شهر جو پيلو ۽ ان جي پسگردائيءَ جو ماحول ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، پر اها خوشي محض عارضي هئي. پنهنجي عزيزن ۽ وطن جي ياد جا زخم وري تازا ٿي ويا ۽ هو گهڻيءَ دير تائين سڏڪا ڀري رئندو رهيو.

ڪمري قيد ۾ رهي رهي تنگ ٿي پيو هو. هن هڪڙي ڏينهن ڊبيل لفظن ۾ مرلينا کي ٻاهر جو سير ڪرائڻ لاءِ عرض ڪيو. "اها ڳالهہ منهنجي وس کان ٻاهر آهي. اهو حڪومت جو معاملو آهي." مرلينا جواب ڏنو. هن جي وحشانيت ۽ڙڪو ڪاڍو. هن جهٽ ڏيئي مرلينا کي پڪڙي ورتو ۽ ان کي پنهنجي مضبوط ۽ طاقتور ٻانهن ۾ پڪوڙڻ لڳو. پوءِ ان جون ٻيئي ٻانهون مروٽي پنيان ڪيون ۽ انهن کي پنهنجي هڪ هٿ سان جهلي ٻئي هٿ سان ان کي گهتو ڏيڻ لڳو. مريخي فضائن ۾ پليل مرلينا توقع کان ٻہ وڌيڪ ڪمزور نڪتي. هوءِ هڪڙي ڪک وانگر لڏڻ لڳي. سندس اکيون ڦاٽي ويون. چڱو ٿيو جو ڪمريءَ ان کي پاڻ ئي ڇڏي ڏنو، ۾ جي گهڙي ڪن ڪمري ان کي نہ ڇڏي ها، ۽ ڪجهہ دير وڌيڪ ساڳي حالت ۾ رهي ها تہ مرلينا جو لاش انهيءَ ڪونيءَ مان ڪڍڻ ها. ڪمري هڪڙي ڪنڊ ۾ لڪي ويهي رهيو. مرلينا ڊوڙ پائي ٻاهر ڀڳي ۽ دروازو ڪڙڪ ڪري بند ٿي ويو. هن جا اهڙا تہ حواس خطا ٿي ويا جو ڪنڊ ورائي پوئتي ٻہ نہ نهاريائين.

-- ٩ --

زمين تي تحقيقات جو وسيع پروگرام تيار ٿي ويو هو ۽ هاڻي ڪنٽرول روم ۾ هڪڙو اهم اجلاس ٿي رهيو هو. ڪيپٽن لوز زميني مهم جي ميمبرن سان مخاطب هو. ڪارڊ ونجل، ڊاڪٽر مرلينا، ٽامر بيلا ۽ ميرن ميندار سڀ غور سان ٻڌي رهيا هئا. ڪمري جي هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ ڪاري رنگ جو ڪپڙو ٽنگيل هو، جنهن تي ڪرهء ارضيءَ جو نقشو ڳاڙهي مسُ سان ٺهيل هو. ڊاڪٽر مرلينا کان "سمنڊ وحشي" جي باري ۾ پڇاڳاڇا ڪئي ويئي تہ هو ايندڙ مهم ۾ ميمبرن سان تعاون ڪندي يا نہ؟ مرلينا پنهنجي مختصر تقرير ۾ ڪمري جي روش واضح ڪئي ۽ اميد ظاهر ڪئي تہ هو تعاون ڪندو. مختلف فني پيچيدگين تي بحث کان پوءِ فيصلو ٿيو تہ جلد ئي هڪ فيصلہ ڪن مهم زمين تي موڪلي ويندي.

-- ١٠ --

خدا خدا ڪري اهي خوشگوار گهڙيون بہ اچي پهتيون، جڏهن ڪمري کي جزوي آزادي نصيب ٿي ۽ جيل جي چيٻر تي ٻن مسلح محافظن جي نگرانيءَ ۾ ان کي سير ڪرايو ويندو هو. مرلينا سان سندس دوستانہ تعلقات بحال ٿيا ۽ زميني مهم جون تياريون شروع ٿي ويون . ڪلوزڊ سرڪٽ ٽي.وي، انٽرڪام، بجليءَ جا اوزار، دوربيني، انفرارڊ ڪوڪرز، رفريجريٽرس ۽ ٻيو ضروري سامان طياري ۾ سيٽ ڪيو ويو. ڪمريءَ کي ٻين ميمبرن سان گڏ وهڻ جي اجازت هئي. ۾ سندس پير رسي سان ٻڌا ويا، تہ جيئن ڪنهن "هنگامي سوئچ" تي نہ وڃي هٿ رکي. مرلينا ان سان ڳالهين ۾ ڏاڍو مسرور هئي.

ڪيترن ئي ڏينهن جي سفر کان پوءِ سندن راڪيٽ زمين جي مدار ۾ داخل ٿي ويو ۽ زميني گاڏي راڪيٽ کان جدا ٿي زمين طرف ٿي ويئي. ڪيپٽن لوز، زمين جي مدار ۾ چڪر هڻڻ لڳو. هڪڙي ڏينهن خوشگوار صبح جو مريخ وارا، انٽارڪٽيڪا جي انهيءَ جهنگ ۾ لٿا جو ڪنهن زماني

۾ سڄو سال ويران ۽ برف سان ڇانيل رهندو هو، ۽ جنهن جي پرسان ئي ٻارهن هزارن ماڻهن تي مشتمل واحد زميني شهر ٿوني لاٽس واقع هو. ڪمريءَ جي خوشيءَ جي حد ئي نہ رهي! ڪشش ثقل جي ڪري سندس جسماني طاقت وري اپري آئي هئي، جنهن کان هو محروم ٿي ويو هو. پنهنجي ٻين ساٿين سان گڏ هڪ متحرڪ ڏاکڻ جي ذريعي زميني گاڏيءَ مان جهنگ ۾ لٿو تہ هن سڀ سائنسي اوزار پنهنجي جسم تان لاهي ڦٽا ڪري قدرتي لباس ۾ آزاديءَ سان گهمڻ لڳو. اها سهوليت مريخين کي حاصل نہ هئي، ڇو تہ زميني ڪشش جي ڪري سندن جسم درهم برهم ٿي وڃي ها. انهن کي اليومينم جي حفاظتي لباس ۾ مصنوعي دٻاءُ قائم رکڻو پيو. تنهن هوندي بہ هو انهيءَ خيال کان خوش هئا تہ مريخ تمام گهڻو خوبصورت خطو ڪين سائنسي تجربات جي لاءِ ميسر ٿي سگهيو هو.

زمين تي پهچڻ ڪري ڪمريءَ جي رويي ۾ جو غيرمعمولي تغير رونما ٿيو، انهيءَ مان مريخين کي اهو خدشو اچي ٿيو تہ هو متان پنهنجي هم جنسن سان ملي انهن لاءِ ڪو خطرو نہ بنجي پوي. ڪارڊ ونجل وٽ "سويپ رائفل" هئي. هن هڪڙي وڻ جو نشانو وٺي ڊسچارج سئنٽر کي زور ڏنو. هڪڙو خوفناڪ ڌماڪو ٿيو ۽ وڻ ٻاڙهن ۽ ڪارن شعلن جي لپيٽ ۾ اچي ويو. ڪمريءَ تي انهيءَ مظاهري جو خاطر خواه اثر ٿيو. ان کي مريخين جي فني برتريءَ جو اعتراف ڪرڻو پيو. انهيءَ ڪري اڳتي سفر ۾ هو غيرمعمولي طور سنجيدو رهيو.

جڏهن ٽيم جهنگ ۾ رواني ٿي تہ سامهون وارن ٻوٽن ۽ ٻُوڙن ۾ ڪمريءَ هڪڙي وڏي ارڙ ٻلا رڙهندي ڏٺي. ڪمريءَ ان کان اڳ ۾، جو ڪارڊ ونجل پنهنجو سڄو پير ان جي لڙڪندڙ پڇڙيءَ متان ڏئي، ڪيس ڌڪو ڏيئي هڪ طرف ڪيرائي بچائي ورتو. هن "سويپ رائفل" جا هڪيئي پنيان ڪيٽرائي ٻوڙن ۾ فائر ڪيا. ارڙ ٻلا تہ پنهنجو رستو وٺي هلي ويئي، پر ڪمري ڊڄي ويو. هن مرلينا جي معرفت ڪارڊ ونجل کي يقين ڏياريو تہ هن ڪابہ شرارت نہ ڪئي هئي، پر سندس موت جو انديشو هو، انهيءَ ڪري هن ڪيس ٿيلهو هو.

ڊاڪٽر مرلينا، ڪمريءَ جي خلوص کان ڏاڍو متاثر ٿي ۽ سندس پيرن ۾ ٻڌل رسو کولرائي ڇڏيو، ۽ ڊيڄارڻ ۽ ڌمڪائڻ جي بجاءِ هڪيئي تي اعتماد رکڻ کي ترجيح ڏيڻ لڳا. اهڙيءَ طرح اهو قافلو ڪمريءَ کي پنهنجو رهبر ۽ رهنما تسليم ڪرڻ تي مجبور ٿي پيو. زمين جي باري ۾ سندس معلومات مصدقہ هئي. هن ٻڌايو تہ ٿوني لاٽس شهر ٽيهن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي، يعني منهنجي لاءِ هڪ ڏينهن پيادل سفر ۽ توهان مريخين لاءِ ٽن ڏينهن جو پنڌ. اهڙيءَ طرح اها پارٽي پنهنجي منزل ڏانهن رواني ٿي. واٽ تي ڪمريءَ مريخين کي پکين، ٻلائن ۽ جهنگلي جانورن متعلق اهم ۽ حيرت انگيز معلومات ميسر ڪئي. غيرمعمولي ڪشش ثقل جي ڪري مريخين لاءِ هلڻ بہ دشوار ٿي پيو هو، پر تنهن هوندي بہ انهن جي لاءِ پهرين ڏينهن جو سفر نهايت خوشگوار رهيو ۽ هلڻ ۾ بہ نسبتاً آساني رهي. حفاظتي هٿيارن کان سواءِ مريخين وٽ ننڍا شاميانا، سليپنگ بئگ،

خوراڪ جا دٻا، ريڊيو ٽرانسيور ۽ دوائن جو اسٽاڪ موجود هو. انهن سڀني سامان هڪ جيترو ورهائي ڪنيو تہ جيئن هرهڪ کي ڪٽڻ ۾ آساني ٿئي.

رات ڪليل ۽ صاف ميدان تي گذارڻ لاءِ فيصلو ڪيو ويو. ٻيئي شاميانہ لڳايا ويا. شام جو ماني گڏجي ڪاڌائون. شاميانن جي چوڌاري بجليءَ جون تارون ويڙهي انهن جا ڇيڙا ٻيري ميٽر سان ملائي ڇڏيائون تہ جيڪڏهن ڪو خطرناڪ جانور لنگهي تہ گهنٽيون وڄڻ شروع ٿين ۽ سڀ خبردار ٿي وڃن. فيصلو ٿيو تہ ڪمري شاميانن کان ٻاهر صاف زمين تي سمهندو ۽ هڪڙو مريخي واري تي ان جي پرسان ويهي پهرو ڏيندو. رڊلان، گارل ۽ ڪارڊ ونجل پهريان ٽي پهر پهرو ڏنو. آخري پهر مرلينا جو وارو هو. هوءَ اکيون مهٽيندي اُٿي ۽ اونداهيءَ ۾ ڪمري وٽ اچي ويهي رهي. اوچتو ئي اوچتو ٻوڙن ۾ سر سر جو آواز ٿيو ۽ ٻيري ميٽر جون سيون تيز ڦرڻ لڳيون. ڪمري رڙ ڪري اٿيو: "نانگ، نانگ، مرلينا متان چُري آهين." هوءَ ويچاري هيسجي ڪمريءَ کي چنبڙي ويئي. هوءَ خوف ۾ ٿڙڪي رهي هئي. نانگ آهستي آهستي سرڪندو پري نڪري ويو. مرلينا کي تڏهن مس وڃي ڪو ساهہ پيو.

اڃا سڀ ماڻهو جاڳي رهيا هئا تہ مدار ۾ گهمڻ واري راڪيٽ مان ڪيپٽن جو آواز آيو. ٽرنسيور تي يڪدم پيغام وصول ڪيو ويو ۽ سڄي ڏينهن جي رپورٽ پندرهن منٽن ۾ نوٽ ڪرائي ويئي. ٻيو ڏينهن سفر ۾ بلڪل نيڪ گذريو. رات جو ڊاڪٽر مرلينا آهستي آهستي مريخ جي باري ۾ ڪمريءَ کي معلومات ڏني. جواب ۾ ڪمريءَ ٿوئي لاٽس جي مختصر تاريخ متعلق ڪيس ٻڌايو. اهڙي طرح ڳالهين ۾ صبح ٿي ويو. ٽئي ڏينهن شام ٿيڻ کان اڳ ۾ شهر ۾ پهچي وڃن ها، پر ڪارڊ ونجل جو پير مڙي پيو ۽ انهيءَ ڪري اتي ئي ڪين تنبو لڳائڻا پيا. سامهون ٿوئي لاٽس جا هيٺ مٿي گهر نظر اچي رهيا هئا. سونهري اس ۾ شهر جا گنبذ چمڪي رهيا هئا. چوديواريءَ کان ٻاهر سرسبز ٻوڪن ۾ جيڪي حدنگاهہ تائين پکڙيل هيون، چوپايو مال چري رهيو هو. ڏاڍو خوشنما منظر هو.

ٻئي ڏينهن ڪمريءَ جي اڳواڻيءَ ۾ پارٽي شهر پهتي. شهنشاهہ جي دربار لڳي پيئي هئي. سلطنت جا ڪاروبار ۽ معاملا طئي ٿي رهيا هئا. خود بادشاهہ سلامت، ملڪہ عاليہ سان گڏ تخت تي جلوه نما هو. شهر مان جتان بہ هي ماڻهو لنگهيا ٿي تہ ماڻهن جا هجوم سندن پنيان لڳي پيا. زميني انسان حيران هئا تہ اها مخلوق ڪٿان آئي آهي. بادشاهہ وزيراعظم جي معرفت خبر ورتي تہ ڪهڙي ماجرا آهي. انهيءَ تي ڪمريءَ ڀريل دربار ۾ سڄو داستان ٻڌايو. انهيءَ کان پوءِ ڀڳل ٽٽل انگريزيءَ ۾ ڊاڪٽر مرلينا پنهنجي اچڻ جو مختصر بيان ٻڌايو. ۽ ٻڌايو تہ هو صرف ڇهہ ڏينهن رهندا. دربار ۾ چميگويون شروع ٿي ويون. ڪنهن کي بہ يقين نہ هو تہ مريخ تي بہ ڪي انسان رهي سگهن ٿا. ۽ انهيءَ کان سواءِ اهڙا ڪارا ڪوجها انسان ڪنهن بہ اڳ ۾ ڪونہ ڏٺا هئا. بهرحال فيصلو ڪيو ويو تہ انهن کي محلات ۾ اندر شاهي مهمان خاني ۾ رهايو وڃي. سڀني کي جدا جدا ڪمرا ڏنا ويا. زميني خوراڪ جي استعمال سان مريخين ۾ ڏاڍيون پيچيدگيون پيدا ٿي پيون، پر مناسب طبي

امداد جي ڪري، جيڪا هو پاڻ سان ڪٺي آيا هئا، ڪوبه مسئلو پيدا نه ٿيو. ڊاڪٽر مرلينا ڪيترائي دفعا شهنشاهه سان اڪيلائيءَ ۾ مليو ۽ ان کي قائل ڪيو ته واقعي هو مريخ تان آيا آهن ۽ سندن ابا ڏاڏا هن ئي زمين تي رهندا هئا. بادشاهه سندس ذهانت کان ڏاڍو متاثر ٿيو. انهيءَ عرصي دوران ٻين مريخي انسانن به زميني زبان سکڻ شروع ڪئي. زميني گاڏيءَ ۾ جيڪو برقي جنريٽر لڳل هو، اهو ڪڍي شاهي محل ۾ هنيو ويون. سڄو محل برقي بلبن سان چمڪي رهيو هو. بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو. ماڻهن جي لاءِ انوکو تجربو هو. ماڻهو آهستي آهستي روشن محل کي ڏسڻ لاءِ ايندا رهيا.

ڇهن ڏينهن تائين مريخين خوب سياحت ڪئي. ڪيپٽن لوز کي روزانو رپورٽ پيش ڪئي ويندي هئي. هو انهيءَ کي ٽيپ تي محفوظ ڪندو ويندو هو. ستين ڏينهن هي ماڻهو بادشاهه کان اجازت وٺي واپس موٽيا ته ماڻهن انهن کي ڳوڙهن ۽ آهن سان الوداع ڪيو ۽ ٻيلي تائين گڏجي آيا. ڪجهه زميني تحفا به انهن پاڻ سان کنيا هئا. هو اتي پهتا ته هڪڙي ٻي پريشان ڪن مصيبت پيدا ٿي پيئي. زميني گاڏي استعمال جي قابل نه رهي هئي. ائين معلوم ٿي رهيو هو ته ڪي طاقتور جانور ان کي ٽڪر هڻندا رهيا آهن. ٻئي گاڏيون اندرين طرف چٻيون ٿي پيون هيون. ان جي چوڌاري گينڊن ۽ جهنگلي مينهن جا پيرا ٻينا هئا. پارٽيءَ جا ميمبر سخت پريشان هئا. سڄي صورتحال جو اطلاع ڪيپٽن لوز کي ڏنو ويو. ان ڏک جو اظهار ڪيو، پر هن وقت راڪيٽ تائين پهچڻ جو ٻيو ڪوبه ذريعو نه هو. مجبوراً هو واپس موٽي ويا. زميني ماڻهو ڏاڍا خوش ٿيا ته ڪنهن نه ڪنهن بهاني مهمانن جي روانگي ملتوي ٿي وئي. شاهي محل پهچي مرلينا تفصيلي گفتگوءَ جي ذريعي ڪيپٽن لوز کي صورتحال کان آگاهه ڪيو. هن رپورٽ مٿي موڪلي. اتان حڪم مليو ته راڪيٽ واپس مريخ تي پهچايو ۽ پارٽيءَ کي زمين تي ئي ڇڏي اچو، جيستائين ٻي گاڏي ڪٺي راڪيٽ واپس نه پهچي. ڊاڪٽر مرلينا جي دل خوشيءَ ۾ نٽي مايي. ڏاڍو سنو ٿيو، ڪجهه وقت لاءِ ڪمريءَ سان رفاقت نصيب ٿي وئي.

هڪ مهيني کان پوءِ مريخ سان رابطو قائم ڪيو ويو ته گرائونڊ ٽرنسيور تي اطلاع موصول ٿيو ته اجان پارٽيءَ کي غيرمعينه مدت تائين زمين تي ئي رهڻو پوندو، ڇو ته زمين، مريخ کان پري هٽندي پيئي وڃي. سالن کان پوءِ جڏهن مريخ ۽ زمين هڪٻئي جي ويجهو لنگهندا تڏهن راڪيٽ موڪلي سگهجي ٿو. هونئن به ڪروڙن روپين جي خرچ سان تيار ٿيندڙ مهم روز ته موڪلي نٿي سگهجي.

بادشاهه جي اجازت سان ڪمري ۽ ڊاڪٽر مرلينا پاڻ ۾ رشته ازدواج ۾ منسلڪ ٿي ويا ۽ پوءِ ٻين مريخين به زميني ڇوڪرين سان شاديون ڪيون. بادشاهه سلامت جي اجازت سان هڪ سائنسي اداري جو بنياد رکيو ويو، جتي زمين جي سفيد فامن کي فني تعليم ڏني ويندي هئي. هڪ سال کانپوءِ ڊاڪٽر مرلينا ۽ ڪمري کي هڪڙو چنڊ جهڙو پٽ ڄائو، جيڪو مريخي ۽ زميني اتحاد جو مظهر ثابت ٿيو.

●●●●●

# تبصرا

## ”نُور توحيد“ (ناول)

سنڌ جي ٻرک اديب، صحافي ۽ ناول نگار محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو اسلامي تاريخ جي موضوع تي لکيل هيءُ سنڌي ٻوليءَ جو هڪ منفرد ۽ شاهڪار ناول آهي.




هن ناول ۾ اسلام ۽ اسلام جي باني حضرت محمد ﷺ جن جي ولادت باسعادت کان وٺي سندن وصال تائين جي سموري تاريخ نهايت وڻندڙ پيرايي ۾ بيان ڪئي ويئي آهي. هن مبارڪ موضوع کي ”ناول“ جي روپ ۾ نڀاهڻ صرف ڏيپلائي صاحب جو ئي ڪمال آهي، جنهن کي هڪ صلاحيتمند ليکڪ ۽ ناول نگار جي حيثيت ۾، سنڌي ادب ۾ مانائتي مڃتا حاصل آهي.

ڏيپلائي صاحب هن ناول ۾ اسلام ۽ بانيءَ اسلام جي بنيادي ڪارنامن ۾ ٻن اهم نقطن کي اهميت سان بيان ڪيو آهي. هڪڙو ڪارنامو عرب ۾ عورتن کي جيئري پورڻ جي رسم کي ختم ڪرڻ ۽ ٻيو اولياءِ پرستيءَ جي خاتمي ڪرڻ جو: جيتوڻيڪ عدل ۽ انصاف جي قيام توڙي عام ڀلائي ۽ خيرخواهيءَ جي عملن ۽ اسلام جي ٻين خوبين جو پڻ ذڪر ڪيو اٿس. حضور ﷺ جن جي مهر ۽ ٻاجهہ توڙي رحمت ۽ شفقت جو ذڪر بہ جابجا ورجايو اٿائين، پر جيڪي مقصد بنيادي اهميت جي طور اولين ڪارنامن جي حيثيت ۾ ڳڻايا اٿس، سي بهرحال مٿيان ئي آهن. اِهي ٻيئي مقصد ۽ مضمون حقيقت ۾ آهن ضمني مقصد، پر ڏيپلائي صاحب انهن کي بنيادي مقصد ڪري پيش ڪيو آهي. اسلام وحدت خالق کان پوءِ مخلوق جي وحدت، نظري ۽ فڪري ايڪي کي قائم ڪرڻ جي مقصد کي پنهنجو مک منتصد بنايو آهي. اسلام جو مک مقصد هو انسانن جي وچ ۾ پيدا ٿيل اوچ نيچ جي فرقن توڙي طبقاتي، نسلي ۽ خود غرض مفادن جي وڇوٽين کي ختم ڪري سڄي انسانيت کي اُمت واحده بنائڻ. ان بنيادي مقصد ۾ ڪيترائي ٻيا بہ اهڙا مقصد اچي ٿا وڃن، جهڙا اِهي ٻہ مقصد ڏيپلائي صاحب بيان ڪيا آهن.

ڏيپلائي صاحب جي قلم کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي، جڏهن پاڻ هڪ صغير

نياڻيءَ جي معصوميت جو منظر چٽين ٿا. ٻئي پاسي هڪ وحشي پيءُ جي درندگي ڏيکارين ٿا. مصنف جڏهن معصوم ڌيءُ کي اجتماعي طور درنده صفت پيءُ جي هٿان قبر ۾ پورڻ جو منظر چٽي ٿو، نياڻيءَ جي واتان نڪرندڙ هيان ٽپوڙيندڙ "ابا! ابا! ابا! هيءَ ڇا ٿو ڪرين؟ مون مٿان هيءَ ٿڌل واري ڇو ٿو وارين؟ هيءَ ڏاڍي گرم آهي، مون کي ڪوسي ٿي لڳي" جا لفظ نڪرن ٿا، ۽ درنده صفت ماڻهن طرفان انهن لفظن تي ٽهڪن مٿان ٽهڪ اُٿن ٿا ۽ وجن ٿا مٿس واري ورائيندا. تان جو نياڻيءَ جون دانهون بند ٿي وجن ٿيون. ٽهڪ ڏئي ظالمن جي ٽوليءَ جي واپس وڃڻ کان پوءِ سيني سڙيل ماءُ جڏهن منهن مٿو پٽيندي رڙيون ۽ دانهون ڪندي اچي پنهنجي جگر جي ٽڪري جي پوريل وجود کي ڳولي ٿي ۽ دانهون ۽ واڪا ڪندي جڏهن الله کان پنهنجي نياڻي زنده گهري ٿي، تڏهن پڙهندڙ جو اندر ٻه اڌ ٿي وڃي ٿو، ته همڙن ظالمن ۽ قهارن ۾ اهڙو ڪو واهرو، وسيلو، غريبن ۽ مسڪينن جو آڌار، هيڻن ۽ ڪمزورن جو هڏڏوکي ڇو نٿو اُٿي، جيڪو همڙيءَ دل جليءَ عورت جو پرجهلو ٿئي ۽ جيئرين جاڳندڙ نياڻين کي جيئدان ڏيئي سگهي.

ان طرح لائق مصنف پڙهندڙ جي دل کي هڪ اهڙي واهروءَ ۽ آڌار تي ايندڙ جي تڙپ ڏيئي، انهن جي اڳيان جڏهن ٻنهي جهانن جي سردار جي رونق افروزيءَ جي ڪهاڻي شروع ٿو ڪري ته هن ناول کي جڻ چار چنڊ لڳي ٿا وڃن. پڙهندڙ جي دل نهايت بي چينيءَ سان حضور ﷺ جن جي زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي وڏيءَ دلچسپيءَ سان پڙهڻ شروع ٿي ڪري ته هاڻي ڏسون ته ڪڏهن ٿي بدنصيب ماءُ کي سندس وڃڙيل ڌيءُ ملي! ڪيئن ٿي 'قيس' جي زندگيءَ کي مات اچي، ڪڏهن ٿي 'سلميٰ' سوڀاري ٿئي. نياڻيءَ جي معصوميت مٿان ٽهڪ ڏيندڙ ظالمن جو انجام ڪڏهن ٿو سامهون اچي.

جيئري پورجي ويل سلميٰ ۽ سندس مگيندو اڪرم هن ناول جا مُک ڪردار آهن. سلميٰ جي پورجي وڃڻ سان هنن ٻنهي جو وڇوڙو ٿئي ٿو، ۽ ان وڇوڙي جو داستان اسلام ۽ بانيءَ اسلام جي ڪهاڻيءَ سان فتح مڪہ سان اسلام جي سوڀاري ٿيڻ تائين لاڳيتو جاري رهي ٿو ۽ ان ڏينهن ناول جي هنن ٻنهي ڪردارن کي پڻ سوڀ ٿي ملي. هڪ وحشي رسم کي شڪست ٿي اچي. اڳتي لاءِ ڪابہ نياڻي جيئري نہ پوري ويندي، ڪابہ عورت ڏاڍائيءَ جي شڪار نہ ٿيندي. اڄ کان پوءِ بي زبان ٿي ويل عورتن کي زبان ٿي ملي. انهن کي معاشري ۾ مقام ۽ مرتبو حاصل ٿو ٿئي. انهن جا حق متعين ڪيا وڃن ٿا.

ان ڏينهن ٻيو هڪ اهم واقعو ڪعبة الله منجهان ٽي سو سٺ بُتن کي ڊاهي پٽ ڪرڻ جو ٿئي

ٿو. ناول ۾ خدا وحده لاشريڪ له جيئري پورجي ويل سلميٰ ۽ ان جي دل جليءَ ماءُ جي پاسي آهي. سلميٰ جي ماءُ پنهنجي مٿان آيل مصيبت دوران ڪيس ٿي سڏي ٿي ۽ ڪانئس ٿي واهر جي گهر ٿي ڪري. ٻئي پاسي نياڻيءَ کي دفن ڪري ايندڙ قريش سردار وڃي ٿا ڪعبي ۾ پيل بُتن تي نياز نوڙتون ڪن ۽ جشن ملهائين. ڏيپلائي صاحب ڪمال تڏهن ٿو ڪري جڏهن بُتن کي ظالم سردارن جي پاسي ٿو ڏيکاري، ۽ پڙهندڙن جي اندر کي انهن جي خلاف نفرت سان پري ٿو ڇڏي.

ڏيپلائي صاحب جي هن ناول جو ٻيو اهم نقطو اهو به آهي ته پاڻ "بت پرستيءَ" جي لفظ بجاءِ "اولياء پرستيءَ" جو لفظ ڪتب آڻي ناول کي موجوده مشرڪاڻي صورتحال تي چسپان ڪري ڇڏيو آهي. ڇاڪاڻ ته تنهن زماني ۾ بت پرستيءَ جو رواج هو ۽ اڄوڪي زماني ۾ قبر پرستيءَ جو رواج آهي. پر انهن ٻنهي الڳ الڳ ڳالهين ۾ قدر مشترڪ جيڪا شيءِ آهي سا آهي 'اولياء پرستي' . اڄ به اوليائن کي پوڄيو ٿو وڃي، تنهن زماني ۾ به ائين ئي ڪيو ويندو هو. فرق صرف ايترو آهي ته ان زماني ۾ اوُليائن جا بُت ناهي انهن کان مرادون گهريون وينديون هيون ۽ هاڻي اوليائن جي قبرن کان مرادون گهريون ٿيون وڃن!

ڏيپلائي -صاحب جي ٻولي ڏاڍي دلڪش، سولي ۽ پڙهندڙ جي دل تي اثر ڇڏيندڙ آهي. پاڻ وڏو ڪمال اُتي ٿو ڪري جڏهن ناول ۾ آندل قرآن شريف جي آيتن جو سليس ۽ سهڻي ٻوليءَ ۾ باڪمال ترجمو ٿو ڪري، جنهن منجهان معلوم ٿئي ٿو ته نه رڳو ڪيس عربيءَ تي عبور حاصل هو، پر اُن سان گڏ پراڻيءَ ٻوليءَ جي نرالن تصورن ۽ اوپرن اسلوبن کي پنهنجي ٻولي ۾ ڪٽي، انهن کي بهترين اسلوب ڏني سهڻي انداز سان پيش ڪرڻ جي فن ۾ به ڪيس وڏي مهارت حاصل هئي.

"نور توحيد" ناول ۾ ڏيپلائي صاحب متعدد واقعن کي موجوده معاشري جي اوڻاين مٿان تنقيد ۾ به خوب استعمال ڪيو آهي. ڪوڙ ڳيرا سنڌ جي وڏيرڪين روايتن تي ڦٽڪار ڪئي اٿائين. گڏوگڏ منافقن جي تذڪري ۾ سياستدانن جي منافقيءَ تي به خوب چوهڙ چنڊيا اٿائين.

تاريخي حوالن سان تحقيقي ڪسوٽيءَ تي تاريخ جي واقعن کي جاچڻ ڪري ڪجهه اهڙيون روايتون به بيان ٿيون آهن، جيڪي محققن وٽ تنقيد جوڳيون ٿي سگهن ٿيون، پر "ناول" جو حوالو ان جي اثر کي زائل ڪري ٿو. - محمد آنس راڄپر

# بوستان

شيخ شرف الدين مصلح "سعدي" شيرازي اسلامي دنيا ۾، فارسي علم ۽ ادب جو هڪ بلند




مرتبہ عالم، فاضل ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. هن نہ صرف علامہ ابن جوزيءَ جهڙي تفسير، حديث ۽ تاريخ جي امام کان اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جو شرف حاصل ڪيو، پر اُن سان گڏ ڪائنات جي وسيع مطالعي جي سلسلي ۾ پنهنجي زندگيءَ جو ڪافي عرصو سير و سياحت ۾ صرف ڪيائين. ان دوران ترڪستان کان وٺندي هندستان، آفريڪا ۽ عربستان تائين دنيا جي مختلف قومن ۽ قبيلن جي رهڻي ڪهڻي، رسم و رواج ۽ تهذيب و تمدن جو گهڻو مشاهدو پڻ ڪيائين. سياحت کان پوءِ شيخ سعدي جڏهن پنهنجي آبائي شهر شيراز واپس موٽڻ جو ارادو ڪيو تہ کيس دل ۾ خيال پيدا ٿيو تہ پنهنجي ننڍپڻ جي دوستن ۽ احبابن لاءِ ڪهڙي سوکڙي وٺيو وڃان. ان دوران کيس اهو خيال آيو تہ دنيا جي وسيع مطالعي جي آڌار تي علم و ادب، تهذيب و تمدن، اخلاق و اخلاص سان واسطو رکندڙ جيڪي عجيب و غريب ڳالهيون منهنجي مشاهدي هيٺ آيون آهن، تن کي ڇو نہ ڪاغذ تي اتاري، دوستن جي خدمت ۾ هڪ سوکڙي طور پيش ڪريان. اهو خيال ڪري شيخ سعدي "بوستان" جي نالي سان فارسي مثنويءَ جي صورت ۾ هڪ علمي شاهڪار تصنيف ڪيو.

فارسي زبان ۾ مثنويءَ جي صورت ۾ جن عالمن جي تصنيفن کي تمام گهڻي شهرت حاصل ٿي، تن ۾ شيخ سعديءَ جو "بوستان" سرفهرست آهي. سمورو ڪتاب "اخلاقيات" سان تعلق رکندڙ مضمونن سان ڀرپور نظر اچي ٿو. فارسي علم ۽ ادب جي مطالعي مان اهو صاف طرح سان واضح ٿئي ٿو تہ اخلاقيات جي موضوع تي نظم توڙي نثر ۾ فارسيءَ جي ڪيترن ئي بلند مرتبي وارن عالمن ۽ شاعرن طبع آزمائي ڪئي آهي، ليڪن علمي ۽ تحقيقي لحاظ کان انهن جو پاڻ ۾ موازنو ڪجي ٿو تہ اهو صاف طرح سان معلوم ٿئي ٿو تہ "بوستان" ۾ استعمال ٿيندڙ نظم ۾ شيخ سعديءَ، جنهن انداز ۽ ڪمال سان لفظن، ترڪيبن ۽ تشبيهن جو استعمال ڪيو آهي، سي پنهنجو مٽ پاڻ آهن. منجهن حقيقت پسندي، خيالن جي نواڻ، جوش جذبي ۽ نئين انداز ۾ پيش ڪرڻ جو خوب انداز

اختيار ڪيو ويو آهي، اهوئي سبب آهي جو "بوستان" کي فارسيءَ جي بين اخلاقي ۽ ناصحانہ ڪتابن جي پيٽ ۾ عوام خواه خواص ۾ تمام گهڻي مقبوليت حاصل رهي آهي. سمورو ڪتاب ڏهن بابن تي مشتمل آهي، جن ۾ عدل ۽ انصاف، احسان، حقيقي عشق، تواضع، الله جي ياد، قناعت، تعليم و تربيت، شڪر، توبهہ ۽ دعا جهڙن موضوعن تي شيخ سعدي پنهنجي علم ۽ مطالعي جي آڌار تي، دل تي اثر ڪندڙ انداز ۾ روشني وڌي آهي.

تبصري هيٺ آيل ڪتاب "بوستان" جو بامحاوره ۽ معياري سنڌي ترجمو، سنڌ جي نامياري عالم مولانا محمد قاسم سومري جو ڪيل آهي. هن کان اڳ ۾ مولانا صاحب جا تصنيف ۽ ترجمو ڪيل ڪتاب سنڌ جي علمي ۽ ادبي حلقن ۾ وڏي مڃتا حاصل ڪري چڪا آهن. مولانا صاحب جو تعلق سنڌ جي "ساهتي پرڳڻي" سان آهي. جيئن تہ ساهتي ٻوليءَ جو لهجو 'معياري لهجو' تسليم ڪيل آهي، ان ڪري مولانا صاحب جي ڪيل ترجمي ۾ جيڪا ٻولي استعمال ڪئي ويئي آهي، سا سولي، سادي، سوادي ۽ مينهاج واري آهي. جيئن تہ اصل ڪتاب فارسي زبان ۾ آهي، ان ڪري سعدي پنهنجي ملڪ جي ريتن، رسمن، ڪهاوتن، پهاڪن ۽ تشبيهن کي جابجا استعمال ڪيو آهي. مولانا سومري صاحب پنهنجي وسيع علم ۽ تحقيق جي آڌار تي نہ صرف شيخ سعديءَ جي فارسي نظم واري سٽاءُ کي سنڌ جي نثر جي بامحاوره روپ ۾ تبديل ڪيو آهي، بلڪ ڪتاب ۾ ڪتب آندل فارسي ڪهاوتن ۽ پهاڪن کي سنڌ جي ريتن ۽ رسمن مطابق تبديل ڪري، اهڙو تہ دلڪش انداز اختيار ڪيو آهي، جو جڏهن ان جو مطالعو ڪجي ٿو تہ هن ڪتاب جو اصل مصنف فارسي جو نہ بلڪ سچاجهي 'سنڌ جو باشندو' محسوس ٿئي ٿو. لائق عالم مولانا محمد قاسم سومري صاحب جي فرزند مولانا ڊاڪٽر محمد ادريس السندي (صدر المدرسين جامعہ انوارالعلوم ڪنڊيارو) "سعديءَ جي سوانح" جي عنوان سان هڪ جامع تحقيقي مضمون لکيو آهي، جو ان ڪتاب جي مُهڙ ۾ آيل آهي، جنهن سان ڪتاب جي معيار ۾ واڌارو پيدا ٿيو آهي.

سنڌ جي مشهور اشاعتي اداري "روشني پبليڪيشن" هيءُ ڪتاب شايع ڪري، وڏي علمي ۽ ادبي خدمت سرانجام ڏني آهي. سهڻي ۽ ديده زيب سرورق سان، ڊيمي سائيز جي سفيد ۽ معياري ڪاغذ تي شايع ڪيل هن ڪتاب جي قيمت ١٥٠ روپيا موزون آهي. سنڌ جي سمورن ڪتب فروشن وٽان ملي سگهي ٿو. - **ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهرو**

# "THAR" (Land, History, People)

ٿر، سنڌ جي پنجن طبعي حصن مان هڪ مکيہ حصو آهي. اُن جي تاريخ، باقي سنڌ جي ڀيٽ ۾ ڪافي نرالي بہ آهي. اتهاس جي ڊگهي سفر ۾ ٿر ڪڏهن سنڌ جو حصو رهيو آهي، تہ ڪڏهن وري اُن نيم خودمختيار حيثيت ڀني ماڻي آهي. هڪ وقت ۾ تہ ٿر جو پرڳڻو راجستان جي راجائن جي بہ قبضي ۾ رهيو. چوڻي آهي تہ "وُٺو تہ ٿر، نہ تہ بر". برسات پيئي تہ ٿر ڪشمير کان بہ وڌيڪ پيو ڏِک ڏيندو، ورنہ تہ سُڃ پيئي ماڻهن ۽ مالن کي کائيندي. ان پسمنظر ۾ سنڌ جي شروع وارين تاريخن ۾ ٿر بابت مواد اٽي ۾ لوڻ برابر ملي ٿو.




ٿر جي باري ۾ پهريون باقاعده ڪتاب، ڪپتان اسٽينلي نيپئر ريڪس لکيو. هيءُ ڪتاب "Memories on the Thar and Parkar Districts of Sind" جي نالي سان ۱۸۵۹ع ۾ بمبئيءَ مان ڇپيو هو. بعد ۾ وري ڊگهي عرصي تائين ٿر بابت ڪوبہ ڪتاب ڪونہ لکيو ويو. سال ۱۹۱۹ع ۾ جي. ڊبيلو. سمٿ جو ضلع وار گزيٽيئر سلسلو شايع ٿيو. ان رٿا هيٺ ٿرپارڪر بابت پڻ هڪ جدا گزيٽيئر ڇپجي پڌرو ٿيو. سمٿ جو هيءُ ڪتاب ريڪس جو تسلسل ڏسجي ٿو. ان طرح 'ٿر' يا 'ٿرپارڪر' بابت ڪتابن لکڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو. ۱۹۲۴ع ۾ پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جو ڪتاب "سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ" ۽ سال ۱۹۳۴ع ۾ تيج سنگهہ سولنڪيءَ جو "امرڪوٽ اتهاس" ڇپيا، جي ٿر جي هڪ علائقي عمرڪوٽ جي پس منظر ۾ لکيل هئا.

پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ ٿر جي مطالعي جو نئون دور شروع ٿيو. ۱۹۵۱ع ۾ محمد اسماعيل عُرساڻيءَ جو ڪتاب "سير ريگستان" شايع ٿيو. ٿر جي روزمره جي زندگي ۽ مختلف پهلوئن تي مشتمل اِن وڻندڙ ڪتاب سنڌي ادب ۾ وڏي مڃتا حاصل ڪئي.

ٿر جي نامور محقق ۽ عالم، استاد رائچند راٺوڙ جي تحقيق جو شاهڪار "تاريخ ريگستان" ۱۹۵۶ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو تہ سنڌ جي سمورن علمي ۽ تحقيقي حلقن ۾ اُن معياري ڪتاب کي وڏي پذيرائي حاصل ٿي، جو لائق مصنف جي ورهين جي تحقيقي ڪشالي جو ثمر هو. ان طرح "تاريخ ريگستان" جو ٻيو ڀاڱو، بورڊ ۱۹۷۵ع ڌاري شايع ڪيو. ٻنهي ڀاڱن جا متعدد ايڊيشن شايع ٿي چڪا آهن. استاد رائچند جي "تاريخ ريگستان" کي ٿر جي تحقيق جي حوالي سان هڪ 'ڪلاسڪ' جي حيثيت حاصل آهي ۽ علمي دنيا ان کي ٿر جي "اينسائيڪلوپيڊيا" قرار ڏنو آهي. ان طرح ٿرپارڪر بابت ۱۹۷۵ع ڌاري ڇپيل هڪ علمي ڪتاب "اُنا مينهن ملير" کي بہ تحقيقي حلقن

۾ مقبوليت حاصل ٿي، جنهن جي اشاعت اُن وقت جي علم دوست ڊپٽي ڪمشنر مسٽر نوراحمد شاهه جي دلچسپيءَ جو نتيجو هئي.

سال ١٩٩٢ع ڌاري، ٿرپارڪر جي اُن وقت جي ادب نواز ڊپٽي ڪمشنر محترم عبدالقادر منگي منيءَ ۾ ٿر بابت هڪ سنجيده سيمينار منعقد ڪرايو. انهيءَ سيمينار ۾ پڙهيل مقالن تي مشتمل ڪتاب "ٿر" جي نالي سان نهايت علمي نوع ۾ ترتيب ڏيئي ورندڙ سال ڇپرو ڪيو ويو. منگي صاحب طرفان سليقي سان سهيڙيل هيءُ معياري ڪتاب مواد جي لحاظ کان وڏي اهميت رکي ٿو.

تبصري هيٺ آيل ڪتاب "THAR"، مشهور آرڪيالاجسٽ جناب احسان. ايڇ. نديم جي محنت جو هڪ حسين گلدستو آهي، جنهن ۾ ٿر پنهنجي تمام رنگينين ۽ رعنائين سان، ڪشمير وانگر پهڪندڙ نظر اچي ٿو. نديم صاحب، قديم آثارن واري کاتي جو آفيسر رهيو ۽ حيدرآباد ۾ ڊئريڪٽر آرڪيالاجي طور رٽائر ٿي تازو لاهور ۾ رهائش پذير ٿيو آهي. سنڌ بابت فاضل مصنف جا انگريزيءَ ۾ ڪجهه ڪتاب "موهن جو دڙو" ۽ "مڪلي" ۽ متعدد تحقيقي مقالا اڳ ۾ ئي شايع ٿي علمي حلقن کان داد حاصل ڪري چڪا آهن. کاتي ۾ ڪم ڪندي، مصنف محترم، عمرڪوٽ ۾ ميوزيم جي قيام ۽ تعمير ۾ به اهم ڪردار ادا ڪري چڪو آهي.

انگريزيءَ ۾ محترم احسان. ايڇ. نديم جو جاذب نظر ۽ معياري ڪتاب: "ٿر- لئنڊ، هسٽري، پيپل" مختلف بابن ۾ ورهايل آهي. ابتدا ۾ مهاڳ ۽ تمهيد اچن ٿا. اُن کان پوءِ "ٿر" نالي جي اصليت تي بحث ڪيو ويو آهي. دنيا جا بيابان (صحرا) ايندڙ عنوان آهي. ان کان پوءِ ٿر جي وجود ۾ اچڻ تي بحث ڪيو ويو آهي. ورندڙ عنوان ۾ پارڪر جي ايراضيءَ جو احوال اچي ٿو ۽ بعد ۾ جاگرافيائي حالتن تي روشني وڌي ويئي آهي. حدن جو ذڪر ڪندي نديم صاحب ٿر جي مختلف طبعي پاڱن کي اجاگر ڪيو آهي. ان کان پوءِ آب و هوا جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ايندڙ باب ۾ ٿر جي تاريخ جو احاطو ڪيل آهي. ان کان پوءِ قومن ۽ قبيلن بابت لکيو ويو آهي. ايندڙ ٻه باب نباتات (Flora) ۽ حيوانات (Fauna) جي مطالعي لاءِ وقف ڪيا ويا آهن. ان کان پوءِ ٿر جي ثقافتي ورثي جو اڀياس ڪيو ويو آهي. آخري ليڪن اهم باب "قديم آثارن" جي حوالي سان لکيو ويو آهي، جو هن ڪتاب جي تحقيقي پهلوءَ کي نمايان طرح سان اجاگر ڪري ٿو. بعد ۾ خاتمو ۽ پڇاڙيءَ ۾ ببليوگرافي شامل ڪري ڪتاب کي راس ڪيو ويو آهي.

ٿر بابت انگريزيءَ ۾ لکيل انهيءَ نهايت جامع ۽ معياري ڪتاب کي فاضل محقق احسان نديم هر طرح سان مستند بنائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي، جنهن جو مٿي ڏنل عنوانن مان به اندازو ڪري سگهجي ٿو، ليڪن اسان هت احسان صاحب پاران ٿر جي تاريخ ۽ قديم آثارن بابت ڪيل اڀياس تي مختصر گفتگو ڪنداسين. باوجود ڪوشش جي، ٿر جي "تاريخ" وارو باب سير حاصل

انداز سان مڪمل ٿي نہ سگھيو آهي، خاص طرح سان ٿر ۽ سنڌ جي حڪمرانن جي تعلق تي لکندي، سنڌ جي تاريخ جا ڪيئي اهم پهلو تشنہ محسوس ٿين ٿا. هن ڏس ۾ اڪبر اعظم جي جنم ڀومي ۽ قديم عمرڪوٽ تي لکندي، مصنف البتہ تازه کوجنا کي سامهون رکي نتيجن اخذ ڪرڻ جي سُٺي ڪوشش ڪئي آهي. ٿر جي تاريخ ۾ شروع ڪان وٺي هي بحث هلندو ٿو اچي تہ اڪبر قلعي ۾ ڄائو هو يا قلعي کان ٻاهر هن جو جنم ٿيو هو؟ ٻيو تہ ڪجھہ مصنفن جو رايو آهي تہ اصلي قلعو، موجوده قلعي کان ڪجھہ فرلانگ پري اُتر طرف هو، جنهن کي ميان نورمحمد ڪلهوڙي ڍهرائي نئون قلعو تعمير ڪرايو هو. هن موضوع تي ١٥ کن سال اڳ ۾ رسالي "مهراڻ" ۾، ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جي هڪ جامع اسٽڊي شايع ٿي هئي، جنهن ۾ دليلن سان ثابت ڪيو ويو هو تہ پراڻو قلعو اِتي ئي هو، جتي موجوده قلعو موجود آهي ۽ اڪبر جو جنم پڻ قلعي ۾ اندر ئي ٿيو هو. مصنف، ٿر جي تاريخ تي لکندي، "مهراڻ" (١٩٨٦ع) ۾ ڇپيل هن مطالعي 'ن استفادو ڪ ي، لاکي صاحب جي ڪڍيل نتيجن کي قبول ڪيو آهي.

هن ڪتاب ۾ قديم آثارن وارو باب صحيح معنيٰ ۾ "جاندار باب" آهي، ڇو تہ انهيءَ موضوع تي هڪ تجربيڪار ۽ صلاحيتمند "آرڪيالاجسٽ قلم کنيو آهي. هن باب کي ٻن ڀاڱن- يعني تہ مذهبي تعميرات ۽ فوجي اڏاوتون- تحت قلمبند ڪيو ويو آهي ۽ موضوع کي خوب نباهيو ويو آهي.

محترم احسان. ايچ. نديم، هن ڪتاب "THAR-Land, History, People" ۾ ٿر جي تاريخي جاين ۽ روزمره جي زندگيءَ جي تقريباً سمورن پهلوئن جي عڪاسي ڪندڙ منظرن جي تصويرن، مناسب نقشن ۽ موزون چارٽن جو وڏو تعداد درج ڪري، ڪتاب کي معياري ۽ پُربهار بڻايو آهي. اها سموري محنت، فاضل محقق جي ذاتي جاکوڙ جو دلپذير نتيجو آهي. اهڙي بهترين علمي جدوجهد تي، سچ تہ ٿر واسي ۽ سنڌ جا سمورا علمي حلقا مصنف جا شڪرگذار آهن.

انگريزي زبان ۾ "ٿر" بابت واقعي هي پهرين مڪمل تحقيقي جاکوڙ آهي، جنهن لاءِ فاضل مصنف ڪيرون لهڻي.

"سنگ ميل پبلشرس" لاهور، هيءُ ڪتاب گليزڊ پيپر تي وڏي اهتمام سان شايع ڪيو آهي، جنهن ۾ ٢٦٨ صفحا آهن. ڊبل ڪرائون سائيز، ڪتاب جي زيب زينت ۾ واڌارو آندو آهي. ڊيلڪس بائينڊنگ سان "ٿر- لئنڊ، هسٽري، پيپل" جي قيمت ٻارنهن سؤ رپيا آهي. - نفيس احمد شيخ

# جيءُ منهنجو جن سين

هيءُ ڪتاب تازو تازو شايع ٿيو آهي ۽ سنڌي ادب ۾ خطن جي ڪتابن ۾، خاطرخواه واڌارو آهي. ڪتاب جو سهيڙيندڙ حڪيم خليفو عبدالحميد چانديو آهي، جو سنڌ جي علمي حلقن ۾ ان ريت پڻ متعارف آهي، ته سندس ڪتاب "سنڌ جو اُتر ڪاڇو عرف چانڊڪو ڪاڇو" سُهڻي ادبي مڃتا ماڻي چڪو آهي ۽ هن وقت پاڻ سنڌ جي مشهور شخصيت نواب غيبي خان چانڊيي جي مستند سوانح عمري لکي رهيو آهي.



زير نظر ڪتاب "جيءُ منهنجو جن سين" جي غرض ۽ غايت بيان ڪندي، لائق مصنف جي فائق فرزند حڪيم اعجاز حسين پنهنجي 'مهاڳ' ۾ لکيو اٿس ته:

"هي علمي، ادبي مشاهيرن جي خطن جو مختصر مجموعو آهي. منهنجي وڏي خوش نصيبي آهي جو ڪتاب جو مرتب استاد محترم (منهنجو والد) اهڙن مشاهيرن جي صحبت ۾ رهيو آهي ۽ ڪيس اها سعادت نصيب ٿي، جو پاڻ ڏانهن لکيل اُنهن مشاهيرن جي خطن کي سانديي ڪتابي صورت ۾ آندو اٿائين.

هـڙا ڪي ٿورا ڪتاب هوندا. خط ته پري رهيو، پر سنڌ جي مشاهيرن جي سوانحي تذڪرن تي ٻـي محدود ڪتاب لکيل آهن، بلڪ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا آهن، مثلاً: مولوي دين محمد وفائي جو "تذڪره مشاهير سنڌ"، پير علي محمد راشديءَ جو "اُهي ڏينهن اُهي شينهن"، سائين جي. ايم. سيد جو "جنب گذاريم جن سين"، سيد حسام الدين راشديءَ جو "هو ڏوٿي هو ڏينهن" ۽ محترم غلام رباني آگري صاحب جو "جهڙا گل گلاب جا."

بيا بـ چند ڪتاب آهن، پر هنن ڪتابن کي سنڌي ادب ۾ هڪ خاص مقام حاصل آهي، جي سوانحي تذڪرن ۾ صف اول تي اچن ٿا. ڇاپايل بـ سنڌ جي وڏي ادبي اداري 'سنڌي ادبي بورڊ' جا آهن. پر، انهن ڪتابن تي بـ ڪجهـ اديبن، علم پرورن ۽ ڪجهـ پڙهندڙن کي اعتراض آهن: ڪن جو چوڻ آهي تـ 'جنب گذاريم جن سين' ۾ سيد صاحب قدري مبالغي کان ڪم ورتو آهي. ڪي چون ٿا تـ 'مشاهير سنڌ' ۾ مولوي صاحب بغير ڪنهن ٺوس حوالي جي ڪتاب نقل ڪرڻ جي انتها ڪري ڇڏي آهي (جيئن پٺاڻي سائينءَ بابت لکيل ڪتاب 'لطف اللطيف' ۾ مير عبدالحسين خان سانگيءَ جي 'لطائف لطيفي' تان هوبهو مواد نقل ڪيو اٿس). ڪي صاحب چون ٿا 'هو ڏوٿي، هو ڏينهن' ۾

ڪافي اعتراض جوڳو مواد شامل آهي ۽ هن ڪتاب تي تہ مشاهيرن جي سوانح حيات جو الزام آهي. پير صاحب هي ڪتاب محض ذاتي يادگيرين بابت لکيو آهي. 'اهي ڏينهن، اهي شينهن' جي مخالفت ۾ تہ هڪ صاحب ڪتاب لکيو آهي 'سيڻ مٺائن سون تي' .

هن خطن جي ڪتاب ۾ ڊاڪٽر علي نواز بلوچ مرحوم، پنهنجي خط ۾ ڪيڏي نہ سچي ڳالهہ لکي آهي: 'اوهان ڪيڏيون بہ جفاڪشيون ڪيو، سنڌي قوم ڪانہ مڃيندي. رهندو نقط چينيون ٿينديون."

پير علي محمد راشديءَ جي ڪتابن پڙهڻ سان دماغ ۾ اهو سوال پيو گهمندو هو، تہ ڇا پير علي محمد راشديءَ جهڙيءَ رواني‌ءَ سان سهٽي سنڌي لکڻ وارو پيو ڪو ٿيندو؟

ان جو جواب تڏهن مليو، جڏهن رباني صاحب جو 'جهڙا گل گلاب جا' پڙهيم. سچي ڪتاب ۾ رباني صاحب ائين پيو ٿو چوي تہ:

تـا تـازهء و تـر زنم رقـم را

در بـاده کـشـيـده قـلـم را.

اڄ جڏهن ڪن اديبن سنڌي لکڻ ڇڏي ڏني آهي ۽ گهڻا سنڌي ليکڪ هندي فلمن ۽ هندي چينلن تان هندي لفظ ٻڌي، زوري سنڌيءَ ۾ ٽنبين ٿا ، تہ افسوس ٿو ٿئي، تہ ڇا اسان جي ٻولي ايتري تلخ يا سَڪٽي آهي جو ان ۾ ڌاريا لفظ ڪتب آڻجن.

سال کن اڳ جي ڳالهہ آهي تہ اسان جي سنڌ جي هڪڙي شاعر (جنهن کي اڄ جا ڪي نوجوان وڏو شاعر ٿا سمجهن) بابا سائينءَ ڏانهن هڪڙو خط لکي موڪليو. خط پڙهڻ وٽان آهي:

شري حڪيم صاحب "سڪي" هجو

ادبي "ڪيتر" ۾ هن وقت اوهان جو نالو "مهان" بڻجي ويو آهي، جو اوهان پنهنجي "ماتر يومي" تي هيڏو وڏو ڪتاب لکيو آهي........... ڌرتي "ماتا" اوهان تي "گرو" ٿي ڪري....... "آشا" آهي تہ هڪ ڪاپي مون کي "ارپن" ڪندا......... جلد ني اڇي اوهان جا "چرن" چمندس.

اوهان جو

"شپ چنتڪ"...........

چوندا آهن تہ شاعر الله تعاليٰ جون زبانون آهن، پر هن صاحب فقط 'السلام عليڪم' بہ ڪونہ لکيو هو! افسوس جو مقام آهي. اسان تہ آهيون سنڌي ٻوليءَ جي اڄا سيڪڙاٽن ۾ شمار، پر سنڌي زبان جي عالمن کي اهڙن لکندڙن خلاف قدم کڻڻ گهرجي. اهڙا ماڻهو تہ اسان جي ٻوليءَ جي پينگ ڪندا. اهڙن لکندڙن جي ناقابل معافي غفلت اسان جي ٻوليءَ کي وڏو نقصان پهچائيندي. ڪٿي ايندڙ نسل پنهنجي ٻوليءَ جي صحيح صورت کي بلڪل وساري نہ ويهي.

سو رباني صاحب جھڙا سنڌي ليکڪ اچا آھن، جن جي لکڻيءَ مان خالص سنڌيءَ جو ساءُ اچي ٿو.

"جھڙا گل گلاب جا" پنھنجيءَ جاءِ تي سھڻيءَ سنڌيءَ جو ھڪ مثالي ڪتاب آھي. ھن ڪتاب کي سنڌي ادبي بورڊ سان لاڳاپيل مشاھيرن جو تذڪرو ڪونجي، تہ بجا ٿيندو. ھن ڪتاب لاءِ مذڪوره ڪتابن وانگر مون ڪا دانھن ڪانہ ٻڌي آھي. اِھو ان ڪري نٿو چوان، تہ اھو ڪتاب مون کي ذاتي طرح پسند آھي، پر مان ذاتي طور نھايت احترام سان رباني صاحب کي ان ڪتاب متعلق ھڪ گذارش ڪندس، تہ سوانحي خاڪن جي ايڏي عاليشان ڪتاب ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو خلاصو ذڪر نہ ڪيو اٿن. جي ڪجھہ ذڪر ڪيو بہ اٿن، تہ ٻيڙي فقير جي تذڪري ھيٺ.

ٻيڙي فقير جي تذڪري ۾ رباني صاحب لکيو آھي تہ:

"عيسوي ويھينءَ صديءَ جي پوئين اڌ جي علمي ۽ ادبي مشاھيرن جو جيڪو تذڪرو لکبو، سو تيستين نامڪمل رھندو جيستين ان ۾ ٻيڙي فقير جو ذڪر نہ ايندو."

ڀلا ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ذڪر کان سواءِ اھو تذڪرو مڪمل ھوندو؟ ٻيڙي فقير کي علمي ۽ ادبي دنيا ۾ متعارف ڪرائڻ واري شخصيت ڊاڪٽر بلوچ صاحب آھي. ڊاڪٽر بلوچ جو ادبي ۽ علمي مقام ٻيڙي فقير کان اتم ۽ اعليٰ آھي. اھڙي ڪتاب ۾ اول ڊاڪٽر بلوچ جو ذڪر اچڻ کپندو ھو، پوءِ ٻيڙو فقير ۽ ٻيا. افسوس جو 'جھڙا گل گلاب جا' جھڙي بھترين تصنيف ۾ رباني صاحب کان ڊاڪٽر بلوچ جو تذڪرو ھڪ الڳ، خلاصي مضمون ھيٺ ڪرڻ کان رھجي ويو.

ھاڻي، تازو رباني صاحب ان ڪميءَ جو ازالو ڪيو آھي. "نئين زندگي" جي 'ڊاڪٽر بلوچ نمبر' ۾ ڊاڪٽر صاحب تي ھڪ ناھوڪو مضمون لکيو اٿس. 'نئين زندگي' جي اُن 'ڊاڪٽر بلوچ نمبر' ۾ ڊاڪٽر صاحب تي لکيل سڀني مضمونن ۾ رباني صاحب وارو مضمون ائين ڪرَ ڪنيون بيٺو آ، جيئن تارن ۾ چنڊ. ادبي حلقن ۾ اھو مضمون ڏاڍو پسند ڪيو ويو. پيھر ساڳيو مضمون ماھوار 'سوجھرو' جي ذات ۽ حيات سلسلي ۾ ڇپيو. ان مضمون ۾ ھڪ ھنڌ رباني صاحب ڪيڏي نہ معنيٰ خيز ڳالھہ لکي آھي:

> "ڊاڪٽر بلوچ صاحب علمي ۽ ادبي لحاظ کان سونھاري سنڌ جو
> ھڪ اھڙو سدا بھار وڻ آھي، جنھن جي سرسبز پنن، گلن ۽ ڦلن ۾
> الاٽي تہ ڪيترا ڳيرا، پٽ ڳيريون ۽ ڪبوتر قرار پذير آھن."

۽ ان سدا بھار وڻ جي ڇانو ۾ ڪيئي سُڪا، ساوا ٿيا آھن ۽ ڪي نوان سلا ڦٽن ٿا. دعا آھي تہ ان وڻ جي ڇانو ۾ اسان جو سنڌي ادب ھميشہ سرسبز رھي.

ڊاڪٽر صاحب کي شمس العلماء وارو لقب ڏيڻ ۽ کيس خراج تحسين پيش ڪرڻ ۾ اجا گھڻو گھٽ

آهي. پاڻ تہ عالمن جو سچ بہ آهي تہ چند بہ. ان ڳالهہ جو احساس سياڻي ٿيندو. لڳي ٿو تہ اصل کان وٺي اسان جي قوم وٽ اهڙن محسنن جو قدر ڪونهي نہ تہ چو لطيف سرڪار پنهنجي ڪلام ڪي پاڻي ۾ اڇلائي ها! چو علامہ. آءِ. آءِ. قاضي ڪي دريا اسان کان جهٽي وڃي ها! شايد درياهہ چيس:

آ هلي سڄڻ توکي آ سڃاتو مون،
ڇڏي اُهي ماڻهو، مون ڏي آ منهنجا پرين.

اسان کان وڏيڪ علم جي سمنڊ جو قدر درياهہ کي هو. دادن فقير اجايو ڪونہ چيو آهي:

چا پڌايان حال دل جو مان چٽو،
جيڪي ٿيو ڏاڍو ٿيو مون پٺي سٺو،
قوم اهڙي سان ٿو رهجي دادن،
ڪربلا ۾ پيرُ جن پنهنجو ڪُٺو.

اهڙيءَ طرح، اسان جا افعال ڏسي حڪيم بصرالدين سيوهاڻي درازي عمر وارو اهو نسخو ڦاڙي ڇڏيو هو، جيڪو طبي دنيا ۾ تهلڪو مچائي ها. بهرحال، گهڻائي محسن اسان جي ناقدرداني جو شڪار ٿيا آهن. سچ پچو، تہ اسان ڪي هاڻي اک پٽڻ گهرجي، ائين نہ تہ سياڻي اجايو چوندا رهون:

حيف صد حيف ڪہ ما دير خبردار شديم

هتہ اهو ذڪر بہ ضروري آهي تہ علمي ادبي دائري ۾ شخصيت پرستي ۽ قوم پرستي وڏيون بيماريون آهن:

سر اين فتنہ زجائيست ڪہ من مي دانم

انهن بيمارين واري بيمار کي اهو هوش نہ رهندو آهي ۽ نہ ئي اهو ڏسي سگهندو آهي تہ ڪهڙو ڪهڙي پايي جو شخص آهي ۽ ان علم ادب جي ڪهڙي ڪهڙي خدمت ڪئي آهي. اُهو مريض ڏسندو آهي فقط ذات ۽ قوم. ڪم تي سندس نگاهہ نہ پوندي آهي. هن ڪتاب ۾ حڪيم محمد سعيد جا خط نہ آڇن، چو جو مهاجر هو! آفتاب قرشيءَ جو ذڪر نہ ڪجي، چا جي ڪري جو هو پنجابي هو!

عالمن، شاعرن، حڪيمن ۽ اديبن ۾ ذات پات جو سنڌو ڪرڻ عجب جهڙي ڳالهہ آهي. هو تہ سڀ ڪنهن کي يڪسان فيض پهچائن ٿا."

مهاڳ کان پوءِ "پنهنجي پاران" عنوان هيٺ حڪيم عبدالحميد صاحب جي تحرير بہ دل کي ڇُهندڙ آهي. متن ۾ ٥٧ شخصيتن جي خطن کي سهيڙيو ويو آهي.

"جيءُ منهنجو جن سين" ١٣٤ صفحن تي مشتمل هڪ وڻندڙ ڪتاب آهي، جو خليفي صاحب پنهنجي ڳوٺ ماڏو (تعلقہ خيرپور ناٿن شاهہ، ضلع دادو) مان شايع ڪيو آهي. ان جي قيمت ڏيڍ سؤ روپيا موزون آهي.

**- نفيس احمد شيخ**

# جامع سنڌي لغات (جلد ٽيون)

سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي زبان جي جامع سنڌي لغات، پنجن جلدن ۾ شايع ڪئي آهي. هن کان اڳ، ڪنهن بہ ادبي يا تعليمي اداري اهڙو عظيم ڪارنامو سرانجام ڪونہ ڏنو آهي.




سنہ ١٩٥١ع ۾، سنڌي ادبي بورڊ ٺهيو، تہ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب کي ترقي ڏيارڻ لاءِ جيڪي پهريون پهريون اسڪيمون ٺاهيائين، تن ۾ "جامع سنڌي لغات جي اسڪيم" سرفهرست هئي. بورڊ، انهيءَ اسڪيم جي ڊئريڪٽر جي عهدي لاءِ سنڌ جي ممتاز عالم ۽ پنهنجي معزز ميمبر، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو انتخاب ڪيو ۽ انهيءَ اسڪيم کان علاوه، ڪيس ٻين ادبي ڪتابن، خاص طرح سنڌ جي ڪن تاريخن ۽ ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلام کي ايڊٽ ڪرڻ جو ڪم سونپيائين. ڪيس سنڌي لوڪ ادب اسڪيم جو ڊئريڪٽر پڻ مقرر ڪيائين. (بورڊ انهن اهم ذميوارين لاءِ محترم ڊاڪٽر صاحب لاءِ مناسب مالي معاوضو پڻ مقرر ڪيو). هت، اهو ذڪر ڪرڻ مناسب آهي، تہ پاڪستان جي سمورن مقامي زبانن جي ادبي ادارن ۾، ڪنهن بہ ايڏي وڏي لغات، توڙي لوڪ ادب جمع ڪرڻ ۽ ڇاپڻ جو ڪم ڪونہ ڪيو آهي.

ڊاڪٽر صاحب، جامع سنڌي لغات جو ڪم، سرجوشيءَ سان شروع ڪيو. اسڪيم جي رٿابنديءَ ڪانپوءِ، سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس ۾ ان جي مرڪزي آفيس قائم ڪيائين ۽ ضروري اسٽاف مقرر ڪيائين. پر، وڏي ڳالھ تہ ڪيس جامع سنڌي لغات لاءِ سڄيءَ سنڌ مان، مختلف ذاتين، زميندارن، ڪاشتڪارن، ڪمين، ڪاسبين، سنڌن هنرن، ڪاريگرين، ڌنڌن ۽ اوزارن جا نالا- ائين ڪٺي ڇنڇي، تہ سنڌ ۾ زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ روزانو ڪم ايندڙ سوين هزارين لکين لفظ گڏ ڪرڻا پيا، جيڪو انگريزي محاوري ۾ (Himalian Task) هو. پر، موصوف وڏيءَ همت ۽ حوصلي کان ڪم ورتو. جڏهن مواد گڏ ٿيو، تہ ابتدائي مسودو تيار ٿيو. پر، جڏهن اهو مسودو ايڊٽ ٿيو، تڏهن ڇپائيءَ جو ڪم شروع ٿيو، جنهن ۾ ورهيہ لڳي ويا.

بورڊ لغت جي ڪم ۾ حتي المقدور ڪنهن بہ غلطيءَ جي امڪان کي رد ڪرڻ لاءِ سنڌ جي هاڪاري عالم ۽ پنهنجي معزز ميمبر، شمس العلماء ڊاڪٽر دائودپوٽي کي نظرثانيءَ ۽ اصلاح جو ڪم سونپيو. مرحوم ڊاڪٽر صاحب ڪيترن لفظن ۽ محاورن تي اعتراض ڪيا. سو، لغات جي ڪم پيچيدگي اختيار ڪئي. آخر نوبت اِتي پهتي، جو ڊاڪٽر بلوچ صاحب لغات جي ڪم مان هٿ ڪڍي

ورتو، ۽ لوڪ ادب جي اسڪيم تي توجهہ مرڪوز ڪيو. نتيجي طور، لوڪ ادب جي ڪم زور ورتو. پر، لغات جي ڇپائيءَ جو ڪم پوئتي پنجي ويو. هوڏانهن، بورڊ جا ميمبر بہ ويا متبا، تان جو اڳتي هلي، ڪنهن مرحلي تي، سنڌ جو ممتاز ديني عالم، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب بورڊ جو چيئرمن مقرر ٿيو. موصوف لغات جي ڪم ڏي توجهہ ڏنو ۽ ڇپائيءَ لاءِ پريس ۾ موڪلڻ واري مسودي تي نظرثاني ڪرڻ جو ڪم پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو، ۽ لغات جي ڇپائي ذاتي نگرانيءَ هيٺ شروع ڪرائي. بورڊ وٽان، دستور موجب، ڪيس بہ مناسب 'محنتاڻو' ملندو رهيو. 'جامع سنڌي لغات' جو زير تبصره جلد نمبر ٽيون، اهڙيءَ ريت، مولانا قاسمي صاحب جي نگرانيءَ هيٺ سنہ ١٩٨۴ع ۾ شايع ٿيو.

سال کن ٿيو، تہ ٿنڌي جان محمد مان ڊاڪٽر محمد بخش ڏاهري صاحب بورڊ کي خط لکي موڪليو، تہ مذڪور جلد ۾، 'ڏاهري قوم' لاءِ نامناسب لفظ ڇپيا آهن. بورڊ جي آفيس ڪيس حقيقت کان گوش گذار ڪيو، ۽ چيو تہ پل چڪ انسانن کان ئي ٿيندي آهي. بورڊ کي سنڌ جي سمورين قومن ۽ قبيلن وانگر ڏاهري قوم لاءِ بہ وڏو احترام آهي. سو، اوهان جي ٻڌايل غلطيءَ جي درستي ڪندو.

چنانچہ، مذڪور جلد جي رهيل سمورين ڪاپين جي جلد بندي ٽوڙائي وئي، ڇپائيءَ ۾ درستي ڪئي وئي، نئين سر جلد بندي ڪرائي وئي ۽ درست ٿيل 'ٽيون جلد' محترم محمد بخش ڏاهريءَ کي ملاحظي لاءِ موڪليو ويو. ان ۾ ڪجهہ ٽائيم تہ لڳو، پر، هاڻي بورڊ جي بوڪ اسٽال تان وڪرو ٿي رهيو آهي. محترم محمد بخش صاحب خوش ٿيو، ۽ قرب ڀريو خط لکي موڪليائين تہ:

> محترمي، اسلام عليڪم: بورڊ جي جامع سنڌي لغات جو درست ٿيل جلد ٽيون پهتو، ڏاڍي خوشي ٿي. آگرا صاحب، توهان سوچيو هوندو، تہ "ڪٿان اچي ڏچي ۾ ڦاٿو آهيان! ناڪرده گناهہ ۾." پر، سنڌي زبان ۾ چوٽي آهي تہ "سچو وزن سڌيءَ ڪاني تي هوندو آهي." منهنجيءَ نظر ۾ اها ڪاني توهان ثابت ٿيا، جو هيڏو وڏو ڏچو بورڊ تان ٽاريو اٿوَ. "ڪري ڪير، ڀري ڪير؟" -- وارو مثال آهي. توهان کي جس ڏيان ٿو، جو توهان اسان جي مسئلي کي پنهنجو مسئلو سَمُجهي، ڏاڍي سني انداز ۾ نپايو. هونئن، نہ تہ گذريل سال کان وني، مان ۽ ٻيا ڪيترا دوست، سخت ذهني ڪوفت ۾ هئاسين.
>
> الله تعاليٰ کان دعا گهران ٿو، تہ توهان کي ۽ بورڊ جي اوهان جي مڙني ساٿين کي جن هن نيڪ ڪم ۾ حصو ورتو آهي، ڪوسي واءُ کان محفوظ رکي. ڪم ظرف ماڻهن ۽ حاسدن جي حَسَدَ کان پناهہ ڏئي ۽ وڏي حياتي ڏئي، تہ پنهنجي قوم جي خدمت ڪندا رهو.

هم " اهو غلط آهي. ڊاڪٽر صاحب هئوني ٽلتيءَ جو وينل. خاص عرض اهو آهي ته سنڌي ادبي بورڊ بين قومن جون تاريخون شايع ڪيون آهن. سمن ۽ سومرن جون به ڪرڻ گهرجن. اميد ته اوهان جهڙو قابل ۽ سڄاڻ ماڻهو ان طرف فوراً توجهه ڏيندو.

منهنجو خيال آهي ته ڪتاب ۾ بين مشاهيرن سان گڏ، پنهنجي والد گرامي، سائين مرحوم عبداللطيف آگري جي تصوير به ڏيو ها، ته سنو ٿئي ها. بهرحال، ڪتاب مان ايڏو ته متاثر ٿيو آهيان، جو حيدرآباد آيس، ته اوهان سان ضرور ملڻ ايندس.

-- محمد پنهل، سمون، ڪرمپوراني

[ادا سائين، بورڊ جي سنڌ جي تاريخ جي اسڪيم موجب، سنڌ تي جن جن قومن حڪومت ڪئي آهي، تن تي سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ جملي نَوَ جلد ڇپڻ جي رٿ جوڙيل آهي. مسلمانن جي فتح کان اڳ جا ٻه جلد شايع ٿي ويا آهن. ۽ سنڌيءَ ۾ ترجمو به ٿي ويا آهن. عربن جي حڪومت وارو جلد پڻ انگريزي ۾ ڇپجي ويو آهي. ترجمو اڃا ڪونه ٿيو آهي. سمن جو جلد انگريزيءَ ۾ ڇپجي رهيو آهي، پوءِ سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾ترجمو ٿيندو. ارغونن، ترخانن ۽ مغلنٰ جي دور حڪومت سان وابسته بنيادي ماخذ (Source Material) جا ڪتاب ڪجهه پير سائين حسام الدين شاهه راشديءَ ۽ ڪجهه ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ايڊٽ ڪيا، جيڪي بورڊ ڇپائي ڇڏيا آهن. ڪلهوڙن جي تاريخ ٻن جلدن ۾ اردوءَ ۽ سنڌيءَ ۾ ڇپيل آهي. انگريزيءَ ترجمو رهيل آهي. ٽالپر دور پڻ انگريزيءَ ۾ ڇپجي رهيو آهي. سنڌي ۽ اردو ترجما بعد ۾ ٿيندا.

سما ۽ سومرا دور سنڌ جي تاريخ جو سونهري دور هو. اهو عشق ۽ عقيدت سان ڇاپٽو آهي. اوهان جون دعائون ۽ نيڪ تمنائون گهرجن. - ادارو]

*　　*　　*　　*

محترمي، گذريل ٻن هفتن ۾، پنهنجي ڀيڻ حميده جي چونڊ ۽ تعريف ڪرڻ تي، توهان جا ٽي ڪتاب پڙهي پورا ڪيا اٿم. "سنڌ جا بر بحر ۽ پهاڙ" ۽ ٻه جلد "جهڙا گل گلاب جا" --هوئنن به شخصيتن بابت ڪتابَ پڙهڻ منهنجي وندر آهي.

توهان جي لکڻ ۾ ڪمال جي ڪشش آهي. تحرير ۾ روانيءَ ۽ سادگيءَ ڪانسواءِ، پنهنجائپ ۽ نماڻائي جي قوت پڻ. ڪا ڪا ست ته اهڙو اڏمو ٿي ڏئي، جو دل پرجي ٿي اچي. لکڻ ۾ اينتري ته ڪيفياتي شڪتي محسوس ٿئي ٿي، جو پڙهندڙ کي پرڪيف ڪريو ڇڏي.

اجازت ڏيو، ته هڪ خيال ظاهر ڪريان. -- وقت جون ايڏيون ادبي ۽ علمي شخصيتون روايتي ڊبليءَ ۾ بند رهيون. جيڪڏهن هنن جي زندگيءَ جي نفسياتي ۽ سماجي لاڙن کي پرکجي ۽ کولجي ها، ته 'گُلاب جا گُل وڌيڪ تزيل ۽ وڻندڙَ لڳن ها.

جيستائين ماڻهوءَ جو اندر ڪنهن ٻئي جي اندر جي تضاد، يا پيار جي حوالي سان نٿو ڪلي، تيستائين چئن ته قصو اڌورو رهجيو وڃي. انهن ٽي سڀ شخصيتون هڪ فريم ورڪ تي پرکيون ويون. سندن اندر، سندن ٽي ذهن ۾ بند رهيو.

"جهڙا گل گلاب جا" جي ٽئين جلد جو انتظار آهي، جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنجن عورتن جو لائيف اسڪيچ، ڪجهه سچ سچيتي، گهرائيءَ ۽ محنت سان ملندو. توهان کي قدرت اهڙو ڳڻ ڏنو آهي. اهو سڀڪجهه ڪري سگهو ٿا. انهن ڪرڻ سان توهان جا ٻيڙا پار ٿيندا.

-- ٽئين جلد جو ٻيڙو وچ سير ۾ نه ڇڏجو! -- زبيده ميتلو

## "سنڌ جا ٻَن ٻَحَرَ ۽ ٻَهاَ ڙَ" ڪتاب مان هڪ اقتباس:

روشن خيالَ انسانَ لاءِ سوچڻ جي ڳالهه آهي ته حضرت عيسيٰ ۽ منصور حلاج جهڙا حساس انسان، جن کي قدرت بي حد و حساب خوبيون عطا ڪري هن جهان ۾ موڪلي ٿي، سي ايڏيون سور ۽ سختيون ڇو ڏسن ٿا؟

سچل سائينءَ انهن ڇو چيو هو ته: "عاشقن کي سور سختيون، محب مهمانيون مڪيون."

ڀلاري ڀٽائيءَ انهن ڇو فرمايو هو ته: "پينر! هن پنيور ۾، دوزخ جو دونهون."

انهن ڇو آهي، ته پيغمبر جو ڏوهٽو پاڻيءَ جي هڪڙي ڍڪ لاءِ سڪي سڪي، اجيو، ماندو شهيد ٿئي ٿو ۽ يزيد انگوري شراب جو جام مٿان جام پيئندو رهي ٿو!

حافظ شيرازيءَ پنهنجي شعر جو ديوانُ، يزيد جي مصرع سان ڇو شروع ڪيو هو؟

الا يا ايها الساقی، ادرکاساً و ناولها
که عشق آسان نمود اول، ولی افتاد مشکلها

حضرت عيسيٰ انهن ڇو چيو هو ته، "گهر ڇا کي چوندا آهن؟ هن دنيا ۾ منهنجو گهر ڪاٿي آهي؟"

هڪ دفعي ڪنهن ٻرپَٽَ مان پئي ويو ته اوچتو طوفان آيو ۽ ڳڙُو وسڻ لڳو. هڪ غار ۾ وڃي لڪو. اندر ۾ آواز آيس ته "ٻاهر نِڪرُ، جو، ڪاري خرگوش جو ٻچو انهيءَ غار ۾ لڪي وهندو آهي، سو، تنهنجي ڊپ کان اندر غار ۾ نٿو گهڙي." ٻاهر نڪري، آسمان ڏي نهاري، ڳوڙهن ڀريل اکين سان چيائين ته "مالڪ سائين، ڪاري خرگوش جي ٻچي لاءِ پناهه جي جاءِ آهي. مريم جي ٻچڙي لاءِ ايتري به جاءِ پناهه ڪانهي؟"

**قلندر لعل شهباز جهڙا اعليٰ ۽ ارفع انسانَ، دنيا ۾ هوندي به دنيا کان بي نياز ڇو رهندا هئا؟**

ڊاڪٽر غلام علي الانا

# "سنڌي ڏوني - وگيان" - هڪ اڀياس

هيءَ ڪتاب لسانيات جي جڳ مشهور ماهر ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب جي ڪاوشن جو ڦل آهي. 'سنڌي ڏوني-وگيان' يعني 'سنڌي صوتيات'، جنهن لاءِ انگريزي ٻوليءَ جو لفظ Sindhi Phonology ڪم آندو ويو آهي، پر منهنجي خيال ۾ 'صوتيات' لاءِ انگريزي لفظ Phonetics هئڻ گهرجي ۽ نہ ڪ Phonology ڇاڪاڻ تہ Phonology لاءِ سنڌي لفظ 'علم صوتيہ' آهي. پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب بہ اِهوئي لفظ يعني 'علم صوتيہ' ڪم آندو آهي.




ڪتاب جي مهاڳ ۾، ڊاڪٽر جيٽلي، سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي بيهڪ ۽ تاريخي اوسر جو اڀياس تمام گهڻي وضاحت سان ڪيو آهي، البت هن ڏس ۾ انگريزن جي دور ۾ آخوند عبدالرحيم 'وفا' عباسي ۽ ڪن ٻين ماهرن جي ڪيل ڪم جو ذڪر ڪيو وڃي ها تہ وڌيڪ بهتر ٿئي ها.

(الف) هن ڪتاب جو پهريون باب آهي "ٻوليءَ جو سرشتو." هيءَ باب وضاحت سان سمجهائيندي، ڊاڪٽر جيٽلي پهرين 'ٻولي ڇا آهي؟' عنوان تي بحث ڪيو آهي. جيٽلي صاحب نهايت ئي وضاحت سان، ٻوليءَ جي وصف ۽ ڪارج تي بحث ڪيو آهي. ٻوليءَ جي استعمال واريءَ خصوصيت تي روشني وجهندي، ڊاڪٽر جيٽلي صاحب لکي ٿو تہ:

"ٻوليءَ جا بہ طرف آهن: هڪڙو طرف آهي اُچارڻ ڪيل آواز ۽ ٻيو طرف آهي اُنهن آوازن ذريعي حاصل ٿيندڙ مطلب."

جيٽلي صاحب جو رايو آهي تہ:

"اُچاريل آوازن جي خاص 'ترتيب' تي ئي ٻوليءَ جي سڄي سرشتي جو مانداڻ منڊيل آهي. انهيءَ جو گهاٽو سنبنڌ وري معنيٰ جي سرشتي سان قائم ٿيل آهي. انهيءَ ريت هرهڪ ٻوليءَ جي نظام ۾ بہ طرف آهن، اُهي بہ طرف آهن:

(i) اظهار، جنهن ۾ اُچاريل آواز ۽ اُنهن جي آڌار تي ٺهيل سڄو سرشتو اچي ٿو؛

(ii) ٻيو طرف آهي معنيٰ يا ارٿ (Content): هن ۾ ٻوليءَ جي اظهار واري طرف کي ڇڏي، باقي ڪائنات جون شيون، خيال ۽ پاوناٿون صدين کان وٺي انسان ذات جا ڪنا ڪيل آزمودا شامل آهن."

اُن کان پوءِ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب آوازن جي پيدا ڪندڙ عضون، مخرجن، ٻڌندڙن جي ڪنن تائين انهن آوازن جي پهچڻ ۽ آوازن جي معنيٰ ۽ مفهوم جو واسطو، نفسيات (منو وگيان)، منطق (ترڪ

شاستر)، فلسفي (درشن شاستر) ۽ شاعريءَ (ڪاويہ شاستر) سان ڏيکاريو آهي. جيٽلي صاحب، ٻوليءَ جو سرشتو هڪ چارٽ ذريعي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهيءَ چارٽ ڪي سمجهڻ جي ضرورت آهي. اهو چارٽ هن مقالي جي عنوانن سان گڏ ڏنو ويو آهي.

2- (الف) ڊاڪٽر جيٽلي صاحب، صفحي ٧ تي، 'صوتيہ' کي 'ڌوني تت' جي نالي سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مون پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ۾، 'صوتيہ' (Phoneme) ۽ 'صرفيہ' (Morpheme) جي وصف ۽ ڪارج سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڊاڪٽر جيٽلي 'صرفيہ' کي 'روپي ڌوني-تت' جو نالو ڏنو آهي. 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ڪتاب ۾، 'صرف' يعني روپ (Morph) کي وضاحت سان سمجهايو ويو آهي. ڊاڪٽر جيٽلي صاحب بہ ساڳي ڪوشش ڪئي آهي، پر ڊاڪٽر موصوف صفحي ٨ ۽ ٩ تي 'علم صرف' يعني Morphology جا اصول سمجهائيندي، 'صرفياتي تبديلين' جا بہ مثال ڏيئي ويو آهي، جنهن ڪري پڙهندڙ منجهي ٿو پوي. ٿيڻ هيئن ڪپندو هو تہ 'صوتي ۽ 'صرفي' تبديلين کي ڌار ڌار بابن ۾ بيان ڪيو وڃي ها ۽ 'صوتياتي سٽاءُ' (Phonetic Structure) ۽ 'صرفياتي سٽاءُ' (morphological structure) جي، ڌار ڌار عنوانن هيٺ سمجهاڻي ڏجي ها. ڪي ڪي جملا اهڙا تہ ڏکيا ڏنا ويا آهن جو اُنهن جو مفهوم عام ماڻهو يا پڙهندڙ جي ذهني پهچ کان پري آهي؛ مثال طور: صفحي ١٠ تي لکيل هي جملو ملاحظہ ڪريو:

"روپ تت واري سطح ٻوليءَ جي بناوت ۾ اُها منزل آهي، جنهن ۾ ننڍي ۾ ننڍيو ايڪو (Unit) آهي 'روپ- تت' . هر هڪ 'روپ-تت' کي پنهنجي معنيٰ آهي، ان ڪري ٻوليءَ جي ارٿ واري طرف سان اُن جو سڌو سنبنڌ آهي."

(ب) ڊاڪٽر جيٽلي، صفحي ١٠ تي سنڌي ٻوليءَ جا عام فهم وياڪرڻي عنوان ڪم نہ آندا آهن، پر اُنهن جي جاءِ تي سنسڪرت جا ڏکيا نالا ڪم آندا اٿس. مثال طور 'واڪيہ واري سطح' (Syntactical Level). مون کي خبر نہ آهي تہ ڀارت ۾ رهندڙ سنڌي وياڪرڻي يا ڀاشاوگيان جا سنڌي ڄاڻو 'واڪيہ' لفظ جي ڪارج کان واقف آهن يا نہ؟ لفظ اهڙو ڪم آڻجي جيڪو سنڌ ۽ ڀارت ۾ عام طور سمجهيو وڃي. اُن لاءِ 'نحوي سطح' لفظ ڪم آڻجي ها، ڇاڪاڻ تہ اڄا تائين هند ۽ سنڌ جا سنڌي وياڪرڻي، ساڳيا وياڪرڻي لفظ ڪم آڻيندا آهن. ڊاڪٽر جيٽلي سمجهاڻي ڏيندي لکي ٿو:

"هن سطح تي لفظ يا شبد (Word) ئي ننڍي ۾ ننڍيو ايڪو (Unit) آهي، جنهن مان جدا جدا قسمن جا لفظي ميڙ (Phrases)، فقرا (Clauses) ۽ واڪيہ يا جملا (Sentences) ٺهن ٿا."

هن جملي مان معلوم ٿيو تہ 'واڪيہ واري سطح' مان مراد آهي 'جملن واري سطح' ، ۽ جملن

واري سطح جي اپياس کي، عام وياڪرڻي اصطلاح ۾ 'نحوي اپياس' چئبو آهي، جنهن کي هروڀرو بدلائي مُنجهائڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانهي، ڇاڪاڻ تہ هي ڪتاب سنسڪرت جي ماهرن لاءِ ڪونہ لکيو ويو آهي.

جيٽلي صاحب صفحي ١١ تي صحيح فرمايو آهي تہ:

"روپ-گيان ۽ واڪيہ گيان، اهي ٻئي گڏجي ڪنهن ٻوليءَ جي وياڪرڻي سرشتي يعني Grammatical Structure جي بناوت ڏيکارين ٿا."

جيٽلي صاحب، ساڳئي صفحي (ص ١١) تي اڳتي لکي ٿو تہ:

"ڪنهن بہ ٻوليءَ کي سکڻ لاءِ اُن جي وياڪرڻي سرشتي جي پوري پوري ڄاڻ حاصل ڪرڻ نهايت ئي ضروري آهي."

(ت) ڊاڪٽر جيٽلي، صفحي ١٢ تي ٻوليءَ جو معنيٰ وارو طرف بلڪل صاف طرح سمجهايو آهي. ١٢ ۽ ١٣ صفحن تي هن صاحب 'ٻوليءَ جي معنيٰ واري طرف' ۽ 'اظهار واري طرف' تي مثالن ۽ دليلن سان روشني وڌي آهي.

مطلب تہ ١٥ صفحي تائين جيٽلي صاحب ٻوليءَ جي ڪن خاصيتن تي روشني وڌي آهي، جيئن تہ:

(i) ٻوليءَ جي بناوت جون سطحون

(ii) ٻوليءَ ۾ هرهڪ لفظ يا روپ-تت هڪ علامت يا نشاني آهي.

(iii) هرهڪ علامت، ڳالهائڻ جي عضون ذريعي اُچارڻ ڪيل آوازن مان نميل آهي.

(iv) ٻولي، سماج ۾ هڪ ٻئي سان وهنوار قائم رکڻ لاءِ هڪ وسيلو آهي.

(v) ٻوليءَ ۾ اُچاريل لفظ ۽ اُن جي معنيٰ جي وچ ۾ جيڪو لاڳاپو آهي، اُهو هر هڪ ٻوليءَ جي روايت يا رواج تي ٻڌل آهي.

(ث) ڊاڪٽر جيٽلي صاحب، صفحي ١٥ ۽ ١٦ تي هڪ اهڙو پئراگراف ڪم آندو آهي، جيڪو اُنهن ماڻهن لاءِ مضبوط دليلن تي آڌار رکندڙ هڪ جواب آهي، جيڪي اها دعوا ٿا ڪن تہ ٻوليءَ ۾ تبديلي معنيٰ ٻوليءَ جي ترقي، ۽ اها تبديلي بہ پاڻ آڇي. ڊاڪٽر جيٽلي فرمائي ٿو تہ:

"انهن جي معنيٰ جو آڌار آهي سنڌي ٻوليءَ ۾ صدين کان وٺي هلندڙ لوڪاچار يا روايت، پيڙهي بہ پيڙهي ورثي ۾ ملندي، ڪن لفظن ۾ اُنهن جي معنيٰ ۾ ڪڏهن ڪڏهن تبديلي اچي وڃي ٿي؛ پر اُها واهپي ۾ تڏهن اچي ٿي، جڏهن اُن ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ اُن ڦيرگهير کي قبول ڪن ٿا."

انهيءَ بيان کان پوءِ جيٽلي صاحب، صفحي ١٦ تي ٻوليءَ جي وصف ڏني آهي. هو لکي ٿو تہ:

"ٻولي، لوڪاچار تي ٻڌل ۽ اُچاريل آوازي علامتن جو هڪ اهڙو سرشتو آهي، جنهن جي ذريعي

ڪنهن پاشائي سماج جا ماڻهو پاڻ ۾ وهنوار ڪن ٿا."

اُن ڪان پوءِ جيٽلي صاحب، انسان ۽ ٻين ساهوارن جي ٻوليءَ ۾ فرق جا مثال ڏنا آهن، ۽ صفحي ١٧ تي انسان جي ٻوليءَ جون ست وصفون بيان ڪيون آهن، جيڪي سندس چواڻي ته ٻئي ڪنهن ساهواري جي آوازي سرشتي ۾ نٿيون ملن. اُهي ست وصفون هي آهن:

(i) ٻٽي حالت (Duality)

(ii) نئين پيدائش (Productivity)

(iii) لوڪاچار يا روايت (Arbitrariness)

(iv) مٽ سٽ (Inter-changeability)

(v) نرالائي (Specialization)

(vi) مڪان ۽ زمان ۾ تبديلي (Displacement)

(vii) سانسڪرتڪ پرمپرا (Cultural Transmission)

(ج) ٻوليءَ ۾ تبديليءَ جو ذڪر ڪندي ڊاڪٽر جيٽلي صفحي ١٩ تي جيڪا راءِ ڏني آهي، سندس اها راءِ به ٻوليءَ ۾ تبديليءَ جي باري ۾ راءِ رکندڙ ماڻهن ڪي نوٽ ڪرڻ ڪپي. ڊاڪٽر جيٽلي صاحب لکي ٿو:

"انسان پيڙهي به پيڙهي پنهنجن وڏن ڪان ٻولي سکندو آيو آهي. نقل ڪري ٻولي سکڻ جي ڪري ٻوليءَ جي روپ ۾، وقت گذرندي ڪجهه فرق اچڻ سڀاويڪ آهي، ڇاڪاڻ ته نقل سؤ فيصدي اصل جهڙو ٿيڻ ممڪن نه آهي. ان ڪري سمي ڇاڻان ٻوليءَ جي اڀياس ڪرڻ سان اسان کي جدا جدا صدين ۾، اُن ۾ آيل ڦير گهير جي ڄاڻ پوي ٿي. اُن مان اها حقيقت به ثابت ٿئي ٿي ته ڪنهن به ٻوليءَ جو سرشتو ڪنهن خاص وقت ۾ نه ٺهيو آهي. اهو گهڻين ئي صدين ڪان وٺي گهڙجندو، ڦرندو گهرندو، وڌندو ويجهندو اسان تائين پهتو آهي."

3- (الف) هن ڪتاب جو ٻيو باب صفحي ٢٢ ڪان شروع ٿئي ٿو. اهو باب 'علم آواز' يعني Phonetics متعلق آهي. هن باب ۾ گرامر جي اڀياس ڪرڻ ۽ لفظن جون معنائون ياد ڪرڻ ڪان اڳ، ٻوليءَ جي آوازن کي سڃاڻڻ ۽ انهن جي صحيح اُچار ڪرڻ تي زور ڏنل آهي، نه ته ڪيترن ئي لفظن جي معنيٰ ئي بدلجي ويندي. انهيءَ ڪري اهڙي مطالعي کي Phonetics چئبو ۽ نه ڪ Phonology.

(ب) اُن ڪان پوءِ آوازن جي اڀياس جو طريقو (ص ٢٤)، ڳالهائڻ جا عضوا (ص ٢٥) ۽ اُنهن جا ڪم (ص ٢٥)، اُچاريندڙ عضوا (ص ٢٥) ۽ اُچار-جايون (ص ٢٥)، تصويرن ذريعي سمجهايل آهن. اهو سمورو بيان، منهنجي ڪتابُ سنڌي صوتيات' ۽ محترم پروفيسر علي نواز جتوئيءَ جي ڪتاب 'علم لسان ۽ سنڌي زبان' ۾ به وضاحت سان بيان ڪيل آهي، پر ڀارت ۾ رهندڙ سنڌين کي آسانيءَ سان سمجهائڻ لاءِ جيٽلي صاحب سنسڪرت جا لفظ ڪم آندا آهن، پر آءٌ نٿو ڀانيان ته ڊاڪٽر صاحب جا ڪم آندل لفظ، ڀارت ۾ رهندڙ عام سنڌي ماڻهو سمجهي سگهندو، ڇاڪاڻ ته اِهي لفظ ڀاشا-وگيانيءَ جي ڄاڻ لاءِ ئي آهن، ۽ نه ڪ عام ماڻهوءَ لاءِ.

(ت) هت اهو ٻڌائڻ بہ ضروري ٿو سمجھان تہ ڊاڪٽر جيتلي صاحب پنھنجي انھيءَ ڪتاب ۾ جيڪي فني (Technical) لفظ ڪم آندا آھن، اُنھن لفظن ۽ منھنجي ڪتاب، 'سنڌي صوتيات' ۾ صفحي ۹۰ کان ۹۴ تائين ڏنل فني لفظن ۾ گھڻو فرق آھي. ڊاڪٽر جيتلي صاحب فني لفظن جي مڪمل فھرست صفحي ۱۵۰ کان ۱۵۴ تائين شامل ڪئي آھي، اُھي بہ ڏسي سگھجن ٿا. ھيٺ ڪي لفظ مثال طور پيش ڪجن ٿا، جن ۾ فرق ظاھر آھي:

| انگريزي لفظ | الانا طرفان ٺاهيل لفظ | ڊاڪٽر جيتلي جو ٺاهيل لفظ |
|---|---|---|
| acoustic | گونج | آوازن جي هوائي لهرن جي سنبنڌي |
| glottis | گلو | ساهہ نليءَ جو لنگھہ |
| oral cavity | وات وارو کوپو | وات وارو يا مڪانئون خال |
| alveolar/teeth ridge | ممار/کھري ممار | مھارون |
| blade of tongue | جڀ جو ڦار | جڀ جو ڦر |
| epiglottis | نڙگھٽ جي منھن واري ڍڪڻي | ساهہ جي نلي |
| front of tongue | جڀ جو مھڙ | جڀ-اڳياڙي |
| back to tongue | جڀ جو پوچڙ | جڀ-پڇاڙي |
| diphthongs | يڪپدا ڏُھرا سُر | هڪ اڪرا ڏُھرا سُرَ |
| plosives/explosives | ڏوڪنا/ڌماڪيدار | خارجي ڌماڪيدار |
| Implosives | چُوسنا | داخلي ڌماڪيدار |
| nasals | گھُنا/نڪوان | نڪانوان |
| fricatives | گسنا | گھڪيدار |
| laterals | پاسيرا | پاسيرا |
| flapped | ڦڙڪنا/ڦڙڪي وارا | هڪ ڌڪا/لرزشي |
| semi-vowels | نيم-سر | نيم سر |
| glottal | گلي وارا | نڙ گھٽي |
| velar | نرم تارونءَ وارا | نرم تارونءَ وارا |
| palatal | سخت تارونءَ وارا | سخت تارونءَ وارا |
| retroflex | موردني | موردني |
| dental | ڏندن وارا | ڏندانوان |
| labial | ٻچپوان | چپن وارا |
| diaphragm | پيٽ-چھہ | پيٽ چھہ |
| root of tongue | جڀ جي پاڙ | جڀ-پاڙ |

’سنڌي صوتيات‘ ڪتاب ۾، ’علم آواز‘ (Phonetics) جي لحاظ کان ڪُل ملائي ١١٣ اهڙا فني لفظ ڏنا ويا آهن، پر ڊاڪٽر جيٽلي جي ڪتاب ۾ صفحي ١٥٠ کان ١٥٤ تائين اهڙن فني لفظن جو تعداد ١٤٣ آهي. ڊاڪٽر جيٽلي صاحب ڪن اسمن لاءِ اهڙا نالا مقرر ڪيا آهن، جن سان آءٌ سهمت ڪونہ آهيان. اُهي لفظ هي آهن:

| انگريزي لفظ | ڊاڪٽر جيٽلي جو ڏنل لفظ | منهنجي خيال ۾ موزون لفظ |
|---|---|---|
| syllable | اکر | پَد |
| voiced sound | ڪومل/گهوش آواز | ڪنور/ گرو آواز |
| voiceless sound | ڪنور/اگهوش آواز | ڪومل / نرم آواز |

(ث) ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي ڪتاب جي صفحي ٢٩ کان وٺي صفحي ٣٩ تائين وارو مواد لڳ ڀڳ اُهوئي ساڳيو مواد آهي، جيڪو ’علم لسان ۽ سنڌي زبان‘ ۽ ’سنڌي صوتيات‘ ڪتابن ۾ بہ ڏنل آهي، البت ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جو انداز بيان مختلف آهي، پر بيان ڪيل ڳالهيون ساڳيون آهن.

4- (الف) ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي ڪتاب جو ٽيون باب (ص ٤٠ کان)، Phohemics يعني ’ڌوَني-تت وگيان‘ جي باري ۾ آهي. Phonetics لاءِ ڌوني-وگيان (علم آواز) لفظ ڪم آندل آهي، جڏهن تہ Phonemics لاءِ جيٽلي صاحب ڌوَني-تت وگيان‘ لفظ ڪم آندو آهي، جنهن کي ڀاشا-وگيان جي برطانوي ماهرن Phonology سڏيو آهي. Phonemics يا Phonology لاءِ مون ’علم اصوات‘ لفظ ڪم آندو هو، جڏهن تہ پروفيسر جتوئي صاحب ’علم صوتيہ‘ لفظ جوڙيو آهي، جيڪو منهنجي خيال ۾ وڌيڪ مناسب آهي. Phonology دراصل لفظن اندر، ’آوازن جي بامعنيٰ ترتيب‘ ۽ آوازن اندر لفظن جي بامعنيٰ سٽاء يعني رچنا کي چئبو آهي. اهڙو مطالعو، پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب، پنهنجي ڪتاب ۾ تفصيل سان پيش ڪيو آهي. انهيءَ اڀياس جي مدد سان، لفظن جي رچنا لاءِ پدن جي جُڙڻ ۽ لفظن اندر آوازن جي بامعنيٰ ترتيب ۽ بيهڪ جو پتو پوي ٿو.

(ب) جيٽلي صاحب صفحي ٥٢ کان باب چوٿين ۾، ’سنڌي ٻوليءَ ۾ ’سُرَ ۽ وينجن ڌوَني-تت‘ جو ذڪر ڪيو آهي. سُر صوتيہ ۽ وينجن صوتيہ جو بيان ’علم لسان ۽ سنڌي زبان‘ ۽ ’سنڌي صوتيات‘ ڪتابن ۾ بہ ڏنل آهي. ڊاڪٽر جيٽلي صفحي ٧٨ کان صفحي ١٠٦ تائين باب ستين ۽ باب اٺين ۾، ’لفظن ۽ اکرن جو سرشتو‘ يعني 'Syllabic structure of words' ۽ باب اٺين ۾ ’سرن ۽ وينجنن جي ورهاست‘ يعني 'distribution of vowels' جو ذڪر ڪيو آهي.

(ت) ’سنڌي صوتيات‘ ڪتاب ۾، سنڌي وينجنن ۽ سر صوتين جون، چارٽن (diagrams) جي مدد سان سمجهاڻيون ڏنل آهن. وينجنن جي چارٽ ۾ اهو واضح طور ڄاڻايو ويو آهي تہ: ث، ص،

ف، ق، ذ، ض، ظ، ط، ع، غ ۽ ح (ڪُل ملائي ١٠ اکر) سنڌي صورتخطيءَ ۾، حرفن طور تہ شامل ڪيا ويا آهن، پر اُنهن جا آواز، سنڌي صوتياتي نظام جو حصو نہ آهن. اِهي اکر فقط عربي زبان جي حرفن طور، سنڌي صورتخطيءَ ۾ شامل ڪيا ويا آهن. ڊاڪٽر جيٽلي بہ انهيءَ ني بيان ڪيو آهي. هو صفحي ٥٢ ۽ ٥٣ تي لکي ٿو تہ:

"سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪتب ايندڙ عربي ۽ فارسي حرفن واريءَ صورتخطيءَ ۾ نو (٩) حرف اهڙا آهن جن جو اسين ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ اُچار نہ ڪندا آهيون. انهيءَ ڪري اِهي سنڌي ٻوليءَ جي آوازي سرشتي ۾ موجود نہ آهن. سنڌيءَ جي عربي-فارسي لکاوٽ ۾ اِنهن حرفن کي فقط اِن لاءِ شامل ڪيو ويو آهي، جيئن سنڌيءَ ۾ ڪتب ايندڙ عربي ۽ فارسي ۽ ڪن ٻين ٻولين جي لفظن کي سندن اصلوڪي هِجي ۾ لکي سگهجي. اِهي حرف هن ريت آهن:

ذ، ظ، ض، ث، ص، ط، ع، غ، ح ۽ ق

(ث) جيٽلي صاحب سندس ڪتاب جي صفحي ٥٣ تي، منهنجي ڪتاب 'سنڌي صوتيات' ۾ صفحي ٢٥ ۽ ٢٩ جي وچ ۾ ڏنل وينجنن جي چارٽ ۾ چاٿايل ڪن وينجنن سان اتفاق نہ ڪيو آهي ۽ تنقيد ڪندي لکي ٿو تہ:

"ڪن عالمن سنڌي وينجنن جي چارٽ ۾ هيٺ ڏنل وينجن بہ شامل ڪري ڇڏيا آهن: اهي سادن يا مفرد وينجن ڏوَني-تتن جي چارٽ ۾ ڏيڻ نہ گهرجن، ڇاڪاڻ تہ اِهي بہ گڏيل وينجن آهن، جن ۾ پنيان ايندڙ وينجن 'ـهہ' علحدو آهي. اُن جو اُچار ڪ، جهہ، ق، پ وغيره وسرگي وينجنن ۾ زور سان نڪرندڙ ڦوڪ يا هوا واري اُچار کان نرالو آهي: مهہ، نهہ، ٿهہ، لهہ ۽ ڙهہ.

(ج) ڊاڪٽر جيٽلي جي انهيءَ راءِ سان مون کي اتفاق نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ مهہ، نهہ، ٿهہ، لهہ ۽ ڙهہ سنڌي ٻوليءَ جا وسرگ وينجن آهن. انهن جو ڪارج بلڪل اهڙو ئي آهي جهڙو ڀ، ٿ، ٺ، ڌ، ڍ، جهہ، ڇ، ۽ گهہ وينجنن جو آهي. جيڪڏهن [مهہ، نهہ، ٿهہ، لهہ ۽ ڙهہ] آوازن ۾، شامل ٿيل 'هہ' نشان کي علحدو وينجن ڪري مڃجي تہ پوءِ [گهہ ۽ جهہ] آوازن سان شامل ٿيل 'هہ' لاءِ جيٽلي صاحب ڪهڙو جواب ڏيندو؟ اردو زبان ۾ ڀ لاءِ ٻهہ، ٿ لاءِ تهہ، ٺ لاءِ ٽهہ، ڍ لاءِ ڏهہ ۽ ڇ لاءِ چهہ' حرفن ۾ وسرگائي ڏيکارڻ لاءِ 'هہ' نشاني ملائي وني آهي، جڏهن تہ سنڌيءَ ۾ انهن حرفن لاءِ نقطا وڌائي، وسرگائيءَ جو مفهوم ظاهر ڪيو ويو آهي. سنڌ جا ڪافي نوجوان تہ اها گهر ڪندا رهيا آهن تہ ڪمپيوٽر ۾ ڪي بورڊ تي جڳهہ بچائڻ لاءِ سنڌيءَ ۾ عربي ٻوليءَ جي حرفن کي خارج ڪرڻ کان سواءِ، ب، ت، ٽ، د، ڊ، گ، ج، ۽ چ' حرفن سان 'هہ' ملائي ' ٻهہ، تهہ، دهہ، گهہ، جهہ ۽ چهہ' جا نعم البدل حرف ٺاهڻ گهرجن، ائين ڪرڻ سان ڪمپيوٽر ۾ وڏي جاءِ بچي سگهي ٿي، پر سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ لاءِ اهو صحيح فيصلو نہ ٿيندو.

منهنجي ذاتي راءِ موجب [مهہ، نهہ، ٿهہ، لهہ ۽ ڙهہ] وسرگ آواز آهن ۽ اُهي سنڌي صوتياتي

نظام يا سرشتي ۾ صوتيہ طور ڪم ايندا آهن. انهيءَ سلسلي ۾ مون پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا' ۾ صرف/ ڙھ/ کي صوتيہ طور استعمال جا لطيف سائينءَ جي رسالي مان ٻہ بيت مثال طور ڏنا آهن. اُهي بيت هيٺ آڇجن ٿا:

ڪڙ پڻ پير سندان، ڪڙهہ پڻ ڪيچ ڏٺين لَءِ
انهيءَ پر اُتان، پونديون مُنڊ پهاڙ ۾.

- - - -

پر ۾ پير پنهوءَ جي، ڪڙي ۽ ڪڙهي،
سڪ سدائين سندرو جانب لَءِ جڙي،
لڪن سر لطيف چئي، جهيڙي ۽ جهڙي،
پٽيءَ تان پڙهي، جي عمر سڀ ايهين ڪري.

انهن مثالن ۾ 'ڪڙ' ۽ 'ڪڙهہ'، 'ڪڙي' ۽ 'ڪڙهي' لفظن ۾ /ڙ ۽ ڙهہ/ صورتون ڌار ڌار صوتين طور ڪم آيون آهن. عام ماڻهو /ڪڙ/ ۽ /ڪڙهہ/، ڪڙي/ ۽ /ڪڙهي/ لفظن جي وچ ۾ معني جي فرق کي چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا. اهڙيءَ طرح /سامي/ ۽ /سامهي/ لفظن ۾ /م/ ۽ /مهہ/ صوتين جي استعمال جي ڪري 'سامي' ۽ 'سامهي' لفظن جي معنيٰ، هر سنڌي ماڻهو ڄاڻي ٿو. لهاذا 'گهہ' ۽ 'جهہ' اکرن ۾ 'هہ' جي حيثيت بلڪل علحدي وينجن واري ڪانهي، جيئن ڈاڪٽر جيٽلي صاحب صفحي ٣٣ تي فرمايو آهي. 'گهہ' هڪ ني وسرگ وينجن آهي. ساڳيءَ طرح 'جهہ' بہ هڪ ني وسرگ وينجن آهي. /گهہ ۽ جهہ/ وينجنن ۾، 'هہ' دراصل وسرگ آواز جي وسرگائي ظاهر ڪرڻ جي علامت آهي. وسرگ آوازن جي اُچارڻ مهل، اُنهن آوازن سان شامل 'ڦوڪ' کي لکت ۾ ظاهر ڪرڻ لاءِ، اُنهن سان 'هہ' علامت ملائي ويندي آهي، جيئن 'جهہ' ۽ "گهہ' . مون مٿي چيو آهي، 'ڀ، ٿ، ٺ، ڦ، ڌ، ڍ، ڇ ۽ ک' حرف بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ وسرگ آوازن جون لکيل صورتون آهن، پر سنڌي الف-ب جي پٽي ناهيندڙ ماهرن، انهن آوازن جي وسرگائي ظاهر ڪرڻ لاءِ، 'هہ' علامت جي بدران انهن حرفن ۾ نقطن جو تعداد وڌايو آهي، جيئن:

| اوسرگ | وسرگ | اوسرگ | وسرگ |
|---|---|---|---|
| ب | ڀ | ت | ٿ |
| ٽ | ٺ | پ | ڦ |
| د | ڌ | ڊ | ڍ |

البت [ڪ] جي وسرگ صورت لاءِ 'ک' حرف مقرر ڪيو ويو، جڏهن تہ 'ج' جي وسرگ صورت 'جهہ'، ۽ 'گ' وسرگ صورت 'گهہ' مقرر ڪئي وئي. هاڻي جيڪڏهن 'هہ' کي علحدو

وينجن ڪري مجحي تہ پوءِ چنبو تہ /جهہ ۽ گهہ/ مرڪب وينجن آهن، ۽ نہ ڪہ منفرد وينجن. ڊاڪٽر محمد حسين خان پنهنجي مقالي 'اردو صوتيات کا خاکہ' (ڏسو: اردوئے معلیٰ، لسانيات نمبر، جلد دوم، دهلي يونيورسٽي، ١٩٦١ع، ص ١١١) ۾ بہ انين ئي لکيو آهي. سنڌ جي ڪن ماهرن هيئن چيو آهي تہ: "جن اکرن يعني 'ٻ، ٽ، ڦ، ٿ، ڏ، ڊ، ڄ ۽ ڪ' ۾ 'ھ' گڏيل نہ آهي، اُهي بہ مرڪب اکر آهن، پر انهن اکرن جي پهرئين اکر ۾ 'ھ' سمانجي وئي آهي، يعني اُن ۾ 'ھ' مدغم ٿي چڪي آهي." (ڊاڪٽر شوڪت سبزواري، اردو لسانيات، مڪتبہ تخليق ادب، ڪراچي ١٩٦٦ع، ص ص ١٠١-١٠٤). حاصل مطلب تہ: [جهہ ۽ گهہ] يا [ٻ، ٽ، ڦ، ٿ، ڏ، ڊ، ڄ ۽ ڪ] مرڪب آوازن جا لکت ۾ اکر نہ آهن، پر اهي بہ مفرد اکر آهن. انهن ۾ 'ھ' اکر، ڪنهن بہ علحدي آواز جي نمائندگي نٿو ڪري، جو ڪٿي چئجي تہ [ج+ھ] گڏيل يا مرڪب اکر آهي. دراصل 'جهہ' حرف ۾ 'ھ'، وسرگانيءَ جي موجود هجڻ جو اُهڃاڻ بہ ڏئي ٿي، تنهنڪري /جهہ، گهہ، مهہ، نهہ، ٺهہ، لهہ ۽ ڙهہ/ کي مرڪب اکرن جون صورتون يا روپ سڏڻ درست نہ آهي، پر اهي اکر وسرگ آوازن جي لکيل صورت جي نمائندگي ڪن ٿا.

٥- (الف) ڊاڪٽر جيٽلي صفحي ٥٣ تي [ٽر ۽ ڊر] کي وينجنن واري چارٽ ۾ داخل ڪرڻ تي بہ اعتراض ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحب اها راءِ، 'سنڌي صوتيات' ڪتاب ۾ ڏنل چارٽ ۾، انهن وينجنن جي داخلا تي ڏني آهي. ڊاڪٽر صاحب جي اها راءِ بلڪل صحيح آهي، پر جيئن تہ اُتر سنڌ ۾، خاص ڪري سڪر واري لهجي ۾ [ٽر ۽ ڊر] آوازن جو استعمال عام آهي، ۽ انهيءَ طرف جا ماڻهو 'چنڊ' جي بدران 'چنڊر' اُچاريندا آهن ۽ 'پَٽ' کي 'پَٽر' چوندا آهن، انهيءَ ڪري اُنهن آوازن کي وينجنن جي صورت ۾، مذڪوره چارٽ جي قسم طور داخل ڪرڻ مناسب آهي. عام ٻوليءَ ۾ اهي آواز صوتيہ طور ڪم نٿا اچن، پر سڪر واري لهجي ۾ انهن جو استعمال عام آهي. ان ڪري انهن جي داخلا ضروري هئي.

٦- (الف) ڊاڪٽر جيٽلي جي ڪتاب جو پنجون باب، صفحي ٥٤ کان شروع ٿو ٿئي، ۽ اهو باب سنڌيءَ ۾ سُرن جي سرشتي جي باري ۾ آهي. سُرن جي عام بيان کان پوءِ، جيٽلي صاحب، سُرن جي قسمن ۽ سُرن جي خاصيتن جو ذڪر ڪيو آهي. اهو سارو بيان 'سنڌي صوتيات' ڪتاب ۾ بہ صفحي ٦٧ کان صفحي ٨٢ تائين ڪيل آهي.

(ب) ڊاڪٽر جيٽلي صاحب صفحي ٥٨ کان صفحي ٦١ تائين 'يڪپدا دهرن سرن (Diphthongs) جي باري ۾، ڊاڪٽر ٽرومپ ۽ ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچندائيءَ جي ڪتابن مان حوالا ڏيئي، اُن موضوع تي سنو بحث ڪيو آهي. هو ڊاڪٽر ٽرومپ جي ڏنل دليلن کي وڌيڪ بهتر ٿو سمجهي. 'اَي' ۽ 'اَو' 'يڪپدن وارن دهرن' سرن جي باري ۾، سنڌي صوتيات ڪتاب ۾، صفحي ٧٨ کان صفحي ٩٢ تائين

مثال ڏنا ويا آهن. ڊاڪٽر جيتلي انهيءَ مواد مان فائدو ورتو آهي.

(ت) ڊاڪٽر جيتلي صاحب صفحي ٦٣ تي 'سنڌي سُرن' (Vowels) جي باري ۾ جيڪو چارٽ ڏنو آهي ۽ ان چارٽ جي مدد سان سرن جي سمجهاڻي ڏني اٿس. اهڙي ساڳئي نموني جي سمجهاڻي، چارٽ جي مدد سان، 'سنڌي صوتيات' ڪتاب ۾ بہ صفحي ٧٥ تي ڏني وئي آهي. ڊاڪٽر جيتلي طرفان ڏنل چارٽ ۽ 'سنڌي صوتيات' ڪتاب ۾ ڏنل چارٽ (Diagram) ۾ ڪوبہ فرق ڪونهي. اهڙيءَ طرح ٻنهي ڪتابن ۾ سنڌي سرن جي خاصيتن جي سلسلي ۾ بہ ڏنل وضاحت ۾ بہ گهڻي هڪجهڙائي آهي.

٧- (الف) ڊاڪٽر جيتلي صاحب، صفحي ٦٦ کان، 'سنڌي وينجنن جي سرشتي' تي بحث ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحب صفحي ٦٧ تي وينجنن جو جيڪو چارٽ ڏنو آهي، اُهو چارٽ، 'سنڌي صوتيات' ڪتاب ۾، صفحي ٢٨ ۽ ٢٩ جي وچ ۾ ڏنل چارٽ سان گهڻي هڪجهڙائي رکي ٿو. البت ڊاڪٽر جيتلي صاحب واري چارٽ ۾ 'مهار' ۽ 'ٿار-مهار وارو مخرج' رکيو نہ ويو آهي، جيڪا ڊاڪٽر صاحب جي ڀُل نہ، پر ويسر ڄڻبي، ڇاڪاڻ تہ انهن مخرجن تان [ن، نھ ۽ ر] آواز اُچاريا ويندا آهن.

(ب) آءٌ اڳ ۾ اهو چئي آيو آهيان تہ سنڌي وينجنن واري چارٽ ۾ ڊاڪٽر جيتلي صفحي ٦٧ تي Voiceless آوازن لاءِ ڪنور (اگهوش) ۽ 'Voiced' آوازن لاءِ ڪومل (گهوش) لفظ ڪم آندا آهن، جيڪي منهنجي خيال ۾ صحيح مفهوم ظاهر نٿا ڪن. منهنجي خيال ۾ Voiceless لاءِ 'ڪومل' ۽ 'Voiced' لاءِ 'ڪنور' لفظ ڪم آڻڻ گهرجن. ڪاڪي ڀيرومل ۽ ديوان وسڻ مل بہ اِهي ئي لفظ ڪم آندا آهن.

(ت) صفحي ٦٧ ۽ ٦٨ تي ڊاڪٽر جيتلي، آوازن جي قسمن ۽ گروهن جو ذڪر ڪيو آهي. اهڙو ئي ذڪر 'سنڌي صوتيات' ڪتاب ۾ بہ، صفحي ٢٨ کان صفحي ٤٠ تائين ڪيل آهي. 'سنڌي صوتيات' ڪتاب ۾، انهيءَ سلسلي ۾ حاشين ۾ وضاحت پڻ ڪئي وئي آهي.

٧- (الف) جيتلي صاحب صفحي ٧١ کان صفحي ٧٧ تائين، وينجنن جي اُچارڻ بابت سمجهاڻي ڏني آهي. اهڙو ساڳيو وستار 'سنڌي صوتيات' ڪتاب ۾ بہ صفحي ٢٠ کان ٢٧ تائين ڪيل آهي. ڊاڪٽر جيتلي صاحب صفحي ٧٧ ۽ صفحي ٩١ تي، سنڌي وينجنن جي هڪ خصوصيت يعني تشديد جي وضاحب ڪئي آهي، پر صفحي ٩١ تي تشديد واريءَ خصوصيت کي، 'ساڳين وينجنن جو ميل' عنوان ڏنو آهي. صفحي ٧٧ تي ڊاڪٽر جيتلي لکي ٿو تہ:

"ٻن اکرن وارن لفظن ۾ ٻن سرن جي وچ ۾ ۽/ اِ، اُ ۽ آ /سُرن جي پنيان سيني وينجنن جي ڊيگهہ، ڪي قدر اُچارڻ ۾، وڌي ويندي آهي:

بلي : ٻلي]، ڪَپُ [ڪَپّ]

جڏهن بہ ساڳيا وينجن گڏ اچن ٿا، تڏهن اهآ ڊيگهہ گهٽي وڌيڪ هوندي آهي. انهيءَ کي ٻٽا وينجن پڻ سڏبو آهي"

آءٌ ڊاڪٽر جيتلي صاحب جي انهيءَ وضاحتي بيان سان اتفاق نٿو ڪريان. منهنجي خيال ۾ ڊاڪٽر جيتلي صاحب لفظن جي رچنا ۾، تشديد واري قانون ۽ سرشتي کي پاڻ بہ سمجهي نہ سگهيو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي رچنا ۾، آوازن جي مشدد (Geminated) ٿيڻ لاءِ کي اصول بلڪل واضح ۽ چٽا آهن.

(ب) 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ڪتاب ۾ صفحي ٢١١ کان ٢١٣ تائين، 'مشدد وينجنن ۽ تشديد لاءِ قانون' عنوان هيٺ بحث ڪيو ويو آهي. اهڙو بحث، دراصل منهنجي ڪتاب "The Arabic Elements in Sindhi" ۾ موجود آهي. 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ڪتاب ۾، وينجنن ۾ تشديد جي باري ۾ هيٺين بيان ٿيل آهي:

"سنڌي زبان ۾، 'ٻپدي' (ٻن پدن واري) لفظ جي پهرئين پد ۾، جڏهن ڇوٽن (ننڍن) سرن [اَ، اِ ۽ اُ] مان ڪوبہ هڪ سر استعمال ٿيل هوندو آهي، تڏهن اُچارڻ مهل، پهرئين پد واري ڇوٽي سر کان فوراً پوءِ ايندڙ هر وينجن، يعني ٻئي پد جي 'منڍ وارو وينجن'، 'مشدد (Geminated) يعني 'ٻٽو' ٿي ويندو آهي: مثال طور:

[ٻَتّ] لفظ ۾، ٻئي پد جي مُنڍ ۾ ايندڙ [ت] وينجن، پهرئين پد جي آخر ۾ آيل ڇوٽي سر 'اُ' جي ڪري مشدد يعني ٻٽو ٿي ويو آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ پهرئين پد جي آخر ۾ آيل ڇوٽي سر [اُ] جي اثر جي ڪري، ساڳئي لفظ جي ٻئي پد جي مُنڍ ۾ آيل [ت] وينجن مشدد يعني ٻٽو ٿي ويو آهي. اهڙيءَ طرح ٻيا لفظ ڏسو:

| لفظ جي عام لکت | مشدد صورت موجب لکت |
|---|---|
| پَتِ | پَتّ |
| پَڪَ | پَڪّ |
| سُتُ | سُتّ |
| سَٽَ | سَٽّ |
| سِڄُ | سِڄّ |
| اَنَ | اَنّ وغيره |

ٻر جڏهن لفظ جي پهرئين پد ۾ ڪوبہ ڊگهو سر ڪم آئبو تہ پوءِ لفظ جي ٻئي پد جي مُنڍ ۾ آيل وينجن، مشدد يا ٻٽو نہ ٿيندو: جيئن:

| لفظ جي پهرئين پد جي آخر ۾ چوٽن سرن وارا لفظ | لفظ جي پهرئين پد ۾ ڊگهي سر جو استعمال |
| --- | --- |
| ٻِلّي | ٻيلي |
| ٻرّ | ٻار |
| ڦٽّ | ڦوٽ/ڦاٽ |
| پرّ | پير/پار، وغيره |

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب صفحي ٧٧ ۽ ٩١ تي بلڪل درست لکيو آهي تہ:

"سنڌي ٻوليءَ ۾ وينجنن جو ٻٽو اُچار گهٽو ڪري لفظن جي معنيٰ ۾ تبديلي نہ آڻيندو آهي، جيئن هنديءَ، اردوءَ يا ڪن ٻين ٻولين ۾ ٿئي ٿو، جيئن:

| | |
| --- | --- |
| بچا= بچيل | بچّا= ٻار |
| پتا = سرنامو | پتّا = پن |

٨- (الف) پنهنجي ڪتاب جي ستين باب ۾ صفحي ٧٨ کان صفحي ٨٤ تائين، ڊاڪٽر جيٽلي 'لفظن ۾ اکرن جو سرشتو' Syllabic Structure تي بحث ڪيو آهي. منهنجي خيال ۾ ڊاڪٽر صاحب جي هن باب جو صفحي ٧٨ تي بيان Phonology واري موضوع سان واسطو ٿو رکي ۽ نہ ڪہ Morphology يعني 'علم صرف' واري موضوع سان، ڇاڪاڻ تہ لفظن جو 'آزاد روپ' يعني Free Form يا 'پابند روپ' يعني Bound Form وارو بيان، علم صرف سان واسطو ٿو رکي، جنهن ۾ 'مفرد' (Simple) لفظن، مرتب (Complex) لفظن ۽ مرڪب (Compound) لفظن جو اڀياس اچي وڃي ٿو: البت صفحي ٧٩ تي لفظن ۾ آوازن جي ترتيب جو بيان ڪندي، ڊاڪٽر صاحب لفظن جي صوتياتي رچنا يعني (Syllabic Structure) جو ذڪر ڪيو آهي.

(ب) ڊاڪٽر صاحب صفحي ٨٠ کان صفحي ٨٣ تائين، لفظن جي علم صوتيہ واري يعني Phonological Structure تي سٺي روشني وڌي آهي. دراصل هن موضوع تي The Arabic Elements in Sindhi ڪتاب ۾، 'لفظن جي پدن وار ساخت' يعني Syllabic Structure تي بحث ڪيل آهي، جيڪو بہ نظر مان ڪڍڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ سنڌ ۾، سنڌيءَ ۾ هن موضوع تي هن کان اڳ سواءِ پروفيسر جتوئي صاحب جي، ٻئي ڪنهن بہ صاحب لکڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي آهي.

(ت) انين باب ۾ هن موضوع تي وڌيڪ روشني وڌي وئي آهي. اهو تجزيو، لفظن جي پدن وار ڇنڊڇاڻ يا 'ڇيڃ- گهڙ' (Analysis) ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو. هن باب (باب انين) ۾ 'سرن جي ورهاست'، لفظن اندر، پدن ۾ ٻن لاڳيتن سرن جو استعمال، ٽن لاڳيتن سرن جو ميلاپ ۽ نيم سرن

لاءِ گسڻ آوازن يعني Gliding Sounds جي عمل تي روشني وڌي وئي آهي. 'سنڌي صوتيات' ڪتاب جي صفحي ٣٩ ۽ ٤٠ توڙي 'سنڌي صورتخطي' ڪتاب (ڇاپو چوٿون) ۾، صفحي ١١٦ کان ١١٨ تائين ٻن ۽ ٽن لاڳيتن سُرن جي بيان ۾، همزي جي عنوان هيٺ، هن موضوع کي سمجهايو ويو آهي.

(ث) ڊاڪٽر جيتلي صفحي ٩١ تي 'وينجنن جي ميل' ۽ ورهاست يعني Consonantal Clusters ۽ صفحي ٩٢ تي 'گڏيل وينجن' جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ گڏيل وينجنن جي بيهڪ، ترتيب ۽ بناوت لاءِ اصول ۽ پابنديون بيان ڪيون آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ وينجنن جي هن قسم جي وضاحت، هن کان اڳ ڪنهن به ماهر نه ڪئي آهي. البت انگريزي ٻولي ۾ "The Arabic Element in Sindhi" ڪتاب ۾، هن عنوان تي پورو باب لکيل آهي. اُن باب جو عنوان آهي: Syllabic Structure of Sindhi هن موضوع تي سنڌي ٻوليءَ ۾ لکڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي.

(ج) صفحي ٩٣ تي، ڊاڪٽر جيتلي، سنڌي ٻوليءَ ۾ گڏيل وينجنن جي استعمال لاءِ ڪي اصول بيان ڪيا آهن. هن عنوان تي بحث ڪندي، ڊاڪٽر صاحب، لفظن جي مُنڍ ۾ ڪم ايندڙ گڏيل وينجنن جا مثال به ڏنا آهن. هن سلسلي ۾ 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' ڪتاب ۾ هن خصوصيت تي گهڻو بحث ڪيو ويو آهي، ۽ چيو ويو آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي مُنڍ ۾ ڪم ايندڙ گڏيل وينجن، جهڙوڪ: / پِرَ، ٻرَ، پِرَ، تِرَ، ترَ، ڏوَ، ٻيو ۽ پيو /وغيره واري خصوصيت، سنڌي صوتياتي نظام سان واسطو نٿي رکي، البت سنسڪرت توڙي ٻين ٻولين مان، سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي لفظ اُڌارا ورتا ويا آهن، اُنهن ۾ به ڪي عالم ۽ ودوان، وينجنن جو اهڙو گڏيل اُچار، لفظن جي مُنڍ ۾ ڪري سگهندا آهن، پر عام ماڻهو اهڙو اُچار ڪري نه سگهندا آهن، ۽ اُهي اهڙي گڏيل اُچار جي شروع ۾ يا وچ ۾، سُر ڪم آڻي، گڏيل وينجنن کي ٽوڙيندا آهن. ڊاڪٽر جيتلي پڻ صفحي ٩٥ تي اهڙي ئي ڳالهه ڪئي آهي، هو لکي ٿو ته:

"انهن وينجنن جي مَيل ۾ ڪيترا سنڌي، /س-م/، /س-ن/کي ڇڏي، ٻين حالتن ۾ اڳيان 'اِ' سُر گڏي اُچار ڪندا آهن. ڪيترائي سنڌي/س-م/،/ س-ن/جي حالت ۾ ٻنهي جي وچ ۾ 'اِ' وجهي، وينجن ميل کي ڀڃي، اُچار ڪن ٿا."

(ح) صفحي ٩٥ کان وٺي صفحي ١٠٦ تائين، 'لفظ جي وچ ۾ گڏيل وينجنن' عنوان هيٺ، ڊاڪٽر جيتلي صاحب 'ٻن ڌماڪيدار وينجنن جو ميل' ، ڌماڪيدار وينجن+نڪانوان وينجن، ڌماڪيدار وينجن+گهڪيدار وينجن، ڌماڪيدار وينجن+پاسيرو وينجن، ڌماڪيدار وينجن+هڪ ڌڪو وينجن، ڌماڪيدار وينجن+/ و/، ڌماڪيدار وينجن+/ ي/، گڏيل وينجن، جن ۾ نڪائون وينجن پهرين اچي ٿو، وغيره، مطلب ته صفحي٩٥ کان وٺي صفحي ١٠٦ تائين ڪيل بحث سنڌي ٻوليءَ جي لفظن

جي 'صوتياتي رچنا، يعني Phonology جي لحاظ کان وڏي قابل قدر ڇنڊڇاڻ ڪيل آهي، جنهن مان سنڌي ٻوليءَ جي شاگردن کي وڏي معلومات ملي سگهي ٿي.

(خ) باب نائين ۾ صفحي ١٠٧ کان وٺي ٻوليءَ جي 'عروضي خاصيتن' جو اڀياس ڪيو ويو آهي. منهنجي خيال ۾ سنڌي لسانيات جي لحاظ کان، شاعريءَ جي حوالي سان هيءُ باب، بهترين معلومات سان ڀريل آهي. هن باب ۾ آوازن جي ڊيگهه، آواز جو زور يعني Stress، آواز جي بلندي يعني Loudness، جملي ۾ آوازن جو لاهه ۽ چاڙهه يعني Intonation، لفظن جي اُچار ۾ وچوٿي يعني Juncture, Pause، جنهن ڪري الڳ الڳ جذبن، جهڙوڪ: عجب، سوال، رواجي بيان ۽ غصي وغيره جو اظهار ڪيو ويندو آهي. اهڙين وصفن کي جيٽلي صاحب 'عروضي خاصيتون' يعني Prosodic يا Supra Segmental خاصيتون سڏيو آهي.

(د) سنڌي زبان جو هن قسم جو مطالعو، هن کان اڳ ڪنهن به صاحب پيش نه ڪيو آهي. هي سڄو باب علمي معلومات سان ڀريو پيو آهي. هن مطالعي ۾ آوازن جي وچ ۾ 'ٻرڙ' يا 'وٿي'، ٻن لفظن جي وچ ۾ آوازن جا جوڙ، اڌ دم جو استعمال، پوري دم جو استعمال ۽ نڪانون سرن جي ورهاست نهايت ئي اهم عنوان آهن، جنهن تي ڊاڪٽر جيٽلي صاحب ٿي قلم کنيو آهي.

٩- (الف) باب ڏهين ۾، صفحي ١١٦ کان ١٢٨ تائين علم صرف يعني Morphophonemics جو مطالعو پيش ڪيل آهي. هن باب جو عنوان آهي: 'روپي ڌوني- تت وگيان'. هن باب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي سرشتي تي ويچار ظاهر ڪيا ويا آهن. هن باب ۾ 'سَنڌي' يعني Assimilation جي عنوان تي صفحي ١١٨ کان ١٢٨ تائين ڇنڊڇاڻ ڪيل آهي. هن موضوع تي 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ڪتاب ۾ صفحي ١٠١ کان وٺي ١٢٠ تائين تفصيل سان روشني وڌي وئي آهي. ڊاڪٽر جيٽلي صاحب به مذڪور ڪتاب تان گهڻي مدد ورتي آهي.

١٠- (الف) هن ڪتاب جو آخري باب يعني باب ٻارهون، 'سنڌي ڌونين' يعني 'سنڌي آوازن جي تاريخي اوسر' جي باري ۾ آهي. هن باب ۾ ڊاڪٽر صاحب، 'سنڌي ٻوليءَ جي جنم'، 'سنڌي آوازن جي تاريخي اوسر' ۽ 'سنڌي آوازن جي وڪاس' (Development, Evolution) تي مختصر طور روشني وڌي آهي، جيئنوٽيڪ هو لکي ٿو ته: "اهو تاريخي ڀاشا- وگيان آهي."

(ب) سنڌي ٻوليءَ جي بڻ- بنياد جي باري ۾ راءِ ڏيندي ڊاڪٽر جيٽلي صاحب لکي ٿو ته:

"انهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته سنڌي ٻولي هند-آريائي ٻولين جي نسل مان آهي. انهيءَ نسل جي ٻين ٻولين سان، سنڌيءَ جي تمام گهڻي مشابهت آهي. سنڌيءَ ۾ جيڪي نراليون خاصيتون نظر اچن ٿيون، اُهي ٻوليءَ جي وڪاس دوران پيدا ٿيون، انهيءَ ڪري سنڌيءَ جو جنم ۽

بڻ بنياد ، ڪنهن غير-آريائي زبان مان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش بلڪل اوگيانڪ ۽ تاريخي پاشا-وگيان جي اصولن جي بلڪل خلاف آهي."

حيرانيءَ جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ ڊاڪٽر جيتلي جهڙو مهاودوان، سندس راءِ جي خلاف ڪنهن ٻيءَ راءِ کي، اوگيانڪ ۽ تاريخي پاشا وگيان جي اصولن جي بلڪل خلاف راءِ ٿو ڪوٺي، جيڪا درست نہ آهي. هر عالم کي گهرجي تہ سندس راءِ جي خلاف، جڏهن ڪا بہ راءِ اچي تہ اُن راءِ کي فوراً اوگيانڪ راءِ سڏڻ جي بدران، اُن تي سوچي ۽ اُن جي رد ۾ علمي دليل ڏئي.

(ت) منهنجي خيال ۾ سنڌي ٻوليءَ کي هاڻ هند-آريائي ٻولين جي نسل واري ٻولي سڏڻ واري راءِ هڪ طرفي ۽ پراڻي راءِ آهي. هن موضوع تي تمام گهڻي تحقيق ٿي آهي. انهن تحقيقن جي آڌار تي اهو چئي سگهجي ٿو تہ اها راءِ هاڻي پراڻن نظرين تي مدار رکي ٿي، جنهن کي نئين تحقيقي مواد سان پيٽي، اُن ۾ تبديليون آڻڻ گهرجن.

مون سنڌي ٻوليءَ جي جنم جي باري ۾ ، پنهنجن مختلف مضمونن ۽ ڪتابن، جهڙوڪ: سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد ، سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا ، Origin and Growth of Sindhi Language کان سواءِ 'هندوستاني ٻولين جو جائزو' ڪتاب جي مهاڳ ۾ هن موضوع تي تفصيل سان بحث ڪيو آهي ۽ اهو بہ ڄاڻايو اٿم تہ سنڌو-ماٿر ۾ ، آرين جي اچڻ کان صدها سال اڳ، هتي جا مقامي ماڻهو، ڪا قديم مقامي ٻولي ڳالهائيندا هئا. اُن ٻوليءَ جو نالو غالباً 'سنڌوني ٻولي' هو. واديءَ سنڌ جي مختلف خطن ۽ علائقن جهڙوڪ: 'لوڻ وارين پهاڙين وارو علائقو' (Salt range)، سنڌو ماٿر جو اُلهنديون علائقو، سنڌو-ماٿر جو ڏاکڻيون علائقو، راجستان جا ڌار ڌار علائقا (جوڌپور، جيسلمير، ميواڙ، مارواڙ ۽ جئپور) ، گجرات، ڪڇ، ڪاٺياواڙ وارو علائقو، هرياڻا ، ڪشمير، داردي علائقو، بلوچستان ۽ اوڀر ايران جا علائقا ، انهن سارن علائقن ۾ سنڌو-ماٿر جي تهذيب ڇانيل هئي، ۽ هر علائقي ۾ سنڌوني ٻوليءَ جي شاخ، اُن علائقي مطابق استعمال ٿيندي هئي. اِهي ٻوليون ڌار ڌار شاخن جي نالن سان مشهور هيون؛ جيئن: لهندي، جيسلميري، مارواڙي، ميواڙي، هڙوتي، پنجاب جون ٻوليون، گجراتي، ڀيلي، ڪڇي، ڪاٺياواڙي، باگڙي، ڪشميري، داردي ۽ اوڀر ايران جي خوزستان خطي جون مقامي ٻوليون، سنڌوني ٻوليءَ جون شاخون آهن. اهوئي سبب آهي جو سنڌي ۽ انهن سڀني ٻولين ۾ تمام گهڻي هڪجهڙائي اڄ بہ قائم آهي. انهيءَ ڪري هر ماڻهوءَ جي ذهن ۾ اهو سوال ٿو پيدا ٿئي تہ سنڌيءَ ۽ سنڌو-ماٿر جي ٻين ٻولين ۾ گهڻي مشابهت جو ڪارڻ ڇا آهي؟ جواب ۾ اهو ٿو سمجهيو وڃي تہ سنڌي ٻوليءَ ۽ واديءَ سنڌ جون ٻيون ٻوليون هند-آريائي نسل جون ٻوليون آهن، پر اُن جي بدران اهو ڇو نٿو تسليم ڪيو وڃي تہ سنڌي ۽ سنڌو-ماٿر جي ٻين ٻولين جي مشابهت جو وڏو سبب هيءَ آهي تہ اِهي سڀ ٻوليون آرين جي سنڌو-ماٿر ۾ اچڻ کان اڳ، سنڌو-ماٿر ۾ رائج 'سنڌوني ٻوليءَ' جون شاخون آهن، جيڪي جڳان جڳ هن واديءَ ۾ استعمال ٿينديون ۽ قائم رهنديون اچن.

پارت جا ڪيترائي سنڌي عالم بہ اهائي سوچ رکن ٿا، تنهنڪري هن باب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾ وڌيڪ بحث ڪرڻ مناسب نہ آهي. ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي هيءَ دعوا هرگز قبول ڪري نٿي سگهجي تہ:

"هتي هند-آريائي ٻولين جو وڪاس جنهن ريت سمجهايو ويو آهي، اُنهيءَ موجب ڇئبو تہ هاٺوڪي سنڌي ٻوليءَ جو جنم اُنهيءَ اوائلي پراڪرت ٻوليءَ مان ٿيو آهي، جيڪا رگ ويد واري زماني ۾ يا اُنهيءَ کان بہ ڪجهہ صديون اڳ، موجوده سنڌ واري ايراضيءَ ۾، ۽ اُنهيءَ جي آسپاس وارن علائقن ۾ ڳالهائي ويندي هئي. انهيءَ جي جهلڪ اسان کي رگ ويد جي پراچين منترن جي ٻوليءَ ۾ ملي ٿي."

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب اڳتي صفحي ١٣٨ تي لکي ٿو تہ:

"رگ ويد جي زماني وارين عوامي ٻولين، هڪ طرف سنسڪرت کي جنم ڏنو تہ ٻئي طرف اُنهن جدا جدا علائقن ۾ پالي، پراڪرت ۽ اپڀرنش وارين منزلن مان گذرندي، هاٺوڪين هند-آريائي ٻولين جو روپ اختيار ڪيو، جن مان اسان جي سنڌي ٻولي هڪ آهي."

منهنجي خيال ۾ هيءَ رايو برهٽمڪي ذهن جي ترجماني وڌيڪ ٿو ڪري، انهيءَ ڪري آءٌ گذارش ڪندس تہ جيڪي ماهر هن سوچ کي قبول نٿا ڪن، تن کي هن سوچ جي ابتڙ سوچ کي، اوگيانڪ سوچ سڏڻ صحيح نہ آهي.

١١- (الف) هن سلسلي ۾ جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي اها راءِ، جنهن جو تفصيل سان سان هن پنهنجي مقالي بعنوان "سنڌو-تهذيب جي سنڌو لکت جي ٻاڃ" (سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري جو تحقيقي جرنل "سنڌي ٻولي" اپريل- مئي- جون ١٩٩٤ع) ۾ موجوده سنڌي ٻوليءَ جي قديم ۽ مقامي تهذيب واري ٻولي هجڻ جي دعوا ڪئي آهي. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ:

"هن سلسلي ۾ ٻيو 'پانيو' جيڪو هن وقت محققن وٽ وڌيڪ مقبول آهي، سو هيءُ آهي تہ ٻين سيني قديم ٻولين (منڊا، قديم- هند آريائي وغيره) جي ڀيٽ ۾ ڪا دراوڙي ٻولي، 'سنڌو لکت' ۾ سمايل آهي. هيءُ 'پانيو'، انهيءَ سوچ تي ٻڌل آهي تہ سنڌو وادي سان لاڳو خطي، 'بروهڪيءَ' ۾ دراوڙي جزا سمايل آهن ۽ انهيءَ ڪري ٿي سگهي ٿو تہ سنڌو واديءَ ۾ ڪنهن وقت دراوڙي ڳالهائيندڙ موجود هئا، جن 'مئن جي دڙي' واري سنڌو-تهذيب کي جنم ڏنو، انهيءَ ڪري 'مئن جي دڙي' واري 'سنڌو لکت' پڻ ڪنهن دراوڙي ٻوليءَ جي آهي. مگر دراوڙي ٻولي بہ ڪا هڪ ڪانهي، پر پنجويهہ کن آهن، جن مان 'ڪتروخ'، 'ملتو' ۽ 'بروهڪي' وڏي اثر واريون آهن. هن 'پانيي' موجب انهن ٻولين مان کي قديم دراوڙي الفاظ چونڊي، انهن جي معنائن جي معنوي صورت جي 'سنڌو لکت' جي سالم ڪتبن توڙي سندن ڀاڱن سان مطابقت تلاش ڪرڻ پوندي."

(ب) ڊاڪٽر بلوچ صاحب ساڳئي صفحي تي اڳتي لکي ٿو تہ:

"هن سلسلي ۾ ٿيون 'پانيو' هيءَ تجويز ڪري سگهجي ٿو تہ 'سنڌو لڪت' کي پڇڻ لاءِ اُن جي ڪتبن ۽ پاڳن ۾ خود سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۽ فقرن جي مطابقت تلاش ڪجي. اهڙي 'پانيي' تي اعتراض ٿي سگهي ٿو تہ سنڌي هن دور جي رائج ٻولي آهي، جنهن جو قديم سنڌو-تهذيب واريءَ ٻوليءَ سان لاڳاپو تصور ڪري نٿو سگهجي، پر اهو ساڳيو اعتراض دراوڙيءَ تي بہ ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ تہ اِهي دراوڙي لفظ جيڪي هن وقت ڳالهائجن ٿا، جن جي معنيٰ هن وقت معلوم آهي، سي 'قديم سنڌي ٻوليءَ جي لڪت' ۾ ڪيئن ٿا سمايل ٿي سگهن؟

جيڪڏهن ڪي قديم دراوڙي الفاظ 'سنڌو لڪت' واريءَ ٻوليءَ جا بچيل آثار آهن تہ موجوده سنڌيءَ ۾ رائج ڪي قديم الفاظ پڻ قديم سنڌي تهذيب واريءَ بچيل آثار ٿي سگهن ٿا."

(ت) ڊاڪٽر بلوچ صاحب، انهيءَ قديم ۽ مقامي ٻوليءَ جا سنڌي لغات مان ڪي لفظ چونڊي، پنهنجي مذڪوره مقالي ۾ مثال طور ڏنا آهن، جيڪي سندس راءِ موجب قديم سنڌو-تهذيب ۾ رائج ٻوليءَ جي باقيات آهن، جن کي ماهرن 'ديسي لفظ' سڏيو آهي.

(ث) ڊاڪٽر بلوچ صاحب، پنهنجي هن اهم ۽ نئين راءِ کي جن لفظن ۾ ختم ڪيو آهي، اُهي لفظ هيٺ دهرائجن ٿا:

"مٿيان ٿورا لفظ چونڊيا ويا آهن، پر آڳاٽي وقت جا اهڙا گهڻائي لفظ هن وقت بہ سنڌيءَ ۾ رائج آهن. اُهي غور طلب آهن، ڇاڪاڻ جو ٿي سگهي ٿو تہ اُنهن مان گهڻا سنڌو- لڪت واريءَ قديم ٻوليءَ جا هجن."

(ج) ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي هن پوري بيان مان هي ٿو ثابت ٿئي تہ سنڌو-تهذيب ۾ جيڪا ٻولي رائج هئي سا هن سرزمينَ جي اصلوڪي ۽ مقامي ٻولي هئي، جيڪا تڏهوڪي زماني کان وٺي سنڌو-ماٿر ۾ ڳالهائي ويندي هئي، جيڪا اڄ ڏينهن تائين تسلسل سان قائم ۽ دائم رهندي آئي آهي.

(ح) هن پوري تجزيي مان هي ٿو ثابت ٿئي تہ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد ڪي، سنڌو ماٿر جي اُن قديم ۽ 'سنڌوئي ٻوليءَ' سان ملائڻو پوندو، جيڪا رگ ويد جي وجود ۾ اچڻ کان ڪئين صديون اڳ سنڌو-تهذيب ۾ رائج هئي ۽ جنهن جون تمام گهڻيون خصوصيتون سنڌو-ماٿر جي ماڻهن پاڻ وٽ سنڀالي رکيون آهن، جنهن جا ڪيترائي مثال منهنجي تازي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا' ۾ ڏنا ويا آهن.

مٿين دليلن کان پوءِ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب طرفان سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾ ڏنل راءِ سان آءٌ اتفاق نٿو ڪريان.

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جو هيءُ ڪتاب گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ، سنڌي زبان جي ڏار ڏار پهلوئن جي گهري مطالعي ۽ ڀاشا وگيان جي اصولن کي آڏو رکي لکيو ويو آهي. منهنجي ايمانداراڻي راءِ آهي تہ جيٽلي صاحب هيءُ ڪتاب لکي سنڌي ڀاشا وگيان جي وڏي خدمت ڪئي آهي. هن ڪتاب ۾ ڪيل محنت تي آءٌ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب کي دل جي گهراين سان مبارڪ باد پيش ڪريان ٿو.

---

# مقالاتِ قاسمي

هيءُ ڪتاب، سنڌ جي ناميارى عالم علامه غلام مصطفيٰ قاسمي جي مختلف تحريرن، مضمونن ۽ مقالن جو مجموعو آهي، جو "مقالاتِ قاسمي" جي سري هيٺ تازو ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. لائق مرتب ڊاڪٽر مظهرالدين سومري جون ڪوششون تعريف جوڳيون آهن، جو هن قاسمي صاحب جي ٽڙيل پکڙيل تحريرن کي هڪ هنڌ گڏ ڪيو آهي.




"مقالات قاسمي" ڪتاب، ڊبل ڪرائون سائيز ۾، ست سؤ چوٽيهہ صفحا آهي. ڪتاب ڇپائيندڙ، علامه قاسمي صاحب جو لائق فرزند نذير احمد قاسمي آهي. علامه قاسمي صاحب ڪتاب جو انتساب پنهنجي محترم استاد مولانا عبيدالله سنڌي (رح) جي نالي ڪيو آهي. ڪتاب جي "پيش لفظ" ۾ علامہ قاسمي صاحب جو تعارف هن ريت ڪرايو ويو آهي:

"سنڌ اُهو مردم خيز خطو آهي، جنهن هر دور ۾ ۽ هر زماني ۾ قابل، وڏا جيد عالم، اديب، شاعر، مفڪر ۽ دانشور پيدا ڪيا آهن، جن جي علمي ڪارنامن سنڌ جو مان مٿاهون ڪيو آهي. خاص طرح سان گذريل چوڏهين صدي هجري يعني ويهين صدي عيسويءَ جو زمانو اسان جي سنڌي زبان ۽ ادب لاءِ ائين ڪني چئجي، تہ هڪ بلندپايہ دور ٿي گذريو آهي. انهيءَ صديءَ سياسي بصيرت رکندڙ اڳواڻ، قومي ڪارڪن، جنگ آزاديءَ جي مجاهدن ۽ قوم پرستن کي جنم ڏنو ۽ برک سنڌي اديبن ۽ عالمن کي پيدا ڪيو. علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب اُنهيءَ صديءَ جو هڪ چمڪندڙ ستارو آهي ۽ اسان سنڌ وارن لاءِ، سندس وجود غنيمت آهي. پاڻ عربي، فارسي ۽ اسلامي علومن جا ماهر آهن. سنڌي زبان ۽ ادب جا وڏا سينگاريندڙ ۽ پارکو آهن. خاص طرح سان اسلامي علوم جا ماهر آهن."

هن ڪتاب ۾، سوانح حيات وارن مضمونن جو حصو ڪافي وڏو آهي، جنهن ۾ علامہ صاحب جا سنڌ جي بزرگن، مشاهيرن ۽ عالمن تي ڪافي مضمون آهن. اهڙيءَ طرح حضرت مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي شخصيت ۽ فڪر تي ست مضمون آيل آهن، جيڪي علامہ صاحب جي مولانا صاحب سان عقيدت جو مظهر آهن.

"مقالاتِ قاسمي" جي اها بہ هڪ خصوصيت آهي تہ اُن ۾ علامہ قاسمي صاحب، سنڌ جي مشاهيرن، عالمن، عظيم ۽ آدرشي انسانن جي شعور ۽ فڪر جو ڳوڙهو اڀياس ڪري، اُنهن بابت حتمي ۽ مستند راءِ قائم ڪئي آهي، جيڪا پڙهندڙ دوستن لاءِ اونداهيءَ واٽ ۾ روشن لاٽ وارو ڪم ڏيندي.

علامہ صاحب جو اسلاميات بابت مضمونن وارو حصو پڻ اهم آهي. خاص طرح اُن ۾ آيل هي مضمون ڏاڍا ڪارائتا آهن: ١- قرآن مجيد جا سنڌي ترجما ۽ تفسير. ٢- سيرت مصطفيٰ ﷺ (حضور پاڪ جن جي سيرت تي پنج مضمونَ). ٣- سنڌ جو عطار-سچل سائين. ٤- پير روضي ڌڻي رحمة الله عليہ جا خط.

ڪتاب ۾ ڪل بہ سؤ پندرهن مضمون/مقالا آيل آهن، جيڪي هيٺين پنجن حصن ۾ ورهايل آهن، البت، اها معلومات ڏنل ڪانہ آهي، تہ هيءُ مضمونُ اصل ۾ ڪهڙي رسالي يا اخبار ۾ ڇپيو ۽ ڪڏهن ڇپيو هو.

١- اسلاميات، ٢- تاريخ ۽ جاگرافي، ٣- سوانح‌حيات، ٤- ادب ۽ تنقيد، ٥- تنقيد ۽ تبصرو.

علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب ڪنهن بہ رسمي تعارف جا محتاج ڪونہ آهن. ڪتاب جي سهيڙيندڙ هڪ طرح چئِ تہ سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم موضوع مرتب ڪيو آهي، جنهن لاءِ ڪيس آفرين هجي. -- الطاف آگرو

## پَٽ جون ڳنڍيون، ريشم ويڙها

جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ڊاڪٽر قيوم "طراز" جو نانءُ پنهنجي اسلوب بيان ۽ شعر جي دلڪشي سبب وٽندڙ ۽ منفرد حيثيت رکي ٿو. ۾ وقت جي ناپسنديده روين طراز کي گهٽ پذيرائي ڏني، جيڪو هن جو حق هئي. تازو، سنڌ جي نوجوان محقق ۽ ناميازي جاڪوڙي ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي، ڊاڪٽر قيوم جي سموري شاعري ميڙي ترتيب ڏيئي "پَٽَ جون ڳنڍيون، ريشم ويڙها" جي نالي سان شايع ڪرائي سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ اهم اضافي کي ضايع ٿيڻ کان بچائي ورتو آهي.




ڪتاب "پَٽ جون ڳنڍيون، ريشم ويڙها" ۾ تعارف ۽ مهاڳ کان پوءِ شاعريءَ جي سٽا "گيت" سان شروع ڪئي ويئي آهي. هن حصي ۾ ڪل ٤٤ گيت ڏنا ويا آهن، جن کي پڙهڻ کان پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو تہ "طراز" گيت جو اربيلو شاعر هو. سندس گيت نهايت نفيس احساسن کي ڇهندڙ محسوس ٿين ٿا!

'طراز' جي گيتن جو موضوع رڳو پريم، پريتم، محبوب وغيره ناهي، پر هن پنهنجن سمورن داخلي توڙي خارجي احساسن کي گيتن ۾ سموهيو آهي. ائين ته سندس سمورا گيت پڙهڻ سان تعلق رکن ٿا، پر "آشا روز ني ملندي آ"، "جهڻ جهڻ ٿي جهڪار"، "سنڌو توکي ڳائيندس"، "يار اسان جا پاڳ اهي ٿي"، "آيس تو در يار"، "موتي وڃ او مورک ماٺهو"، "هن پيري"، "ڪيئن جيئن ٿو"، "جوتي آ مون، جوتي آ"، "۽ ان دنيا جون لاهيون چاڙهيون"، بين گيتن جي پيٽ ۾ دل کي وڌيڪ وڻندڙ آهن. گيتن کان پوءِ چار وايون ڏنيون ويون آهن، جيڪي پڻ دل کي ڇُهندڙ آهن. ان کان پوءِ نو غزل ڏنا ويا آهن، جن کي پڙهڻ بعد اهو احساس ٿئي ٿو ته اهي غزل روايتي رنگ ۾ رڱيل آهن ۽ شايد شروعاتي دور جا آهن، سواءِ هڪ غزل جي، "سرشام يادن جا ديپڪ ٻرن" جديد غزل جو هڪ وڻندڙ مثال آهي. ڪتاب ۾ "سوچون سوچڻ جهڙيون" جي عنوان هيٺ ڏهه مختصر نثري نظم ڏنا ويا آهن، جي مختصر هجڻ جي باوجود خوبصورت آهن.

آخر ۾ "طراز" جو انگريزيءَ ۾ مڪمل احوال ڏنو ويو آهي. جڏهن ته مهاڳ سنڌ جي ناميارِي شاعر ۽ محقق ۽ ڊاڪٽر قيوم جي پراڻي ساٿيءَ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ لکيو آهي. ان کانسواءِ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي پڻ ڪتاب تي پنهنجا ويچار ونديا آهن. جڏهن ته ڪتاب جي مرتب ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي "گيت" جو مختصر پر معياري تاريخي جائزو پڻ لکيو آهي، جيڪو صنف جي فني حُسن ۽ گهاڙيٽي جي احاطي جي حوالي سان نهايت ني ضروري هو. جڏهن ته بئڪ ٽائيٽل تي محترم نياز همايوني 'طراز' جي تعارف طور ڪجهه سٽون لکيون آهن.

مجموعي طور "پٽ جون ڳنڍيون، ريشم ويڙها" نفيس احساسن ۽ خوبصورت خيالن تي مشتمل شاعريءَ جو هڪ اهڙو مجموعو آهي، جنهن جا گيت بار بار پڙهڻ تي دل چوي ٿي. جس آهي ناميارِي محقق ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي کي، جنهن قيوم طراز جي ڪلام کي سهيڙي سنڌي شعر جي دنيا ۾ هڪ خوبصورت ڪتاب جو واڌارو ڪيو آهي. افسوس ان ڳالهه جو آهي جو ڊاڪٽر صاحب پنهنجي مجموعي کي ڇپيل ڏسي نه سگهيو ۽ ٢۴ جنوري ٢٠٠٠ع تي اسان کان جدا ٿي ويو! پر پوءِ به هن ڪتاب جي اشاعت سان سندس دلاويز شاعري هميشه جي لاءِ محفوظ ٿي چڪي آهي.

ڏيڍ سؤ صفحن تي ڦهليل "پٽ جون ڳنڍيون، ريشم ويڙها"، "گنج بخش ڪتاب گهر، حيدرآباد شايع ڪيو آهي ۽ ان جي قيمت سٺ روپيا رکي ويئي آهي. ڪتاب سنڌ جي هر معياري بڪ اسٽور تان ملي سگهي ٿو. --مخمور بخاري

# عشق ڪيم اظهار

فقير قادر بخش "بيدل" روهڙيءَ وارو، سنڌي صوفيانہ شاعريءَ ۾ نهايت ني مٿانهين مقام جو مالڪ آهي. گذريل سال فقير صاحب جي عرس جي موقعي تي "بيدل يادگار ڪاميٽي" روهڙيءَ پاران شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي سهڪار سان مٿئين نالي وارو ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي، جنهن جو سهيڙيندڙ سنڌ جو نوجوان محقق ۽ جاکوڙي اديب ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري آهي. ١٢٨ صفحن جي ان ڪتاب کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. ٻنهي ڀاڱن ۾ 'بيدل' سائينءَ جي فن ۽ فڪر تي مختلف عالمن جا لکيل مضمون پيش ڪيل آهن. پهرين ڀاڱي ۾ تيرهن ۽ ٻئي ڀاڱي ۾ ست مضمون ڏنا ويا آهن.




ڪتاب جي سهيڙيندڙ ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري پاران 'ماندين منديا ڪينڪي ۽ جوڳين ڪين جهليا' جي سري هيٺ ڇئن صفحن تي مشتمل 'پيش لفظ' ڏنل آهي. هڪ هنڌ ڄاڻايو ويو آهي تہ "مقالانگارن جنهن طرح 'بيدل' ۽ سندس فن ۽ فڪر تي مختلف زاوين کان نظر وڌي آهي، اُها موجوده مجموعي کي اهميت ڏياري ٿي. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اسان وٽان عقيدتمندانہ گهور جي روايت ختم ٿئي ۽ بزرگن، فنڪارن، شاعرن ۽ هنرمندن تي سنجيده ڪم جي روايت مضبوط ٿئي. آءٌ سمجهان ٿو تہ جڏهن هڪ ڪان وڌيڪ محقق ۽ عالم ڪنهن مرڪزي نقطي تي لڪڻ لڳن ٿا تہ پوءِ عقيدتمنديءَ واري ورڪا جي رسم ختم ٿيڻ شروع ٿئي ٿي ۽ اُن سان گڏ حقيقي تحقيق جو بنياد پوي ٿو."

'عشق ڪيم اظهار' ۾ جن اديبن جا مقالا شامل ڪيا ويا آهن، تن لطف الله بدوي، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر نواز علي 'شوق'، ڊاڪٽر گل حسن لغاري، ڊاڪٽر هدايت 'پريم'، حافظ ارشد انيڙ، محمد پنهل ڏهر، ممتاز مهر، اختر درگاهي، الطاف 'اثيم'، خادم عباسي، شوڪت خواجائي، غلام رسول شاهہ، سجاد ميراڻي، مس سلميٰ لطيف، درگاهي ميراڻي، دادا سنڌي، ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو ۽ امير بخاري شامل آهن.

اهڙيءَ طرح سان تحقيق سان دلچسپي رکندڙن لاءِ موضوع جي حوالي سان مقالا يڪجا ميسر ڪيا ويا آهن. ڪتاب جو ملهہ سٺ روپيہ مناسب آهي. - **نقش ناياب منگي**

پير علي محمد راشدي

# ڪونج ۽ سنڌ

نوٽ: سنڌ جي سياستدان، نامياري صحافيءَ ۽ اعليٰ اديب پير علي محمد راشديءَ هيءُ مضمون اڄ ڪان چاليهه سال اڳ لکيو هو. تڏهن پاڻ چين ۾ سفير هو. مضمون غلام رباني آگري کي لکي ڏنو هئائين، جنهن مون کي ٻڌايو ته "راشدي صاحب ڪجهه ڏينهن لاءِ چين مان آيل هو ۽ ڪراچيءَ ۾ پنهنجي ننڍي ڀاءُ، سائين حسام الدين شاهه وٽ ٽڪيل هو، جنهن سان مان روزانو رات جو ڪچهري ڪرڻ ويندو هئس. اُتي راشدي صاحب سان ملاقات ٿي. رات جي ماني گڏجي ڪاڌيسون ۽ يادگار ڪچهري ڪنيسون. موڪلائڻ مهل چيائين ته 'ڪو ڪم؟' مون ڪانئنس مضمون گهريو. چيائين ته 'صبح جو ڏهين بجي اچجانءِ.' مان صبح سوير وٽس ويس، ته ڪاڏي نڪري نه ويجي، پر اُهو ڏسي حيرت ٿيم، ته مضمون اڳيني لکي ڇڏيو هئائين. سوچڻ لڳس ته 'رات جو ڪيڏيءَ مهل سمهيو هوندو، ۽ ڪهڙي وقت مضمون لکيو هوندائين؟' بهرحال، مون کي سويرو ايندي ڏسي مشڪيو ۽ مضمون منهنجي حوالي ڪيائين. ڪانئس موڪلائي گهر آيس. اطمينان سان مضمون پڙهيم ته ائين محسوس ڪيم ته 'سنڌس مشهور مثالي ذهانت' (Legendry Intelligence) جي هڪ تصوير منهنجن هٿن ۾ آهي.' "

آگري صاحب ڪان اها ڳالهه ٻڌي، مان ورهين جا ورهيه انهيءَ مضمون جي تلاش ۾ رهيس. آخرڪار، منهنجين لاڳيتين گذارشن تي، سائين حسين شاهه راشديءَ، هاڻي، هيءُ مضمون مون کي ڏنو آهي، جو سنڌس شڪريي سان، مهراڻ جي پڙهندڙن اڳيان پيش ڪجي ٿو. – ن.ا.ش

ڪونجن جي ڪُڙم کي پنهنجي جاني جم ڪان ڇاڻان سڃاڻان. جنم سائيبيريا جي سُڃ ۾ ٿي ٿين، يا ڪنهن پربت جي پيٽ ۾، تنهن معلوم ڪرڻ جي ضرورت ڪانه هئي. اِهو ظاهر هو ته پريم جي سرڪار جو پاسپورٽ هوندو هون. موسم آني، وره واءُ گُهلي، نه ڏٺائون رات نه ڏينهن، نه جهڪ نه جدولو-- ملڪي نقشن تي انساني هٿن جون ڪڍيل سموريون ليڪون لتاڙيندي، اچي ٿي سنڌ ۾ ساهه پٽيائون.

سنڌ سان سندن اهڙي سنبنڌ جو قدر ٿيڻ کپندو هو. محض دوستن جي ديدار خاطر ويچارين هر سال ٿي ايڏا ڪشالا ڪيا. اهڙو سيارو نه ڪونه ٿيو، جنهن ۾ هِنن پيرو پِڳو هجي. مُلڪ مولا جا بيا به ڪيئي ٿي وسيا: وڏئون وڏ، پلئون پل. پر هنن جي نظر سڀ ڪان اول سنڌ تي ٿي پيئي. ٻُوڙو ڦُٽو، سرءُ سِڙهه ڪنيان ۽ ڪڪرن ۾ سندن ڪرڪاٽ هوندا هئا.

ڳالهه سڌي هئي، پر ڳالهه جو ڳُل ڪونه ڦُٽو. دنيا اندر اڪثريت اندر جي انڌن جي رهي ٿي. اهڙن ماڻهن کي هر رستي ۾ وَر ۽ زندگيءَ جي هر واقعي ۾ وڪڙ نظر اچي ٿو، تنهن ڪري سنڌ ۽



راشدي صاحب ۽ ن.ا.ش. (١٩٧٨ع)

ڪونجن جي ان دوستيءَ واري قصي ۾ به اهڙن ماڻهن کي ڪيئي شڪي اشوش محسوس ٿيندا رهيا. سندن زباني، اها ڪهاڻي هن طرح هئي:

"چانجوسن جي چوڻ موجب اِهو سارو قصور ڪاريءَ-ڪاري جو آهي. ٻيئي ڏريون اصلاً، نسلاً بدچال آهن. ٻنهي ڪـي ٿاٻي جي ٽوڻڪر آهي. جنهن ڪـي 'سنڌ' سڏيو وڃي ٿـو، في الحقيقت ملڪ نه پر هڪ مختصر ۽ بدنام ماڻري آهي، جنهن جي مٽي مقناطيسي، پاڻي خماري، ۽ ماڻهو دلين جا ڏاڙيل آهن. جنهن به مسافر منجهس پير پاتو تنهن جو مٿو ويو! ڪيچ جي ڪُونڌ سان اِت قهر ٿيو. سرمد جو سرمايو اِت ڦُريو. برٽن جي پاڻ اِت لٿي. غرض، سندس جُرمنِ جي لسٽ سندس درياءَ وانگر ڊگهي ۽ سندس ٽرن برن جيتري موڪري آهي. اهوئي سبب آهي جو هرسمي جي هر 'بيدار مغز' سرڪار ڪيس 'هسٽري شيٽر' ڪري ليکيو آهي.

ٻئي طرف ڪونج جي قوم به 'اشراف' ڪانه آهي. 'چوڻ وارن جو چوڻ' آهي ته راجا ڏاهر جي ڏينهن کان به اڳ، ڪنهن لڳا، ڪونج گهراڻي جي ڪنهن وڏي ڏاڏيءَ کي اچي ڪارس ڪنيو. پنهنجي ملڪ اندر پورت ڪانه ٿي ٿيس، سو مٿي تي لٽو رکي گهران ڀڳي. چَڳهه جي ڳولها ۾ جبل جهاڳيندي، ٽر ٽيلهيندي اچي 'لطيفي لاڏڻ' وٽان لانگهائو ٿي. هت ته اڳ ۾ ئي پراڻي ٻوڙ تي ماني ٻڌيون وينا هئا. ڪنهن ڏنو، ڪنهن ٻُڌو. اڪـون اڪين سان اڙجي ويون؛ دليون دلين سان ڳنڍجي ويون. سائين ڏٺي بندو سهي. وقت پڄاڻان پوڙهي پاڻ ته پوري ٿي وئي، پر پنهنجن پوين کي به وصيت ڪري وئي ته وره جي وَٽ هٽ ڪرٽي هجيو، ۽ اُن شاهراهه ۾ سِر ڏيئي سُرهو ٿيٽو هجيو ته سير ڪجو 'سنڌ' جو. ڏسجي ائين پيو ته بعد ۾ پوٽيون ڏاڏيءَ کان به ڏهه قدم اڳتي وڌي ويون. هر سياري جيئن ڏکڻ کان ڪبوتريون، تيئن اوپر کان ڪونجن جون قطارون پيون سنڌ ۾ داخل ٿين! الله ٻُڌي آهي سنڌ جي مارين شڪارين جي!"

جيترا وات اوتريون ڳالهيون، پر هڪ ڳالهه واضح آهي ته ڪونجن جو سنڌ سان تعلق تمام ڪهنو آهي. ويرين جيڪا به جَڪَ ماري، دشمن ڪيتري به ڳٿ هڻئين، پر اِهو تعلق اڄ تائين ٽُٽي ڪونه سگهيو آهي.

*　　　*　　　*　　　*

منهنجي پنهنجي شناسائي ڪونجن سان اهڙي زماني ۾ ٿي، جڏهن اجا تائين پکين جي قسمن جا پورا نالا بہ ڪونہ ٿي آيم. هڪ سومهاڻيءَ جو آءٌ پنهنجي ڏاڏي مرحوم جي پاسي ۾ کٽ تي ليٽيو پيو هوس. ڪنهن محل اونداهيءَ ۾ مٿان کن لانگهائو پکين جا ڪرڪات ٻڌڻ ۾ آيا. مون ڏاڏي مرحوم کان پڇيو تہ اِهي ڪهڙا پکي آهن؟ فرمايائين: "ابا! اِهي ڪونجون آهن!" ان کان پوءِ ڪونجن جي سلسلي ۾ هڪ ڪهاڻي بہ ٻڌايائين. چي: ابا! هڪ 'هيٺو' ۽ هڪ 'ڏاڍو' شڪاري پاڻ ۾ پائيوار ٿي شڪار لاءِ نڪتا. 'هيٺي' شڪاريءَ هڪ 'تتر' ۽ هڪ 'ڪونج' ماري. 'ڏاڍي' شڪاريءَ ڪي هٿ لڳو فقط 'هيڙهو' ۽ هڪ 'ڦدو'. شڪار ختم ٿيڻ بعد 'ڏاڍي' شڪاري 'هيٺي' شڪاريءَ ڪي شڪار جا ڪي بنيادي اصول ٻڌايا. اُنهن اصولن پٽاندر ٻنهي جو شڪار پهريان گڏي چڏٿو هو ۽ ان کان پوءِ تقسيم ٿيڻي هئي. چنانچہ، هيٺي شڪاريءَ ڪونج ۽ تتر هڙ مان ڪڍي ڏاڍي شڪاريءَ جي اڳيان ڪري رکيو. ڏاڍي شڪاريءَ پنهنجي کيسي مان هيڙهو ۽ ڦدو ڪڍي 'بيگ' ۾ ملائي ڇڏيو.

جڏهن 'گڏيل بيگ' جي تقسيم جو سوال آيو، تڏهن ڏاڍي شڪاريءَ وقت جي صدارت ڪندي هيءُ فيصلو صادر فرمايو: چي:

ڦدا، ماس دا گڙدا- تيڪون آيا،
تتر، گڏ دا پتر- ميڪون آيا:
هيڙها، ماس دا ديڙا- تيڪون آيا،
ڪونج، هڏئين ڊوند- ميڪون آئي!

يعني اصولن ۽ زبان جي تڪ بنديءَ ذريعي 'ڏاڍو' شڪاري، 'هيٺي' پائيوار کي فقط پاڻ وارو "هيڙهو- ماس جو ديڙو" ۽ "ڦدو- ماس جو گڙدو" ڏيئي، هُن غريب جا پنهنجا شڪار کيل ٻيئي وڏا پکي يعني تتر ۽ ڪونج پاڻ ڦٻائي ويو ۽ غضب خدا جو، ساڳئي وقت هن مظلوم تي ٿورو بہ ٽڦيندو ويو، چو تہ "تتر- گڏ جو پتر" هو، ۽ "ڪونج- چڙو هڏن جو ڊوند!"

اُن قصي ٻڌائڻ بعد ڏاڏي مرحوم هدايت ڪئي تہ "ابا، ڪڏهن بہ پاڻ کان ڏاڍي ڪنهن شڪاريءَ سان هرگز پائيچارو نہ ڪجانءِ!"

منهنجي عيني ملاقات، ڪونج سان ٿورو وقت پوءِ ٿي.

واڏو ميربحر شڪار جي ڪم ۾ منهنجو استاد هو. هڪ صبح جو ڪونجن جا آواز ٻڌي مون کي چوڻ لڳو تہ "پر واري کيت ۾ اڄ ڪونجون اچي لٿيون آهن. رائيفل کڻي آ، تہ هلي توکان مٿن نڪاءُ ڪيرائي اچان."

"گهر ويٺي توکي ڪيئن اِهو معلوم ٿيو؟"

"ڪونجون جيڏانهن وينديون آهن آواز ڪنديون وينديون آهن، وات ني مارانيندو اٿن."

"سلطان پسند" (رائيفل جو نالو هو) کڻي ڪٽڪ واري کيت ۾ لنگهي پياسين. پري کان ڏٺوسين تہ ڪونجون برابر کيت جي وَٽ سان لٿيون پيون آهن. پوک جي ليول کان سندن جسم گهڻو مٿي هو ۽ ڳچيون بہ ڏِگهيون هئن، پر اسان کي، پري کان ايندو ڏسي بہ، ڪونہ اُڏاٿيون ۽ آرام سان ويٺيون رهيون.

مون واڏي ميربحر کي چيو تہ "هي تہ پري کان پيون ڏسن. اسان کي ڏسي اجهو کي اجهو ٿيون پر سوئن."

"پرواهہ نہ ڪر، ويساهي پڪي آهي."

آخر ويجهو وڃي، وجهہ وٺي، مون گولي ڇوڙي. ولر منجهان هڪ ڪونج گهانجي ويئي. ٻيون بروقت تہ اُڏاٿيون، پر پوءِ ڪيتري وقت تائين وجايل ساٿيءَ جي ڦوڙائي ۾ مٿان ڦِرنديون ۽ ڪوڪون ڪنديون رهيون!

مُئل پکيءَ کي منهنجي سامهون رکي واڏي سندس ڪڙي ڪانيءَ ۽ عقل سمجهہ بابت هن طرح ٽيڪاٽپڻي فرمائي:

"ڪونج ويساهي ۽ مورک پکي آهي. الله تعاليٰ ڳچي ڊگهي ۽ ڄنگهون بہ وڏيون ڏنيون اٿس، ان لاءِ تہ مَدي ميري کي پري کان پروڙي پنهنجي جان بچاءُ جو بندوبست ڪري. پر ٿي پيو آهي تمام ويساهي. سمجهڻ لڳو تہ جڏهن تہ هو پاڻ ڪنهن شيءِ جو مَدو ڪونہ آهي، تڏهن ٻيو بہ ڪو ساڻس ڇو مدائي ڪندو؟ نتيجو اِهو نڪتو جو اڄ تنهنجي اڳيان ٿنگون ٽيڙيون پيو آهي."

* * * *

ڪونج جي سنڌ سان ٿين نسبت پڻ ساڳيءَ طرح ويچار لهڻو.

ڪونج هميشہ پنهنجي ڪڙم سان، پنهنجي ڪڙم اندر رهندي، ڪڙم کان جدا ٿي پکين جي ٻيءَ ڪنهن بہ ذات سان نہ ملندي، نہ واهپو رکندي، نہ اُنهن جي ٻولي ٻوليندي. جيڏانهن وڃڻو هوندس، پنهنجي ولر سان ويندي. رات ڪرڻي هوندس، يا مانجهاندو، سفر ڪرڻو هوندس يا سير- اُٿندي، وِهندي، اُڏندي، لهندي، ولر کان وڇڙڻ ڪونج لاءِ قيامت سمان آهي.

مون کي ياد آهي تہ هڪ دفعي، منهنجي ڀاءُ ڪُڏ مان لکي ڪونجن تي گوليون ٽي ڇوڙيون. نڪاءُ ٿيو، هڪ ڪونج ڪِري، ٻيون اُڏامي ڪجھہ وقت مٿل پکيءَ مٿان ڦري دانهون ڪري وري ٽي اچي ساڳيءَ جاءِ تي لٿيون. ٻي گولي ڇُٽي، ٻي ڪونج ڪري، وري دانهون، وري مٿل ساٿيءَ مٿان لامارا، وري موٽي اچي ساڳئي هنڌ تي لهڻ، ۽ ٽين گولي جهلڻ. غرض، ڪلاڪ کن اهو ڪوس هليو. ولر سان وفاداري ڪندي منجهائنئن ڪيتريون ئي قتلام ٿي ويون. اهو حال ڏسي آخر مون کي ڪهل آئي ۽ ڀاءُ کي وڌيڪ گولين هلائڻ کان منع ڪيم. ساڳئي وقت اِهو بہ سمجهہ ۾ آيم، تہ شاهہ صاحب ڇو فرمايو هو تہ:

ولــر ڪــيــو وتــن، پِــرت نـــ ڇــنن پــاڻ ۾،

پــســو پــکــيــئڙن، مــاڻــهــوان مــيــٺ گــهــٽــو!

سنڌ جي شاعرن، پنهنجي ڪلام اندر، عورت جي جسم کي ڪونج جي جسم سان مشابهت ڏني آهي ۽ اِن ريت ڪونج کي خوبصورتيءَ جي آخري ڪسوٽي نهرايو آهي.

يونانين جي زماني کان وٺي اج تائين هن سوال تي بحث ٿيندو رهيو آهي تہ خوبصورتيءَ جي لحاظ کان عورت جي جسم جي جدا جدا ڀاڱن جو هڪ ٻئي سان ڪهڙو تناسب هجڻ گهرجي. آخري فيصلو هنن اصولن تي وجي ٿيو آهي:

مٿو: وينس ڊيميلو جي مٿي وانگر.

ڳچي: مصر جي راڻي نفرٽيشي جي ڳچيءَ وانگر ڊگهي.

بدن: مارلن منرو واري وانگر پريل.

چنگهون: پيرس جي مستنگٽ جهڙيون.

انهن اصولن کي سامهون رکي ڪونج تي نظر ڦيرائبي تہ معلوم ٿيندو تہ سنڌ جا شاعر، ڪونج کي سونهن جي نموني طور پيش ڪرڻ کان اڳ ۾ ان نتيجي تي پهچي چڪا هئا.

ڪونج کي اهو درجو دنيا جي ٻيءَ ڪنهن بہ قوم جي لٽريچر اندر ڪونہ ملي سگهيو. ۽ ان ريت ڪونج سنڌ ۽ سنڌين جي زندگي ۽ تمدن جو اڻ جدا ٿيڻ وارو حصو بڻجي چڪو آهي.

شال سلامت هجي، جت بہ وسي خوش رهي. سنڌ جو مٿس سلام آهي!

**شوڪت حسين شورو**

# گنو سامتاڻي

## ("ڪيتريون ڳالهيون لفظن ۾ ٻڌائي نٿيون سگهجن")

گنوسامتاڻي ڀارت ۾ سنڌ جي ڪهاڻيڪارن ۾ هڪ منفرد حيثيت رکندڙ ڪهاڻيڪار آهي، جنهن جي لکڻ جي اسٽائل شاعراڻي هئي ۽ جنهن وٽ هڪ خاص Vision هو. گني سامتاڻيءَ جي ڪهاڻين ۾ ڪردارن جو ناتو ڪنهن نه ڪنهن نموني 'تاريخ' سان جُڙيل هوندو آهي. هن پنهنجي مشهور مهاڳ ۾ لکيو آهي: "...۽ تڏهن مون کي هڪ ڏينهن اتهاس پنهنجي وشال، وراٽ روپ جو درشن ڪرائي هڪ Vision ڏني ويو. اُن Vision مون کي ڪهاڻي ڏني، ڪردارن جي روپ ريکا ڏني، ڀاشا ڏني، اسٽائل ڏنو....." هن جي ڪهاڻين جا ڪردار تاريخي روايتن ۽ ڪلاسيڪل ادب جي ڪردارن سان پاڻ کي Assimilate ڪندي، هڪ تضاد ۾ جيئندي، هڪ Mystic ۽ سماجي Vacume ۾ رهن ٿا. سندس ڪهاڻين ۾ اتهاس/درشن جون ساروٽيون، ڪويتاميه ٻولي ۽ عڪس آهن، جيڪي سنڌيءَ جي ٻئي ڪنهن به ڪهاڻيڪار وٽ نظر ڪون ٿا اچن. هن جي پنهنجي هڪ مخصوص اسٽائل آهي، جنهن ۾ انتهائي نفاست ۽ بي مثال لئه آهي.



گنو سامتاڻي

ڀارت ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ جو هڪڙو اهڙو دور آيو، جنهن کي موهن ڪلپنا، گني سامتاڻي ۽ لعل پشپ جي "ٽمورتي جو دور" سڏيو ويو. موهن، گنو ۽ لعل سنڌي ڪهاڻيءَ کي رومانوي انفراديت پسندي ۽ انسانيت طرف وٺي آيا. هنن سنڌي ڪهاڻيءَ کي ڪجهه نئون، ڪجهه نرالو، ڪجهه الڳ ڍنگ ۾ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. اهو سنڌي ڪهاڻيءَ جو وچيون دور هو جنهن ۾ ترقي پسند ڪهاڻيڪارن کان پوءِ موهن، گنو ۽ لعل مکيه ڪهاڻيڪارن جي حيثيت ۾ اُڀري اڳيان آيا، جن ٻاهر کان اندر طرف، سماج کان فرد طرف ڪهاڻيءَ کي ڇڪي آڻڻ ۾ اهم حصو ورتو. انهن ٽنهي ڪهاڻيڪارن جي پنهنجي پنهنجي الڳ حيثيت ۽ اهميت آهي، پر اِهي گڏجي سنڌي ڪهاڻيءَ کي تمام گهڻو اڳتي وٺي ويا ۽ اڄ اِهي سنڌي ساهت جا تمام وڏا نالا آهن.

موهن، گنو ۽ لعل اسڪول جي زماني ۾ گڏ پڙهيا. هنن گڏ ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. موهن ۽ گنو پاڻ ۾ وڏيڪ گهرا ۽ گهاٽا دوست هئا. ڪجهه سال اڳ دل ٻيهجي وڃڻ سبب موهن ڪلپنا گذاري ويو هو. جڏهن موهن سان پنهنجي گهري دوستيءَ کي نڀاهيندي، گنوسامتاڻي به ساڳئي طريقي

سان ٦ آگسٽ ١٩٩٧ع تي گذاري ويو. ڪيرت ٻاٻاڻيءَ "هڪ دلبر يار جي ياد ۾" مضمون ۾ لکيو آهي، "جڏهن مون گني جي زال انوءَ کان پڇيو تہ گني کي ڪهڙيون ڳالهيون وڌيڪ پياريون هيون تہ هن وراڻيو: "پنهنجي ڪٽنب سان تہ بي انتها پيار ڪندو هو، پر ڪٽنب کان ٻاهر ڪيس ٽي ڳالهيون پياريون هيون؛ ڪتاب، سگريٽ ۽ دوست. موهن ڪلپنا سندس ننڍپڻ جو جگري دوست هو. اگر ٿورا ڏينهن بہ هو گني سان ملڻ کان گسائي ويندو هو، تہ گنو اُتاولو ٿي ڪيس ملڻ لاءِ الهاس نگر (سنڌونگر) هليو ويندو هو. ڪيس سُک ٿي نہ ايندو هو جيستائين سائس ڪي ڪلاڪ رهائيون نہ ڪندو هو ۽ جڏهن موهن ڪلپنا جي اوچتي موت جي خبر ڪنهن ڪيس ٽيليفون تي ٻڌائي تہ هو اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳو ۽ ڪافي وقت تائين هنيانءَ ڦاڙي روئندو رهيو....."


گنو سامتاڻي، شوڪت حسين شورو ۽ لعل پُشپ

لعل پشپ وڏي ڏک سان لکيو هو، "ڪنهن زماني ۾ اسين ٽيئي ڄڻا گڏ ليکيا ويندا هئاسين ۽ تمورتي سڏبا هئاسين. موهن ڪلپنا هليو ويو، گنو هليو ويو ۽ هاڻي مان بنھ اڪيلو رهجي ويو آهيان."

گنو سامتاڻي، جنهن جو جنم جو نالو گُرڏنو هو، اسڪولي رڪارڊ موجب ١٢ جولاءِ ١٩٣٤ع تي ڄائو. (پر سندس جنم پتري موجب ١١ آگسٽ آهي. سال ساڳيوئي ١٩٣٤ع آهي). حيدرآباد سنڌ ۾ موجوده ميونسپل ڪارپوريشن جي سامهون ديوان ديالداس جي گهر ۾ سندس جنم ٿيو. ورهاڱي بعد ڪلياڻ ڪئمپ ۾ اچي پنهنجي گهر وارن سان گڏ رهيو. اُتي ئي هن جي دوستي موهن ۽ لعل سان ٿي.

گنو سامتاڻي جڏهن اڃا پندرهن سالن جو هو تہ سندس پهرين ڪهاڻي هفتيوار 'نيا سنسار' ۾ ١٩٤٩ع ۾ شايع ٿي. ١٩٥٧ع ۾ سندس هڪ ناول 'واپس' ڇپيو. شروع ۾ هن تي بنگالي ادب جو گهڻو اثر هو. سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو 'ايمان' ١٩٦٥ع ۾ ڇپيو، جنهن ۾ ٢٢ صفحن ۾ لکيل سندس عالمانہ مهاڳ سنڌي ادب ۾ وڏو ڇوٻول پيدا ڪيو. سندس ڪهاڻين جو ٻيو مجموعو 'اپراجتا' ١٩٧٠ع ۾ ڇپيو، جنهن تي ڪيس ساهت اڪادمي جو ١٩٧٢ع وارو بهترين ادبي ايوارڊ مليو. انهيءَ وقت ۾ مشهور شاعر سگن آهوجا چيو هو تہ "گني سامتاڻيءَ وٽ لِريڪل نثر لکڻ جي جينيس آهي."

گني سامتاڻيءَ جو مطالعو تمام وسيع هو ۽ هو هڪ عالماڻي ذهن جو ليکڪ هو. هن گهڻو

ڪونہ لکيو. هن ڪل ۲۰-۲۵ ڪن ڪهاڻيون لکيون آهن، پر اُهي سنڌي ادب ۾ لاثاني ۽ شاهڪار ڪهاڻيون ليکيون وڃن ٿيون. 'ايمان'، 'نانڪا'، 'وقت جي سيما- هن پار، هُن پار' 'هڪ راڊ، هڪ پٿر'، 'ڪندهر'، ' هڪ رات' هن جون مشهور ڪهاڻيون آهن. پر اُنهن سڀني ۾ 'پرلئہ' ۽ 'اپراجتا' شاهڪار ۽ ڪلاسڪ ادب جو درجو رکندڙ ڪهاڻيون آهن.

سنڌيءَ جي جديد ۽ اهم ڪهاڻيڪار شيام جنسنگهاڻي، "ڪونج" رسالي جي آگسٽ- سيپٽمبر ۱۹٦۸ واري 'ڪندهر' مجموعي جي ايڊيٽوريل ۾ لکيو آهي. "گنو سامتاڻي جڳت آڏواڻيءَ جي 'ڪهاڻي' رسالي ۾ ڇپيو ۽ سنڌي ڪهاڻيءَ تي ڇانئجي ويو. باوجود هنگامي پريل آلوچنا ۽ واڪن جي، پاڻ کي ڪندهر سڏڻ بعد هو اڄ بہ نئين پيڙهيءَ سان گڏ، بلڪل تازن ملهن ۾ آهي ۽ اها منهنجي دعويٰ آهي تہ سنڌي هن جي ٽڪر جو ڪهاڻيڪار نہ پاڻي سگهي آهي."

گني سامتاڻيءَ لاءِ ڪهاڻي لکڻ صليب تي چڙهڻ هو. هن چيو هو تہ "ڪهاڻي منهنجو ڪراس آهي، مان بار بار اُن تي چڙهان ٿو ۽ بار بار مران ٿو." هن جي ڪهاڻين ۾ هڪ مسلسل تلاش آهي. هن جيان سندس ڪردار سوالن جي اونداهين غارن ۾ ڀٽڪندا ۽ ڪجھہ ڳوليندا نظر اچن ٿا. هن هڪ هنڌ لکيو آهي، "مان ڄاڻان ٿو تہ مان جواب نہ ڏيئي سگهندس. جواب مون وٽ آهي ئي ڪونہ. صرف هڪ کوج آهي، تلاش آهي، سوالن جي ڪارين انڌيرين غفائن ۾ انت ياترا آهي."

گني سامتاڻيءَ سان منهنجي ملاقات ١٦ ڪن سال اڳ ممبئيءَ ۾ ٿي هئي. هو ان وقت مهاراشٽرا گورنمينٽ ۾ هوم سيڪريٽري هو. مون کي هن سان ملڻ جو شوق هو، پر جيستائين منهنجو هن سان رابطو ٿئي، هن کي شايد موهن ڪلپنا يا هري موٽواڻيءَ منهنجي اچڻ جو ٻڌايو هو. گنو پاڻ هلي مون سان هوٽل ۾ ملڻ آيو. پوءِ هن سان ڪوڙ ساريون ڪچهريون ٿيون. مون کي لڳو تہ گني سامتاڻيءَ جو سنڌ سان، سنڌين سان نہ رڳو انماسڪ ۽ ڪلچرل رشتو هو، پر هڪ قسم جو روحاني ڳانڍاپو پڻ هو، جنهن ۾ بي انتها پيار هو ۽ جدائيءَ جي پيڙا هئي. هن جي هڪ ڪهاڻيءَ جو ڪردار انڊين ايئر فورس ۾ هڪ پائلٽ آهي، جنهن جو جنم حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو آهي. ۱۹۷۱ع وارو جنگ ۾ هن کي حيدرآباد شهر تي بم ڪيرائڻ جو حڪم مليو ٿو. هن جو جهاز جڏهن حيدرآباد جي مٿان اُڏامي ٿو تہ هو پاڻ کان پڇي ٿو تہ "مان پنهنجي امڙ جنم ڀوميءَ جي مٿان بم ڪيئن ٿو ڪيرائي سگهان؟" ۽ هو بم ڪيرائڻ بنان واپس موٽي وڃي ٿو. گني سامتاڻيءَ ڪٿي ٻئي هنڌ لکيو آهي: "هڪ سنڌي ليکڪ جي بنيادي ڪمٽمينٽ سنڌي ڀاشا ۽ سنڌيت (جيڪو ڪجھہ آهي) سان هئڻ گهرجي ۽ شايد ان حد تائين جنهن کي ڀلي مت پڪو Fanatic جي حد چيو وڃي."

امام علي ڏيٿو

# ڪو سورج ٻاري ايندا سين
# ۽ ڏينهن اڀاري ايندا سين -اياز

## (سنڌ ۾ نئين سال ٢٠٠٢ع جي آجيان)

نئين سال جي شروعات سُٺي سوڻ سان ڪرڻ واسطي سنڌ جي ڪن سڄڻن، شاهه سائينءَ جي درگاه تي رات گذارڻ جو فيصلو ڪيو. "نيشنل رورل سپورٽ، پروگرام"، حيدرآباد ريجن جي ڪارڪنن وري انهيءَ موقعي جي مناسبت سان، پنهنجي اعليٰ عملدار ۽ دانشور، پروفيسر اعجاز قريشيءَ جي اڳواڻيءَ هيٺ جدا پروگرام رٿيو. سندس تنظيم جي ڪارڪنن جو قافلو جڏهن حيدرآباد کان دادوءَ واري رستي سان ڄامشوري واريءَ پل تان لنگهيو، ته درياءَ کي سُڪل ڏسي، ڪن دوستن جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا. هنن 'المنظر' جي سامهون گاڏي جهلي، سُڪل درياءَ جي تصوير ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي، پر، اُتي بيٺل سپاهي کين روڪيو ۽ چيو ته "چو اچي اسان غريبن جي نوڪرين جي پٺيان پيا آهيو. اسان ٻه سمجهون ٿا ته ڪڏهن درياءَ ڪونه سُڪندا آهن. پر، خبر ڪانه اٿو ڇا ته درياءَ کي ڪنهن سُڪايو آهي؟" غريب سپاهين صاف صاف چيو ته 'ادا، اسان کي روڪيو ويو آهي، ته درياءَ جي تصوير ڪڍڻ جي اجازت نه ڏيون.'

گاڏي اڳتي رواني ٿي، ۽ سن شهر وٽ هلي بيٺي. قافلي جي سمورن ساٿين، سائين جي. ايم. سيد جي مزار تي حاضري ڏني ۽ دل ۾ اِهو وچن ڪيو ته، "سنڌ کي اڪيلو ڪونه ڇڏبو." سن ۾ ڪجهه دير ترسڻ کان پوءِ، قافلو سيوهڻ روانو ٿيو. ٻارهن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي، آراضيءَ جي سامهون بس کي بيهڻ جو اشارو مليو. الاهي ماڻهن، وڏي مان مرجات سان، قافلي جي اڳواڻ پروفيسر اعجاز قريشيءَ ۽ اسان سڀني کي چيو ته "هيءُ شهر مرحوم خان محمد پنهور جو آهي. هتان پير گهمائي اڳتي وجو." اسان سڀ خوش ٿيا سين ۽ مرحوم جي روح جي مغفرت لاءِ دعا گهريسون.

اسان جي گاڏي اڳتي رواني ٿي ۽ مخدوم بلاول جي مزار وٽ اچي بيٺي. مخدوم بلاول سنڌ جي هر محب وطن شخص جو هيرو آهي. ٻه پيا ٻه آهن: دولهه دريا خان ۽ شاهه عنايت شهيد. هونئن، عوامي ليول تي اِهو رتبو دودي سومري کي حاصل آهي.



اروڙ ۾ آجيان

اسان جي گاڏي ان کان پوءِ لاڙڪاڻي رواني ٿي. اسان شهيد ذوالفقار علي ڀٽي لاءِ دعا گهري ۽ شام جو ڇئين وڳي، سکر ۽ پنجين وڳي اروڙ پهتاسين، جتي جي رهاڪن دهلن ۽ شرنائين سان اسان جي آجيان ڪئي.

اسان جي قافلي ۾ سائين اعجاز قريشيءَ سان گڏ طارق قريشي، علي غلام جوڻيجو، امام علي ڏيٿو، رياض آگرو، ياسر قاضي، وحيد ميمڻ، عمران دايو، ذوالفقار ميراڻي، محمد بخش قريشي ۽ سُڪيو ابڙو شامل هئا.

اسان جي آجيان ڪندڙن ۾ نظر لاڪائي، منظور اڄڻ، ڊاڪٽر مشتاق ڦل، پرويز ڀانيڻ ۽ صحافين ۾ شوڪت نوناري، خالد ڀانيڻ ۽ وهاب ميمڻ شامل هئا.

سال ۲۰۰۱ جو سج لهي رهيو هو، سو اسان اروڙ جي تاريخي ڪنڌرن ۾ ميڻ بتيون ٻاري، اُن کي 'الوداع' ڪيو. انهيءَ وچ ۾، 'نينهن جبل' جي پرپاسي کان آيل سوين ڳوٺاڻن جي اچڻ ڪري، ماڻهن جو مجموعو، جلسي جي شڪل اختيار ڪري ويو. پروفيسر اعجاز قريشيءَ ڪين خطاب ڪندي چيو تہ "سال ۲۰۰۱ع جي آخري سج کي اروڙ تي الوداع چوڻ جو مقصد اِهو آهي، تہ اسين پنهنجن پراڻن تاريخي ماڳن کي سنڀاليون ۽ پنهنجيءَ تاريخ کي زنده ڪريون."

اعجاز قريشيءَ نئين سال ۲۰۰۲ع کي "سنڌ جي يادگارن ۽ تاريخي ماڳن کي بچائڻ وارو سال" ملهائڻ جو اعلان ڪيو. ان موقعي تي سنڌ جي خوشحاليءَ لاءِ دعا گهري ويئي.



اعجاز قريشي ۽ سندس ساٿي، نينهن جبل جي اڳيان

ميزبانن طرفان منظور اُڄڻ تقرير ڪندي چيو تہ ”جس هجي قافلي ۾ شامل دوستن ڪي، جن هتان ڪان ٽي سؤ ڪلوميٽر پري ڪان اچي، سنڌ جي هن اُجڙيل شهر اروڙ ۾ لهندڙ سج ڪي الوداع چيو آهي.“ نذر لاڪاٽي، ڊاڪٽر مشتاق ڦل، پرويز ٻانيڻ، شوڪت نوناري ۽ ٻين پڻ اُن موقعي تي خطاب ڪيو.

بعد ۾ اسان اروڙ جا ڪي تاريخي ماڳ پڻ ڏٺا. رٿيل پروگرام هيٺ، رات جو ٻارهين وڳي، سکر ۾ ”لب مهراڻ“ وٽ نئين سال جي آجيان ڪرڻ لاءِ، ميڻ بتيون ٻاري، درياءَ ۾ گلاب جا گل اُڇلائي، سنڌو درياءَ جي اڳوڻي اوج لاءِ دعا گهري ويئي. اُن وقت ناميارا شاعر، ادل سومرو ۽ اياز گل پڻ اسان سان گڏ هئا.

ان ڪانپوءِ واپسيءَ جو سفر شروع ٿيو. درازن ۾، سچل سرمست جي مزار تي حاضري ڀريسون ۽ هالاڻيءَ ۾ مرحوم قاضي فيض محمد لاءِ دعا گهري، پوءِ اچي، سنڌ جي چپر ۽ چانو، شاهہ سائينءَ جي ڀِٽ تي پهتاسين.

درگاهہ ۾ حاضري ڏيڻ ۽ لطيف سرڪار جي مزار تي دعا گهرڻ ڪانپوءِ، شيخ اياز جي مزار تي حاضري ڀريسون. ان ڪانپوءِ، حيدرآباد ۾، حيدر بخش جتوئي، غلام شاهہ ڪلهوڙي ۽ مولانا گراميءَ جي تربتن تي حاضري ڏنيسون.

آهڙيءَ ريت، پهرئين جنوري ٢٠٠٢ع تي، صبح جو نوين وڳي، اسان جو قافلو واپس اين. آر. ايس. پي حيدرآباد جي ريجنل آفيس ۾ پهتو. قافلي جا سڀيئي ساٿي نئين سال لاءِ نوان عزم، ارادا، جوش ۽ جذبا کڻي پنهنجن پنهنجن ڪمن ۾ لڳي ويا. دعا آهي تہ شال نئون سال سنڌ ۽ سنڌين لاءِ سڀاڳو ثابت ٿئي!

آزاد انور ڪانڌڙو

# گيت تنوير جو ڳائي چڙجي...!

## [تنوير عباسيءَ جي سالگره تقريب جي رپورٽ]

تنوير عباسيءَ سکر ۾ هڪ ادبي تقريب ۾ خطاب ڪندي چيو هو ته "اسان ماڻهو انهيءَ انتظار ۾ هوندا آهيون، ته اسان جو ڪو اديب يا شاعر مري، ته اُنهيءَ جي ورسي ملهايون. ڀٽائي، سچل، توڙي قلندر، سڀني جون ورسيون ملهايون ٿا. سُڄاڻ قومون پنهنجن مشاهيرن جي جنم جا ڏينهن ملهائينديون آهن، ڇو ته مرڻ واري ڏينهن کان جنم ڏينهن وڌيڪ اهم آهي."

تنوير عباسيءَ جي انهن احساسن جي روشنيءَ ۾ "سنڌي ادبي سنگت سنڌ" پاران گذريل سال ٧ ڊسمبر تي، (تنوير جي جنم جي تاريخ) تنوير عباسيءَ جي سالگره جو پروگرام، نيشنل پريس کلب سکر ۾ رکيو ويو. ڪاروائي، سنگت جي مرڪزي خزانچي آزاد انور ڪانڌڙي هلائي. سليم لاکي قرآن پاڪ جي تلاوت ڪئي. تقريب جو صدر، فتاح ملڪ شهر کان ٻاهر وڃڻ ڪري، ڪجھ دير سان پهتو. خاص مهمان ايازگل هو. ڊاڪٽر بدرالدين اُڄڻ ۽ مختيار ملڪ اعزازي مهمان طور شريڪ ٿيا. ادل سومرو ميزبان جي حيثيت ۾ ساٿ نڀائيندو رهيو.




ادل سومرو، ڊاڪٽر بدرالدين اُڄڻ ۽ اياز گل

آزاد انور ڪانڌڙي تنوير بابت ڳالهائيندي چيو ته "هو نه صرف وڏو شاعر هو پر هڪ سرگرم ۽ سُٺو انسان پڻ هو، جنهن سڄي حياتي بامقصد نموني ۾ گذاري."

لاڙڪاڻي ادبي سنگت جي ضلعي رابطا سيڪريٽريءَ ملهار سنڌيءَ تنوير جي علمي ۽ ادبي ڪارنامن کي ساراهيندي، سندس شعر جي مختلف خوبين کي اُجاگر ڪيو.

مشتاق بخاريءَ چيو ته تنوير نفيس خيالن جو هڪ وڏو شاعر ۽ سٺو نثر نويس هو.

قربان منگيءَ چيو ته تنوير هڪ وڏي جي حيثيت سان سندس تربيت ڪئي. هو حُسن ۽ نيڪيءَ جو شاعر هو، جنهن سڄي حياتي پيار ۽ پريت جا گيت تخليق ڪيا.

فرخ ملڪ تنوير جي فڪري ڪاوشن جو جائزو وٺندي سندس شاعريءَ جي واکاڻ ڪئي.

سکر ضلعي سيڪريٽريءَ خواجه ذوالفقار پنهنجي مختصر مضمون ۾ تنوير جي ادبي ڪارنامن تي روشني وڌي ۽ چيو ته سنڌ تنوير کي ڪڏهن به وساري نه سگهندي.

مالڪ ڪوسي چيو ته تنوير مرڪندڙ شخصيت وارو هردلعزيز ماڻهو هو، جيڪو ڏار ڏار نظرين وارن ماڻهن وٽ به هڪ جيترو 'محترم' هو ۽ پاڻ ڪوشش ڪري تضادن کان پري رهندو هو.

هادي پٽ تنوير جي شاعري اعتدال پسند شخصيت ۽ شخصي ڪردار جي ساراهه ڪئي.

سنگت خيرپور ضلعي جي رابطا سيڪريٽريءَ منظور اُجڻ چيو ته تنوير جي شاعري اسان جي دلين جي ترجماني ڪري ٿي ۽ جيسين پيار ڪندڙ دليون ڌڙڪنديون رهنديون، تنوير جي شاعري قائم رهندي.

شهدادڪوٽ کان آيل عوامي شاعر نظير درد تنوير کي منظوم خراج عقيدت پيش ڪيو.

تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ تي ايم. فل ڪندڙ مهر خادم، تنوير جي شخصيت ۽ شاعريءَ بابت ڳالهائيندي چيو ته 'هن سندس هر موڙ تي رهنمائي ڪئي. هو وڏو شاعر ۽ وڏو انسان هو."

امر اقبال تنوير جي شخصيت جي واکاڻ ڪئي ۽ چيو ته هو تنوير جي شاعري کان گهڻو متاثر آهي.

حبيب ساجد، تنوير کي گلن ۽ پوپٽن جو شاعر سڏيندي، هن جي فڪري سرمايي کي سنڌي ادب جو بي مثال حصو سڏيو.

ممتاز بخاريءَ چيو ته تنوير جي شخصيت بهار وانگر هئي، جنهن سان ملي، هرڪو سرهائي محسوس ڪندو هو. هن جي شاعري به سندس شخصيت وانگر متاثر ڪندڙ هئي.

پروگرام جي ميزبان سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل ادل سومري سڀني مهمانن، اديبن ۽ شاعرن جا پروگرام ۾ شريڪ ٿيڻ تي ٿورا مڃيا ۽ تنوير عباسيءَ بابت ڳالهائيندي چيو ته "هُو نوجوانن جي رهنمائي ڪندڙ هڪ مخلص انسان ۽ وڏو شاعر هو، جنهن سنڌي ٻوليءَ کي هزارين گيت ۽ غزل ڏنا ۽ ادب ۽ سنڌي ادبي سنگت جي اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هن جو گهر ادبي سڪيا جو مرڪز هو. افسوس جو هاڻ اُهو مرڪز نه رهيو آهي ۽ نوجوان ويڳاڻا آهن."

سنگت جي اڳوڻي سيڪريٽري جنرل، اعزازي مهمان، مختيار ملڪ چيو ته، "تنوير عباسي سندس محسن هو ۽ سندس ادبي تربيت ۾ تنوير جو اهم ڪردار هو. تنوير پيڙهي وڇوٽيءَ جي فرق کانسواءِ اسان کي پنهنجو دوست سمجهندو هو، جنهنڪري اسان پنهنجي دل جا حال به هن سان اوريندا هئاسون."

اعزازي مهمان ڊاڪٽر بدر اُجڻ تنوير جي شاعري ۽ شاهه لطيف تي ڪيل سندس تحقيق جي واکاڻ ڪئي ۽ چيو ته "هن جو تحقيقي انداز نرالو ۽ نهايت علمي آهي ۽ هو نثر توڙي نظم جو



تنوير عباسي ۽ سندس ننڍپڻ جا ٻه پيارا دوست: غلام رباني آگرو ۽ شوڪت جمالي

بهترين اديب ۽ شاعر آهي. تنوير جي محبتن جو هڳاءُ هميشہ دائم رهندو."

خاص مهمان، سنڌي ادبي سنگت جي اڳوڻي سيڪريٽري جنرل، اياز گل پنهنجن ساروڻين جي حوالي سان تنوير جي شخصيت ۽ شاعريءَ بابت خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ، "تنوير عباسيءَ سندس شعر جي اصلاح ڪئي ۽ ڪيس اڳتي وڌڻ جو اتساهہ ڏنو. هو هڪ سٺو اُستاد ۽ سٺو دوست هو. هن سڀني کي محبت ۽ مان ڏنو، جنهن ڪري هرڪو سندس دوست هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو. اهڙا شخص صدين کان پوءِ پيدا ٿيندا آهن. تنوير عباسيءَ جو خال ڪڏهن بہ پرجي نہ سگهندو."

تنوير عباسيءَ جي ويجهي دوست فتاح ملڪ چيو تہ "تنوير سان هن جون محبتون ۽ حجتون ڀائرن وانگر هيون. سندس اوچتي وڇوڙي هن کي گهڻو صدمو ڏنو هو، هاڻي وقت آهي تہ اسين تنوير جي شاعري ۽ فڪر کي عام ڪريون ۽ ائين ڪرڻ سان ئي اسان تنوير سان دوستيءَ جو حق ادا ڪري سگهنداسين. تنوير معصوم صورت وارو هڪ صوفي صفت انسان هو، جنهن سڄي حياتي 'پيار' جو پرچار ڪيو. اڄو تہ ان پيار کي ڦهلايون."

هن ان موقعي تي تنوير عباسيءَ جي سالگرهہ جو ڪيڪ ڪاٽيو ۽ سڀني دوستن ۾ ورهايو. اهڙيءَ طرح، افطاري جي وقفي ۾ مهمانن جي تواضع ڪئي وئي. اديبن، شاعرن ۽ صحافين جي هڪ وڏي انگ پروگرام ۾ شرڪت ڪئي، جن ۾ منير سولنگي، غلام محمد غازي، سيد غلام مرتضيٰ شاهہ، شوڪت نوناري، خالد ڀانڀڻ، ڊاڪٽر جترام، ايم.بي سومرو، عميق مهر، ڊاڪٽر وحيد سمائر، تاج سروهي، مشتاق چنہ، فيض سومرو، ابراهيم ڪرل، نثار ڀانڀڻ، نظر لاڪائي، خليل موريائي، محمود سومرو، شاهد شيخ، نظير سروهي، مُبن مگريو، غلام نبي پنهان، فياض ٻرڙو، جاويد عدم نمايان هئا.

ڪيو. جناب مشاهدحسين فائونڊيشن کي هڪ لک رپيا مالي امداد ڏيڻ جو اعلان ڪيو، ۽ وزيراعليٰ سنڌ، جناب لياقت علي جتوئيءَ مزار جي شايان شان تعمير ۽ اياز جا ڪتاب ڇپائڻ لاءِ فائونڊيشن کي ڏهن لکن رپين ڏيڻ جو اعلان ڪيو.

فائونڊيشن جي ميمبر مسٽر غلام رباني آگري، جناب معين الدين حيدر سان ملاقات ڪئي، ۽ اياز جي آتم ڪهاڻيءَ جو آخرين جلد ڇپائڻ لاءِ پيش ڪيو. گورنر اِها تجويز قبول ڪئي ۽ فائونڊيشن کي پنجاهه هزار رپين جو چيڪ ڏنو. اهڙيءَ ريت، شيخ اياز جي آتم ڪهاڻيءَ جو چوٿون جلد ڇپجي ويو، ۽ اُن جون ڪجهه ڪاپيون جناب معين‌الدين حيدر کي موڪليون ويون.

جناب مشاهد حسين پنهنجي وعدي موجب فائونڊيشن کي هڪ لک رپيا موڪلي ڏنا.

جناب لياقت علي جتوئيءَ، سنڌ جي شاعر جي قدرشناسي ڪري، ڏهن لکن رپين جي امداد جو جيڪو اعلان ڪيو، تنهن تي جلسي ۾ ماڻهن ڏاڍيون تاڙيون وڃايون هيون. جتوئي صاحب تاڙين جي گونج ۾، خير سان جيئن جلسي گاهه مان ٻاهر نڪتو، تہ وري پنهنجي اعلان جِي يادگيري ڪانہ پيس. سو، جن دوستن ۽ احبابن جي صلاح سان، هُن اِهو اعلان ڪيو هو، تن ڪيس يادگيري ڏياري. پر، پاڻ تڪڙ ۾ هو، سو خير سان غيرمُلڪي سفر تي نڪتو. هڪڙا اطلاع تہ اِهي آهن تہ پاڻ اجا سفر تي آهن، پر ٻيا اخباري اطلاع هي آهن، تہ پاڻ واپس وطن اچي ويا آهن، ۽ في‌الحال ڪجهه ڏينهن پنجاب ۾ پنهنجن دوستن جا مهمان ٿي رهندا. فائونڊيشن جا ميمبرَ دعاگو آهن تہ پاڻ وري وزيراعليٰ سنڌ ٿين. ڪين اميد آهي تہ لياقت جتوئي صاحب هن ڀيري ضرور پنهنجو واعدو پاڙيندو.

تربت جي تعمير بابت هيءَ ڳالهہ بہ رڪارڊ تي آڻڻ گهرجي تہ اردو زبان جو محاورو آهي تہ اديب ۽ صحافيءَ جو پاڻ ۾ چولي-دامن جو تعلق آهي، چو تہ ٻئي هم-قلم ساٿي آهن. سو، توقع هئي تہ سنڌي اخبارون، اياز جي تُربت جي تعمير لاءِ ڪا مدد ڏينديون ۽ همدرديءَ جو آواز اُٿارينديون. پر ٿيو ائين، تہ ڪن سنڌي اخبارن، شيخ اياز جي تربت کي ڪل، مسخريءَ ۽ ٺوڪ جو نشانو بنايو. خبرون ڇاپيون تہ "شيخ اياز جي ڪچيءَ قبر ۾ ڏارون پئجي ويون!" ... "قبر تي جيڪو مجاور وينو آهي، تنهن اڄ هي خواب ڏنو آهي." .... وغيره، وغيره. هڪڙيءَ اخبار تہ اِها بہ همت ڪئي، جو پنهنجو فوٽوگرافر شيخ اياز جي قبر تي موڪلي، خبرناهي تہ ڪٿان ڪنهن گڏهہ کي سائو گاهہ ڏيکاري، آترائي، آڻي قبر جي پرسان بيهاريائين. پوءِ فوٽو ونئي، پنهنجيءَ اخبار ۾ لکيائين تہ "فائونڊيشن جو ڪم تہ ڏسو اياز جي قبر تي گڏهہ بينو آهي!"

اُنھيءَ ڪان بہ اڳ ڪن سنڌي اخبارن جو ڏنڌو اِهو هو تہ اياز جي پنھي گھرن وارن سان رابطو ڪري، ڏانھن اُونڌا اُبتا بيان ڇاپي، ڪين پاڻ ۾ ويڙهائڻ جي ڪوشش ڪيائون. پُر پُر ڇيٽا!.... رنگ مچاءِ." -- هن دور جي "ڪن سنڌي اخبارن" پنھنجي دؤر جي عظيم سنڌي شاعر ڪي مُئي پڄاڻان ڪيس خراج عقيدت ڏين لاءِ ساڻس اِهو سلوڪ ڪيو!

هي حقيقت تلخ ضرور آهي، پر موجوده دؤر ۾ سنڌي صحافت ۾، هڪ خاص رنگ جو اڻمٽ يادگار آهي. وقت گذري ويو. پر، مستقبل جي تاريخنويسن لاءِ پنھنجا نشان ڇڏي ويو.

شيخ اياز جي مداحن ۽ فائونڊيشن جي ميمبرن خدا جي فضل و ڪرم سان مزار جي تعمير جي پھرئين مرحلي جو ڪم مڪمل ڪري ورتو آهي. ان سلسلي ۾، ڀٽ شاهہ ۽ هالا جي سجڻن، خاص طرح نوابشاهہ جي پيرزادن صاحبن پنھنجا ڀال ڀلايا آهن. فائونڊيشن جي هڪ سينئر ميمبر، حميد سنڌيءَ، ڳالهہ ڪي هيڪاري سھتو بڻايو آهي. هن سنڌ جي روايتي انداز سان تربت ڪي ڪاشيءَ سان سينگارڻ جو اهتمام ڪيو.

شيخ اياز جي خاندان پڻ مزار ڪي ديده زيب بڻائڻ لاءِ هٿ ونڊايو. سو، مزار جي چوڌاري فرش ۽ چوديواريءَ جو ڪم ڏاڍو سھڻو ٿي ويو. هاڻي، ڪچيءَ قبر جي جاءِ تي، شيخ اياز جي مزار پري ڪان ڏسي، اکين ۽ روح ڪي فرحت اچي ٿي.

دنيا ۾، ڪنھن بہ ننڍي يا وڏي ڪم ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ بنيادي ڳالهہ انسان جي نيڪ نيتَ آهي. پر، انھيءَ لاءِ بہ وسيلن جي ضرورت ٿئي ٿي. مالي ذريعن جي ڪميءَ جي ڪري، شيخ اياز فائونڊيشن جون سرگرميون، شيخ اياز تي ڪتاب ۽ رسالا ڇپائڻ ۽ سندس ياد ۾ساليانا جلسا ڪوٺائڻ تائين محدود رهيون آهن. سو، سندس سھڻي مزار تعمير ڪرڻ جي ڪم ۾ وقت لڳو.

پر، ٻئي طرف هيءَ حقيقت بہ ڌيان ۾ رکجي، تہ سنڌ ويجهيءَ چڪ ۾ وڏا وڏا نامور تعليمدان، دانشور، عالم، شاعر، قومي رهبر، مخير ۽ سياستدان پيدا ڪيا، مثلاً، شهيد الله بخش سومرو، مولانا عبيدالله سنڌي، آنربل غلام محمد ڀرڳڙي، حسن علي آفندي، نورمحمد وڪيل، ٺنڊي باڳي وارو مير غلامحمد ٽالپر، آنربل الهآندو شاهہ، علامہ آءِ. آءِ. قاضي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، پيرحسامالدين راشدي، شمس العلماءِ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو، ميران محمد شاهہ، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مولانا دين محمد وفائي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڄيارام گدومل، ڪشنچند بيوس، حيدربخش جتوئي، پير علي محمد راشدي، ۽ ٻيا. (قائداعظم محمد علي جناح، پير سائين سُورهيہ بادشاهہ سيد صبغت الله شاهہ راشدي، سائين جي. ايم. سيد ۽ ذوالفقارعلي ڀٽي جو زمروُ اجا بہ اعليٰ ۽ علحده آهي.) پر، اُنھن مشاهيرن مان گھڻن جي ساليانيءَ ورسيءَ يا سالگرهہ جي موقعي تي،

لاڳيتو سال بسال يادگار جلسا ٿين ٿا، يا مٿن ڪتاب ۽ رسالن جا خاص نمبر نڪرن ٿا. يا سندن ابدي آرامگاهہ تي ورسيءَ جي موقعي تي ماڻهو حاضري ڏين ٿا، ۽ گلن جون چادرون چاڙهين ٿا. سو بہ هر ڪنهن جي اکين اڳيان آهي!

شيخ اياز اِنهيءَ معنيٰ ۾ خوشنصيب آهي، تہ سندس مٿيءَ پنوڙو سندس دوستن جي ڪوششن سان، شاهہ سائينءَ جي زيرسايہ نهيو. هر سال مٿس گلن جون چادرون چاڙهيون وڃن ٿيون، سندس ياد ۾ مٿس ڪتاب ۽ رسالا نڪرن ٿا. سندس ياد ۾ فائونڊيشن نهيو، ۽ لطيف يونيورسٽي، خيرپور ۾ "چيئر" قائم ٿي. اِهي سڀ ڳالهيون پاڻ مرادو تہ ڪونہ ٿيون ٿين. ڪي نہ ڪي ماڻهو اُنهن ۾ هٿ وجهن ٿا. هيءَ دنيا "عالمِ اسباب" آهي.

گذريل ڊسمبر جي اٺاويهينءَ تاريخ، چوٿينءَ ورسيءَ جي موقعي تي، سندس مزار تي صبح جو سوير سڀ کان اول شيخ اياز فائونڊيشن جي وفد حاضري ڏني. دراصل، فائونڊيشن جي ميمبرن کي پنهنجي چيئرمن جويي صاحب جي اڳواڻيءَ ۾ حاضري ڏيڻي هئي، پر هُو اوچتو ڪجهہ عليل ٿي پيو سو وفد جا ميمبر الڳ الڳ ۽ ٽولين جي صورت ۾، ڀٽ شاهہ پهتا. هنن اول سنڌ جي سدا حيات شاعر حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي درگاهہ تي حاضري ڏني. سندس مزار مبارڪ تي گلپاشي ڪئي ۽ دعا گهري. بعد ۾ هنن سندن والد شاهہ حبيب جي مزار تي ساڳيءَ ريت حاضري ڏني. جمعي جو ڏينهن هو، روضي ۾ اُن مهل فقير راڳ ڳائي رهيا هئا. وفد جا ميمبر اُن کان محظوظ ٿيا.

هو، ان کانپوءِ، گلن جا انبار کڻي، اياز جي ابدي آرامگاهہ تي پهتا. سنڌالاجيءَ جو ڊائريڪٽر مسٽر شوڪت حسين شورو پڻ پنهنجي اداري جي طرفان گلن جي چادر کڻي پهچي ويو هو. هن ۽ اياز فائونڊيشن جي ميمبرن گڏجي، اياز جي مزار تي گل پاشي ڪئي. اهڙيءَ ريت، گلاب جي گلن جي هڳاءَ ۾، فائونڊيشن جي ميمبرن ۽ اياز جي عقيدتمندن سنڌ جي شاعر جي روح کي ختمو ڏنو ۽ بعد ۾، ڪاشيءَ سان سينگاريل سندس سهڻيءَ مزار وٽ يادگار تصويرون ڪڍايون.

ان موقعي تي سنڌ جي سڀ کان مستعد ادبي تنظيم، "سنڌي ادبي سنگت" جو سيڪريٽري جنرل، محترم ادل سومرو، پڻ پنهنجي رٿيل پروگرام موجب پهچي ويو هو ۽ جلسي جي ڪم ڪار ۾ مشغول ٿي ويو هو. اياز فائونڊيشن جا ميمبر ساڻس مليا ۽ جلسي جي نيڪ ڪم لاءِ کيس مبارڪ ڏنائون ۽ پنهنجي اڳ رٿيل پروگرام موجب، مارچ ۾ ڪراچيءَ ۾ شيخ اياز جي شايان شان جنم ڏينهن تي مجوزه جلسي لاءِ مختلف شخصن سان ملڻ لاءِ سڌا ڪراچيءَ روانا ٿيا.

## "سنڌي ادبي سنگت، سنڌ" جي تقريب:

سنڌي ادبي سنگت، سنڌ، ٢٨-ڊسمبر ٢٠٠١ع تي، 'سنڌ صحافي سنگت' جي سهڪار سان، ڀٽ شاهه تي شيخ اياز جي مزار وٽ سندس چوٿين ورسي ملهائي، جنهن ۾ اديبن، شاعرن، صحافين ۽ ادب دوستن جي هڪ وڏي تعداد شرڪت ڪئي. تقريب جي صدارت جناب عبدالواحد آريسر ڪئي، ۽ خاص مهمان جناب مدد علي سنڌي هو. پروگرام جي ڪارواني جناب نصير مرزا هلائي. سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل، ادل سومري ۽ سنڌ صحافي سنگت جي نُور سنڌيءَ ڪي مهمانن سان گڏ ميزبان طور ويهاريو ويو. سنڌي ادبي سنگت جا ٻيا مرڪزي عهديدار گُلڪونڊر، آزاد انور ڪانڌڙو ۽ اسد سولنگي به موجود هئا. تلاوت ڪلام پاڪ ڪانپوءِ سُريلي فنڪار علي خان چانديي شيخ اياز جون وايون ڳائي ٻڌايون. سنڌي ادبي سنگت، سنڌ، پاران اسد سولنگيءَ ۽ سنڌ صحافي سنگت پاران طارق محمود مهمانن جي آجيان ڪئي.

شيخ اياز مزار ڪميٽيءَ جي عهديدار، ذوالقرنين شاهه چيو ته شيخ اياز وڏو شاعر هو ۽ ڀٽ شاهه تي سندس تدفين، ڀٽائيءَ جي رضامنديءَ ڪانسواءِ ممڪن نه هئي، ڇو ته هو شاهه لطيف جو عقيدتمند به هو.

نصير مرزا چيو ته شيخ اياز ماضي، حال ۽ مستقبل جو شاعر آهي. هن اڄ جي سڀني شاعرن تي پنهنجا اثر ڇڏيا آهن. اِها اسان جي خوش نصيبي آهي، جو اسان هن ڪي ڏٺو ۽ ساڻس ملاقاتون ڪيون ۽ سندس محبتون حاصل ڪيون.

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي، شيخ اياز جي سموري تخليقي سرمايي کي هڪ هنڌ محفوظ ڪرڻ واري راءِ ڏيندي چيو ته اياز جي ٻن گم ٿيل ڪتابن "چاندوڪي چمپا جي" ۽ "ڪف گل فروش" کي ڳولي شايع ڪرايو وڃي.

انعام شيخ، اياز جي فڪر کي نئين انداز سان پيش ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو، ۽ چيو ته ان ڏس ۾ ڪو اطمينان جوڳو ڪم نه ٿي سگهيو آهي. هن شيخ اياز فائونڊيشن کي ان لاءِ ذميوار بنائڻ جي ڪوشش ڪئي.

ادريس جتوئيءَ چيو ته شيخ اياز کي تڪراري بڻائڻ وارن خيالن کي ڦهلايو نه وڃي. هن شيخ اياز جي شاعريءَ سان محبت جو اظهار ڪندي چيو ته اياز جي شاعريءَ جي وسعت ايتري آهي جو ان بابت صدين تائين خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي رهندي. هن تجويز ڏني ته ورسيءَ جي موقعي تي فيض ميلي وانگر اياز ميلي جو اهتمام ڪيو وڃي.

ڊاڪٽر هدايت پريم، شيخ اياز جي شاعرانه مقام کي واکاڻيندي چيو ته اياز جي ٻولي نج شڪارپوري لهجي واري هئي ۽ هن ٻوليءَ جي استعمال جي سلسلي ۾ تمام منفرد تجربا ڪيا ۽ سنڌي ٻوليءَ کي اهڙي وسعت ڏني، جيڪا صدين تائين قائم رهندي ۽ سندس تجربن مان ايندڙ دور جا شاعر پڻ لاڀ حاصل ڪري سگهندا. هن شيخ اياز جي ڪلام تي تحقيق ڪرڻ بابت صلاحون ڏيندي ٻڌايو هن وقت شاهه لطيف يونيورسٽيءَ ۾ ٻه ريسرچ اسڪالر شيخ اياز تي پي. ايڇ. ڊي. ڪري رهيا آهن.

تاج جويو، اياز سان پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪندي چيو ته شاهه، سچل ۽ساميءَ کان پوءِ شيخ اياز سنڌي شاعري کي بلنديءَ تي رسايو ۽ اسان سندس شعر تي بجاطور فخر ڪري سگهون ٿا.


ادل سومرو

سنڌي ادبي سنگت جي جنرل سيڪريٽريءَ ۽ جلسي جي روح روان، جناب ادل سومري، شيخ اياز سان پنهنجي وابستگيءَ جو اظهار ڪندي چيو ته هُو تمام مصروف ماڻهو هو ۽ پنهنجو وقت ٽائيم ٽيبل مطابق گذاريندو هو، جنهنڪري پنهنجن مداحن سان گهٽ ملندو هو. اهوئي سبب آهي جو هو سنڌي ادب کي تمام گهڻا ڪتاب ڏيئي سگهيو.

ادل سومري چيو ته مان سندس محبت ۽ شفقت حاصل ڪرڻ لاءِ سندس لکڻ واري ڪم ۾ معاون بڻيس. هُن منهنجي شاعريءَ ۾ به رهنمائي ڪئي. مون کي پنهنجو دوست سمجهندو هو.

ادل سومري جلسي ۾ آيل سڀني مهمانن جا ٿورا مڃيا.

تقريب جي خاص مهمان، جناب مدد علي سنڌيءَ چيو ته شيخ اياز جي شاعري پٺائيءَ جي شاعريءَ جو تسلسل آهي ۽ سندس فڪر ۾ گهرائي ۽ نواڻ آهي، جيڪا ايندڙ دور ۾ به رهڻي آهي، ڇو ته هر وڏي شاعر جو اثر صدين تائين رهندو آهي.

هن انعام شيخ کي ذهن نشين ڪرايو ته شيخ اياز فائونڊيشن، شيخ اياز جا ڪتاب ڇپايا آهن، جلسا ڪيا آهن، ۽ اياز جي مزار کي سهڻي نموني ۾ تعمير ڪرايو آهي. فائونڊيشن هاڻي به تعميري ڪم ڪري رهيو آهي ۽ آئينده لاءِ به گهڻو ڪجهه پروگرام اُن جي اڳيان آهي.



شيخ اياز فائونڊيشن جا ميمبر تاريخ ۲۸ ڊسمبر ۲۰۰۱ع تي، سنڌ جي سداحيات شاعر، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ۽ سندن والد، شاهه حبيب سائينءَ جي مزارن تي گل پاشيءَ کانپوءِ، دعا گهري رهيا آهن.





شيخ اياز فائونڊيشن جا ميمبر تاريخ ٢٨ ڊسمبر ٢٠٠١ع تي، شيخ اياز جي ورسيءَ جي موقعي تي، سندس تربت تي گل پاشيءَ کانپوءِ دعا گهري رهيا آهن. سنڌالاجيءَ جو ڊائريڪٽر شوڪت شورو پڻ تصوير ۾ نمايان آهي.





ڪراچيءَ مان آيل "نوجوان سنڌين" (Young Sindhies) جو وفد، بورڊ جي پريس، لئبرريءَ ۾ رکيل ڇپيل ڪتاب ۽ قلمي نسخا ڏسي رهيو آهي.





ڪراچيءَ مان ”نوجوان سنڌين“ (Young Sindhies) جو هڪ وفد تازو سنڌ ادبي بورڊ گهمڻ آيو. بورڊ جي ڪارڪن ان موقعي تي ساڻن گڏ تصويرون ڪڍايون.



## شيخ اياز

ڏِسُ هــي ڦـــول ڦــلارَ ۾،
روهـــيـــــڙي جـــي ڏارَ ۾!
نيٺ تہ سڀ ڪجهہ ڇڏڻو آهي.

چـانـدوڪـيءَ ۾ ڪـيـئـي چوُنرا، ڪـيـڏا جـوڙا پـيـارَ ۾!
نيٺ تہ سڀ ڪجهہ ڇڏڻو آهي.

ڪـيـڏا گـيـت سـمـايـل آهـن، تـنـبـوري جـي تـارَ ۾؟
نيٺ تہ سڀ ڪجهہ ڇڏڻو آهي.

لُنءَ لُنءَ ڪـيـسـين لرزش هوندي، واريءَ جي تـذڪـارَ ۾؟
نيٺ تہ سڀ ڪجهہ ڇڏڻو آهي.

ڪـئن ڇـئجي، ڪـيـسين رهڻو آ، متيءَ جي مـهـڪـارَ ۾؟
نيٺ تہ سڀ ڪجهہ ڇڏڻو آهي.

تنهنجـا وارَ گـهـتـائـون تـيـندا، ڇـا اڳـتـي انـذڪـارَ ۾؟
نيٺ تہ سڀ ڪجهہ ڇڏڻو آهي.
هــر ماڻهوءَ جــئن لـڏڻــو آهي
پـيـو ڪــوئـي گهر اَڏڻو آهي.

ٺو موڪلايان الوداع! اي سنڌ توکي الوداع! اي هند توکي الوداع

- الوداعي گيت



# شيخ اياز

ولادت

2 - مارچ 1923ع

وفات

28 - ڊسمبر 1997ع